# کراچي کان کوپنھيگن

## الطاف شيخ



کراچي کان کوپن هيگن

# ڪراچي ڪان ڪوپن هيگن

(سفرنامو)

## الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1998ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٻيانوي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزر | بشير جمالي |
| ٽائيٽل ڪئليگرافي | علي اڪبر |
| پهريون ايڊيشن | مارچ 1995ع |
| ٻيو ايڊيشن | ڊسمبر 1998ع |
| قيمت | -/[redacted] رپيا |
| پڪي جلد سان | -/100 رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

KARACHI KHAN COUPAN HAGUN - A Travelogue of Europe (Sweden) by ALTAF SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Muhammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition March 1995. Second Edition December 1998. Price per Copy Rs. [redacted]/-

Book No. 192

# انتساب

ٻن پيارن انسانن ۽ دوستن نالي

## ڊاڪٽر سرفراز شاهه

ڪن نڪ ۽ ڳلي جو ماهر سرجن
عباسي شهيد اسپتال ڪراچي

۽

## مير افسردين ٽالپر

سيڪريٽري
پورٽ قاسم اٿارٽي، ڪراچي

# الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1- انامیڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي گهٽ
4- وايون وڻجارن جون
5- سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سمونڊ جي ساٿيهه
8- بندر بازاريون
9- سمونڊ جي سيوين
10- سي ئي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون کيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- ڇا جو ديس، ڇا جو وديس
15- جاني ته جهاز ۾
16- جپان جن جي جيءَ سان
17- ڳالهيون تنهن جپان جون
18- خدا ڏي خط
19- جپان رس
20- سانباهو سمنڊ جو
21- موج نه سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لنڊن تائين لفٽ
25- پارن جون آڪاڻيون
26- مس سدا بهار چنبيلي (ترڪيو جي گيشاگرل)
27- مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه
30- ماستر هريامر جو بئنڪاڪ وڃڻ
31- دنگيءَ منجهه درياهه
32- ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آڪاڻيون
33- جت جَرَ وهي ٿو جال
34- يادين جي انڊلٽ
35- ڳالهيون آهن ڳچ
36- اي جرني ٽو ٿائلينڊ
37- سوزيءَ سان پيار
38- *Proverbs of Far- East*
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي ٿي جام
43- ڪراچي کان ڪوپن هيگن
44- ارائونڊ دي ورلڊ
45- رني آهي گهوٽ سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون
47- اي روڊ ٽُ مدينه

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | **الطاف - هڪ تاثر** | 11 |
| 2 | **منهنجا تاثرات** | 17 |
| 3 | پاسپورٽ جي پريشاني | 21 |
| 4 | اسانجي سفارتخانن جو حال | 24 |
| 5 | ڪجهہ نسل پرستي ۽ تعصب بابت | 27 |
| 6 | غربت ۽ رنگ خلاف نفرتون | 28 |
| 7 | جپانين طرفان نفرت | 31 |
| 8 | اُلٽي اچيم ٽي | 34 |
| 9 | ڪهڙي شام ٿي ڪهڙي نما شام | 35 |
| 10 | ڪِلڪِل ختم ٿيڻ ڪبي | 37 |
| 11 | آئي ايم ساري! | 39 |
| 12 | سئيڊن جو روشن ڳوٺ | 39 |
| 13 | ڪريل ۽ ڪڙهيل ڪير پيون | 41 |
| 14 | جيسين چانهہ نهي تيسين ٽڏو | 43 |
| 15 | يورپ جي ملڪن ڪي جس هجي | 44 |
| 16 | پنهنجي دوستي ڪيئن ٿي سگهي ٿي | 46 |
| 17 | جوابدار ڪي جهلڻ ڪبي | 47 |
| 18 | اچي ڏاڙهيءَ جو خيال ڪجي | 49 |
| 19 | پيئڻ آيا آهيو يا ڳالهائڻ | 51 |
| 20 | ملئي ۽ ڏيپلائي ميمڻ ...... | 53 |
| 21 | اجان جوان آهي / مني ڊش جو انتظار | 55 |

| | | |
|---|---|---|
| 22 | پاڪستانين سان مقابلو نٿا ڪري سگھون | 57 |
| 23 | ڊنر ۽ سپر | 60 |
| 24 | زاهده شيخ ۽ مريم پليجو جو "فنش" زبان ۾ انٽرويو | 62 |
| 25 | قرآن سان شادي | 63 |
| 26 | اهڙي شاديءَ جا سبب | 64 |
| 27 | منهنجيون ڀڦيون پاڳل ٿي ويون | 66 |
| 28 | سنڌياڻي تحريڪ | 67 |
| 29 | ڇا مسلمان اهڙا خطرناڪ آهن | 68 |
| 30 | ڀنيٽ پاٺي ڀريو وڃي | 70 |
| 31 | دنيا اکيون ۽ ڪن بند ڪري ڇڏيا آهن | 72 |
| 32 | ڪِن جا ٻول ٻمن کان ٻه طاقتور آهن | 74 |
| 33 | ائمي اهڙي ٻه ڇري ناهي | 77 |
| 34 | انگريزي ۾ ٻه ڪا زبان آهي | 80 |
| 35 | گنيز بڪ لاءِ نئون رڪارڊ | 81 |
| 36 | يتيم يتيم - ننڊڪا ننڊڪا | 83 |
| 37 | سئنڊوچ گھران کٽي اچو | 87 |
| 38 | نائيجيريا جو سيڪريٽري | 89 |
| 39 | WMU سئيڊن جي يونيورسٽي ڪيئن ٿي | 92 |
| 40 | تصويرون | 97 کان 104 |
| 41 | مسلمان ته ڪي خطرناڪ ماڻهو آهن | 106 |
| 42 | ڪوڪارا ماڪورا | 110 |
| 43 | منهنجي منجي يڃي ڇڏ | 112 |
| 44 | ساڳي زبان ڪري جدا ٿيل ملڪ | 114 |
| 45 | مڙس هڪ نه ٻئي ڏينهن زال ڪي ماري ٿو | 114 |
| 46 | چانهه بنا کهڙي زندگي | 116 |
| 47 | ٻين شهر ڪي خوبصورت ڪرڻ جو طريقو | 118 |

| | | |
|---|---|---|
| 48 | هاڻي تيون مڙس سوچي ڪنديس | 118 |
| 49 | شان نہ ڪِرڻ کپي | 121 |
| 50 | سئيڊن ۾ حَلوو وڪڻندڙ مسعود | 122 |
| 51 | نماز – روزو | 125 |
| 52 | شراب ۾ قرضي تين تا | 128 |
| 53 | آئي لائيڪ يورپا | 129 |
| 54 | اسلام ۾ ڪو عيب ناهي | 131 |
| 55 | سهي ڪي تير هڻ | 132 |
| 56 | محمد علي ڏيپلائي ڊنمارڪ ۾ | 134 |
| 57 | مسئلا ڪنهن ڪي نہ آهن | 137 |
| 58 | ڪتاب 'فريڊم ائٽ مڊنائيٽ' | 140 |
| 59 | منهنجا هٿ ڌپاءِ منهنجا پير ڌپاءِ | 142 |
| 60 | انگريزي ۽ اردوءَ تي عبور حاصل ڪجي | 145 |
| 61 | ٻارن جو مستقبل برباد ٿي رهيو آهي | 149 |
| 62 | ڇا اسين صفائي پسند آهيون | 153 |
| 63 | سئيڊن ۾ بجلي هلي وئي هئي | 155 |
| 64 | ڇا پيا سوچيو؟ | 157 |
| 65 | هندستان جي پليگ ۽ يورپ | 160 |
| 66 | مالمو جا ٻہ اهم ماڻهو | 164 |
| 67 | ڏک دشمن جو ٻہ نہ وڃائجي | 167 |
| 68 | پاڪستاني نوٽ | 169 |
| 69 | هتي جو سيءُ | 171 |
| 70 | عربن جي ڪِيڪار | 172 |
| 71 | پورچو گالين جا ڏکيا نالا | 173 |
| 72 | مسلمانن جا ڪم | 174 |
| 73 | سهي جي دعوت | 179 |
| 74 | هرڻ جي دعوت | 183 |

# الطاف - هڪ تاثر

الطاف کي عام طور تي سنڌ جو ابن بطوطہ ۽ مارڪوپولو چيو ويندو آهي. اها پيٽ انهيءَ حد تائين تہ صحيح آهي جو الطاف بہ انهن وانگر دنيا جي سياحت ڪئي آهي (۽ اجا ڪري پيو).

پر الطاف کي الله تعاليٰ انهن بزرگن جي ٻين خصوصيتن کان پناه ۾ رکيو آهي. ابن بطوطہ بابت ٻڌو اٿئون تہ همراه هر سفر ۾ ڏڏن کن زالون ۽ ڪنيزون گڏ ڪندو هو ۽ خراب موسم اچڻ تي غوراب کي ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ وزن گهٽائڻ جي شروعات نسبتاً پوڙهين ۽ بدصورت زالن کي سمنڊ ۾ اڇلائڻ 'Jettison' سان ڪندو هو، انهيءَ جي اُبتڙ اسان جو الطاف پنهنجي سڪيلڌي شريڪ حيات کي بَحر ۽ بَرَ ۾، هر هنڌ، ساه سان سانديندو وتي. ابن بطوطہ وقت جي حاڪمن جي خوشنوديءَ ۽ ڪانئن فائدو وٺڻ خاطر ٿوري گهڻي چغل خوري، جاسوسي ۽ زماني جي دستور مطابق بخشش ڏيڻ وٺڻ کي مباح سمجهندو هو، هوڏانهن الطاف رشوت ۽ خوشامند جي پاڇي کان بہ پري. مارڪو پولو جي سفرنامن ۾ سچ ٿورو، ٻڌاڪون گهڻيون. بنيادي طور مارڪو پولو توڙي ابن بطوطہ مهم جُو (Adventurers) هئا. سندن زندگي ڪنهن اعليٰ مقصد کان وانجهيل هئي. انهن جي برعڪس، الطاف چا آهي، انهيءَ سوال جو جواب آءٌ پنهنجي خيال موجب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

ويهارو کن سال اڳ هڪ نهايت فڪر انگيز ۽ دلچسپ ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيو هو. انگريزي زبان ۾ لکيل هن عجيب ڪتاب دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي، ڪتاب جو نالو عجيب هو.

"Jonathan Livingston Seagull"

هن ڪتاب جو مرڪزي ڪردار جوناٿن (Jonathon) نالي هڪ سامونڊي پکي (Seagull) آهي، جنهن کي انهيءَ راز جو عرفان هو، تہ زندگي صرف کائڻ، پيئڻ يا اقتدار لاءِ جنگ ڪرڻ جو نالو نہ آهي، انهيءَ جو حقيقي مقصد پنهنجي اعليٰ صلاحيتن کي وڌ ۾ وڌ اجاگر ڪرڻ، پاڻ کي ڪامل

(Perfect) ڪرڻ، ۽ پنهنجو پاڻ کي زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد ڪرڻ آهي. انهيءَ عمل دوران حاصل ڪيل خوشي ۽ تجربي سان ٻين کي آگاهہ ڪرڻ انهن کي متحرڪ (Motivate) ڪرڻ ۾ حقيقي مسرت ۽ ڪاميابي سمايل آهي.

ساموندي پکي جوناٿن هڪ سالڪ وانگر پنهنجي اندر جي اُمنگ ۽ روشنيءَ جي آڌار تي اُتانهين ۽ تيز اُڏامہ سان آڏو ايندڙ زمان ۽ مڪان جون مڙيئي رڪاوٽون دور ٿو ڪرڻ چاهي. انهيءَ راهہ ۾ ابتدائي ڪاميابيون حاصل ڪرڻ تي، پنهنجي ولر طرفان مانَ ۽ شابس ملڻ بدران کيس لعنت ۽ ملامت نصيب ٿي ٿئي. ولر جا بزرگ کيس غير جوابدار، پٽڪيل، فتني باز ۽ مردود قرار ڏيئي ولر مان خارج ڪن ٿا. ردعمل طور جوناٿن کي پاڻ سان ٿيل انهيءَ بي انصافيءَ تي تہ ڏک ڪونہ ٿو ٿئي، البتہ هُو انهيءَ ڳالهہ تي مغمومہ آهي تہ ولر جا نادان ساٿي پنهنجي جاهليت ۽ تڪبر ڪري ڪيئن نہ زندگيءَ جي اصل مقصد ۽ انهيءَ مان ملندڙ خوشيءَ کان منهن موڙي رهيا آهن!

بهرحال پنهنجي ولر جي جهالت، تڪبر ۽ ٽرڙائپ کان بي نياز، پنهنجو پاڻ ۾ مگن، جوناٿن اڪيلو ئي اڪيلو ترقيءَ جون راهون طئي ڪندو ٿو رهي، تان جو اهو ڏينهن بہ اچي ٿو جڏهن پکين جو هڪ ٻيو انتهائي ترقي يافتہ ولر کيس پنهنجي دنيا ۾ گهرائي، پاڻ ۾ شامل ٿو ڪري. سادو سودو جوناٿن انهيءَ ڳالهہ تي حيران آهي تہ انهن اعليٰ پکين منجهس ڪهڙي خوبي ڏٺي آهي جو کيس ايڏو مرتبو ڏنو اٿن! جواب مليس ٿو:

"The only answer I can see, Jonathan, is that you are pretty well a one - in - million bird. Most of us came along ever so slowly. We went from one world into another that was almost exactly like it, for getting right away where we had come from, not caring where we were headed, living only for the moment. Do you have any idea how many lives we must have gone through before we even got the first idea that there is more to life than eating, fighting, or power in the flock?

A thousand lives, Jon, ten thousand!

And then another hundred lives until we began to learn that there is such a thing as perfection and another hundred again to get the idea that our purpose for living is to find that perfection and show it forth. The same rule holds for us now, of course: We choose our next world through what we learn in this one. Learn nothing, and the next world is the same as this one, all the same limitations and lead weights to over come."

شروع شروع ۾ جوناٿن انهيءَ نئين دنيا کي بهشت ٿو سمجهي، پر ٿوري ئي عرصي کان پوءِ اجا بہ وڌيڪ سکڻ جي اُمنگ کيس بي چين ٿي ڪري. هو پنهنجي اُستاد وٽ ٿو وڃي ۽ کانئس هبڪندي هبڪندي پڇي ٿو:

"Chiang, this world isn't heaven at all, is it? What happens from here? Where are we going? Is there no place as heaven?"

اُستاد وراڻيس ٿو:

"No Jonathan, there is no such place. Heaven is not a place, and it is not a time. Heaven is being perfect!"

بهرڪيف ٿوري ئي عرصي ۾ جوناٿن اُڏام جي سمورن مرحلن تي عبور حاصل ڪري زمان ۽ مڪان جي قيد مان آزاد ٿي وڃي ٿو. ڪمال جي انهيءَ درجي تي پهچڻ کان سندس اُستاد کيس آخر ۾ اهم ترين سبق ٿو ڏيئي:

"And then you will be ready to begin the most difficult, the most powerful, the most fun of all. You will be ready to begin to fly up and know the meaning of kindnes and of love."

۽ انهيءَ سبق جو جوناٿن تي ڪهڙو اثر پيو؟

".... And the more Jonathan practiced the kindness lessons, and the more he worked to know the nature of love, the more he wanted to go back to Earth. For, inspite of his lonely past, Jonathon Seagull was born to be an instructor; and his own way of demonstrating love was to give something of the truth to see that he had seen, to a gull, who asked only a chance truth for himself."

مون کي الطاف ۾ انهيءَ تمثيلي پکيءَ جوناٿن جي جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي.

دنياوي مان، مرتبي، اقتدار، دولت ۽ آسائش کان قطعي بي پرواه - بلڪ انهن کان بيزار، دنيا جو سفر سنڌ واسطي ڪري ٿو ۽ جيڪي ڏسي ۽ ٻڌي ٿو سو پنهنجن ديس واسين تائين پهچائي ٿو. پنهنجي شخصيت ۽ ڪردار کي هميشه Refine ڪرڻ جي اون - هر وقت علم حاصل ڪرڻ جي جستجو هر اعليٰ ۽ ادنيٰ مان ڪجهه نه ڪجهه پرائڻ جي ڪوشش - هر ننڍي وڏي کي پاڻ کان وڌيڪ سمجهڻ 'آءُ وڏو - آءُ عظيم' جي موذي مرض کان آجو - خودنمائيءَ جي خباثت کان پري. اها ڪا معمولي ڳالهه نه آهي ته 30-35 طويل سفرنامن ۾ الطاف پنهنجي باري ۾ يا پنهنجي ثناخوانيءَ ۾ هڪ جملو به نه لکيو آهي! اسان جا سياح هر سفر ۾ ڊزن کن عشق ته ڪن ئي ڪن، جتي وڃن اُتي اڇيون اُجريون، سدا سهڻيون، پڙهيل لکيل ڪنواريون انهن واسطي جڳ جهان ڇڏڻ واسطي آتيون. ٻڌو اٿم ته اسان جي هڪ سنڌي جوان سياح جي عشق ۾ ته هڪ نابالغ ڇوڪري مٽ مائٽ ڇڏڻ واسطي آتي ٿي وئي. رڳو اسان جي جوان جي 'ها' ڪرڻ جي دير هئي (پر عين وقت تي ڪيس شايد ديسي زال جا پادر سجهي آيا!)

هڪ ڳالهه ۾ بهرحال الطاف جوناٿن کان به مختلف آهي. محبت ۽ پنهنجي ولر ڏانهن واپس وڃڻ جو سبق، جوناٿن سيءَ کان آخر ۾ تو سکي، جو اهو سبق سيءَ کان وڌيڪ ڏکيو سمجهيو تو وڃي، پر الطاف زندگيءَ جي سفر جي شروعات ئي محبت سان تو ڪري! سندس محبت ۽ Committment سموريءَ انسانذات سان ته آهي ئي آهي، پر سنڌ ۽ سنڌين جو عشق ڄڻ ته ڪيس جيئڻ جو جواز تا بخشين. سندس عشق سڪٽي سنڌي ماءُ وارو عشق نه آهي. جنهن ۾ ڪيس پنهنجو اڌ ڇريو پٽ به سقراط جو ثاني تو لڳي. هو سڄي دنيا جون چڱايون ڏسي ٿو، محسوس ڪري ٿو ۽ چاهي ٿو ته اهي چڱايون سندس ملير جا ماروئڙا به اختيار ڪن ۽ جديد دنيا سان گڏ عزت ۽ آبروءَ سان مادي ۽ روحاني ترقيءَ جون منزلون طئه ڪن. هو مون کي شاه ڀٽائيءَ وارو پونر تو لڳي جيڪو سڄو آڪاس ڦري وري ڪنول ڏانهن تو موٽي، جنهن جون پاڙون پاتال ۾ آهن.

پنهنجي انهيءَ خواهش جي تڪميل هو، وڏن وڏن فيلسوفانه ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ نظرياتي ليڪچرن سان نه ٿو ڪري. نه ئي وري هو غريب سنڌين تي گارين جو وسڪارو ڪري ويچارن کي وڌيڪ ٿو هيسي. انهيءَ واسطي هن سفرنامن لکڻ جي Technique اختيار ڪئي آهي.

الطاف جي لکڻين جي مقبوليت هڪ معجزي کان گهٽ نه آهي- انهيءَ جو مثال ڏيڻ کان ذهن عاجز آهي. نعري بازيءَ، سياست، سنسني ۽ فحاشيءَ کان قطعي وانجهيل لکڻين جو ايڏي پيماني تي مقبول ٿيڻ ڪم از ڪم سنڌ ۽ هند جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ هڪ بيمثال ڳالهه آهي. سنڌس ڪتابن ۾ نڪو آهي "عشق محبت جي چاشني"، نه ڪا "اسلامي نظريه حيات" جي تبليغ، نه آرسين لوپن ۽ بليڪ جاسوس، نه 'نظريه پاڪستان لاءِ خطري جي گهنٽي' نه 'تنهنجو ديس – منهنجو ديس' جو نعرو، نه 'تنهنجي ٻولي – منهنجي ٻولي' جو مامرو – پوءِ آخر بنا ڪنهن گروهي يا Institutional حمايت جي سنڌس ڪتاب ايترو ڪيئن ۽ ڇو ٿا وڪامن؟ منهنجي خيال ۾ الطاف جي لکڻين جي سادگي، سچائي ۽ خلوص هر نندي وڏي اعليٰ ادنيٰ کي چقمق وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. مايوسي، نااميدي ۽ سياسي ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ سان پريل پوسٽ واري ماحول ۾ سنڌس لکڻيون پڙهندڙن واسطي تازي هوا ۽ روشني ڏيندڙ درين مثال آهن. سنڌس ڪتاب پڙهندڙن کي غير محسوس طريقي سان نئون ولولو ۽ تازگي عطا ڪن ٿا. انهن کي هٿ ۾ ڪٽندي ئي پڙهندڙ پاڻ کي بين الاقوامي شهري سمجهي ٿو – هو الطاف سان گڏ گهمي ٿو – نوان نوان ملڪ – عجيب عجيب ماڻهو – سنڌن مسئلا – سنڌن غم – سنڌن خوشيون – سنڌس ماحول ڏسي ٿو – سنڌس دل ۾ اڳتي وڌڻ جي چاهنا پيدا ٿيئي ٿي – سنڌس مغز مان محض ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ راشي ڪاموري ٿيڻ جو ڀوت (ڪم از ڪم وقتي طور تي) ڀڄي ٿو- سنڌس ازلي احساس ڪمتريءَ جون زنجيرون ٽٽڻ لڳن ٿيون – سنڌس دل ۾ ساٿيهه ۽ ديس واسين لاءِ سڪ ۽ همدردي پيدا ٿيئي ٿي. الطاف پاڻ سان تعلق ۾ ايندڙ هزارين ماڻهن سان ٿيندڙ ڪچهرين ۾ اسان کي شريڪ ٿو ڪري. پنهنجي پڙهندڙن کي پاڻ سان ايڏو

Involve ڪرڻ جي ڏات اسان جي موجوده اديبن ۾ شايد الطاف کي ئي عطا ٿيل آهي.

ڊينمارڪ ۽ سوئيڊن ۾ منهنجيون الطاف سان ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون. هو فطرتاً شرميلي ۽ پنهنجي باري ۾ گهٽ ڳالهائيندڙ شخص کي 'چالو' ڪرڻ ڪا آسان ڳالهه نه هئي. هڪ دفعي مون ڪانئس پڇيو ته ڪيس جيڪڏهن مئٽرڪ کان پوءِ پنهنجي تعليم ۽ آئيندو بيهر ترتيب ڏيڻ جو موقعو ملي ته جيڪر ڇا ڪري؟ مون سمجهيو ته هو Typical سنڌيءَ وانگر ضرور ڊاڪٽر، انجنيئر يا C.S.S ٿيڻ جي ڳالهه ڪندو يا لئي پٽي پنهنجو پرمه رکڻ لاءِ پنهنجي موجوده لائين جي ئي واکاڻ ڪندو پر سندس جواب مونکي بنهه حيرت ۾ وجهي ڇڏيو - چي: 'مون کي جي پنهنجو آئيندو نئين سر شروع ڪرڻ جو موقعو ملي ته جيڪر واڍو يا درزي ٿيان - فرنيچر ۽ ڪپڙن جا نوان نوان ڊزائين تخليق ڪريان - پنهنجو پاڻ کي انهيءَ ڌنڌي ۾ جديد ٽيڪنڪ سان منظم ڪريان ۽ پنهنجي ترجي همراهن کي منظم طريقي سان ترقي وٺايان!"

سندس موجوده پيشي کيس مالي لحاظ کان محض ماني مڇي وارو ڪيو آهي - پر انهيءَ جو کيس يا سندس سدا ملوڪ سلڇڻيءَ شريڪ حيات ۽ سدورين نيائين کي ڪوبه ملال نه آهي. اهڙو مطمئن، قانع ۽ خوشيءَ ڀريو گهرائو مون ورلي ڏٺو.

شل الطاف جيئي ۽ اسان کي جيئاريندو رهي!

محمد علي ڏيپلائي
20- B JASON VIP APTS
BOAT BASIN - CLIFTON - KARACHI
(Tel. No. 574386)

ڪراچي
9-12-1994

نوٽ: هن پيش لفظ کي Jonthan Livingston Seagull جو اشتهار نه سمجهندا. البته ڪنهن سنڌي جوان کي هن مضمون ڪري اهو ڪتاب پڙهڻ جو شوق ٿيئي اها آءُ پنهنجي خوشنصيبي ڀائيندس!
محمدعلي

# منهنجا تاثرات

ڳوٺ مان پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوابشاهہ ويس. اتي فقط منهنجي مرحوم ڀائيجي بشير احمد لاڙڪ کي ادب سان دلچسپي هئي. هو پنهنجا ڪتاب اسان ٻارن کان لڪائي الماريءَ ۾ بند رکندو هو. ڇوڪريون لئبرريءَ مان ايم سلطانہ فخري، رضيہ ڀٽ جا ناول پڙهنديون هيون ۽ ڇوڪرا جاسوسي ناول پڙهندا هئا. مون کي نڪي جاسوسي ناول سمجھ ۾ ايندا هئا نڪي روماني ناول مزو ڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ شهر کان ٻاهران ڪوبہ مائٽ گهر ايندو هو تہ هڪ هٿ ۾ سوٽ ڪيس، ٻئي هٿ ۾ الطاف شيخ جو سفرنامو ضرور هوندو هئس ۽ هو اتي ئي ڪٿي ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيندو هو – مان اهو ڪتاب ڪٺي ڇت تي هلي ويندي هئيس، جيستائين ڪتاب ختم نہ ٿئي ڳولهي نہ ليندي هئس. روماني ناول پڙهندڙ پنهنجي مائٽياڻين کي سفرنامي ۾ لکيل ٽوٽڪا ۽ دلچسپ ڳالهيون ٻڌائي پڙهڻ لاءِ هرکائيندي هئس. هو چونديون هيون تہ سنڌي ڪتاب پڙهڻ ۾ مزو نٿو ڏيئي (سنڌي ميڊيم هوندي بہ) سو تون انهن ٽوٽڪن کي انڊر لائين ڪري ڏي تہ پڙهون – ۽ پوءِ آهستي آهستي هنن کي اهڙي عادت پئجي وئي جو منهنجي لاءِ مصيبت بڻجي وئي. ڪتاب مون کي ملي ئي نہ.

مون کي الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ هڪ ڪشش محسوس ٿيندي هئي. – ننديڻ ۾ اٿڏل دنيا جون هي اٿڏل ۽ اڻ سوچيل ڳالهيون جادو نگريءَ جيان لڳنديون هيون. مون تہ اڃا ڪراچيءَ وارو سمنڊ بہ نہ ڏٺو هو.

ذهني پختگيءَ سان گڏ الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ مون کي طلسمي ماحول کان وڌيڪ حقيقت نظر اچڻ لڳي. دلچسپي ٿيڻ لڳي تہ ٻين ملڪن جي تاريخي اوسر، جاگرافيائي حالت، رهڻي ڪرڻي، تهذيب ۽ تمدن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهان. ان کوجنا ۾ ٻئي ادبي مطالعي سان گڏ الطاف شيخ جا سفرناما بہ منهنجي ذهني اوسر کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا.

الطاف شيخ جا سفرناما پڙهندي مان هميشہ ان تجسس ۾ رهيس تہ ان سفر ۾ سندس زال ڪٿي آهي؟ هوءَ ان ڪانسواءِ ڪيئن وقت ٿي گذاري، جي

گڏ آهي تہ ان سيلاني زندگيءَ کي ڪيئن ٿي ڏسي ۽ سفرنامي ۾ پلجي بہ سندس ذڪر الطاف شيخ نہ ڪيو آهي. فهميده حسين جي لکيل پيش لفظ مان خبر پئي تہ ها هيلي ان جو بہ ڪو وجود آهي تہ سهي .... وري قمر شهباز جي لکيل پيش لفظ جي هڪ جملي مان خبر پئي تہ هو ٻارَ سفر ۾ ساڻ وٺي ويندو آهي.

هڪ مئگزين ۾ پس منظر جي شخصيت جي سلسلي ۾ انٽرويوز ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين مون کي شيخ اياز ۽ الطاف جي گهر وارين جو خيال آيو هو. ڏسجي تہ ان پس منظر جي شخصيت سان ڪڏهن ٿي ملاقات ٿئي.

هن وقت اسان وٽ سفرناما ۽ ڪالم لکڻ جي صنف فيشن جو روپ اختيار ڪري وئي آهي. اڳي اسان هرويرو اهو سمجهندا هئاسين تہ سفرنامو لکڻ لاءِ سرحد پار ڪرڻ ضروري آهي. اڄڪلهہ تہ گهر جي چانئٺ ٽپڻ سان ئي سفرنامو لکجي ويجي ٿو. ڪنهن بہ ادبي محفل يا سيمينار ۾ وڃو، اتي ڪا بہ عورت توهان کي شڪل ۾ چڱي لڳي ۽ يقيناً ڪا نہ ڪا تہ ضرور لڳندي. بس هڻ ڏوئي ان جي پويان لڳو. ڏند ٽيڙي کلو. دوستن سان ان بابت ايئن ڳالهايو جڻ ڪڙهائي گوشت جي پيا ڳالهہ ڪيو. جي هوءَ توهان سان مرڪي ڳالهائي تہ پوءِ هوءَ هڪ آزاد عورت آهي ۽ جي اگنور ڪري تہ پوءِ هوءَ بي حس بي نياز آهي. ٻيو پيرو هن جي شهر ۾ وڃي سندس در جي خاڪ چپٽي نشاني طور ڪٽي اڇجو. ان بابت بہ چڱا پنا ڪارا ڪري سگهجن ٿا.

چاڪاڻ تہ توهان اديب آهيو، ان ڪري توهان جي هر ڳالهہ وڏي ڳالهہ آهي. توهان کي يا توهان جي دوستن کي نچ ٿي اچي يا اوٻاسي ٿي اچي تہ ضرور لکو جو توهان جي هر چرپر تاريخ جو حصو ۽ سنڌي ادب جو جياپو آهي سو اسين پنهنجن ڪيترن مشهور اديبن جا اهڙا چسا ۽ هلڪڙائپ واري سوچ تي ٻڌل سفرناما پڙهون ٿا، جن ۾ هر هنڌ عورت هن کي هڪ ڊش وانگر لڳي ٿي ۽ هو ان جي ذائقي جو تصور ڪندي چاٻا ڏيندي سفرنامو لکي ٿو. هڪ اديب جڏهن آمريڪا ويجي ٿو، صبح جو هوٽل جي ڪمري جو پڙدو هٽائي ڏسي ٿو تہ عورتن کي سومنگ ڪندي ڏسي سندس عقل دنگ رهجي ٿو وڃي. انهن جون گلابي سترون، اسان جي شاعر جي ذهن ۾ لطيف جذبا پيدا

ڪن ٿيون. اها ڳالھہ ھو لکت ۾ آڻي اسان کي ان ڪري ہڏائي ٿو تہ جيئن اسان بہ سندس جمالياتي ذوق مان لاڀ حاصل ڪري سگھون.

الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ عورتن متعلق سندس اھڙا خيال نہ پڙھي، عورتن کي اگھاڙو نچندي ڏسي بہ سندس اندر ۾ جمالياتي ذوق پيدا ٿيندو نہ ڏسي – سندس ڪتابن جا پيش لفظ لکندڙ اسان جا ليکڪ / ليکڪائون الطاف شيخ جي ذھني حالت بابت شڪ ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. چون ٿا تہ ”ھو پنھنجي بابت ڳالھہ سچي نہ ٿو ڪري“ ”جھاز ۾ گھڙڻ شرط شرافت جي ٽوپي پائي ٿو ڇڏي“ ڪلب ۾ گھڙندي يا عورت جو ذڪر ايندي ڳالھہ ئي بدلائي ٿو ڇڏي وغيره. الطاف شيخ جا جيترا بہ سفرناما مان پڙھي سگھي آھيان تہ ڪيس ذاتي طور نہ سڃاڻندي بہ سندس باري ۾ اھو اندازو لڳائي سگھي آھيان تہ جھڙي طرح اسان جي سماج جون ڪي ڪي عورتون سيڪس جي معاملن ۾ ائبنارمل ٿين ٿيون تہ اتي ڪڏھن ڪڏھن ڪي ڪي مرد الطاف شيخ وانگر نارمل بہ ٿين ٿا. ھو عورت کي پنھنجي وندر جو ڪو رانديڪو سمجھي مزو وٺڻ بدران ان عورت جي سماجي ڍانچي مطابق سندس نفسياتي جائزو پيش ڪندي انھيءَ ملڪ جي قائدن قانونن ۽ ريتن رسمن بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.

الطاف شيخ ھن سفرنامي ۾ ”ڪراچيءَ ڪان ڪوہن ھيگن“ ۾ ڪڙيون ۽ سچيون حقيقتون ڪٺي اسان اڳيان آنديون آھن. ھن پيري ڪلائيندي ڪلائيندي اسان کي روئاري بہ ڇڏيو اٿائين – ذھني طور جھنجھوڙڻ جي ڪوشش بہ ڪئي اٿائين.

ايشيا جي غريب ملڪن لاءِ يورپ وارن وٽ جيڪا مت پيد ۽ ڏڪار آھي – اھا ڳالھہ انھن کي وڌيڪ دل سان لڳندي جيڪي ڪجھہ عرصو ٻاھر رھي آيا آھن – جيڪي ٻاھر وڃڻ جا خواب ڏسن ٿا تہ انھن جي ذھن ۾ ناگوار تاثر ابرندو.

پاڪستان جي ماڻھن جو ملڪ کان ٻاھر وڃي پاڻ کي ۽ ملڪ کي بدنام ڪرڻ شرمندگي جي ڳالھہ آھي پر اسين ڪيستائين شرمندا ٿينداسين. اسان جو ايندڙ نسل پڻ ان ماحول ۾ اک کولي ٿو، جتي سياست ڪڪڙن جي ويڙھہ يا گھوڙن جي ڊوڙ وانگر آھي. گولين وسڻ جي مند ٻارھن مھينا ئي آھي. ان حال ۾ ڪير مري وڃي تہ حادثو ۽ بچي پئي تہ معجزو آھي. تعليم اسان

وڻ چواڻي تي بيٺل ٻير جو وڻ آهي. جنهن کي جيتريون ڌڳريون وٺن وڃي پٽي جهول پري. هر فرد ڇٽي ٿو تہ پنهنجي سِرَ تان مٽي سج ايري يا نہ ايري. الطاف شيخ ۽ عبدالحميد قاضي، برازيل ۽ گٽانا مالا جي دوستن اڳيان پنهنجي ملڪ جا روپيہ جن تي پان جا ڳاڙها نشان لڳل آهن، ڏيکاريندي شرمندا ٿا ٿين پر اسان جي شهرن جا روڊ ۽ رستا جيڪي روز رت سان ڳاڙها لڳا پيا آهن اهي دنيا اڳيان ڪيترو لڪندا.

الطاف شيخ ۽ محمدعلي ڏيپلائيءَ سان ڊينمارڪ ۾ ٿيل ڳالهہ ٻولهہ اسان جي تمام گهڻن ماڻهن کي پسند نہ ايندي. جي اسان کي اهي سموريون ڳالهيون سمجهہ ۾ اچي وڃن تہ سمورا سياستدان واندا ٿي وڃي گهر ويهي رهن ۽ اديبن کي ڪالم لکڻ لاءِ مواد ڳوليو نہ لڀي. سندن پڙهندڙ تمام ٿورا رهجي وڃن - اخبارن جو وڪرو گهٽ ٿي وڃي. ڪيترن شاعرن ۽ ڳائڻن جو ڌنڌو بند ٿي وڃي - اسان جو سماج پاڻ پٽي جي ان ٿنڀ جي ٽيڪ تي تہ بيٺو آهي - جهڙي طرح هڪ مسلمان کي اها پڪ آهي تہ ڪلمي پڙهڻ جي ڪري نيٺ هو بخشيو ويندو ۽ جنت ۾ ويندو. سو اسان سنڌين کي بہ اها پڪ آهي تہ موهن جي دڙي جي عظيم الشان تهذيب سبب اسين بس هر حال ۾ هميشہ هڪ عظيم قوم آهيون - هن ڳالهہ ٻولهہ کي الطاف شيخ جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي، ان ڪري ڪٿا لفظ ۽ گرامر جون غلطيون نظر اچن ٿيون.

هن سفرنامي ۾ الطاف شيخ جي ڏنل معلومات ۽ پنهنجي سماج جي ٻين ملڪن جي سماج سان ڀيٽ ۽ حقيقت تي ٻڌل تجزيو خاص طرح اسان جي نئين ٽهي ۽ شاگردن لاءِ نهايت اهم آهي. هي سفرنامو بہ اڳين سفرنامن جيان سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاريندو ۽ ممڪن آهي تہ اسان جي نوجوان نسل جي ذهن ۾ مثبت سوچ جا ڪي ڪرڻا اڀارڻ ۾ بہ ڪامياب وڃي.

عطيہ دائود

اٿين ماڙ - رفيق سينٽر
عبدالله هارون روڊ - صدر ڪراچي
فون: 5684884

# پاسپورٽ جي پريشاني

ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ وارن لاءِ ضروري آهي تہ هو پئسي ۽ پاسپورٽ جي جان وانگر حفاظت ڪن.

پرديس ۾ پرس چوري ٿيڻ بعد ڪو دوست ساٿي ڳولي نٿو ملي ۽ خدا خير ڪري جي پاسپورٽ گم ٿي وڃي تہ ان جهڙي ٻي پريشاني ٿي نٿي سگهي، خاص ڪري هڪ پاڪستانيءَ لاءِ. جو تہ پاڪستانيءَ وٽ پاسپورٽ، ويزا ۽ سفر خرچ لاءِ پنهنجا پئسا ۽ ٻيا گهربل ڪاغذ پٽ هوندا آهن تہ بہ اميگريشن آفيسر کان سيڪيورٽي پوليس، ڪسٽم آفيسر کان سامان ڍوئڻ وارو پورٽر، هن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. يورپ جي هوائي اڏي تي ڪارن وارن وارا- يعني غير يورپي ماڻهن جو هونءَ ئي خير ناهي. ويتر جي خبر پوين ٿي تہ مسافر پاڪستاني آهي تہ وس آهر ان جا ڪاغذ پٽ ۽ سامان سڙو چڱيءَ طرح جانچين ٿا تہ متان پاسپورٽ ڪوڙو تہ نہ اٿس، ملڪ ۾ اندر اچڻ جي ويزا بہ اٿس يا نہ، ۽ اٿين تہ نہ ٿيندو تہ ملڪ ۾ اچي ٻاهر نڪرڻ- يعني پنهنجي وطن ورڻ کان پڙ ڪڏي ويهندو. سامان ۾ ڪا نشي پتي واري شيءِ يا بم بارود يا اليڪٽرونڪ جو ڪو اهڙو ڳجهو سرڪٽ تہ نہ اٿس جنهن سان جهاز يا ايئرپورٽ تي ڌماڪو پئدا ڪري.

هينئر لنڊن ۾ IMO جي ميٽنگ اٽينڊ ڪري اسانجو سڄو گروپ سئيڊن واپس اچي رهيو هو. گروپ ۾ اسين ٽيرهن ملڪن جا هئاسين. ڪلندا ڪڏندا آڪسفورڊ اسٽريٽ جي Tottenham ڪورٽ روڊ واري انڊر گرائونڊ ريلوي اسٽيشن تان ٽرين ورتيسين، جنهن اچي هيٿرو ايئرپورٽ تي چڏيو. سامان ڏيڻ لاءِ سڀ هڪ قطار ۾ اچي بيناسين. ڇهن ستن ڄڻن بعد منهنجو بہ وارو آيو ۽ هوائي جهاز ڪمپني واري سامان توري بئگيج ڪارڊ ڏنو ۽ پوءِ پاسپورٽ ڏسي- يعني ان متان پاڪستان جو نالو پڙهي پٽي (Moving Belt) تي رڙهندڙ سامان کي يڪدم روڪي پڇيائين:

"هيءَ بئگ ۽ ٿيلهو تنهنجو ئي آهي؟"

”جي ها.“ مون ورائيو.

”پئڪ ڪرڻ وقت توئي پئڪ ڪيو هو؟“

”ها“ مون ورائيو. ان سوال تائين مونکي اهو ڌيان ۾ نہ پئي آيو تہ هي اهڙا سوال ڇو پيو ڪري. پر پوءِ وڏيڪ سوال ڪرڻ تي سمجهي ويس تہ توڙي ڪٿي آئون هين سائين وانگر UN جي هڪ اداري سان تعلق رکندڙ آهيان پر لنڊن توڙي يورپ آمريڪا جي پوليس لاءِ پاڪستاني ڪٿي ڪليسا گهر جو پادري هجي تہ بہ هو مجرم سمجهيو وڃي ٿو. ۽ هيءَ سڄي مهرباني مون سان انڪري ٿي رهي آهي جو آئون پاڪستان جو باشندو آهيان.

توهان بذات خود ڪٿي چور، چرسي هجو پر توهانجي ملڪ جو نالو مٿاهون آهي تہ توهان کي احترام جوڳو سمجهيو وڃي ٿو. ساڳي وقت توهان جي ملڪ جو نالو بدنام آهي تہ پوءِ توهان جهڙو بدترين هيو ڪونهي. توهان ڪٿي نيڪ ۽ نامور هجو پر دنيا توهان کي نالائق، نڪمو ۽ نيچ سمجهي ٿي. توهان ڀلي ڪٿي پنهنجي ملڪ جا قابل انجنيئر، ڊاڪٽر، وزير، سفير هجو يا ڄاڻو واڍا، رازا، مستري يا مذهبي ملان، نيڪ انسان هجو، توهان کي يورپ، آمريڪا ويندي پنهنجا عرب سڳورا ٺڳ ۽ چور سمجهندا. ڇو جو توهانجو واسطو پاڪستان جهڙي غريب ملڪ سان آهي. اهوئي سبب آهي جو مونکان اڳ قطار ۾ بيٺل سعودي عرب، پورچوگال، جپان ويندي ملائيشيا ۽ سنگاپور جي همراهہ کي ترسڻ لاءِ نہ چيو ويو.

”يلا پئڪ ڪرڻ بعد هي سامان ڪنهن ٻئي جي حوالي تہ نہ ڪيو هئانوَ؟“

سامان ونڊڙ وري سوال ڪري مونکي خيالن جي دنيا مان جاڳايو.

”نہ. نہ.“ منهنجي دل ۾ هن سوال پڇندڙ لاءِ نفرت ٿيڻ لڳي.

”منجهس ڪو ريڊيو يا اليڪٽرڪ جي ڪا شيءِ تہ نہ آهي؟“ هن پڇيو.

”آئون اجايو هن جي سوالن کي غلط سمجهي رهيو آهيان.“ مون دل ۾ سوچيو. ”هي شريف ماڻهو تہ منهنجو خيال ڪري ريڊيو وغيره جو پڇي رهيو آهي. جيئن منهنجي بئگ کي سٺي هنڌ تي رکرائي، ڇو جو وڏي سفر ۾ يا لاغرضيءَ سان سامان کي اڇلڻ سان رکڻ ڪري ڪيترا دفعا بئگون ڦاٽيو پون.

”ها. ها. ريڊيو آهي“، مون ڪيس ٻڌايو ۽ پوءِ يڪدم چيو مانس، ”پر ڪو اهڙو خاص يا نئون ناهي.“

”اسان سامان کولي ڏسي سگهون ٿا؟“ هن پڇيو. ۽ اهو سوال فقط تڪلف خاطر سوال يا ”اجازت نامون“ هوندو آهي. جنهن جي جواب ۾ توهان ڪي هائوڪار ئي ڪرڻي پوندي آهي. ڇو جو ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻه مٿا هوندا آهن ۽ انڪار جي صورت ۾ به هو کولڻ کان باز ته نه ايندا. ويتر شڪ ۾ مبتلا ٿي ويندا.

هاڻ قطار ۾ بيهي بيهي منهنجي ۽ منهنجي پويان منهنجن ٻنهي ساٿين جي حالت خراب ٿي رهي هئي پر سائين توهان ڇا ٿا ڪري سگهو. پرائي ملڪ ۾ ڪهڙا جهانگيري گهنڊ وڄائيندائو. هو منهنجي بئگ ۽ ٿيلهي مان هڪ هڪ شيءِ ڪڍي غور سان جانچڻ لڳو ۽ بئگ مان نڪتل ننڍڙي ريڊيو ٽرانسسٽر کي اليڪٽرڪ اوزار سان چيڪ ڪرڻ لڳو. جڏهن ڏسي مطمئن ٿيو ته پوءِ سامان کي بند ڪري (اها سو مهرباني ضرور ڪيائين جو سامان کي اهڙي ئي نموني سان ڇڳيءَ طرح بند ڪيائين) ۽ پاسپورٽ منهنجي هٿ ۾ ڏئي ٿئنڪ يو چيو.

سامان جو ڪم اڪلائي هوائي جهاز ۾ چڙهڻ واري لائونج (ڪمري) ۾ پهتاسين ته مختلف ملڪن جا منهنجا ساٿي ورائي ويا.

”ماءِ فرينڊ! تو ٻڌايو چو ته تو وٽ ريڊيو آهي؟“

”هن جي پڇڻ تي ڇا ڪوڙ ڳالهايانس ته ڪونهي.“ مون چيو مان.

”ها. چئينس ها ته ڪونهي. اسان کان ته پڇي ها ته اسين ’نه‘ چئونس ها.“ هنن ورٺيو ۽ مون دل ۾ چيو ته منهنجو پاسپورٽ سعودي عرب، ڪاسٽاريڪا، پورچوگال ويندي تنزانيا جهڙي آفريڪي ملڪ جو به ناهي جنهن جي زور تي ڪُڏ ڪريان. اسانجو ملڪ ته ٿرڊ ورلڊ نه پر فورٿ ورلڊ جو ملڪ آهي ۽ بقول هڪ سنڌيءَ جي ”اسين ته فورٿ ورلڊ ملڪ جا به ففٿ گريڊ Citizen آهيون“.

”ڪوڙ ڳالهائي ”نه“ چوانس ها ۽ پوءِ بئگ کولڻ مهل ڪوڙ پڌرو ٿئي ها ته هونءَ نه ته ان بهاني مونکي هتي ويهاري ڇڏي ها. سو به لاڪ اپ ۾.“ مون کلندي هنن درويشن کي سمجهايو.

”پوءِ ڇا ٿيو. پنهنجي ائمبسي وارن کي فون ڪرين ها ته يڪدم اچي مدد ڪن ها. آخر ڌارين ملڪن ۾ سفارتخانا ڇا لاءِ آهن.“

ڪين ان جو جواب ڏيڻ بدران ڪلندو ئي رهيس. پر دل ۾ اهوئي چيم ته هنن کي ڪهڙي خبر اسانجي ۽ اسانجي سفارت خانن جي حالن جي. الله خير ڪري شل نه ڪنهن پاڪستانيءَ کي پرديس ۾ ڪو پرابلم ٿئي. جڏهن پاسپورٽ سان ئي اهو حال آهي ته بنا پاسپورٽ واري جو ڇا حشر ٿي سگهي ٿو. ۽ اهو اهڙو مسئلو آهي جنهن جو حل بحث ڪرڻ سان نٿو نڪري. پاڪستاني عوام اهوئي چوندي رهي ٿي ته اسانجا سفارت خانا ڪجهه نٿا ڪن ۽ سفارت خانن جا آفيسر اهوئي چون ٿا ته پڪ ڪرڻ لاءِ ته گم ٿيل پاسپورٽ وارو همراهه واقعي پاڪستاني آهي يا نه، ان لاءِ وقت لڳي ٿو. ۽ ولائت ۾ پهتل افغاني بنگالي بهاري برمي پنهنجي ملڪ جو اصلي پاسپورٽ پاڻهي ئي غائب ڪري پاڪستان پهچڻ لاءِ پاڪستاني سڏائين ٿا. ۽ جي پڪ به ٿي وڃي ته پاڪستاني آهي (يا ويندي اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو پاسپورٽ نئون ڪرائڻ چاهين ٿا) ڪم جهٽ نٿو ٿئي جو ايمبسيءَ ۾ اسٽاف جي کوٽ آهي. آفيسر ٻين اهم مسئلن ۾ مشغول آهن وغيره.

## اسانجي سفارتخانن جو حال

سئيڊن ۾ رهندڙ پاڪستانين کان ته ان قسم جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ته پاسپورٽ نئون ڪرائڻ لاءِ ان کي پاڪستان جي سفارتخاني ڏي پوسٽ ذريعي موڪلڻ سان هيٺ مٿي ٿيو وڃي. ۽ ان ۾ هتي (سئيڊن) جي پوسٽ جو ڏوهه نه پر سفارت خاني جي هيٺين عملي لاءِ پاڪستانين کي شڪايتون آهن. هنن جو اهو خيال گمان آهي ته پاسپورٽ ڇاڻي ٻجهي گم ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ بنگالين برمين ۽ ٻين کي وڪيو وڃي ٿو.

ياد رهي ته سئيڊن پاڪستان وانگر اتر کان ڏکڻ ڏي ڊگهو ملڪ آهي. سندس گاديءَ جو هنڌ اسٽاڪهوم (جتي اسان جي ملڪ جو سفارتخانو آهي) اسلام آباد وانگر مٿي آهي ۽ گهڻي کان گهڻا پاڪستاني ڏکڻ جي پڇڙيءَ واري شهر مالمو ۾ رهن ٿا جيڪو ائين آهي جيئن اسلام آباد کان ڪراچي. هاڻ هتو هٿ پاسپورٽ کڻي مالمو کان اسٽاڪهوم ريل يا بس ذريعي پهچڻ ۽ گهٽ ۾

گهٽ به ٽي ڏينهن هوٽل ۾ رهڻ لاءِ تمام گهڻو پئسو کپي. جيڪو هتي جو ڪو امير پاڪستاني به نه چاهيندو، ڇو جو هيڏانهن مهنگائي ايتري گهڻي آهي جو سستي کان سستي هوٽل جي رهائش به ٽن هزار رپين کان گهٽ ناهي ۽ سستي کان سستي ماني سان به هڪ ويلو، اڍائي ٽي سئو رپين کان گهٽ ناهي. ان ڪري هن پاسي جي ملڪن ۾ رهندڙ ڌارين ملڪن جا رهاڪو پاسپورٽ ۽ پاسپورٽ جي Renewal Fee پنج سئو ڪرونا (ٻه هزار رپيا ڪن) رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي اسٽاڪهوم پنهنجي سفارت خاني ڏي موڪليندا آهن.

هتي سئيڊن ۾ رهڻ دوران منهنجو پاسپورٽ به جڏهن پورو ٿيڻ تي ڪي ويجهو پهتو ته نئون ڪرائڻ جو سوچيم. پر مونکي اهڙو ڊپ ڊاءُ نه هو جو پاسپورٽ ڳاهڻ وارن سان فون تي منهنجي به چار دفعا عليڪ سليڪ ٿي هئي ۽ ڪين خبر هئي ته ظفر شيخ (ڪويت جي سفير) معرفت منهنجي سندن سفير سان واقفيت آهي.

پر پوءِ جڏهن پاسپورٽ نئون ڪرائڻ لاءِ ڪين فارم موڪلڻ لاءِ خط لکيم ۽ هڪ به دفعو فون ڪيم، پر ٻه ٽي هفتا گذرڻ بعد ٿلهو فارم جو پنو به نه آيو، ته مونکي هڪ اڃاتو خوف ورائي ويو ته ٿلهي ها ها پئي ٿئي، اڃي ته فارم به ڪونه ٿو. سيان پاسپورٽ موڪلڻ بعد چون ته پاسپورٽ نه مليو يا چون ته اسان ته توڏي موڪليو، توکي نه مليو ته منهنجا ته هٿ پير ڪٽجي ويندا ۽ پوءِ بنا پاسپورٽ جي ته سفر ڪرڻ به جوکم جو ڪم آهي، جو هنن ملڪن ۾ اسانجهڙن ملڪن جي ماڻهن لاءِ پاسپورٽ هر وقت کيسي ۾ هجڻ ضروري آهي.

ڏينهن به وڌيڪ انتظار ڪري پنهنجي يونيورسٽي جي سئيڊش انتظاميه سان اچي حال اوريم ته ٽپال خرچ ۽ پاسپورٽ نئين (Renew) ڪرڻ جي في وغيره سڀ ڪجهه مونکان وٺو پر منهنجو پاسپورٽ توهان (Renew) ڪرائي ڏيو. گهڻو ئي چيائون ته اها ته ڪا ڏکي ڳالهه ئي نه هجڻ کپي. سئيڊن ۾ ته اهڙا ڪم ڪلاڪن ۾ ٿيو وڃن ۽ ٽپال کاتو ايترو ايماندار ۽ چست آهي جو ڪا دقت ئي نٿي ٿئي. دل ۾ چيم اهو توهان جو ٽپال کاتو ايماندار ضرور هوندو پر اسان لاءِ ڏنو پير پُني مراد آهي. مهرباني ڪري توهان ئي ٺهرائي ڏيو. وچ ۾ توهان جو هٿ هوندو ته پوءِ اُت سئيءَ جي پاڪي مان به لنگهي ويندو نه ته بقول هتي جي هڪ ڏکويل پاڪستانيءَ جي اسانجي ملڪ جي آفيس ڀهڙن

سڌريل ملڪن ۾ تہ ڇا پلي ڪٽي سرگ ۾ هجي، ڪم پونڊز جو ساهہ ڪڍي ڇڏيندا.

دنيا جو شايد ئي ڪو ملڪ هجي جنهن ۾ پاڪستاني نہ رهندا هجن ۽ سندن تڪليفن جون خبرون پاڪستان مان ٽوڙي پاڪستان کان ٻاهر نڪرندڙ اخبارن رسالن ۾ اينديون رهن ٿيون. جنگ ۽ اخبار جهان ۾ آئون بہ پڙهندو آهيان جيڪي سئيڊن جي هن شهر مالمو جي سيني لئبررين ۾ اچن ٿيون.

هڪ اڳ جي اخبار جهان (10 مئي 93) ۾ ناروي ڪان ڪنهن پاڪستانيءَ هن پاسي جي ملڪن (ناروي، سئيڊن، فنلئنڊ، ڊئنمارڪ) ۾ رهندڙ پاڪستانين ۽ سفارتخانن بابت لکيو آهي تہ هي اهي ملڪ آهن جن ۾ يونيورسٽيءَ جي ريسرچ ورڪ ڪارڻ منهنجو پڻ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهي ٿو.

هن پاسي جي ٻن عورتن: فنلئنڊ جي مسز نوراهل برگ ۽ ناروي جي مشهور تعليم يافتہ عورت مسز تورون پنهنجي پي ايڇ ڊي جي ريسرچ واري مقالي لاءِ هن پاسي ڏي رهندڙ پاڪستانين جي مسئلن جو جائزو ورتو آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اڌ ڪروڙ کن پاڪستاني رهن ٿا پر ان هوندي بہ ڪين پاڪستان جي سمنڊ پار وزارت ڪان ڪي هڙ حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. وري بہ ڌارين عورتن پاڪستانين جي ذڪرن بابت قلم کنيو پر پنهنجن ڪان ڪجهہ نہ وريو آهي. پاڪستاني سفارتخانن ڪان هي پرديس ۾ رهندڙ پاڪستاني نہ ڪا اميد رکي سگهن ٿا ۽ نہ وري انهن سفارتخانن جي عملي ۾ ايتري اهليت ٿئي ٿي جو پاڪستانين جا مونجهارا سلجهائي سگهن. تقريباً سيني ملڪن ۾ موجود پاڪستاني سفارت خانن جي گڏيل صورتحال جو وچور بيان ڪيو وڃي تہ اهوئي تاثر پئدا ٿئي ٿو تہ هرهڪ سفارت خاني (Embassy) ۾ سفير صاحب (Ambassador) پنهنجي وقت جو گهٽو حصو هيئين عملي جي زندگي تباهہ ڪرڻ، انهن کي ناڪارو ثابت ڪرڻ، انهن ڪان پنهنجا ذاتي ڪم وٺڻ، سفارتي مليل سهوليتن ذريعي پنهنجا ڪيسا ڀرڻ، سفارت خاني جي فنڊن کي پنهنجن ذاتي ڪمن تي خرچ ڪرڻ ۽ مڪاني ماڻهن کي حيران پريشان ڪرڻ ۾ وڃائي ٿو. اهڙي طرح سفير صاحب جي هيٺان ڪم ڪندڙ عملو پڻ ڪاري صاحب جي خوشامد ۾ غير سرڪاري ڪم ڪارين ۾ زياده ۽ ملڪي خدمت ۾ گهٽ رڌل رهن ٿا. پاڪستان جا ڪيترائي سفارتي

ماڻهو ڪيترن قابل اعتراض ڪمن ۾ ڦاٿل رهن ٿا. ان ملڪ ۾ آيل پاڪستانين سان رعيت وارو سلوڪ ڪن ٿا ۽ اهڙا پاڪستاني برادري جيڪا ان ملڪ جي رهاڪو ٿي چڪي آهي انهن ڪان پاڻ کي هميشه مٽيرو سمجهڻ جي ڪامپليڪس ۾ مبتلا رهن ٿا.

## ڪجهه نسل پرستي ۽ تعصب بابت......

ناروي ۾ هن وقت نسل پرستي ۽ تعصب جي وڏي لهر آيل آهي. ڪارن (آفريڪن) ۽ رنگدار (ايشين) تي نارويجن نوجوانن جا حملا روزمره جو دستور بنجي ويو آهي. ناروي ۾ اينڊز شايد ئي ڪو پاڳ وارو پاڪستاني هجي جيڪو هتي جي (ناروي جي) ڪسٽم ۽ اميگريشن جي بددماغيءَ جو نشانو نه بڻيو هجي. جيڪڏهن ڪنهن اڏام ۾ ڪو هڪ پاڪستاني به اچي ٿو ته ڪسٽم جي سڄي شفٽ گڏجيو سندس ڪپڙا لهرايو وٺي ۽ هوڏانهن گورا اسمگلر اطمينان سان هيروئن ڪٽي بازار ۾ "پاڪستاني هيروئن" جي نالي وڪرو ڪن ٿا. اٿين ناهي ته پاڪستاني ڪو ڏوهه جهڙا ڪم نٿا ڪن. نشي پتي جي ڏوهن ۾ ناروي جي ادائي هزار قيدين ۾ چاليهه کن پاڪستاني به آهن پر هندستان ۽ اسرائيل جي اها ئي پروپيگنڊا آهي ته ناروي ۾ جيڪا هيروئن اچي ٿي اها پاڪستاني آڻين ٿا ۽ اهي ئي اهو ڪاروبار ڪن ٿا.

ناروي ۾ پاڪستانين جي هڪ انجمن پڻ آهي جيڪا بهبوديءَ جا ڪم ڪري ٿي. انجمن جي ميمبرن سعودي عرب، لبيا، مصر، انڊونيشا ۽ ترڪيءَ جي سفيرن جي مدد سان شهر جي وچ ۾ اسلامي مرڪز ۽ مسجد جي ناهڻ لاءِ هڪ وڏو پلاٽ حاصل ڪري ورتو جيڪو بنا ڪنهن قيمت جي مليو. پر انجمن ۾ اقتدار جي رساڪشي ڪري ڪيترن سالن تائين نه فقط مسجد جو ڪم شروع نه ٿي سگهيو پر ان جي مرمت لاءِ ضروري چندا حاصل ڪرڻ جو مسئلو پڻ حل ٿي نه سگهيو. آخرڪار شهر جي لارڊ ميئر 1980ع ۾ پاڪستانين کي مسجد لاءِ ڏنل هي پلاٽ رد ڪري ڇڏيو ۽ ڪروڙين ڊالرن جي ماليت جو هي پلاٽ هڪ هوٽل کي ڏنو ويو. هيءَ هوٽل هن وقت هن تر (Scandinavia) جي سڀ کان وڏي هوٽل آهي، هيءَ ڳالهه پڻ اهم آهي ته پاڪستاني سفير نه

هن پلاٽ کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏني ۽ نه رد ٿيڻ بعد ان کي روڪڻ لاءِ ڪجهه ڪيو. سڄي مدد سعودي عرب جي سفير ڪئي پر پاڪستانين جي پنهنجن جهيڙن جهٽن هن کي به بي وس ڪري ڇڏيو.

اڳواڻ ٿيڻ جي ويڙهه ۽ اندروني ڇڪتاڻ هن انجمن کي ڪيترين ئي پارٽين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هي پارٽيون مذهب، فرقي، برادري، زبان، ذات ۽ عقيدي جي بنياد تي قائم آهن. ان ڪري سيني پاڪستاني مسلمانن جو هڪ هجڻ وارو فلسفو ناڪام ٿي ويو آهي ۽ ناروي جي واسطيدار عملدارن سان سئي لهه وچڙ نه هجڻ ڪري ڪيترائي بنيادي مسئلا وري ڪَرَ کڻي رهيا آهن.

## غربت ۽ رنگ خلاف نفرتون....

فنلئنڊ جي گاديءَ واري شهر هيلسنڪيءَ ۾ ڪجهه عرصو رهڻ بعد هاڻ وري سئيڊن موٽيا آهيون. هيلسنڪي کان ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تائين هوائي جهاز تي ڪلاڪ ورتا. اسان کي مالمو (سئيڊن) اچڻو هو. ڪوپن هيگن جي ايئرپورٽ تان ٻاهر نڪتاسين ته بندرگاهه ڏي وڃڻ لاءِ بسون ائين بيٺيون هيون جيئن ڄامشوري ريلوي اسٽيشن ٻاهران ڪراچي لاءِ ويندڙ بسون. اسان هڪ ۾ چڙهي بندرگاهه ڏي روانا ٿياسين جيڪو هوائي اڏي کان ڇڱو پري آهي. ڪوپن هيگن جي بندرگاهه تان سڄو ڏينهن ڪيترن ئي هنڌن ڏي فيريون (پاڻيءَ جا جهاز) وڃن ٿيون، جيئن ته مالمو (سئيڊن)، گوتن برگ (سئيڊن)، سيچن ۽ گڊانسڪ (پولئنڊ)، ويندي راسٽڪ (جرمني) ۽ راٽرڊم (هالنڊ). اسانکي بالٽڪ سمنڊ جو ڪجهه حصو لتاڙي ٻي پر مالمو وڃڻو هو. جيڪو ايترو ويجهو آهي جو صاف ۽ چٽي موسم ۾ هڪ شهر کان ٻيو شهر ڏسي سگهجي ٿو. مالمو سئيڊن جو اهو شهر آهي جتي اسان جي مَئريٽائيم يونيورسٽي آهي ۽ سال ڏيڍ کان اسين اتي رهيل آهيون. اسان ڪجهه پاڪستانين کان علاوه دنيا جي هڪ سئو کن ملڪن جا ٽي سؤ کن ٻيا به آهن جن جو واسطو پڻ اسان وانگر جهازن جي دنيا سان آهي. ڀوءِ ڪي جهازن جا انجنيئر آهن ته ڪي ڪئپٽن. ڪي سرويئر ته ڪي نيول آرڪيٽيڪٽ. ڪي بندرگاهن جا مئنيجر/ ڊئريڪٽر آهن ته ڪي مئرين اڪيڊمين جا سينئر آفيسر.

جيئن ئي بس ڪوپن هيگن جي بس اسٽاپ تي پهتي ته هرڪو پنهنجو

سامان کڻي فيري اسٽيشن جي گيٽ ڏي پهچڻ لڳو. ڊئنمارڪ کان سئيڊن ويندڙ هيءَ آخري فيري هئي ۽ هر ڪنهن، ٽڪل هڻڻ ڪري چاهيو ٿي ته فيريءَ ۾ وهڻ لاءِ سيٽ ملي وڃي، نه ته بہ صورت ۾ ڏيڍ ڪلاڪ جو سفر بيهي پورو ڪرڻو پوندو. اسين ايشيا ۽ آفريڪا جي مختلف ملڪن جا ڪل اٺ ڄڻا هئاسين. بس ۾ ٿائلنڊ جي سوتي چائي ۽ منهنجو سامان سڀ کان هيٺ هجڻ ڪري آخر ۾ لاٿو ويو. تيسين بس جا ٻيا مسافر ٽڪا ٽڪا فيريءَ ڏي هليا ويا. ويتر بس اسٽاپ کان فيري اسٽيشن واري رستي وارن دڪانن مان هڪ ڊيوٽي فري شاپ تان سوتيءَ سگريٽ ورتا ته هيڪاندي دير ٿي وئي. ۽ ان فيريءَ ۾ ايئرپورٽ کان ايندڙ مسافرن کان علاوه ٻيا بہ هِتان هُتان کان آيل ڪيترائي ڪوپن هيگن شهر جا مسافر هئا جيڪي مالمو رات ٽڪڻ لاءِ وڃي رهيا هئا يا مالمو جا هئا جيڪي ڪم ڪاريون لاهي هاڻ موٽيا پئي. پر سواءِ اسان جي باقي سڀ هن ملڪن جا گوري اڇي رنگ ۽ ڀورن ڳاڙهن وارن وارا هئا. ان ڪري پري پري کان اسان پنهنجا ايشيا ۽ آفريڪا جا ڪارا سانورا ساٿي ڏسي سگهياسين پئي.

سگريٽ وٺي فيري اسٽيشن جي در ويجهو پهتاسين ته اعلان ٿيو: "فيري هلڻ ۾ باقي ڪي چند منٽ آهن. مسافرن جو تعداد وڌي رهيو آهي ان ڪري اسان فيري اسٽيشن جو دروازو بند ڪرڻ وارا آهيون. باقي رهيل مسافر سيان جي فيريءَ ۾ موٽي سگهن ٿا."

مسٽر سوتي چائيءَ کي چيم: "تنهنجي سگريٽن جي پنجاهہ ڪرونا (ٻہ سئو رپيہ کن) بچت ڪري اڄ ماڳهين رات ڪوپن هيگن ۾ گذارڻي پوندي. هن پاسي سستي کان سستي هوٽل بہ پنج سئو ڪرونا (ٻہ هزار رپين) کان گهٽ ناهي. نہ وري هي ڪراچي، بئنڪاڪ يا سنگاپور آهي جو رات جا چار پهر ڪنهن ريلوي اسٽيشن، پارڪ يا ڪنهن دڪان جي دڪيءَ تي ويهي گذاري صبح ڪجي. هتي تہ پاري جهڙي سيءَ ۾، بس مان لهي رڳو اڌ فرلانگ پنڌ ڪري فيري اسٽيشن تائين اچڻ ۾ هٿ پير ڄمي ويا آهن."

ڪوپن هيگن کان مالمو تائين هلندڙ هن فيرين ۾ ٽي سئو کن سيٽون ٿين ۽ اهڙا سئو کن مسافر بيهي سگهن ٿا. بگڙيل سمنڊ (Rough Sea) ۽ سخت ساموندي قانونن ڪري ان کان وڌيڪ مسافر کڻڻ خطري کان خالي نٿو رهي.

ان ڪري فيري وارا "First Come First Serve" جي اصول تي پهرين آيلن کي پهرين کڻن. فيريون صبح جو ائين کان شام جو ائين تائين ڪلاڪ ڪلاڪ جي ساهيءَ سان هلن. ان بعد بچيل مسافرن کي ٻئي ڏينهن لاءِ ترسڻو پوندو آهي.

بهرحال اسان سامان جون هڙون گهليندا اچي فيري اسٽيشن تي پهتاسين ۽ جيئن ئي اندر گهڙياسين تہ منٽ ٻن بعد دروازو بند ٿي ويو. سوتي چائي چيو:

"رات هوٽل ۾ گذارڻ جي خرچ کان تہ بچي وياسين. هاڻ هلي ڳوٺان (مالمو کان) نڪربو. پر اهو آهي تہ وهڻ جي جاءِ نہ ملندي."

"سوتي چائي فڪر ئي نہ ڪر. وهڻ لاءِ جاءِ ملڻ جو پاڻ وڏو آسرو آهي." مون چيو

"اهو ڀلا ڪيئن؟ مسافرن جي ڊگهي قطار ۾ سڀ کان آخري ٽولي ۾ پاڻ آهيون." سوتي چائي حيرت مان پڇيو.

"ڏس!" مون سامهون فيريءَ جي ڏاڪڻين وٽ پهتل پهرين مسافرن ڏي اشارو ڪري چيومانس: "پاڻ وارو فلپيني ساٿي گلبرٽ، تنزانيا جو دوبيلو، گهانا جي ائمي ۽ سعودي عرب جو خالد نظر اچي رهيا آهن."

"پر انهن کي سيٽ رکڻ لاءِ پاڻ چيو ئي ڪونهي." سوتيءَ چيو.

"هو رکن يا نہ رکن پر تون چا ٿو سمجهين تہ هتي جو اڇي کل وارو يورپي هنن پرسان وهندو؟ مري پوي نہ وهندو. سندس پر واريون سيٽون آخر تائين خالي رهنديون." مون خاطري ڏيامانس ۽ سوتي ٿهڪ ڏيئي ورائيو:

"ڳالهہ تہ واهہ جي ڪئي اٿئي. تنزانيا جو دوبيلو تہ رڇ جهڙو ڪارو آهي، ائمي بہ ڪاري آهي، سعودي عرب جو خالد سانورو آهي سو انهن ٽن کي تہ آفريڪن ۽ ايشين سمجهي هتان جا يورپي ونءُ ويندا. باقي گلبرٽ تمام اڇي رنگ جو آهي. تنهن کي پل ۾ پنهنجو ميلي ۾ گم ٿي ويل ڀاءُ سمجهي ڪٿي ڪا پوڙهي پڪي سندس پر ۾ ويهي بہ رهي."

"ڪڏهن بہ نہ. ڏهين ربئي جي اسٽامپ پيپر تي لکائي وٺ." مون سوتي چائيءَ جي ڳالهہ کي رد ڪندي ڪيس سمجهايو.

"هن جا وار تہ ڪارا آهن. هتي جا ماڻهو اڇي کل نتا ڏسن جو ڪين خبر آهي تہ اڇي کل وارا تہ ڪيترا ترڪ، عرب، چيني، موراڪن ۽ ٻيا ايشيائي پڻ

آهن. ان ڪري هو غير يورپي جي سڃاڻپ ”وارن“ مان ڪن ٿا.“

فيريءَ جي آفيسر مسافرن کان ٽڪيٽون وٺي ڪين اندر گهڙڻ لاءِ چيو ۽ فيري اسٽيشن جي هال ۾ گڏ ٿيل هجوم آهستي آهستي جهڪو ٿيندو رهيو. آخر ۾ اسين هٿاسين جيڪي ٻين پويان رڙهندا رهياسين. آخر اسانجو وارو فيريءَ ۾ چڙهڻ جو آيو. فيريءَ ۾ اندر گهڙڻ سان در وٽ ئي مسافرن جي انبوهه ڪي بيٺل ڏٺوسين. سوتي چانئيءَ چيو:

”هاڻ ڏي منهن. وهڻ ته ٿي پري جي ڳالهه رڳو بيهڻ به ملي.“

”تون منهنجي پٺيان پٺيان اڳتي وڌندو آءُ ته پنهنجن ڪارن پائرن کي ڳوليون.“ مون سوتيءَ کي چيو ۽ هجوم کي چيريندا ان وڏي هال ۾ پهتاسين جتي مسافرن جي وهڻ لاءِ سيٽون هيون، سڄو هال ويٺلن سان پريل هو پر وچ وچ ۾ ڪجهه سيٽون صاف خالي نظر اچي رهيون هيون جيڪي اسان جي ايشين ۽ آفريڪن جي پر واريون هيون. اسين سڌو وڃي انهن تي ويٺاسين. جائتا ٿي وهڻ بعد سوتي چانئيءَ کي چيم:

”ڏٺئي منهنجا ايشيائي ڪارا ڀاءُ! اسان ڪٿي ڪيترا به ٽپ ٽاپ هلون، خوشبوءِ وارن صابڻن سان وهنجي سهنجي، ڪمپليٽ سوٽ پائي مٿان لوشن عطر هٿي نڪرون. ڪيترو به پڙهيل ڳڙهيل انجنيئر، ڊاڪٽر، وڪيل هجون پر اسان ايشيا ۽ آفريڪا جا آهيون- جن لاءِ هنن يورپين جي دماغ ۾ اهوئي آهي ته اسان بيماري، بک ۽ بڇڙائيءَ جي پاڙ ۽ علامت آهيون. اسان جي پاڇي کان به پري رهڻ کپي.“

## جپانين طرفان نفرت

يورپين جي ان نفرت، ان ڏمر کان فقط هڪ ايشيائي ملڪ- جپان بچيل آهي. پر جپان به وري التو ڪُليءَ طرح ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن کان پاسو ڪري ٿو- خاص ڪري ننڍي کنڊ جي ماڻهن کان- جن ۾ پاڪستاني، هندستاني، بنگالي ۽ سري لنڪائي اچي وڃن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته جپاني واپار جي ڪري مجبور آهن ان ڪري ڊپلوميسيءَ کان ڪم وٺي ٻاهرين ڏيک خاطر مرڪي ڏند ڪڍي مرڪي ڳالهائين ٿا.

يورپ جي وڌندڙ Racism نسل پرستي بابت پنهنجن پاڪستاني ساٿين

سان گفتگو ڪندي ڳالهه ڪيم:

”يورپ ڪان تہ جپان سٺو آهي. هرڪو سٺي طرح ملي ٿو. هتي تہ ڪنهن کان رستو پڇ تہ اهو بہ ٻڌائيندي سور ٿو محسوس ڪري. ڪو دوستي رکڻ يا ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. جپان ۾ تہ ڇوڪريون بہ زوريءَ پيون ڳالهائينديون هيون.“

منهنجو اهو چوڻ تي راحت عزيز يڪدم مرڪندي چيو:

”سائين منهنجا! اهي ڳالهيون ڪهڙي جواني جون پيا ڪريو؟“

”ڇا مطلب! پنهنجي ٿي ڦوهہ جواني ۽ اڌوڙ جوانيءَ جون پيو ڪريان.“ مون بہ کلندي ورائيو مانس.

”توهان هينئر جپان وڃو تہ خبر پوانوءَ تہ هنن کي اسان سان ڪيتري نفرت آهي. آئون آخري دفعو 1990ع ۽ 1991ع ۾ ويو هوس. حالت اها هئي جو گس پنڌ جنهن جپانيءَ کي خبر پيئي ٿي تہ اسين پاڪستاني آهيون تہ پاسو ڪيائون ٿي.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيو مانس.

”بس ان ۾ بہ اسان پاڪستانين جو ڏوهہ آهي. هنن جي قاعدي قانون جي ايڏي ڀڃڪڙي ڪئي اٿئون جو هنن کي سختي ڪرڻي پيئي آهي. جپان وڃڻ لاءِ اسان پاڪستانين کي اڳواٽ ويزا وٺڻ جي ضرورت نہ هوندي هئي. ٽوڪيو ايئرپورٽ تي پهچڻ سان ملي ويندي هئي. ان سهوليت کي نظر ۾ رکي اسانجي ملڪ جا ڪيترا ماڻهوءَ اسيءَ جي ڀرين اڌ واري ڏهاڪي ۾ گهٽي ڪان گهٽا جپان ۾ اچڻ لڳا. ڪجهہ پاڻمرادو ڪجهہ ٺڳ ايجنٽن جي معرفت. هو گهمڻ لاءِ (Visit-visa) تي اچي نوڪريون ڪرڻ لڳا. ويزا جو مدو ختم ٿيڻ تي موٽڻ بدران اتي ئي رهي پيا ٿي ۽ لڪ چوريءَ نوڪريون ڪندا رهيا.

ان موقعي مان ناجائز فائدو وٺندڙ- جپاني ڪارخانيدارن ۽ هوٽل وارن، ڪين گهٽ پگهار تي ڏکئي ۽ خراب ڪمن تي نوڪرين ۾ لڳايو- جن نوڪرين کي جپان ۾ ”ٽري- ڊي“ نوڪريون سڏجي ٿو. يعني ڊينجرس (خطرناڪ)، ڊرٽي (خراب) ۽ ڊمانڊنگ (گهٽي ڪم واريون). انهن نوڪرين ۾ جپاني معيار کان پگهار گهٽ ضرور هو پر پاڪستاني ربين ۾ اهو بہ ڏهہ ويهہ هزار ٿيو ٿي. ايڏي وڏي اگهہ جو ٻڌي پاڪستان کان ٻيا بہ ان طريقي سان جپان پهچڻ لڳا.

اهو پگهار جپان جي حساب سان ڪو ايترو نٿو ٿئي جنهن مان ٽوڪئي جهڙي شهر ۾ ٻه ويلا ٻـ ڪي سولا ڪائي سگهجن. سٺي رهائش ۽ ڪپڙو گندي تـ ٿيو پري جي ڳالهہ. نتيجي ۾ اسانجي ملڪي ڀائرن ان پگهار مان گذارو ۽ بچت ڪرڻ لاءِ ٻهرن ۽ گدامن جهڙن هنڌن تي اٺ اٺ ڏهہ ڏهہ ڄڻا گڏجي مسواڙ جي هڪ ڪمري ۾ رهڻ لڳا. ان ئي ڪمري ۾ رڌ پچاءُ ڪيائون ٿي. پاڻي (خاص ڪري گرم پاڻي) جپان جي هر شهر ۾ مهنگو هجڻ ڪري ڪپڙا توڙي پنهنجو جسم ڌوئڻ ۾ ڏينهن جو ويڇو وڌو ٿي. ان ئي ڪمري ۾ سيءَ کان در دريون بند ڪري رڌ پچاءُ ڪرڻ، سگريٽ ڇڪڻ ۽ هڪ ڄڻي جي ڪاڪوس ۾ ڏهہ ڄڻن جي استعمال ڪرڻ سان ڪيترن کي ڏڌ ۽ خارش جهڙيون چمڙيءَ جون بيماريون يا آنڊي ڦڦڙن جي سوڄ جهڙيون بيماريون ٿيڻ لڳيون. علاج لاءِ ڊاڪٽرن وٽ نٿي وڃي سگهيا جو جپان ۾ هڪ تہ ڊاڪٽري علاج تمام مهنگو آهي جنهن لاءِ وڏو خرچ کپي ۽ ٻيو تہ جپاني شناختي ڪارڊ يا پنهنجي ملڪ جو پاسپورٽ ڏيکارڻ ضروري آهي. پاسپورٽ تي ختم ٿيل ويزا جي ڊپ کان، افسوس جو هو چڱي طرح علاج بہ ڪرائي نٿي سگهيا. نتيجي ۾ ڪيترائي نہ فقط پاڻ وڌيڪ بيمار رهڻ لڳا پر ٻين ۾ بہ اهي بيماريون پکڙجڻ لڳيون. ان دوران جپاني حڪومت بہ وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني. جيڪي پاڪستاني جهلبا ويا انهن کان نہ فقط لڪچوري نوڪري ڪرڻ ۽ رهائش جو پڇندا رهيا پر اهو سڀ ڪجهہ ٿي ويءَ تان پنهنجي عوام کي بہ ڏيکاريندا رهيا تہ پاڪستاني ڪيئن غيرقانوني طرح جپان ۾ اچن ٿا. ڪيئن گهٽ پگهار تي نوڪري ڪن ٿا ۽ ههڙي سڌريل ملڪ ۾ ڪيڏي گندگي گدلائي سان (Unhygenic) طريقي سان رهن ٿا. ڪين ڪيئن ۽ ڪهڙيون بيماريون لڳل آهن جن مان ڪيتريون وچڙندڙ آهن. وغيره وغيره.

ان قسم جون خبرون ۽ ڊاڪيومينٽري فلمون ڏسي جپاني نہ فقط واڻڙا ٿي ويا پر ڊڄي ويا. ۽ هاڻ اهو حال آهي تہ سامهون ڪو پاڪستاني ايندو ڏسن ٿا تہ رستو ئي بدلايو ڇڏين. پر ۾ وهڻ نٿا چاهين. ڪيترا هٿ ڏيندي گهبرائين ٿا تہ متان ڪا وچڙندڙ بيماري کين لڳي وڃي.

## اُلٽي اچيم ٽي....

جپان ۾ اڄ ڪلهه جن نگاهن سان پاڪستانيءَ کي ڏٺو وڃي ٿو ان بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئاسين تہ اسان جو ٽيون پاڪستاني ساٿي ڪئپٽن سليم قاسم اندر آيو. پاڻ ان سلسلي ۾ عمر دراز (جنگ اخبار جي نمائندي) جي حوالي سان جيڪا خبر پڙهي آيو هو ان راحت جي انهن ڳالهين جي تائيد ڪئي ٿي جيڪي هو ٿوري دير اڳ ٻڌائي رهيو هو تہ جپان ۾ اڄ ڪلهه نسل پرستي جو رجحان هيڪاندو وڌندو وڃي.

اها خبر ٻئي ڏينهن مون پڻ پڙهي. ان جا ڪجهہ حصا هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو تہ جيئن اسانکي خبر پوي تہ اڄ ڪلهه ٻاهر جي دنيا ۾ هڪ ٻئي لاءِ، خاص ڪري اسان لاءِ، ڇڪتاڻ ڪيڏي وڌي وئي آهي.

سٺ سالن جو مسٽر ماساد ڪو ڪوبو جپان جي هڪ اهم سياسي شخصيت آهي. هو هيگو صوبي جي اسيمبليءَ ۾ لبرل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽيءَ سان تعلق رکڻ وارو ميمبر آهي. پاڻ 1950ع ۾ لنڊن ۾ تعليم خاطر ويو هو جتي BBC جي جپاني شعبي ۾ پڻ ڪم ڪيو هئائين. ان ڪان پوءِ هن روم ۾ جپان ايئر لائنز جي آفيس ۾ ڪم ڪيو. روم (اٽليءَ) مان موٽڻ بعد هن ڪي ڌارين ملڪن جي ماڻهن ۽ انهن جي زبانن جي واقفيت هجڻ ڪري اسيمبلي جي هڪ سيٽ تي چونڊرايو ويو.

ڪوڪوبو صاحب ان ڪان پوءِ بہ ڇهہ دفعا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو آهي. پاڻ صاحب اسيمبليءَ ۾ نهايت اهم بجيٽ ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي. خبر ناهي ڪيس ڪهڙو ڀُور پيو، ٻہ چار ڏينهن اڳ بجيٽ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ ٻيهي چوڻ لڳو:

”آئون جڏهن بہ ڪنهن هنڌ پاڪستانين ۽ هندستانين کي ڏسان ٿو تہ اُلٽي اچيم ٿي.“ وڌيڪ اهو بہ چوڻ لڳو: ”مونکي خبر آهي تہ ڪجهہ بيوقوف جپاني زالون اسانجي ملڪ ۾ آهن جيڪي انهن ڪارن سان شادي ڪن ٿيون.“

ان رمارڪ بعد ڪجهہ پاڪستاني هندستاني ماڻهن هن سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هو مس مس ڪامياب ٿيا. ڪوڪوبو پنهنجي ان رمارڪ تي تہ جپاني زالون ڪارن سان ڇو ٿيون شادي ڪن، تي معافي ورتي پر

ڀرين رمارڪ تي هو اجان تائين قائم آهي جو جو هن جي چوائي ”پاڪستاني هندستاني ميرا گدلا رهن ٿا ۽ هر وقت ٽولا ٺاهي هلن ٿا.“

هو صاحب دوران گفتگو پاڪستانين لاءِ Paki (پاڪي) لفظ استعمال ڪندو رهيو. ”پاڪي“ لفظ توڙي پاڪستانين لاءِ نفرت، لڳي ٿو ته انگلنڊ ۾ رهڻ دروان هن جي دماغ ۾ پئدا ٿي آهي جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي.

## ڪهڙي شام ٿي ڪهڙي نماشام....

پاڙي ۾ رهندڙ فلسطيني عرب عمر سلامہ کان خالي ڪوڪن جو پڇيم، جيئن انهن ۾ ڪتاب ۽ ٻيو سامان وجهي پاڻ سان ڪراچيءَ کڻي وڃان.

چئي اچي ڏاٿس. عمر سخت مشغول ماڻهو. روز وسريو وڃيس. ياد ڏياريانس.

”او آئي ايم ساري! منهنجي دوست وٽ جام ڪوڪا پيا آهن. اڄ ئي کڻي ايندس.“

وري ٻئي ڏينهن اهڙي جو ٿهڙو. فون ڪرينس ته گهر ۾ موجود نہ. سامهون دريءَ مان ايندو ڏسانس. جيسين ٻاهر نڪرڻ لاءِ سئيٽر، ڪوٽ ۽ وڏو ڪوٽ پائي ست ماڙيون (لفٽ ۾ ئي سهي) لهي وري سندس گهر جيڪو ٽماڙ تي بنا لفٽ جي آهي، ان جون ڏاڪڻيون چڙهي پهچان ته سندس زال کان معلوم ٿئي ته هو انهي پيرين موٽي ويو. چابي کڻڻ آيو هو يا ڪو فائيل ٿي کڻس. اهو ڪٽي اجهو اهو ٻيو وڃي.

نيٺ ٻئي ڪان ڪوڪان وٺي سامان بند ڪيم ۽ ڪانئس پڇڻ ڇڏي ڏنم.

ٻن يا ٽن ڏينهن بعد شهر جي هڪ دڪان ۾ سندس مونتي پري ڪان نظر پيئي. مينهن واءُ ڪندو سڏو مون ڏي آيو.

”الطاف! آئي ايم ويري ساري! اڄ دوست وٽان ڪوڪا ڪٽي ايندس. تون بہ مونسان هلجانءِ. ان دوست وٽ ڪافي بہ پيئنداسين. واندو آهين نہ شام جو؟“ هن مون ڪان پڇي پڪو پروگرام ٺاهڻ چاهيون ٿي.

”ها. بلڪل واندو آهيان. شام جو تيار ٿيو ويٺو هوندس.“ مون ورائيومانس.

هاڻ پاڪستان جي شام معنا جنهن وقت سج جي تپش گهٽجي وڃي.

يعني پنج ڇهه يا وڌ ۾ وڌ سج لهڻ جو وقت ست وڳا. پر هتي سئيڊن ۾ شام ڪٿان ڪان ڪٿان سمجهجي سو به سياري جي مند ۾؟ جڏهن ته سج صبح ڪان ئي نظر نٿو اچي! ڪو خوش نصيب ڏينهن هوندو جنهن ۾ ڪلاڪ ٻه ڪن اس نظر ايندي. سا به لڳاتار نه. پنج منٽ ڪنهن وقت ته ڏهه منٽ ڪنهن وقت ۽ اهو سڀ وقت ملائڻ سان جي جملي ڪلاڪ ٻه ٿيو ته اهو ڏينهن سٺو ڏينهن ٿيو. سني ڊي (Sunny- Day) ٿيو. ۽ هن ڪري ۽ يارن جي ملڪ ۾ "سَني" معنا سهانو ڏينهن. يارن ڪي به لاڏ مان سڏين سَني! يلي سڏين. پر اسان وٽ الائي ڇو پيار مان يار ڪي Sunny تا سڏين! اسان وارو سَني- ڊي سج معنا جيئري جهنم. پوءِ اسان ڇو اهڙي نالي کي سٺو سمجهون. اجان به جهڙ، ڪڪر، بادل، ماڪ، هير، شبنم جهڙن نالن سان دل ٺريو وڃي. ۽ هتي اتر يورپ جي ماڻهن لاءِ اهڙا نالا معنا ڪچي ڳار.

سئيڊن جي شام جي ڳالهه پئي ڪئيسين. هڪ ته هتي سج ايري لهيو وڃي پر گهاٽن ڪڪرن، ڌنڌ، مينهن ۽ برفباري ڪري نه اس نظر اچي ۽ نه سج جو ديدار ٿئي. اسان وٽ ڪهڙو به جهڙ هجي ته به سج جي خبر پئجي ويندي آهي ته آسمان ۾ ڪهڙي هنڌ آهي. هو ڪڪرن پويان هوندو آهي ته به آسمان تي ٽيوب لائيٽن ۽ مرڪري بلبن جي روشني هوندي آهي ڇو جو هڪ ته اسانجهڙن خط استوائي ۽ ٽراپيڪل ملڪن ۾ سج جي تپش ۽ روشني گهٽي تي ٿئي ۽ ساڳي وقت ڪڪرن جا تهه ۽ ٿولهه ايتري گهٽي ناهي جو ان روشنيءَ کي روڪين. سج ته ڇا پر ڪڏهن چنڊ جي به خبر پئجي ويندي آهي ته ڪهڙي ڪبوتري ڪڪر پويان رمندو وڃي. پر هتي اتر يورپ جي قطبي ملڪن ۾ اهو معلوم ڪرڻ ڏکيو آهي. ڪئلينڊر ۽ جنتريءَ مان سج ايرڻ ۽ لهڻ جو وقت پڙهي پوءِ پنهنجي واچ ۾ وقت ڏسي ڇئي سگهجي ٿو ته هينئر ڏينهن آهي. جيئن اڄ ڪلهه نائين بجي ڌاري سج ايري ٿو ۽ ٽين بجي ڌاري لهي ٿو. سو ان حساب سان ڏينهن فقط ڇهن ڪلاڪن جو ٿئي ٿو- جيڪو اينڊڙ مهيني اجان به ننڍو ٿيندو.

سو سياري ۾ نه فقط ڏينهن ننڍو ٿئي ٿو پر سڄو ڏينهن هڪ جهڙو نرم، ٿڌو ۽ جهڙالو ٿئي ٿو. هاڻي اهڙي صورت ۾ ڏينهن کي حصن ۾ ڪيئن ورهائي ڇئجي ته هي صبح ساجهر آهي ۽ هي وڏو صبوح. هاڻ سج مٿي چڙهي

چڪو آهي ۽ هيءَ ڪچي ٻپهري آهي. هيءَ ٽاڪ منجهند آهي ۽ هاڻ اڳينءَ جو وقت هلي رهيو آهي. هيءَ ٽپهري آهي ۽ هيءَ شام ۽ وڏي پيشين آهي. هيءَ نما شام ۽ سانجهي ٿيڻ واري آهي. سو اسان وٽ شام معنا ڇهه وڳا ڪن جنهن وقت سج جي تپش ڪجهه گهٽجي ٿي ۽ ٻاهر نڪرڻ وقت گهٽي گرمي محسوس ٿئي ٿي. پر هتي سئيڊن ۾ اهو عالم صبح کان وٺي آهي.

## ڪلڪل ختم ٿيڻ کپي....

بهرحال هنن ملڪن ۾ هر شيءِ سج جي چرپر بدران گهڙيال جي ڪانٽن جي چرپر مطابق ماپي ۽ مٿي وڃي ٿي. آفيسن جو وقت پنجين تائين آهي ۽ ان بعد ائين نائين تائين شام آهي- پوءِ ڪٿي سياري ۾ ٽي بجي سج لهڻ بعد اونداهه ڪانيار هجي يا اونهاري ۾ ان وقت جهڙي ٽاڪ منجهند هجي (جو اونهاري ۾ سج رات جو ڏهين يارهين لهي ٿو). هتي هر ڪم واچ تي هلي ٿو. سو ستين بجي عمر کي فون ڪيم. جيئن ئي مون "هيلو" ڪيو ته منهنجو آواز سڃاڻي چيائين:

"هينئن ڪر، ڏهن منٽن بعد وري فون ڪر. تيسين آئون دوست کي فون ڪري ٿو ڏسان ته هو گهر ۾ آهي يا نه."

"ڏاڍي ڀلي ڳالهه ٿي!" مون دل ۾ سوچيو، "هاڻ رڳو جان ڇٽي!" عمر جي طبيعت کان واقف هوس. جي چانس ها ته مون کوڪا ٻئي کان وٺي ڇڏيا ته ان جو ويتر گهٽو ڏک ٿئيس ها ته هو ڪنهن جي ڪم نه اچي سگهيو. خاص ڪري مونکي ته، جڏهن کان واقفيت ٿي هئي، هر وقت چوندو رهندو هو ته ڪو ڪم ڪار ٻڌاءِ. ۽ هاڻ ٻه سال پاڙي ۾ رهڻ بعد ڪيس اهو ڪم چيو هوم- سو به پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ سندس خوشيءَ لاءِ.

پورن ڏهن منٽن بعد وري فون ڪيم. سندس ڏهن سالن جي نينگريءَ کنيو. ڪيس رڳو عربي ۽ سئيڊش اچي ٿي سو رڳو اين اين (ڪير ڪير) ڪندي رهي.

"ڪال پاپا- آئي ايم الطاف" مون رڙيون ڪري ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي جو ٻئڪ گرائونڊ ۾ سندس ننڍي ڀاءُ خضر جو فل واليوم تي روج پئي هليو. هوءَ ماڳهين فون ڇڏي گم ٿي وئي. نه سندس اتو پتو نه عمر

جي خبرچار. منهنجي ”ڪال پاپا“ کي هن الائي عربي وارو قال يا قول سمجهيو يا ڪجهه بيو.

مس مس عمر جي پيرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ”ماءِ فرينڊ! آئي ايم سوري. آءِ واز ان ڊبليو سي. (آءُ ڪاڪوس ۾ هوس). مون وارو دوست گهر ۾ ڪونهي. جيئن ئي ايندو تہ هلنداسين.“

مون ٿوري جان ڇڏائڻ جي ڪئي تہ ٺهيو ڪوڪا اهڙا ضروري نہ آهن تہ عمر پاڻهہ مان سمجهايو تہ اڄ ضرور هلنداسين.

”توکي مون واري دوستِ سان ملي خوشي بہ ٿيندي.“

”اوڪي“ جواب ڏنومانس ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو تہ اڄ ڪوڪا ملي ويندا ۽ اجائي ڪِلڪِل کان جان ڇٽي ويندي.

نئين سال جي آيل همراهن ۾ اسانجو پاڪستاني ڪئپٽن اشرف ظفر چرچو ٻڌائيندو آهي تہ ڪنهن سک جو پاڙيسري مينهن وٺي آيو. ان بعد هن جي گهر اڳيان لنگهندي هن کي هر وقت اها سوچ ايندي هئي تہ ”مينهن جي سڱن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جون ٽنگون وچڙي پون تہ ان جو ڇا حال ٿيندو.“ نہ فقط مينهن تي نظر پوڻ تي هن جي دماغ ۾ اهو سوال ايرندو هو پر هاڻ تہ هر هنڌ- گهر توڙي دڪان تي بہ هن جو دماغ اهو معمو حل ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو. آئي وئي کان بہ پيو پڇندو هو تہ جيڪڏهن ائين ٿي وڃي تہ ڇا ٿي سگهي ٿو.

نيٺ هڪ ڏينهن سک صاحب تجربي خاطر مينهن مٿان لانگ ورائي جهڙيون پنهنجيون ٽنگون مينهن جي سڱن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مينهن ڦيرائي ڪٽي پٽ تي هڻينس. همراهہ جي هڪ ٽنگ ڀڄي پيئي. ۽ پوءِ تہ ڪي مهنا ٽنگ تي پلاسٽر چاڙهي ڏنڊي تي منڊڪ منڊڪ ڪري پئي هليو. ڪو دوست يار همدردي خاطر افسوس ڪندو هو تہ چوندو هوس:

”ادا مڙيئي خير آهي. ٽنگ سا ڀڳي پر روز روز جي ڪِلڪِل مان تہ جان آجي ٿي.“

سو ان وانگر هاڻ مون بہ ڪوڪن تان تہ هٿ ڪنيو رڳو ڪِلڪِل مان جان ڇٽڻ جي دعا گهري. پر ان ڪلڪل ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي آيو. ڏهين يارهين تائين عمر جي فون جو انتظار ڪري نيٺ سمهي رهيس.

## آئي ايم ساري!....

هُئي ڏينهن کان پوءِ سوچيم ته هاڻ عمر کي ڪوڪن لاءِ چوندس ته ”ڪپن ئي ڪونه“. ڪوشش ته اها ڪندس ته ڪيس سامهون ايندو ڏسي لڪي وڃان. جيتوڻيڪ پاڙيسريءَ کان ماڻهو ڪيترو لڪي ڪيترو لڪندو. پر آئون ٽن ڏينهن کان هن جي نظرن کان پاڻ بچائيندو رهيس. ڪالهه چوٿون ڏينهن هو. ڪمپيوٽر تي ڪجهه ڪم ڪري، ضروري پنا پنهنجي يمني ڪلاس ميٽ کي سندس گهر پهچائڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هوس ته ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. مون ”هيلو“ ڪيو ته هُئي پاسي کان عمر جو آواز گونجيو.

”ماءِ فريند! آءِ ايم ويري ويري ساري! اڄ ساڍي ائين بجي هلنداسين. آئون تو وٽ پاڻ اچي حاظر ٿيندس ۽ پوءِ گڏجي هلنداسين.“

”چڱو ڀلا مهرباني.“ مون وراڻيو مانس.

واچ ۾ وقت ڏٺم ساڍا ڇهه ٿيا هئا. يعني رات جا يا ڪٽي چئجي ته شام جا- جيڪي چئجي صحيح آهي جو ٽي بجي سج لهڻ تي اونداهه ٿيو وڃي- رات ٿيو وڃي. ستين بجي ڏاري پنا ڪٽي يمني دوست ڏي وڃڻو هوس پر پوءِ سوچيم ته خبر ناهي ڪنهن وقت موٽان سو ان وٽ وڃڻ جو ارادو لاهي عمر سان هلڻ جو پڪو پهه ڪيم. ۽ اڄ بلڪل پڪ لڳي رهي هئي ته اها ڪِل ڪِل ضرور ختم ٿيندي.

ساڍا ست ٿي اٺ ٿيا ۽ جڏهن ساڍا اٺ ٿيا ته دل ئي دل ۾ سوچيم ته عمر ڏاڍي ٻڌائي. ان کان ته يمني عرب سان ڪيل وعدي مطابق ڪاغذ پهچائي اچان ها. عمر اڄ به نه هلندو. ۽ پوءِ پوڻين نائين بجي ڏاري يمني دوست وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪتس ته هيٺ لفٽ ٻاهران عمر ملي ويو.

”او! آئي ايم ساري الطاف! هلو ته هلون.“

## سئيڊن جو روشن پڪوٽ....

عمر وٽ هڪ پراڻي اسٽيشن وئگن آهي پر هيٽنگ سسٽم صحيح اٿس. گاڏي اسٽارٽ ڪري هيٽر آن ڪيائين. برف جهڙي ٿڌي ڪار ۾ جيڪا اسانکي وهڻ وقت ڏڪٽي ٿي رهي هئي سا ڪار جي گرم ٿيڻ تي ختم ٿي وئي ۽ هاڻ فرحت محسوس ڪرڻ لڳاسين.

سندس دوست جو گهر كو پري نہ هو. ”هولما“ جتي اسين رهون ٿا اتان كان ”كروكس بڪ“ تائين- جتي سندس دوست جو گهر هو ائين پنڌ هو جيئن مهراڻ يونيورسٽي كان لياقت ميڊيكل ڪاليج. پر ٻاهران مين روڊ تان ڦري وڃڻو پيو.

”سندس نالو شيخ سعيد آهي،“ رستي تي عمر ٻڌايو، ”اسانجي مسجد جو امام آهي. پاكستان ۾ بہ رهي چڪو آهي. ڪجهہ ڏينهن پشاور ۾ هو مجاهدين فورس ۾ هو ۽ افغانستان كان پوءِ هيڏانهن سٽيڊن هليو آيو. اصل ۾ مون وانگر فلسطيني آهي.“

سندس گهر پهچڻ تي سعيد اسانجو گرمجوشيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪيو. ٻاڻ ٽيهارو سالن جو ڊگهو جوان آهي. سهڻو، رنگ جو اڇو ۽ ڏاڙهي ڪاري چاپئين. ٻاڻ ٻڌائين تہ هو ويهن سالن جو هو تہ ٻين دوستن سان گڏ جهاد لاءِ افغانستان ويو هو.

”اسان مان ڪيترائي اتي مارجي ويا جو روسين وٽ وڙهڻ لاءِ وڏي طاقت هئي،“ هن ٻڌايو، ”پر اسان اسلامي جذبي سان بنا ڪنهن دنيائي لالچ جي وڙهندا رهياسين.“

سعيد گلاسن ۾ ڪوڪا ڪولا وجهي اسان جي پيئڻ لاءِ اڳيان رکي. تيسين ٻاڻ بالڪنيءَ ۾ رکيل ڀاڃي ۽ سامان جي خالي ڪوڪن مان ڪي سڄيرا ڳولڻ لڳو. ڪوڪن جي هاڻ ضرورت تہ نہ رهي هئي پر پوءِ مڙيئي ٻہ ڪن ڪوڪا چونڊي ڌار ڪيم. ان بعد سعيد ڪنهن دوست وٽ وئي هلڻ لاءِ ڪوٽ پائڻ لڳو.

”هن جا ٻہ اردني دوست آهن، انهن سان هو ملڻ چاهي ٿو. تون بہ هلندين؟“ عمر ترجمو ڪري سعيد جا عربيءَ ۾ چيل جملا ٻڌايا.

”يلي هلو.“ مون هائوڪار ڪئي.

رستي تي يمني ڪلاس ميٽ جي گهر سندس پنا ڏنم. ڪنهن بہ سائنس ملڻ جو نہ خيال ڏيکاريو ۽ نہ وڏيڪ پڇيو. عرب دنيا ۾ يمن هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن کي ٻيا سندس پاڙيسري ۽ هم زبان اڇوت ڪري سمجهن ٿا. شايد ان ڪري جو اهو غريب ملڪ آهي- پئسي ۾ بہ، تہ ٽيڪنالاجي ۾ بہ. منجهس نہ سياسي Stability آهي ۽ نہ سماجي اتمپٽو.

ان بعد اسان روزن گورڊ ڏي رخ ڪيو. هتي جي زبان سئيڊش ۾ گورڊ جي معنا جاگير يا علائقو آهي. روزن گورڊ نالي ۾ گلاب جي گلن جو علائقو آهي پر توهانکي ڏسڻ ۾ فقط عرب ايندا. قسمين قسمين عرب. هر ملڪ جا عرب- مدل ايسٽ کان موراڪو تائين جا عرب. مالمو شهر ۾ سڀ کان گهڻا عرب هن علائقي (روزن گورڊ) ۾ رهن ٿا. ڪو تورن ڪي ڇڏي باقي اهڙا استاد ۽ نڱ قسم جا، جو ڪانئن يورپي ته ڇا ايشيا جي ملڪن جا به پاسو ڪن ٿا. سندن هنگامن ۽ جهيڙن جا قصا سڄي سئيڊن ۾ مشهور آهن. اسانجو هڪ سک دوست ”ستنام سنگهه“ روزن گورڊ ڪي تڪڙ ۾ ”روشن ڳوٺ“ سڏيندو آهي.

”روشن ڳوٺ ۾ مونکي تمام وڏو گهر هو. پر پوءِ جيئن جيئن حالتون خراب ٿيڻ لڳيون ته آئون اهو گهر وڪڻي هيءَ پاسي اچي رهيو آهيان.“ هن ٻڌايو هو. سو سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ سڀ کان گهڻا جهيڙا فساد هن علائقي ۾ ٿين ٿا. هن علائقي ۾ توهانکي پوليس جي گاڏي هر وقت ”رون- رون“ ڪندي نظر ايندي. پر اها ڳالهه آهي ته ”روشن ڳوٺ“ جتي جهيڙالو قسم جا عرب رهن ٿا اتي عرب ۽ آفريڪا جي ملڪن جا پڙهيل ڳڙهيل ۽ عالم پڻ رهن ٿا. ڪيترين ئي سئيڊش ڇوڪريون اهڙن نيڪ ۽ فضيلت وارن نوجوان عربن کان متاثر ٿي مسلمان ٿيون آهن ۽ سائن شاديون ڪيون اٿن. ڪيترن عالمن مولوين پنهنجي مثالي ڪردار ذريعي يورپي ماڻهن ڪي مغربي پريس طرفان پيش ڪيل روپ ڪي غلط ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. ساڳي وقت ڪيترن ڦڏي باز ۽ غلط حرڪتون ڪندڙ عربن پنهنجين لچائين ذريعي اهو تاثر ڏنو آهي ته جيڪو عربن بابت هتي جي.ٽي وي ريڊيو غلط تاثر ڏئي ٿو، هو ان کان به وڌيڪ خراب آهن.

## ڪربل ۽ ڪڙهيل ڪير پيون...

روزن گورڊ (روشن ڳوٺ) جن ۾ اردني دوستن وٽ اسانجي مسجد جو امام شيخ سعيد وٺي هليو پئي، انهن لاءِ هن ٻڌايو ته اهي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي جا آهن.

”آئون به ساڳي يونيورسٽيءَ جو آهيان،“ مون کيس ٻڌايو.

”۽ اهي عبدالڪريم الفلاح ۽ عايد خلف تہ نہ آهن؟“

”ها. بلڪل تون سچاٿين؟“ عمر پڇيو.

”منهنجا ڪورس ميٽ آهن. عبدالڪريم جهازن جو انجنيئر آهي ۽ عايد شپنگ ڪمپنيءَ جو مئنيجر، هتي ”چارٽرنگ ۽ ايڪانامڪس“ تي ٿيسز لکي رهيو آهي.“

شيخ سعيد ٻڌايو تہ هن جي ساڻن ملاقات مسجد ۾ ٿي ۽ هي ٻين عربن وانگر عياش نہ آهن.

”بلڪل صحيح ٿو چئين،“ مون سندس ڳالهہ جي تائيد ڪئي، ”هو نہ فقط پڙهائيءَ ۾ سٺا آهن پر اخلاق ۾ پڻ. ڪلاس هلندي پيو ڪو ڪٿي نماز دير سان قضا ڪري پڙهي پر عبدالڪريم ڪلاس مان بہ اٿي ويندو. ۽ هن ملڪ ۾ ڳرا ڪوٽ، سئيٽر، بوٽ جوراب لاهي ڪڍهن ٿڌي ڪڍهن ڪوسي پاڻيءَ سان وضو ڪري نماز پڙهڻ وڏي جهاد جو ڪم آهي. پر اهڙا بہ نيڪ ماڻهو پيا آهن جن سان هتڙن ملڪن ۾ بہ مسجدون پريون پيون آهن.“

اتي عبدالڪريم وارن جي گهر وٽ پهچي وياسين ۽ هيٺان ٿي سندن فلئٽ جون وساميل بتيون ڏسي سعيد چيو تہ عبدالڪريم وارا ڪونہ آهن.

”پوءِ پلي ڪٿي هلي قهوو پيئجي.“ عمر چيو.

”حسن جي گهر ڇو نہ هلجي. شاديءَ جي مبارڪ بہ هلي ڏجيس.“ سعيد چيو.

عربن جو قهوو بہ عجيب شيءِ آهي. ڪٿي کهڙو ڪٿي کهڙو. چانهہ ۽ ڪافيءَ جون ڪيترين ٿي ورائٽيون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. مون تہ سمجهيو سري لنڪا وارا هڪ ٿي قسم جي چانهہ ٺاهين ٿا جيڪا انگريز ۽ جتي جتي انگريزن حڪومت ڪئي انهن ملڪن ۾ استعمال ٿئي ٿي. پر عربن لاءِ ڪيترين ٿي جنسون آهن جيڪي اسان واري چانهہ کان وڌيڪ مهنگيون، نرم، خوشبودار ۽ ڪچڙن پنن مان ٺاهيون وڃن ٿيون. ۽ اسانجا عرب سڳورا ان ۾ ڪير سو ڪونہ وجهن باقي ڪنڊ جو ٻڪ وجهن. ڪير بدران جَوز Paper-mint، لونگ، دال چيني جهڙا مسالا ۽ زعفران پڻ وجهن. پهرين تہ اهي پساريءَ جي دڪان وارا نسخا پيئندي عجيب لڳندو هو پر هاڻ اهي ڦاها ڦڪي ڦڪي ٽيسٽ Develope ٿي ويو آهي. ايتريقدر جو هاڻ لڳندو آهي تہ بيوقوف هي

عرب نہ پر اسين آهيون جو چانھہ جو اصل سواد ماڻڻ بدران وينا ڪريل ۽ ڪڙهيل ڪير پيون.

## جيسين چانھہ نهي تيسين ٿڌو...

هن فلسطيني دوست جون ڊاڪٽيون چڙهڻ وقت عمر ۽ سعيد ٻڌايو تہ هن جي گذريل هفتي شادي ٿي آهي. "نج اسلامي رسم رواج" مطابق ٿي آهي. اهو وسري ويو تہ پڇانس تہ "نج اسلامي رسم رواج" مان سندس ڇا مطلب آهي. ٿي سگهي ٿو سندس اهوئي مطلب هجي تہ اها شادي ائين نہ ٿي آهي جيئن اسان وٽ طهر ٿيندا آهن. سنت پوري ڪرڻ وقت رنڊين جا ناچ گانا ٿيندا آهن. گجرانوالا، لاهور ۽ ٻين مشهور چڪلن ڪان ڳائڻيون اينديون آهن ۽ شراب جو دؤر هلندو آهي. هاڻي جي خبر ناهي پر اهڙن طهرن جا فنڪشن سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مون بہ ڪافي اٽينڊ ڪيا.

هاڻ تہ دنيا ئي بدلجي وئي آهي. تن ڏينهن ۾ نہ هو VCR ۽ نہ ٿي وي‌ءَ تي اينڊڙ انٽرنيشنل چئنل. تڏهن سنڌ جي شوقينن ڪي سائينوال جي 'ڪجن بانوءَ' جون رڙيون بہ پيون روح کي راحت رسائينديون هيون. هن جهڙين جون چربيءَ چڙهيل رانون بہ وٽيون پئي. 'واهہ واهہ' ۽ 'نوٽن' جي ڌم هوندي هئي.

حسن در جي ٻاهران ئي اچي اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ عربيءَ ۾ هر هڪ سان ڪا دير ڪيڪارون ٿينديون رهيون. مرحبا! مرحبا! حياڪ الله- وغيره وغيره. آخر ۾ آئون هوس. ميزبان مونکي بہ عرب سمجهي عربي ڳالهائڻ لڳو. مسٽر عمر جيڪو ان وقت چانئٺ ٽپي گهر اندر گهڙي چڪو هو ان ڪي رڙ ڪري مون انگريزيءَ ۾ چيو:

"ڪوٺ جوتا پوءِ لاهہ پهرين پنهنجي سنگتيءَ سان منهنجو تعارف ڪراءِ تہ مونکي عربي نٿي اچي."

حسن جي گهر سندس شاديءَ جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ سندس بہ ٻيا دوست بہ آيل هئا. هڪ جو خالد ۽ ٻئي جو فاطمي نالو هو. ٻئي سعيد جيڏا لڳا ٿي- يعني ٽيهارو کن ورهين جا. خالد پڻ افغانستان ۾ مجاهدين سان گڏ

روسين خلاف جهاد ۾ حصو وٺي چڪو آهي. پشاور ۾ ڪجهه عرصو گذارڻ ڪري ڪجهه ڪجهه اڙدو به آيس ٿي.

حسن يڪدم ڪوڪا ڪولا جا گلاس ڪٽي آيو. اسان اڳهين برف ٽيا پيا هئاسين. ڪوڪا ڪولا جي گلاسن ۾ برف جا ٽڪرا ڏسي ڏڪڻي ٿي ٿي. عمر جي ڪار ته گرم هئي پر بدقسمتيءَ سان پارڪنگ جي جاءِ پري ملي هئي سو فرلانگ ڪن پنڌ اسانکي ڪلفي بڻائي ڇڏيو هو. هٿن تي جوراب نه هئا سو ڪا دير ٺُنڊا ٿي پيا هئا. خبر ناهي عمر گهران ڇا ڪائي آيو هو جو اڌ گلاس ڪوڪا ڪولا جو بي ويو. سعيد ۽ مون ڪافي يا چانهه پيئڻ چاهي ٿي. يا ڪو زهر ئي سهي پر گرم گرم پيئڻ چاهيوسين ٿي. عربن جي گهرن ۾ ڪچڻ جي ضرورت ناهي جو ٿڌي بعد آٽوميٽيڪلي عربي چانهه/ قهوو يا ڪافي اچي ويندي آهي. يعني ٿڌو ۽ گرم هٿي ملندا آهن توهان ڪٽي ڇا به گهرو. اسان واري ڪئپٽن بشير وسطڙو ڪان ڪڏهن پڇبو آهي ته 'چانهه پيئندين يا ٿڌو؟' ته ٺهه پهه وراڻيندو آهي:

"جيسين چانهه نهي تيسين ٿڌو."

پر مالملو ۾ رهندڙ عرب نه ان بابت پڇن ۽ نه اونڌا ابتا جواب ٻڌن.

ٿوري دير بعد چانهه آئي جيڪا کير بنا ڪاري هئي.

## يورپ جي ملڪن کي جس هجي...

"دودهه مانگتا هي؟" خالد اڙدوءَ ۾ مونکان پڇيو.

"نه" وراڻيومانس.

سڀ تعجب ڪائڻ لڳا ته خالد ڪهڙي زبان ۾ مونسان ڳالهايو. پوءِ کين ٻڌائين ته اڙدو هن پشاور ۾ سکي ۽ پوءِ ڪا دير هنن سان عربيءَ ۾ ڳالهائيندو رهيو. حليب ۽ دوده جا لفظ سمجهه ۾ آيم. عمر ٻڌايو ته کير کي عربي ۾ 'حليب' چون ٿا. دودهه لفظ عربيءَ ۾ جانور جي پيشاب لاءِ آهي.

"اهڙا اتفاق ڪيترائي ٿين ٿا. جيئن ملئي زبان ۾ کير کي سُوسو (Susu) چون ٿا جيڪو ٻين لفظن ۾ خراب سمجهيو وڃي ٿو."

عمر ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ به رهي آيو هو جن ملڪن جون ڪا دير ڳالهيون ڪندا رهياسين. خالد ۽ فاطمي زالن سان آيا هئا. پر جيئن اسان وٽ

سنڌ ۾ رواج آهي تيئن هتي ڪيترن عرب گهرن ۾ آهي. زالون زالن سان ڪچهريون ڪن مرد ڏار اوطاقن يا ڊرائنگ رومن ۾ ويهي جيڪي زبان تي اچين اهو آزاديءَ سان ڳالهائين. ٻڌن گهٽ ڳالهائين گهڻو. زبان جي ڇڙواڳي ۽ اجائي سجائي ڇرچي گهڻي ڪري اڪثر ڪنهن جي دل آزاري ڪن. ۽ پنهنجو پاڻ ۾ رنجش پيدا ڪن. يونيورسٽي ۾ پڙهيل عرب ڏسندو آهيان ته پاڻ ۾ ملڻ وقت وڏي آڌر ڀاءُ ۽ ٺهڪن سان ڪيڪار ڪڙي ڪري ملندا ۽ پوءِ آخر ۾ تکو ٿي ويندا آهن. غلط سلط ڳالهائي هڪ ٻئي جي دل رنجائي وهندا آهن. ۽ ڪيترين حالتن ۾ وڙهي يا رسي اُٿندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو متاثر ڪلندا آهن.

بهرحال هن وقت هي سڀ مهذب ۽ مذهبي قسم جا هئا ۽ منهنجي ڪري سيني ڪي انگريزي ڳالهائڻي پئي ٿي. جنهن ڪري هر هڪ آهستي آهستي ۽ گهٽ ڳالهايو ٿي- سواءِ عمر جي جنهن ڪي سٺي انگريزي آئي ٿي.

ڪلاڪ ڪن ويناسين ۽ جيئن ئي چانهه پي بس ڪئيسين ته اٿي ڪڙا تياسين.

عمر جي فلسطيني دوستن وٽ جيڪي خبرون يا ڳالهيون ٿيون انهن مان ڪن جو تت هن ريت آهي:

- فلسطيني پڙهيل ڳڙهيل آهن. ڪين پنهنجو الڳ ملڪ ملي وڃي ته سيني عربن کان سڌريل ثابت ٿين.
- عمر چيو ته هنن (يورپ جي) ملڪن ۾ هر شيءِ پئسي دولت جي ساهميءَ ۾ توري وڃي ٿي. ۽ پوءِ تڏو ساهه ڪٽي ڇيائين وري به يورپ جي هنن ملڪن ڪي جس هجي.

هتي هٿين خالي بکيا پهتاسين، اڄ اسان ڪي متو لڪائڻ لاءِ ڇت آهي. ٻه ويلا ماني ڏيءُ ڪري ڪائون ٿا. ٻاهر رستن تي ٻي ڊپا ٿي هلون ٿا. حفاظت آهي. قاعدو آهي. قانون آهي. سڀ ڪجهه آهي. شڪر ڪرڻ ڪپي. اسين هتي ڏٺن جا ڏڻ پهتا آهيون. ايتريقدر جو هنن ملڪن جي ايڪانامي خراب ٿي پئي آهي تڏهن به اسان ڪي سماجي ۽ سياسي حق اهي ئي ڏنا اٿن جيڪي ڪين آهن. پاڙي اوڙي ۾ اسان جا پنهنجا هم زبان هم مذهب ملڪ آهن پر نه سعودي عرب نه ڪويت نه بحرين نه دبئي وارا اسانکي رکڻ چاهين ٿا.

”ائين پلا ڇو آهي-؟“ مون عمر کان پڇيو.

”ان لاءِ جو اسين پڙهيل ڳڙهيل آهيون، سعودي عرب ڪي موڳيون ردون ڪپن جيڪي ڪنڌ هيٺ ڪري جي سائين جي سائين ڪن. هو نٿا چاهين تہ سنڌن ملڪ جي ماڻهن ۾ سياسي شعور اچي.“ عمر ٻڌايو.

• عراق جي جنگ ۾ ياسر عرفات ۽ فلسطينين سعودي عرب ۽ ڪويت جو پاسو ڪٽڻ بدران عراق جي صدام حسين جو ڪنيو. نتيجي ۾ سعودي عرب ۽ ڪويت وارا فلسطيني ماڻهن سان هاڻ اها همدردي نٿا ڪن جيڪا پهرين هين. ان ڪري عمر جهڙا فلسطيني حقئون بہ تہ ناحقئون بہ سعودي عرب وارن تي چڙيل آهن.

• لبيا جي ڳالهہ نڪتي تہ مون چيومانس: ”پاڪستاني قذافيءَ ڪي پسند ڪن ٿا. سندس نعرن مان متاثر آهن.“

”ڏوڙ آهي قذافيءَ ڪي پٽي.“ سيني قذافيءَ تي چڙ ڪئي.

”سخت جاهل ماڻهو آهي.“ هڪ چيو.

”اسلام ۽ مسلمانن ڪي دنيا ۾ بدنام ڪيو اٿس،“ ٻئي چيو.

”ٻچاپڙو آهي. مسلمانن سان مسلمانن جهڙو يهودي ۽ ڪافرن سان انهن جهڙو. هيڏو تيل ۽ پئسو هوندي بہ ملڪ جي ايڪاناميءَ جي ستياناس ڪري ڇڏي اٿس.“ ٽئي چيو.

”قذافيءَ ڪي رڳو پنهنجي تعريف ۽ پنهنجي پروپئگنڊا ڪپي. تازو آيل هڪ همراهہ چيو تہ لبيا جي آدم شماري چار ملين نہ پر اٺ ملين آهي. چار ملين جيئرا جاڳندا ماڻهو آهن تہ چار ملين قذافيءَ جا پوسٽر آهن جيڪي سڄي ملڪ ۾ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا.“ عمر چيو.

## پنهنجي دوستي ڪيئن ٿي سگهي ٿي...

واپس اچڻ مهل هڪ دفعو وري عبدالڪريم ۽ عايد جي فلئٽ تي وياسين پر اهي موجود نہ هئا. رستي تي هڪ اردنيءَ جو وڏو ڊپارٽمنٽ اسٽور آهي. سعيد ان وٽ عمر کي گاڏي روڪڻ لاءِ چيو.

”هلو تہ هلي ڏسون، هي عبدالڪريم وارن جو ڳوٺائي آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن عبدالڪريم وارا هن وٽ ڪچهريءَ لاءِ ايندا آهن.“ سعيد چيو.

”انهيءَ Stupid وٽ آئون نہ هلندس. تون ٿي اچينس.“ عمر سعيد کي

چيو ۽ سعيد دروازو کولي رستو ٽپي دڪان ڏي وڌيو.

”مون سان هن اردني دڪاندار دوستي رکڻ جي ڪئي پر آئون اڳتي نہ وڌيس،“ عمر ٻڌايو. ”هي کهڙو ماڻهو آهي جو دڪان تي نہ فقط شراب ۽ خنزير وڪٽي ٿو پر پاڻ بہ کائي ٿو. سندس زال ۽ ڌيءَ ڊسڪوتي ۾ ڊانس ڪري ٿي. توبه توبه! اسانجي ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي. هتي اچيو پنهنجو دين ڌرم توڙي رسم ڪلچر وساريو ڇڏين. مون کيس صاف صاف چيو تہ پنهنجي دوستي کيئن هلي سگهي ٿي، جڏهن آئون انهن شين کان پاسو ڪريان ٿو ۽ تون انهن کي واپرائين ٿو. سيائي آئون جي تنهنجي گهر اچان تہ تو وٽ نہ آئون ماني کائي سگهندس نہ ڪنهن گلاس ۾ پاڻي پي سگهندس. ان کان بهتر آهي تہ دوستيءَ کي اتي ئي ٻنجو ڏجي.“

## جوابدار کي جهلڻ کپي...

توري دير بعد سعيد موٽيو. ”هتي بہ ڪونہ آهن هاڻ تہ ڪافي دير ٿي وئي آهي. هلو تہ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏي هلون.“

گهر موٽڻ وقت رستي تي سعيد کي چيم: ”هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ. هنن ملڪن ۾، اڄ کان ويهارو سال اڳ جڏهن آئون آيو هوس تہ نہ هن وڏي تعداد ۾ ايراني هئا ۽ نہ مصري، شامي، عراقي ۽ ٻيا عرب. ڪٿي ڪٿي ڪو ورلي پاڪستاني يا ترڪ ملندو هو- سو بہ مرد ماڻهو. مسجد مندر جو تہ نالو ئي نہ هو. نہ عربن جون هي ڪوابن ۽ گوشت جون هوٽلون ۽ نہ ايراني نانوائين ۽ پسارين جا دڪان. هينئر چوڌاري عرب ايراني ۽ آفريڪي نہ فقط مرد ماڻهو پر اوتريون ئي عورتون ۽ ٻار جتي ڪٿي رستن تي، دڪانن ۾، بس اسٽاپن وٽ نظر اچن ٿا. نيم اگهاڙي لباس وارن اچن جي ملڪ ۾ اسان جون مسلمان ڪاريون عبايا (جُبا) پائي، مٿي تي حجاب (روسريون) ٻڌي ايڏي پڙدي ۾ ڏڪجي سگهجي هلن ٿيون جو ان حساب سان پاڪستان هندستان ۾ ساڙهي دوپٽي ۾ هلندڙ عورتون بہ ڄڻ بي پردگيءَ جو مظاهرو ڪري رهيون آهن. سو اهڙي حالت ۾ هتي جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت تي اثر تہ پيو هوندو. ان سلسلي ۾ هتي جا سئيڊش ماڻهو ايران، عربستان، آفريڪا ۽ ايشيا کان آيل پناهہ وٺندڙن، خاص ڪري مسلمانن جي لاءِ، ڪهڙي سوچ رکن ٿا جن سندن

ڪلچر ڪي پنهنجو ڪرڻ بدران هتي جي حالتن ۾ تبديلي آندي آهي.“

”ان سوال جو جواب عمر صحيح طرح ڏئي سگهي ٿو“ سعيد چيو.

”ڳالهه هيءَ آهي،“ عمر چيو، ”سئيڊن جا جيڪي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهن انهن کي اسان لاءِ نفرت گهٽ آهي. باقي مزور طبقو يا بي روزگار پنهنجي مالي مشڪلات جو ڪارڻ اسانکي سمجهي ٿو. قدرتي طور سڄي دنيا ۾ هنن چند سالن ۾ ڪافي مهنگائي ۽ ناڻي جي کوٽ ٿي پئي آهي جنهن جو سيڪ سئيڊن کي به رسيو آهي. بلڪ سندس پاڙ ملڪن: ناروي ڊينمارڪ وغيره کان به گهٽو رسيو آهي جو سندس سِڪي جي قيمت به ڪري پئي آهي. ساڳيو حال نوڪري ۽ ڌنڌي ڌاڙي جو رهيو آهي. پر ان لاءِ هنن کي اسان تي چڙ ٿي پئي آهي ۽ ان جو ذميوار اسانکي سمجهن ٿا. خاص ڪري مسلمانن کي. اسان جي خلاف ته ڪيتريون ئي طاقتون ڪم ڪنديون رهن ٿيون پر اسان مسلمانن جي پاران ڪوبه اسانجي سوچ ۽ نظريو هنن کي نٽو سمجهائي. هڪ به دفعو مون هتي جي ريڊيو تان تقريرون ڪيون آهن ته ’بابا اسلام امن جو نالو آهي. اسان مسلمانن توهان جي ملڪ ۾ Aids نه آندا آهن. اسان توهان جي ملڪ ۾ چرس نه آندو آهي. اسان ته شريف شهري ٿي رهڻ چاهيون ٿا،‘ وغيره وغيره. ۽ هو ان کي ٻڌن به ٿا ۽ وڏو فرق پيو ٿو. پر بدقسمتي اها آهي ته اسان مسلمانن ۾ ٻڌي نه آهي. پنهنجو پاڻ ۾ وڙهندا رهون ٿا. هرڪو ان ڪوشش ۾ آهي ته سنئون سڌو يا ٺڳي لچائي به ڪري پنهنجو گهر پرجي پوءِ منهنجو ملڪ قوم يا مذهب بدنام ٿئي ته ڀلي ٿئي. دراصل اسانجو ڪو سٺو ليڊر نه آهي. ’ليڊر‘، ’پروپئگنڊا‘، ۽ ٿيون ’معلومات ڏيڻ جو طريقو‘ تمام ضروري شيون آهن جن بنا اسين هميشه گمنام ۽ سختيءَ هيٺ رهنداسين. ڪنهن هڪ جي ڏوهه ۾ سڀ لوڙهيندا رهنداسين. هتي جيڪي عراق، لبنان توڙي فلسطين پاڪستان ۽ سوڊان سوماليه کان آيا آهن سي سڀ جا سڀ مظلوم نه آهن. ڪيترا عادي ڏوهاري ماڻهو به آهن جيڪي پئسي ذريعي.پنئين در کان هتي اچي نڪتا آهن. هتي به هو ساڳيا ڏوهه ڪندا رهن ٿا جيئن هفتو به اڳ هڪ پاڪستاني مسلمان کي پڪڙيو ويو آهي جو عورتن سان زوريءَ زنا ڪندو هو. اسان کي اهو ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي ته ان جو مطلب اهو ناهي ته ڪو سڀ پاڪستاني يا مسلمان اهڙا آهن. ڪيترائي عرب

سمگلنگ يا چوري ڪندي جهلجن ٿا، ان جو مطلب اهو هرگز نہ آهي تہ سڀ عرب اهڙا آهن. اسانکي اهو هتي جي حڪومت ۽ عوام کي ٻڌائڻو پوندو. ڪاريءَ ۾ هڪ سنگترو خراب آهي تہ معنا سيني جو خراب هجڻ لازمي ناهي. اسلام ڪڏهن بہ اهڙيون ڳالهيون نٿو سيکاري. ڪنهن خراب ڪم لاءِ جوابدار کي جهلڻ کپي ۽ نہ سيني مسلمانن لاءِ اهو رويو اختيار ڪرڻ کپي." عمر ٻڌايو.

گاڏي اچي اسانجي گهرن ويجهو پهتي هئي ان ڪري عمر سان وري ملڻ جو وعدو ڪري موڪلايوسين.

## اچي ڏاڙهيءَ جو خيال ڪجي...

مٿي ذڪر ڪيل پاڪستاني جنهن جو نالو بِلي بٽ آهي، اڄ ڪلهہ ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارن جي زينت آهي ۽ نہ فقط هتي سئيڊن ۾ پر اوسي پاسي جي يورپي ملڪن ۾، جنهن تنهن جي وات تي بلي بٽ جو قصو آهي. هڪ ترڪ همراهہ جيڪو هتي جو رهاڪو آهي ۽ نہ فقط سئيڊش پر انگريزيءَ جو بہ ڄاڻو آهي، تنهن کان بلي بٽ بابت پڇيم جو اسانکي تہ سئيڊش اچي ڪانہ ٿي جو ڪٿي پاڻ اخبار پڙهون.

"منهنجا ياءِ! دراصل ڳالهہ اها آهي جو پروپئگنڊا اهڙي شيءِ آهي جنهن جي چنبي ۾ سٺو مان نوانوي ماڻهو اچيو وڃن." هن اصل ڳالهہ ٻڌائڻ کان اڳ 'پروپئگنڊا' بابت ٻڌايو ۽ پوءِ چيو:

"بلي بٽ لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ هُن ڪيترين ئي ڇوڪرين کي ڏٺا ڏيئي هنن سان ڏوهہ جهڙا ڪم ڪيا. هن جي رڪارڊنگ ڪمپني آهي ۽ وڏو پئسي وارو آهي. هاڻ پهرين ڳالهہ تہ هن جو پاڪستان سان ڪو واسطو ناهي. هن جا پاڪستاني دوست ضرور آهن پر هو ڪشمير جو آهي ۽ پاڻ کي ڪشميري سڏائي ٿو. پر هنن يورپي ملڪن ۾ اهائي پروپئگنڊا ٿيل آهي تہ هر اهو ايشين جيڪو لِڪ چوريءَ يورپي ملڪن ۾ اچي ٿو، جيڪو چرس جي سمگلنگ ڪري ٿو، جيڪو هٿيار رکي ٿو، جيڪو جهيڙا جهٽا ڪري ٿو، جيڪو نوڪري ۽ پورهيو ڪرڻ بدران پِن ۽ پراون پئسن تي گذر ڪري ٿو يا ڪو بيو غلط ڏنڌو ڪري ٿو اهو پاڪستاني (پاڪي) آهي پوءِ اصل ۾ ڪٿي

رضا خوشيءَ سان ئي ٿيو آهي. ۽ هتي رضا خوشيءَ سان بالغن جي گڏ گڏ هلڻ، رهڻ، سمهڻ تي ڪابه قانون طرفان جهل پل ناهي. ها ايترو ضرور آهي تہ بٺ صاحب جسماني ڏاڍ مڙسيءَ بدران دماغ ڪان ڪم وٺي ڪين گشن پٺن ذريعي راضي ڪيو آهي ۽ بيوقوف بنايو آهي. جيئن هڪ ڇوڪريءَ ڪورٽ ۾ اهو چيو تہ بلي بٺ هن کي 'بلف' ڪيو آهي. ڪيس هُن چيو تہ هو ڪيس رڪارڊنگ ذريعي مٿاهين درجي تي آڻيندو. پر ان جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ اها عورت پنهنجو پاڻ ان جي حوالي ڪري ڇڏي. بهرحال ڪورٽ کي بلي بٺ بابت ٻين بہ ڪيترن جُرمن جا ثبوت مليا آهن، نتيجي ۾ پيريءَ ۾ نہ فقط پاڻ خوار خراب ٿي ويو پر پاڪستان جو بہ نالو بدنام ڪري وڌائين. چاليهن ڪان ماٺهو مٿي ٿيڻ تہ خراب عادتن واري کي بہ ڪيپي تہ اهي ڦِٽيون ڪري ڪجهہ نيڪ ٿي هلي. اڇي ڏاڙهيءَ سان پنجاه ڪان مٿي عمر واري هڪ مسلمان بابت جنسي ۽ شهواني قصا پڙهي هتي جا سئيڊش توڙي ڏاريان ماٺهو ڇا اثر وٺندا هوندا، اهو پاڻ سوچي سگهو ٿا."

## پيئڻ آيا آهيو يا ڳالهائڻ...

هيلسنڪي (فنلئنڊ جي گاديءَ واري شهر) جي هوٽل اسڪاٽا (جنهن ۾ هي لکي رهيو آهيان) ۾ گهڻو تعداد جهازين جو رهيل آهي. ڪي جهازن تان لٿا آهن ۽ هاڻ پنهنجي پنهنجي شهر يا ملڪ وڃڻ جي انتظار ۾ آهن تہ ڪي پنهنجو جهاز Join ڪرڻ لاءِ پنهنجي جهاز جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. جهاز کي هلائڻ وارن ڪان علاوه جهازي دنيا سان واسطو رکندڙ انجنيئر، سرويئر، جهاز تي سامان موڪلڻ ۽ لاهڻ وارا ۽ ٻيا ڪيترا.

جهازين کي هن هوٽل ۾ پنهنجو Seamens-Card (يا ڪو ٻيو اهڙو ثبوتي سرٽيفڪيٽ ڏيکارڻ سان تہ هو جهازن تي آهن يا ڪنهن زماني ۾ جهاز تي هئا)، ٻين ماٺهن ڪان گهٽ مسواڙ ورتي وڃي ٿي. هن هوٽل ڪان بندرگاهہ بہ ويجهو آهي.

شام جي وقت جيڪو اڪيلائي محسوس ڪري ٿو يا منجهي ٿو تہ اهو هيٺ بهري (Basement) ۾ ٽيبل ٽينس کيڏڻ لاءِ پهچيو وڃي. جمناسٽڪ ۽ سانا (Sauna) جو پڻ بندوبست آهي. يا هوٽل جي لابيءَ ۾ رکيل وڏي ٽي ويءَ

اڳيان ويهي پنهنجن پراون سان ڪچهري ڪري ٿو. سيني غير ملڪين کي اها شڪايت آهي تہ Scandinavia ملڪن جا رهاڪو گهٽ ڳالهائو آهن. مڙيئي خير آهي. اسان ايشين آفريڪن پنهنجو پاڻ ۾ کوڙ آهيون، گهمڻ ڦرڻ يا ڪچهريءَ لاءِ.

هڪ ڏينهن، هڪ گوري همراه سان خبر چار ڪندو رهيس. بلڪ ڳالهائڻ جي هن پاڻ ئي شروعات ڪئي. پنج ڇهہ منٽن کان پوءِ حيرت مان پڇيومانس:

"هتي جو فنش آهين يا سئيڊن جو رهاڪو؟"

"نہ نہ. آئون هن پاسي جو نہ آهيان،" هن ٻڌايو، "آئون بيلجم جي شهر انٽورپ جو آهيان."

کلي چيومانس: "اها ڳالهہ ڪر. آئون بہ چوان تہ اڄ سڄ ڪٿان ايريو آهي جو هڪ اسڪينڊينيويا جو همراهہ پاڻهي ڳالهائي پيو."

ٺهڪ ڏيئي پاڻ بہ ان جي مڃتا ڪيائين. چوڻ لڳو:

"خبر اٿئي هتي اتر وارن ملڪن جا اهڙا چنڊا اٿئي جو اسان بيلجمي يورپين کي بہ ڪٽ ۾ نٿا آڻين. اسانکي منهن تي چوندا آهن تہ اسين ڏکڻ جا اڻ سڌريل آهيون. هونئن گهٽ ڳالهائڻ سندن عادت بہ آهي."

هي بيلجم جو همراه فنلئنڊ جي اسڪالر تي پنهنجي ملڪ کان هتي هيلسنڪيءَ جي يونيورسٽيءَ ۾ ائگريڪلچر سائنس جهڙي سبجيڪٽ ۾ پي ايڇ ڊي ڪرڻ آيو آهي. هتي جي يونيورسٽين جي دنيا ۾ چڱي هاڪ آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن کان هتي تعليم لاءِ اچن ٿا. اڄ شهر ۾ ڪجهہ آفريڪن شاگرد پڻ مليا جيڪي ميڊيڪل ۽ سائنس جهڙن سبجيڪٽن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

گهٽ ڳالهائڻ تان اسانجي ميزبان ڪئپٽن پيڪا چيو:

"اسين ٻين ماڻهن وانگر جلدي فري نٿا ٿيون جو ننڍي هوندي کان گهٽ ڳالهائڻ جي عادت اٿئون. سياري جا اٺ مهينا سيءَ ۽ اونداهہ ۾ گهر جي ڪمرن ۾ اڪيلو ڪتاب پڙهندي گذرن ٿا. اونهاري ۾ ڏينهن وڏا ٿين ٿا پر هڪ تہ هتي ملڪن ۾ عوام گهٽ آهي ۽ ٻيو تہ هرڪو پورهئي ڌنڌي ۾ ايڏو مشغول آهي جو هن کي ٻئي سان ڳالهائڻ جو وقت ئي ناهي. پر جي ڪڏهن

دوستن يارن سان گڏ آهيون تہ بہ اونهاري ۾ بہ سخت سيءَ ڪري هلندي چلندي ڳالهائي نٿا سگهون. گهڻي وات ڪولڻ سان ٿڌي هوا نڙگهٽ يا ڦڦڙ خراب ڪري سگهي ٿي. بهرحال گهٽ ڳالهائڻ مان اهو هرگز نہ سمجهجي تہ ڪي اسان دوستي ياريءَ ۾ صفا ويل آهيون."

"اهو ڪيئن-؟" مون پڇيومانس.

"ڏس!" ڪئپٽن پيڪا مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي:

"اسين ڌارين سان جهٽ فري نٿا ٿيون پر جڏهن ٿيون ٿا تہ پوءِ هن کي پنهنجو سمجهون ٿا. اسان لاءِ جتي اهو چوڻ مشهور آهي تہ اسين گهٽ ڳالهايون ٿا اتي اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ جنهن سان دوستي ڪريون ٿا ان سان ڏکي وقت ۾ نڀايون ٿا. آئون مڃان ٿو تہ ايشيا، آفريڪا يا يورپ جي ٻين ملڪن ڏي بہ اڪر ڳالهائڻ سان بہ ڌاريان بہ اهڙو فري ٿيو وڃن جڻ سالن جا واقف هجن ۽ هڪ ٻئي کي اهڙو ڏيک ڏيندا تہ هو هڪ ٻئي کي تمام گهڻو چاهين ٿا ۽ هڪ ٻئي جا هاڻ پڪا دوست ٿي ويا آهن. پر پوءِ ڏکيو وقت اچڻ تي هو جوابداري کڻڻ بدران ڀڄڻ جون راهون ڳوليندا آهن. پر اسان Scandinavian ماڻهن وٽ اهو ناهي. اسين اهو چوندا آهيون تہ سوچي سمجهي دوستي رکجي. ۽ هڪ دفعو دوستي ٿي وڃي تہ پوءِ صحيح طرح نڀائجي." ڪئپٽن پيڪا پوءِ کلي چيو:

"باقي اهو صحيح آهي تہ دوستي ڪان اڳ يا پوءِ اسين گهڻو نٿا ڳالهايون. اسان گهڻو ڳالهائڻ ۽ يڪدم فري ٿي وڃڻ کي سٺو نٿا سمجهون. سان لاءِ لطيفو مشهور آهي تہ بہ فنش (فنلئنڊ جا رهاڪو) دوست ڪنهن هوٽل ۾ پي رهيا هئا. اڌ ڪلاڪ بعد هڪ ٻئي کي چيو: 'اڄ موسم تہ واهہ جي آهي.' جواب ۾ ٻيو اڌ ڪلاڪ سوچيندو رهيو پوءِ ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چيو:

'پاڻ هتي پيئڻ آيا آهيون يا ڳالهيون ڪرڻ؟'

## ملئي ۽ ڏيپلائي ميمڻ...

هونئن منهنجي خيال ۾ گهڻي ڳالهائڻ کان گهٽ ڳالهائڻ سٺوئي آهي. خر الله تعاليٰ هر انسان کي بہ ڪن ڏنا آهن ۽ وات فقط هڪڙو. شايد ان ڪري تہ جيئن گهڻو ٻڌجي پر ڳالهائجي ٿورڙو. ۽ هو جا انگريزيءَ ۾ چوندا

آهن تہ 'Least said soonest mended' – يعني جيڪو ماڻهو جيترو گهٽ ڳالهائي ٿو اوتروئي گهٽ چڪون ڪري ٿو. پر جي ڪجهہ غلطيون ڪري بہ ٿو تہ انهن جي درستي يا ازالو جلدئي ڪريو وٺي.

سئيڊن ۾ اسانجي سامهون واري بلڊنگ ۾ شڪارپور پاسي جو سنڌي همراهہ وزير سومرو رهي ٿو. سندس فلئٽ جي سامهون واري فلئٽ ۾ سندس پراڻو دوست ڪوئيٽا جو عبدالواحد بلوچ رهي ٿو. ٻنهي جون زالون سئيڊن جون آهن. ٻنهي گڏ شادي ڪئي ۽ اتي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بنا ڪنهن جهيڙي جهٽي جي رهندا اچن. سڄو ڏينهن ٻنهي جا در کليل هوندا آهن ۽ ٻار هڪ ٻئي جي گهر ۾ ايندا ويندا رهن ٿا. وزير عليءَ جڏهن پهرين ڏينهن مونکي ٻڌايو تہ هو ڏهن ٻارهن سالن کان هيئن گڏ رهندا اچن ۽ اڄ تائين زالن جي کٽ پٽ نہ ٿي آهي، تہ مونکي تعجب لڳو.

هڪ ڏينهن وزير عليءَ سان سندس گهر بالڪنيءَ ۾ ويٺو هوس. سندس زال لينا پر واري ڪمري (جيڪو ڊرائنگ روم آهي) ۾ ويٺي اخبار پڙهي. ٿوري دير بعد عبدالواحد جي زال مسز اينگر واحد آئي ۽ ڪيڪاري اچي لينا جي پرسان ويٺي.

آئون عليءَ وٽ بہ ڪلاڪ کن هوس. ٻئي ڪلاڪ اسان جي ٻڪ هلندي رهي. مون ڳالهائي بس ٿي ڪيو تہ وزير علي ٿي شروع ٿيو. ۽ هن ٿوري ساهي پٽڻ جي ڪئي ٿي تہ مون پنهنجو رايو، خيال يا صلاح پيش ڪئي ٿي. يا ڪو نئون عنوان ڪنيو ٿي. ڪڏهن تہ ڪنهن بحث ۾ ٻنهي گڏ ڳالهايو ٿي ۽ هڪ ٻئي جي ڳالهہ نٿي ٻڌيسين. هر هڪ اهو ٿي چاهيو تہ فقط سندس ڳالهہ ٻڌي وڃي. هڪ اڌ سياسي ڳالهہ جي بحث ۾ تکا بہ ٿي وياسين ۽ وڙهندي وڙهندي بچي وياسين.

اهو سمورو وقت، وچ وچ ۾ چانئٽ جي هن پاسي ڊرائنگ روم ۾ ويٺل لينا ۽ اينگر کي بہ ڏسندو رهيس، جيڪي پرسڪون انداز ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ماٺ ڪري سگريٽ ڇڪي رهيون هيون. رڪي رڪي ڪ ڳالهہ چپن ۾ پٽڪي ڪئي ٿي نہ تہ اها ئي ماٺ.

اٿڻ مهل کين چيم: ”شاباس هجانوَ. مون توهانکي سمورو وقت جانچيو پئي. واقعي سئيڊش ماڻهو گهٽ ڳالهائين ٿا. مون سمجهيو تہ هو رڳو بسين ۽

ڊارين مائٽن اڳيان مات ڪري وهن ٿا. پر هاڻ اندازو لڳايم ته هو گهرن ۾ به پنهنجي زبان کي ڪنٽرول ۾ رکن ٿا.“

۽ پوءِ عليءَ کي چيم: ”ههڙي نموني سان سئيڊش عورتون پلي سئو سال گڏ هڪ گهر ۾ هجن ته به ڪنهن ڳالهه تان جهيڙو جهٽو ٿيڻ جو امڪان تمام گهٽ آهي.“

عليءَ چيو: ”سڀ سئيڊش ائين نه آهن. ڪي ڪي گهٽو به ڳالهائين ٿا.“

”ها. پر اهي اٽي ۾ لوڻ برابر هوندا. اسانجي پاسي عرب ملڪن جا هجن يا سنگاپور جپان هانگ ڪانگ جا- سيني ايشين کي جهرڪين واري چرچر آهي. ڪي گهٽ ڳالهائو به ضرور آهن جيئن ملائيشيا جا ملئي يا ڊيپلي جا ميمڻ. پر ڊيپلائين لاءِ اهو وهم گمان فقط تيستائين هوم جيسين بشير ميمڻ، نواز ميمڻ، عبدالرحمان عمر ۽ ڊاڪٽر الهه ورائي سان مليو هوس. جڏهن کان مرحوم محمد عثمان ڊيپلائيءَ جي پٽ محمد علي سان (جيڪو پر واري شهر ڪوپنهيگن ۾ پاڪستاني ايمبسيءَ ۾ قونصلر هو) ۽ آفتاب ميمڻ سان ملاقات ٿي آهي ته انهن لاءِ به اهو خيال دل مان ڪڍڻو پوندو. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندن گفتگو علم ۽ ادب سان ڀريل ٿئي ٿي.

## اڃان جوان آهي/ مني ڊش جو انتظار...

فنلئنڊ جي رهاڪن کي ’فنش‘ سڏجي ٿو ۽ جڏهن به فنش مائٽن بابت لکان ٿو ته ڏنگين ۾، پڙهندڙن جي يادگيري لاءِ (فنلئنڊ جا رهاڪو) پڻ لکان ٿو، ڇو ته انگريزيءَ ۾ لفظ ’فنش‘ (معنا ختم ٿيل) هڪ عام لفظ آهي. هتي به اسين ڪيترا دفعا ان لفظ تي پلجندا آهيون. (۽ اسان پاڪستانين لاءِ ’فنش‘ نه فقط فنلئنڊ جا رهاڪو آهن پر ’فنش‘ مڇر مارڻ جي دوا پڻ عام آهي).

وٽن ۾ رستي تان لنگهندي، رستو ڪراس ڪندڙ هر سهڻي ڇوڪريءَ لاءِ يمن جو مسٽر مبارڪ اسان جي ميزبان، ڪئپٽن پيڪا، کان پڇندو آهي ته اها ڪير آهي.

"Who is She?"

يعني هتي جي ٿي مڪاني آهي يا پر پاسي واري ملڪ پولئنڊ،

ايسٽونيا، لٿونيا، بيلاروس يا روس جي آهي. ۽ پوءِ اسانجو ميزبان ڪئپٽن پيڪا اسٽيرنگ ويل تي ڪاڏي رکي ڇوڪريءَ جي وارن ۽ منهن جي نڪ نقشي- خاص ڪري هن جي نيرين اکين ڏي غور سان ڏسي اعلان ڪندو آهي:

”فنش فنش“ يعني هيءَ حور پري سنڌن ٺي ملڪ فنلئنڊ جي آهي.

سنڌس فنش فنش چوڻ تي ٿائلنڊ جو جهازي سرويئر مسٽر سوتي چائي مرڪندي چوندو اٿس:

”ڪئپٽن پيڪا اٿين ته نه چئه. شي از ناٽ فنشڊ! شي از اسٽل ينگ“ (هوءَ وهي وڃائي نه چڪي آهي هوءَ ته اڃان ڪچڙي آهي).

”اسانجي قوميت (فنش) اهڙي آهي،“ ڪئپٽن پيڪا ٻڌايو، ”جنهن جي اچار وارو لفظ ڪيترين ٺي زبانن ۾ مختلف معنائن وارو ٿي پيو آهي. ان تي ڪيترائي چرچا ٺهيل آهن. پر ٻڌائيندو سانوَ ڪونه.“

”پرواهه نه ڪر،“ مبارڪ چيس، ”هه هفتا فنلئنڊ ۾ رهڻ دوران جهازن جي سروي گهٽ ڪنداسين پر توهان بابت چرچا معلوم ڪنداسين.“

فنلئنڊ جي ماڻهن ’فنش‘ وانگر سئيڊن جي رهاڪن ’سئيڊش‘ بابت به ڪيترائي دفعا مونجهارو ٿئي ٿو. سئيڊن جي هڪ شهر اسٽاڪهوم ۾ هڪ مسافر جهاز جي مالڪن اسانجي گروپ کي جهاز گهمڻ جي دعوت ڏني جيڪا ان وزارت سان تعلق رکندڙ سئيڊن جي ڊائريڪٽر سان گڏ اٽينڊ ڪئيسين. بلڪ ڊائريڪٽر اسان جي گروپ جو ليڊر ٿي اسان کي جهاز تي وٺي هليو.

جهاز گهمڻ بعد جهاز وارن اسان لاءِ هلڪي لنچ جو به بندوبست ڪيو هو. اها ڪائي بس ڪئيسين ته چانهه يا ڪافيءَ جو پيڻ لڳا. پر اسانکي دير ٿي رهي هئي. ۽ هر هڪ جهاز ڇڏڻ لاءِ تيار هو- ۽ جهاز وارن کي به جلدي هئي جو هنن جي لنگر کڻڻ (Sailing) جو ٽائيم اچي پريو هو. اسين ڌارين ملڪن کان آيل ته سڀ موجود هئاسين پر اسانکي هتي وٺي آيل سئيڊش همراهه (ڊائريڪٽر) لنچ ڪائي الائي ڪهڙي ڪاڪوس ۾ گم ٿي ويو هو يا ٻاهر جهاز جي ڊيڪ تي سگريٽ ڇڪڻ لاءِ هليو ويو هو. اسان مان هر هڪ جي نظرن ان کي پئي ڳوليو ته اچي ته اٿڻ جي ڪريون.

اسانکي اڃان ڊائننگ هال ۾ وهندو ڏسي جهاز جا آفيسر توڙي اسٽيورڊ

ذري ذري چانهه يا ڪافيءَ جو پڇن ته اسان ان لاءِ نه ڪري پنهنجي سئيڊش همراهه جو پڇون ته 'ويئر از سئيڊش؟' يا چئون:

"We are looking for swedish"

وينروئلا جي چيف انجنيئر مسٽر ايفرين ته پنهنجي آخر واري ڪرسيءَ تان ٿي ويٺي ويٺي رڙ ڪري چئين، "We are waiting for swedish"

اسان سيني غير سئيڊش ماڻهن پنهنجي غيرمادري زبان انگريزيءَ ۾ جڏهن "سئيڊش" چيو ٿي ته هنن ڪجهه ٻيو سوچي سس پس ڪئي. ۽ پوءِ نيٺ اسان وارو همراهه پهچي ان ڪان اڳ هڪ دفعو وري صاف ڪيل ٽيبل تي اسان اڳيان خالي پليٽيون، چمچا ۽ ٽشو پيپر رکيا ويا ۽ ان بعد ٻه وڏا پيالا آئس ڪريم جا اچي رکيائون. اسان ٻه ان شيءِ کي چڏڻ بدران بالم تي ڪائڻ لڳاسين ۽ مٿين دل سان چيوسين ته اها تڪليف ڇو ڪيانوَ. نيٺ ميزبانن مان هڪ ٻي شرم تي چيو:

"توهان ته چيو، توهان کي سئيٽ ڊش کپي- دئٽ يو آر ويٽنگ فار Sweet Dish"

سو 'سئيڊش' (Swedish) لفظ ٻه ڪڏهن ڪڏهن 'فنش' وانگر رولو پيدا ڪري ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته فنش ٻاڻ کي Finn ٻه سڏائين. اهڙي طرح سئيڊش ٻاڻ کي Swede (سئيڊ) سڏائين ۽ ڊئش (ڊئنمارڪ جا رهاڪو) Dane ڊين پڻ سڏائين.

## پاڪستانين سان مقابلو نٽا ڪري سگهون...

هيلسنڪيءَ جي هوٽل Skata ۾ ٻه شامي عرب پڻ رهيل آهن. چڱا صحت مند، قداور ۽ يورپين وانگر اڇي رنگ جا آهن پر سندن ڪارا وار ۽ ڪاريون اکيون ڏسي اسين ٻه هاڻ سمجهي ويا آهيون ته ڪير ڪهڙي ڪنڊ جو آهي.

هي ٻئي 'شام' ملڪ جي شهر 'دمشق' جا آهن. عربيءَ کان علاوه انگريزي پڻ اچين ٿي پر جيئن ته اسان ۾ عربي ڳالهائڻ وارو مبارڪ موجود آهي ان ڪري هنن کي مبارڪ سان پنهنجي مادري زبان ڳالهائيندي مزو اچي ٿو. هر وقت مبارڪ جو پڇندا رهن ٿا پر پوءِ جڏهن هو نٽو ملين ته اسان سان ٻه ڳالهائڻ

لاءِ آتا هوندا آهن. پاڻ واپار جي سلسلي ۾ آيل آهن پر منجهن اها واپارين واري هوشياري ۽ تيزائي نه آهي. هن پاسي جي ملڪن ۾ ڦرين به اچي چڪا آهن پر فنلئنڊ جي هن شهر Helsinki ۾ سندن هي ڦيريون دفعو آهي.

پاڻ پراڻين يا رد ٿيل ڊيزل انجڻين جي ڳولا ۾ آهن جيڪي پنهنجي ملڪ موڪلي ٿورو گهڻو صحيح ڪري پوءِ وڪڻندا.

”انهن جي خريداري ڪيئن ڪريو؟“ مون پڇيو مان.

”هتي بئنڪ اڪائونٽ کولي پئسا ان ۾ گهرايا اٿئون. روز لڪ سوا ڪيسي ۾ وجهي سودي لاءِ نڪرندا آهيون. پوءِ جنڪ- يارڊ، موٽر گئراجون، فئڪٽريون جتي خبر پوندي آهي اتي پهچي ويندا آهيون. اتي جو اتي سودو طئي ڪري پئسا ڏيندا آهيون. آئون ڏيتي ليتي، امپورٽ ايڪسپورٽ جي طريقن ۽ قانون کان واقف آهيان ۽ هي منهنجو پارٽنر انجڻين سڃاڻڻ جو ماهر آهي. هو جانچي ڏسندو آهي ته آيا سٺي ڪنڊيشن ۾ آهي يا نه. مرمت بعد وڪڻڻ تي چار پئسا بچائي ڏيندي يا نه. هيستائين ڏيڍ ڪنٽينر جيترو مال گڏ ڪري چڪا آهيون. جيئن ئي ٻن جيترو مال ٿيندو ته مال موڪلڻ واري ڪمپنيءَ کي چونداسين. جيڪي سيني هنڌان مال ميڙي ڪنٽينرن ۾ وجهي پاڻي رستي روانو ڪندي.“ هن ٻڌايو.

”يلا توهان جي ملڪ شام ۾ امپورٽ ايڪسپورٽ جا طريقا ۽ قاعدا قانون سولا آهن يا مونجهاري وارا-؟“ مون پڇيومانس.

”سولا به آهن ته پيچيده به. ڪڏهن ڪڏهن ڪسٽم وارا يا سرڪاري آفيسر اجايو رولڙو به پيدا ڪن ٿا.“

”مهڙي مهنگي ملڪ ۾ هوٽل ۾ رهائش جو خرچ، سامان ڍوئرائي، هرهڪ ڪنٽينر جو ’شام‘ تائين هڪ هڪ لک ربيا ڪن ڀاڙو، پنهنجي ملڪ ۾ پهچي ڪسٽم ڊيوٽي ڏيڻ، ان بعد انجڻين کي صحيح ڪرائڻ تي خرچ ۽ Risk- ڇا اهو سڀ ڪجهه هوندي به سمجهو ٿا ته فائدو ٿيندانوَ؟“ مون پڇيو مان.

”بس الله ۾ آسرو آهي. واپار آهي ئي توڪل تي. بزنيس از بزنيس، پنهنجي حساب سان ته پوري ڪوشش ڪريون ٿا ته جيئن هر شيءِ سستي پوي ۽ خرچ گهٽ اچي. اتي پهچي هڪ طرف ٻين دوڪاندارن جي مقابلي ۾ سستي

وڪڻجي جيئن مال جو جهٽ نيڪال ٿئي ۽ ٻئي طرف ڪجهہ فائدو بہ ٿئي تہ جيئن گاڏي اڳتي هلي سگهي. ۽ واپار لاءِ وري نڪري سگهون. الله خير ڪري وڏا نقصان اسان جهڙن سيڪٽرات واپارين جون ڇيلهيون ڀڃيو ڇڏين."

هن کان اڳ هو سبيل ڪپڙن جو واپار ڪندا هئا.

"پر ان ۾ توهانجا پاڪستاني زور آهن،" هن ٻڌايو، "نہ فقط ڪپڙي ۾ پر هر شيءِ ۾. پاڪستانين کي سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندن هم وطن، عزيز، دوست رهن ٿا جيڪي هنن پاران اڳهين مال ڳولي ہولائين ٿا. پوءِ پنهنجن کي ان ملڪ ۾ سڌائي خريداري ڪرائين ٿا. پر اسان کي هر شيءِ هتي پهچي پوءِ ڳولڻي ۽ سوچڻي پوي ٿي تہ آيا خريد ڪجي يا موٽي وڃجي."

هن ٻڌايو تہ پاڪستانين ۾ Adoptability بہ ڏاڍي آهي. هو وڏي توڙي ننڍي هوٽل ۾ رهيو وڃن. دوستن جي گهرن ۾، ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ پٽ تي بہ چادر تاڻي سمهيو رهن. کائڻ جي معاملي ۾ بہ گوشت مليو تہ چا دال ۽ رٻ ملي تہ چا. ٿلهي ڇانهہ روٽي يا ٻڪ تي بہ هليو وڃن. ساڳي وقت اس هجي، جهڙ هجي، سيءُ هجي گرمي هجي، گاڏي هجي پنڌ هجي، هر ڳالهہ ۾ پاڪستاني ڪم جو مڙس ماڻهو ۽ عقل وارو آهي.

"تي سگهي ٿو پاڪستاني واپار وڙي ۾ انڊين يا چينيءَ کان گهٽو تيز نہ هجي پر اسان عربن کان تہ هر صورت ۾ مٿي آهي. سادگيءَ ۾ رهڻ ڪري، جنهن کي واپار ۾ Per Head Expenditure چئجي، اهو هنن کي گهٽ پوي ٿو. ۽ جڏهن ڪا شيءِ بنهہ سستي پوي تہ پوءِ ماڻهو بي الڪو رهي ٿو. ٿوري اگهہ ۾ وڪامڻ تي بہ فائدو ٿئي ٿو. دمشق ۾ ڪجهہ پاڪستاني چانور، ڪڻڪ ۽ دالين جا واپاري آهن، هو جنهن ريزڪي اگهہ ۾ وڪڻن ٿا ان ۾ تہ اسانکي ٻڌو مال گهر ۾ بہ نٿو پوي. نتيجي ۾ اسان هنن جو مقابلو پنهنجي ملڪ ۾ بہ نٿا ڪري سگهون."

دمشق ۾ رهندڙ ڪيترائي پاڪستاني هنن جا بہ سڃاڻا آهن جن جا هو نالا وٺندا رهيا ٿي. ٻہ منهنجا بہ واقفڪار نڪتا. هڪ کي اتي گڏريج آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ اسان وٽ جهازن تي هو. ۽ ٻيو عنايت سهاڳ جيڪو ڪنهن زماني ۾ سکر جي ڪمرشل انسٽيٽيوٽ ۾ هو ۽ اسانجي ڳوٺائي، نواب شاهہ

جي ڪمرشل انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال حميد شهيد ميمڻ جو ڪليگ هو. هڪ ڪامن سچائو نڪرڻ ڪري نہ فقط هن کي پر مونکي بہ تعجب لڳو تہ هيءَ دنيا ڪيتري ننڍڙي آهي.

### ڊنر ۽ سپر...

دنيا جي هنن اتراهن ملڪن (ناروي، ڊئنمارڪ، فنلئنڊ وغيره) ۾ سياري ۾ ڏينهن بيحد ننڍو ٿئي ۽ اونهاري ۾ تمام وڏو. سياري ۾ شام نہ برابر ٿئي ٿي. اهائي منجهند اهائي شام سمجهڻ کپي. سياري ۾ نائين ڏهين بجي ڏاري سج ايري ۽ ادائي بجي ڏاري لهيو وڃي. پوءِ رڳو اونداهہ ۽ اونداه. سياري جا اهي ننڍڙا ڏينهن بہ نہ برابر روشن ٿين. چار پنج ڪلاڪ جيڪو ڏينهن هوندو آهي اهو بہ ڪارن گهاٽن ڪڪرن هجڻ ڪري اونداهو هوندو آهي.

سو هنن ملڪن ۾ اها خبر نہ پوندي آهي تہ ڪنهن وقت منجهند شروع ٿي، شام ٿي وئي. گهڙو تڙو صبح ۽ رات جو حساب هلندو آهي. پنج وقت نمازي هنن ڏينهن ۾ خوش هوندا آهن جو هڪ ئي وضوءَ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ جي فرق سان اڳين، وچين، سانجهي ۽ سمهڻي نمازون ٿي ويندون آهن. ۽ آفيس دوران ئي اهي سڀ نمازون ٿي وينديون آهن- بلڪ فجر جي بہ. ڇو جو آفيس ٽائيم ائين ڪان شام جو پنجين تائين آهي ۽ سج آفيس ۾ پهچڻ بعد ڏهين بجي ايري مغرب نماز ٻي ادائي بجي ۽ سمهڻي چيئن پنجين ڏاري پڙهي گهر موٽبو آهي.

سئيڊن جي اجان بہ اتراهن شهرن ڪرونا، ڪارسائنڊو ڏي ۽ ناروي جي ٽرنڊام ڪان مٿي ڏي سج اجان بہ دير سان ايري ۽ جهٽ لهي. آفيس مان موٽڻ مهل ائين لڳندو آهي جڻ آڌي رات ٿي وئي هجي. پر هنن ملڪن ۾ هرشيءِ سج جي ايرڻ لهڻ تي نہ پر گهڙيال جي سوئين تي هلي ٿي. سو ان آڌي رات هوندي بہ گهر موٽي پوءِ مارڪيٽ وڃجي ٿو تہ بہ چهل پهل آهي ڇاڪاڻ جو دڪان تہ ستين بجي بند ٿين ٿا.

اونهاري ۾ وري حساب ڪتاب ابتو رهي ٿو. ڏينهن ايڏا ڊگها ٿين جو سج آسمان مان لهڻ جو نالو نہ وٺندو آهي. پاڪستان ۾ اونهاري ۾ سج جلد

جلد تہ بہ سادي پنجين ڇهين بجي اڀري ٿو. پر هتي ان ڪان بہ ٿي ڪلاڪ ڪن اڳ- يعني ٻي اڍائي بجي ڌاري اڀريو وڃي. ۽ پاڪستان ۾ ستين، سادي ستين بجي سج لهي ٿو ۽ هتي لهڻ ۾ بہ وري دير ڪري ۽ ٽي چار ڪلاڪ وڌيڪ آسمان ۾ رهي پوءِ يارهين بجي ڌاري لهي ٿو. ان بعد رات جي اونداهيءَ جا باقي ڪلاڪ ٿي ڪيترا ٿين ٿا! پر اهو آهي تہ اونهاري ۾ ڏينهن وڏو ٿيڻ يا روشنيءَ ڪري دڪان ڪليل نٿا رهن. دڪان اهي ئي مقرر وقت تي- يعني ستين بجي بند ٿيو وڃن ۽ ان بعد رستا مارڪيٽون جهٽ سنسان ٿيو وڃن چاهي چوڌاري اس لڳي پئي هجي. هرڪو گهر پيڙو وڃيو ٿئي. رات جي ماني ٽڪيءَ جو ڪم لاهي، درين تي ٿلها پڙدا ڏئي هرڪو سمهڻ جي ڪري ٿو جيئن مقرر ڪلاڪ ننڊ ڪري سگهي ۽ ٻئي ڏينهن آفيس/ اسڪول ۾ تازو ٿي وڃي. وڏڙن جي قول مطابق هنن شهرن ۾ ڪو سج لهڻ تي سمهي ۽ اڀرڻ کان اڳ اٿي تہ اونهاري ۾ ننڊ جا بہ ڪلاڪ ڪن بہ ڪي مس نصيب ٿينس.

ڪينيا جو عبدالله آدم هيڙن هنڌن تي اونهاري ۾ ستين بجي ئي ڊنر ڪائي سمهي رهندو آهي ۽ پوءِ چئن ڪلاڪن بعد- يعني يارهين بجي، سج جي لهڻ وقت اٿي سانجهي (مغرب) جي نماز پڙهندو آهي.

باوجود عادت ۽ ڪوشش ڪرڻ جي، چوڌاري سج ۽ اس هجڻ ڪري اونهاري ۾ هرڪو نفسياتي طرح سمهڻ ۾ دير ڪري ٿو ۽ هفتي جا ڪيترا ڏينهن رات جو يارهن ٻارهن ٿيو وڃن.

اسين بہ هتي هيلسنڪي (فنلئنڊ) ۾ ڪافي دير تائين جاڳون ٿا. ڪاسٽا ريڪا (وچ آمريڪا) جو هڪ انجنيئر (مسٽر هورهي) ۽ ٽباگو ٻيٽ (ويسٽ انڊيز) جو مسٽر هٽڪيٽ تہ سج لهڻ مهل پارڪ ۾ واڪ لاءِ وڃن ٿا- يعني روشني ضرور ٿي پر وقت جي حساب سان تہ آڌي رات ٿي.

رات جي ماني جنهن کي انگريز ڊنر Dinner سڏين ٿا ڇهين ستين بجي ڌاري ڪائي ڇڏيندا آهيون. پر پوءِ روشنيءَ ڪري گهڻي دير جاڳڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ ڪري ڏهين يارهين ڌاري وري بک لڳندي آهي ۽ پوءِ ٿائلنڊ جو مسٽر سوتي چانئي بيضي يا پنير ونگيءَ جون سئنڊوچون ناهي ڏيندو آهي. يمن جي مسٽر مبارڪ چيو تہ حق تي انگريزن ڊنر ڪان پوءِ هڪ ٻيو ويلو ايجاد ڪيو آهي جنهن کي Supper سپر سڏجي ٿو.

## زاهده شيخ ۽ مريم پليجو جو 'فنش' زبان ۾ انٽرويو...

ڪالهہ پنهنجي ڪمري ۾ وينو هوس تہ شام جو ائين بجي ڌاري ٽائلنڊ واري همراهہ سوتي چائيءَ جو فون آيو ۽ ان سان گڏ دري کولي سڏڻ لڳو. هيلسنڪي (فنلئنڊ) جي هن هوٽل ۾ منهنجو ڪمرو چوٿين ماڙ تي آهي ۽ منهنجي ڪمري جي بلڪل هيٺيان ٽي ماڙ تي سوتي چائيءَ کي ڪمرو مليو آهي.

"ٽي ويءَ تي پاڪستان جو ڪو پروگرام اچي رهيو آهي. جلدي ڪري ڏس متان ختم نہ ٿي وڃي."

پنهنجن ملڪن کان پري هنن ڏورانهن ملڪن ۾ جڏهن دوستن جي ملڪن جي ڪا خبر اخبار يا ٽي ويءَ تي ايندي آهي تہ يڪدم هڪ ٻئي کي اطلاع ڪندا آهيون.

مون جلدي ٽي وي کي آن ڪري چئنل بدلايو پر جڏهن جلد هٿ نہ آيو تہ سوتي چائيءَ کان چئنل نمبر جو پڇيم.

"نمبر جي تہ مونکي بہ خبر ناهي. ڪو لوڪل چئنل آهي. منهنجي ڪمري ۾ ٺي اچي ڏس." هن چيو.

ڊوڙ پائي سندس ڪمري ۾ ويس. پروگرام شروع ٿئي ڪجهہ دير ٿي وئي هئي. پاڪستاني عورتن تي ڪجهہ پروگرام هو. شايد عورت جي ڏکن دردن بابت- خاص ڪري سنڌ جي عورتن بابت هو. ۽ ڪجهہ مذهب بابت هو تہ هي جيڪو ملڪ جا ملان مذهب جي نالي ۾ سخت پڙدي لاءِ چون ٿا ان بابت عورتن جو ڇا خيال آهي. چڱيءَ طرح نٿو چئي سگهجي تہ اهو ڪهڙي موضوع تي پروگرام هو جو اهو هن ملڪ (فنلئنڊ) جي فنش زبان ۾ 'ڊب' ٿيل هو. انٽرويو وٺڻ وارا بہ هتي جا هئا ۽ پنهنجي زبان ۾ ڳالهائي رهيا هئا، بس رڳو شروع جا ڪجهہ لفظ يا جملو اڌ سنڌي اڙدو زبان ۾ اچي ويو ٿي.

ان پروگرام ۾ محترما بينظير کي بہ ڏيکاريائون. ان کان علاوه جرنلسٽ نفسيا هوديائي، حنا جيلاني، زاهده شيخ ۽ مريم پليجو جا پڻ ڪافي ڊگها انٽرويو هئا. ٻہ سال هتي رهڻ بعد بہ اسان کي هتي جي زبان جو ڪو جملو سمجهہ ۾ نٿو اچي- ڳالهائڻ تہ ٺيو پري جي ڳالهہ. پر هيءَ سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ قمبر، جنگشاهي وغيره جي زاهده ۽ مريم لڳو ٿي تہ نہ فقط هتي

جي زبان ’فنش‘ سمجهي رهيون هيون پر جواب ٻه پاڻ ئي ڏئي رهيون هيون. ڪين سنڌيءَ ۾ تقريرون ڪندي مون پهرين ضرور ٻڌو هو پر هينئر تڪڙو تڪڙو فنلئنڊ جي زبان ڳالهائيندي حيرت ٿي.

هوٽل ۾ پاسي جي ڪجهه چئنلن، جهڙوڪ، BBC، ڊسڪوري، ايم بي سي، فرينچ ٽي وي تان اسان جي ملڪن ۽ انهن جي مسئلن بابت ڪافي پروگرام اچن ٿا. جن مان ڪيترائي انگريزيءَ ۾ هوندا آهن ته ٻيا هن پاسي جي ملڪن جي مڪاني ٻولين ۾ ڊب ٿيل هوندا آهن. گهڻو مشهور ٿيل پروگرام ورائي ورائي ٻه ڏيندا آهن. اهڙن پروگرامن مان هڪ سنڌ بابت BBC جو پروگرام ”قرآن سان شادي“ هن سال وري ڏيکاريو ويو جيڪو سڄي يورپ ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو ۽ ٽي سگهي ٿو جن وٽ طاقتور انٽينائون هجن انهن پاڪستان ۾ به ڏٺو هجي.

## قرآن سان شادي...

BBC انگلنڊ وارن طرفان ٽي ويءَ تان نشر ڪيل Women of the Quran نالي پروگرام نه فقط بي بي سي جي ٽي وي چئنل تان پر يورپ جي ٻين ملڪن جي ٽي وي اسٽيشن تان پڻ ڪيترائي دفعا براڊ ڪاسٽ ٿي چڪو آهي. هي پروگرام سنڌ جي هڪ رسم ”قرآن سان شادي“ بابت آهي.

Women of the Quran ڊاڪيومينٽري فلم ۾ انهن عورتن جا انٽرويو ڏنا ويا آهن جن جي شادي سندن مائٽن قرآن سان ڪرائي، نياڻين جي شاديءَ جو فرض جيڪو والدين تي آهي اهو هنن ڪان بخشرايو ويو جنهن کي ”حق بخشرائڻ“ جي رسم سڏيو وڃي ٿو. عورتن جا انٽرويو ڏيندي وقت انهن جا اڌ منهن ڍڪيل هئا جيئن سندن سڃاڻپ نه ٿي سگهي. آخري حصي ۾ هڪ اهڙي به عورت ڏيکاري وئي جنهن مائٽن جي ان فيصلي خلاف بغاوت ڪري پنهنجي سئوٽ سان ڀڄي وڃي شادي ڪئي ۽ ڏيکاريو اٿن ته غربت هوندي به هوءَ پنهنجي مڙس وٽ خوش آهي.

ان قسم جي شاديءَ جي حقيقت جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ BBC جا نمائندا ڪيترن ئي مائهن؛ وڏيرن، سياستدانن، اديبن، مولوين ۽ اخبارنويسن سان مليا آهن.

پروگرام جي شروعات هڪ اهڙي عورت جي انٽرويو سان ڪئي اٿن جنهن جي شادي قرآن سان ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ هوءَ گهر ۾ "بيبي صاحبہ" ٿيو ٻارن کي قرآن پڙهائي رهي آهي. رکي رکي ڪا ڳوٺاڻي عورت تعويذ لکائڻ يا ڌاڳو وٺائڻ لاءِ اچي ٿي.

"منهنجي هن شاديءَ تي" هن سنڌيءَ ۾ ٻڌايو جنهن جو ٽي ويءَ جي اسڪرين تي انگريزيءَ ۾ ترجمو ايندو رهيو ٿي، "مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ لاءِ نفرت ٿي. ان وقت مون سوچيو تہ ان کان تہ آئون ان دؤر ۾ پيدا ٿيان ها جنهن ۾ عرب پنهنجيون ڌيئرون جيئري دفن ڪندا هئا تہ اهو وڌيڪ بهتر هو."

ايترو ٻڌائڻ بعد وري ٻي سنڌي عورت کي ڏيکاريائون "منهنجي عمر پندرهن سال هئي تہ منهنجي قرآن سان شادي ڪئي وئي،" هن سنڌيءَ ۾ ٻڌايو، "هن وقت منهنجي عمر اوڻٽيهہ سال آهي. مون کي ياد آهي تہ شاديءَ جي وقت اسانجي گهر تمام گهڻا مهمان آيا هئا. منهنجي هن قسم جي شاديءَ جو فيصلو گهر جي وڏن ڪيو هو. پوءِ منهنجي شادي قرآن سان سرانجام ڏيڻ جي رسم ادا ڪئي وئي. مونکي سنا سنا زيور ۽ ڪپڙا پهرائي ڪنوار وانگر سجايو ويو هو. پوءِ سيني جي موجودگيءَ ۾ قرآن منهنجي اڳيان رکيو ويو. مون صفحو اڌ پڙهيو ان بعد دعا گهري وئي. اهڙي طرح منهنجي قرآن سان شادي ٿي وئي."

## اهڙي شاديءَ جا سبب...

ان بعد BBC جي نمائندي ٽي وي ڏسندڙن کي انگريزيءَ ۾ ٻڌايو تہ هنن عورتن کي نہ مغرب واري آزادي آهي ۽ نہ اسلام موجب آزادي آهي جنهن ۾ عورت جي شادي والدين تي فرض ڪئي وئي آهي. خاندان جي ڪوڪلي شان ۽ وڏ ماڻهپي برقرار رکڻ لاءِ، ملڪيت جي ورهاڱي کي روڪڻ لاءِ هي نياڻيون سڄي عمر گهر اندر قيدي بڻجيو وڃن.

مٿيان جملا چوڻ وقت بي بي سي جي نمائندي جو فقط آواز هو. اسڪرين تي سنڌ جا مختلف ڳوٺ ۽ درگاهون ڏيکاريندا رهيا. (ڇا اهي خاص ڳوٺ ۽ درگاهون ڏيکارڻ سان BBC وارا ڏسندڙ جي ذهن ۾ اها ڳالهہ وجهڻ ٿا

چاهين ته "قرآن سان شادي" انهن ڳوٺن ۾ عام آهي؟- مون طرفان سوال). ان بعد سنڌي راڳ:

"امان! او مونکي ڪاري ڪري ماريندا." هلي ٿو. اسڪرين تي انگريزيءَ ۾ ترجمو به ڏين ٿا جنهن جو ڪجهه سٽون هن ريت هيون:

Mother! I havent even
Touched my bridal dress
But they are coming to kill me
Mother, these People with Black
Souls will kill me.
As though I am a Sinner
They are coming to kill me.

ان بعد سنڌ جا (خاص ڪري ڏکڻ سنڌ جا) هڪ ٻه شهر ڏيکاري انهن جا نالا وٺي ڪمينٽيٽر ٻڌائي ٿو ته مٿين قسم جون شاديون انهن شهرن جي پسگردائيءَ ۾ به عام آهن.

۽ ان بعد نورالهديٰ شاه کان ورتل انٽرويو جو هڪ ٽڪرو ڏيکارين ٿا جنهن ۾ پاڻ ٻڌائي رهي آهي:

"قرآن سان شاديءَ جي ڪا به مذهبي حيثيت ناهي. هي منهنجو ذاتي خيال آهي ته هن جو هندو ڪلچر سان تعلق آهي. سنڌ ۾ جڏهن اسلام آيو ته اهو هندو جيڪو مسلمان ٿيو يا اهو ٻاهريون مسلمان جيڪو سنڌ ۾ آيو تنهن پنهنجو پاڻ کي اتم ميڄاڻڻ لاءِ هن رسم کي جنم ڏنو."

ان بعد وري نفيسه هود ڀائي جي انٽرويو جو هڪ حصو ڏنو ويو. نفيسه هودڀائي جو ڊان اخبار سان واسطو آهي. هن ٻڌايو: "حق بخشڻ يا قرآن سان شادي جو سبب خاندان جي ملڪيت خاندان ۾ رهڻ آهي. هڪ ٻيو سبب اهو آهي ته جيئن ته اسلام ۾ نياڻين جي شادي والدين تي فرض ڪئي وئي آهي، پر سست ۽ غيرجوابدار والدين ان فرض تان پاڻ کي بري رکڻ لاءِ هن رسم جو سهارو ورتو آهي جيئن جيڪڏهن ڪو هن تي آگر ڪٽي ته هو چئي سگهن ته هن جي ڌي حق بخشيو آهي. قرآن سان شادي ڪئي آهي ۽ ڳوٺ ۾ ڪنڌ مٿاهون ڪٽي هلي سگهن ته هن تي جيڪا ڌيءَ جي جوابداري هئي، ان کان هو هاڻ آجا ٿيا.

## منهنجيون پڦيون پاڳل ٿي ويون...

ان بعد نيلوفر احمد جو انٽرويو ڏنو ويو، آئون ڪيس نه سڃاڻي سگهيس پر سندس نالي هيٺان Daughters of Islam ڏنل هو. لڳي ٿو ته هن ان عنوان تي (اسلام جون نياڻيون) ڪو ڪتاب يا مضمون لکيو آهي. هن ان قسم جي شادي جو سبب جائداد جي ورهاڱي کان بچاڻ ٻڌايو. ان بعد وري ٻهرين عورت کي ڏيکاريو ويو جنهن جي قرآن سان شادي ٿي آهي. هوءَ پنهنجي ڪهاڻي هن ريت بيان ڪري ٿي:

”منهنجي شادي منهنجي چاچي جي پٽ سان ٿيڻي هئي. ننڍپڻ ۾ اها ڳالهه هئي، پر منهنجي پيءُ ۽ چاچي جو پاڻ ۾ ملڪيت تان جهڳڙو ٿي پيو. ان ڪري ان شاديءَ کي ختم ڪيو ويو. منهنجي ماءُ منهنجي شاديءَ لاءِ منهنجي پيءُ کي ڏاڍو سمجهايو ته ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي گهوٽيتن طرفان اهو چون ٿا ته هنن کي اسانجي جائداد يا ملڪيت جي به ڪا طمع ناهي فقط نياڻيءَ جي ٻانهن ڏيو. پر منهنجي پيءُ چيو ته ان ۾ منهنجي بي عزتي آهي. ماڻهو چوندا ته هيڏو وڏو زميندار آهي پر اولاد کي ڪجهه به نه ڏنائين.“

ان بعد ڏيکارين ٿا ته اها عورت هاڻي تعويذ لکي ڳوٺ جي عورتن کي ڏئي رهي آهي ۽ ڳوٺ جون عورتون هن کي، هن جي قرآن سان شادي ٿيڻ ڪري اتم روحاني انسان سمجهن ٿيون. پس منظر ۾ بي بي سي جو ڪمينٽيٽر ٻڌائي رهيو آهي ته هن ويچاري عورت جي شاديءَ لاءِ ماءُ گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر پيءُ اڳيان بيوس هئي جنهن ڪنهن ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ نٿي چاهي. ان قسم جي مردن کي جيئن وڻي ٿو تيئن پاڻ عياشي ڪن ٿا. هو پنهنجي لاءِ هڪڙا قانون ناهين ٿا ۽ پنهنجين نياڻين لاءِ ٻيا قانون ۽ اهي ٻئي قانون غير اخلاقي ۽ غيراسلامي آهن.

ان بعد قرآن سان شادي ڪيل اها ساڳي ٻهرين ئي عورت ٻڌائي ٿي:

”اسان وٽ پنهنجي پيءُ سان اکيون ملائي ڳالهائڻ کي وڏي گستاخي سمجهيو وڃي ٿو. سو اسين شاديءَ بابت ڪيئن زبان چوريون. پر آئون ايترو ضرور چونديس ته اسانجي پيءُ جائداد، ملڪيت بچائڻ لاءِ اسانجي جذبن جو خون ڪيو آهي.“

ان بعد قرآن جي شادي جي هڪ ٻئي پهلو بابت نفيسه هودڀائي اظهار

ڪري ٿي؛

”قرآن سان شادي بعد عورت سڄي عمر ڪنواري رهي ٿي. هن لاءِ سگ اڃڻ بند ٿيو وڃن ۽ ان کي مرد جي ويجهو وڃڻو ناهي. معنيٰ هوءَ با عصمت (Virgin) رهي ٿي. ۽ سنڌ ۾ ڪنواري عورت (نياڻي) سَتن قرآنن برابر سمجهي وڃي ٿي. ٻين لفظن ۾ هوءَ عورت پاڪ پوتر ۽ اتم سمجهي وڃي ٿي. ۽ اها ڳالهه هن کي سوسائٽيءَ ۾ اعليٰ درجو (Status) ڏئي ٿي. ايتريقدر جو هوءَ پير برابر سمجهي وڃي ٿي. سنڌ ۾ مذهبي رهنما کي پير سڏجي ٿو. ۽ اهڙي ريت هن عورت جون ڪيتريون ئي پوئلڳ ۽ مريدياڻيون ٿيو وڃن. هو اڳهائي سگهائي، شادي غمي، واپار نوڪري ۽ دل جي هر مراد لاءِ هن وٽ فالون ڪڍائڻ ۽ دعا ڏاڍڻا گهرڻ لاءِ اچن ٿيون.“

نفيسه هودڀائيءَ جي مٿين احوال بعد هنن وري ساڳي قرآن سان شادي ٿيل عورت کي سندس گهر ۾ ڏيکاريو آهي جيڪا هڪ ڳوٺائي عورت جي بيمار ٻار تي ڦيٿا پڙهي رهي آهي. ان بعد سندس شروع ۾ ڏنل انٽرويو جو باقي حصو ٻڌائين ٿا ته هوءَ چئي رهي آهي: ”مون وانگر منهنجين ڀڃين جي شادي به سندن مرضيءَ خلاف قرآن سان ڪئي وئي. هو ويچاريون ان صدمي ۾ سوچي سوچي پاڳل ٿي ويون.“

## سنڌياڻي تحريڪ...

۽ پوءِ نفيسه هود ڀائي ٻڌائي ٿي ته هن قسم جون نياڻيون اڳتي هلي پاڻ کي ويتر اڪيلو سمجهن ٿيون. ڀائر شاديون ڪريو زالن سان وڃيو سڪيا ٿين ۽ پنهنجو گهر وسائين ۽ هي انهن جي ٻارن جي ٽهل ٽڪور ڪن. ۽ پوڙهن ماءُ پيءُ جي خدمت ۾ بس ٿيو وڃن. ويتر جي پيءُ جو به ڪين پيار ناهي (يا هن جي گذاري وڃڻ تي) هو اڪيلو محسوس ڪن ٿيون ۽ پوءِ اڪيلو اڪيلو چرين وانگر گهر جي ڪونن ۾ موڳيون ۽ Hysterical ٿيو پون. پر سادا ماڻهو ان کي به ابتو رنگ ڏئي چوندا آهن ته هوءَ هاڻ پهتل ٻانهي ٿي وئي آهي. غيب جون ڳالهيون ٿي ڪري. يا چوندا ’جن‘ پيو اٿس.“

ان بعد قرآن سان شاديءَ بابت سنڌ جي ڪجهه اهم شخصيتن (ڪراچي جي مولانا نوراني ۽ پروفيسر شاه فريد الحق سميت) پڇيو ويو ته آيا

اها حقيقت آهي يا غلط بياني. ڪن اڻ ڄاڻائي ڏيکاري، ڪن ٻڌايو تہ هنن ٻڌو آهي تہ ان قسم جون شاديون يا زوريءَ حق بخشرايا وڃن ٿا پر سندن علم ۾ ڪا اهڙي فئملي ناهي. هڪ ٻڌايو تہ ان قسم جون شاديون ڪن ماڻهن ۾ عام آهن.

ان بعد جنگ اخبار جي ڪالم نويس زاهده حنا ڏيکاري وئي جنهن ٻڌايو تہ سنڌ مان ان ظالم رسم جي خلاف سال ۾ ويهہ پنجويهہ خط اچن ٿا جن مان پاڻ هڪ اڌ پڙهي ٻڌائين.

”سنڌ ۾ عورتن جي تعليم گهٽ آهي.“ زاهده ٻڌايو، ”ان ڪري اجان ايترا خط نٿا اچن ۽ نہ وري عورت کي ايڏي آزادي آهي تہ هوءَ ٻاهر وڃي خط پوسٽ ڪري.“

انهيءَ گفتگو کان اڳ ۽ پوءِ وچ وچ ۾ جنگل ڊرامي جا ڪجهہ سين انگريزي ترجمي سان ڏيکاريا ويا جيڪي ان شاديءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

ان بعد بي بي سي جي ڪمينٽيٽر سنڌ جي عورتن جي تحريڪ- سنڌياڻي بابت ٻڌايو تہ اها تحريڪ تمام مشهور آهي ۽ ڪيترين غريب عورتن لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. ”هن تحريڪ جي ميمبر شپ جو تعداد پنجاه هزار ميمبرن کان بہ مٿي آهي. اهي هن قسم جي شادي واري مسئلي کي Condemn ڪن ٿيون ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين عورت کي ان ظلم کان نجات ڏيارڻ ۾ مدد ڪن ٿيون.“

ان دوران پس منظر ۾ ڪجهہ سنڌي ڳوٺاڻيون ڇوڪريون سنڌي راڳ ”او ساٿي باڪ ڦٽي ٿي“ ڳائيندو ڏيکارين ٿا ۽ آخر ۾ مريم پليجو جو پڻ مختصر انٽرويو ڏنو ويو. مريم جنهن جو تعلق سنڌياڻي تحريڪ سان آهي ان مسئلي ۽ ان جي حل تي ڪجهہ روشني وجهي ٿي.

## ڇا مسلمان اهڙا خطرناڪ آهن...

يورپ پاسي جي ٽي وي يا اخبار رسالي تي غور ڪبو تہ ان ۾ هڪ ڳجهو پهلو پڻ نظر ايندو. اهو آهي ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن کي هيڻاهون ۽ نيچ ڏيکارڻ. انهن ۾ بہ وري مسلمانن کي سڀ کان وڌيڪ ڏيکاريو وڃي ٿو. ٽي وي پروگرام توڙي اخباري مضمونن ذريعي هن پاسي (يورپ) جي رهاڪن کي

اهو محسوس ڪرايو ويندو آهي تہ يورپ جي مقابلي ۾ آفريڪا ۽ ايشيا جا ماڻهو اڻسڌريل آهن ۽ مسلمان تہ هيڪاندا جاهل. ظالم ۽ ڏاڍا ڪندڙ آهن. ۽ اسلام چڱايون نہ پر برائيون سيکاري ٿو.

ان پروپيگنڊا ناهڻ ۽ پکيڙڻ ۾ هي يورپي تمام ماهر ۽ موقعي پرست آهن. مثال طور ٽي ويءَ تان سنڌ ۾ ٿيندڙ "قرآن سان شادي" بابت ڏيکاريل فلم ۾ اهو تاثر ڏنو ويو آهي تہ مسلمان چريا ۽ جاهل آهن. جيتوڻيڪ ڏنو وڃي تہ اها خامي يا مسئلو ڪو گهٽائيءَ جو ناهي. ايشيا کنڊ جي هڪ ملڪ پاڪستان جي هڪ ننڍڙي صوبي سنڌ جي چند شهر جي ڪجهہ رهاڪن جو آهي. هاڻ اهو مسئلو، ان جي خرابي يا ان جو غيراسلامي هجڻ پنهنجي جاءِ تي ضرور صحيح آهي پر اهو ڪو اهڙو مسئلو بہ ناهي جنهن کي يورپ ۾ هر هر صبح شام ڏيکاريو وڃي. جڏهن تہ ان کان وڏا وڏا مسئلا يورپ جي شهر شهر ۾ نظر ايندا. پيو تہ ٿهيو فقط سڏ پنڌ تي بوزنيا ۾ دنيا جا مهذب يورپي ڏيڍ ڀڻ سالن کان انسان ذات تي اهي اهي ظلم ڪري رهيا آهن جو هٽلر کي بہ شرم ۽ رحم اچي وڃي. پر ويندي پاڙي جا ملڪ ڪن لاتار ڪري ويا هلن. ۽ اهڙن وڏن ۽ پنهنجن مسئلن کي ظاهر ڪرڻ بدران دنيا کي اهو ٻڌايو پيو وڃي تہ "ڏسو ڏسو ظلم ٿي رهيو آهي. سنڌ جي فلاڻي ڳوٺ جو فلاڻو پنهنجي ڌيءَ جي شادي قرآن سان ڪرائي رهيو آهي. مسلمان ڪيترو جاهل آهن." وغيره.

۽ اهڙي قسم جا پروگرام هڪ دفعو نہ پر هر هر ڏيکاريا وڃن ٿا. ان ۾ بي بي سي وارا تہ هيڪاندا ماهر آهن.

"قرآن سان شادي" وارو ٽي وي پروگرام، بي بي سي وارن گذريل ڏهن مهينن ۾ چار دفعا ڏيکاريو آهي. گذريل دفعي تہ صبح جو ڏيکاري وري منجهند جو ڏيکاريائون- جيئن جن کان رهجي ويو هجي اهي پڻ ڏسي وٺن. ان فلم بعد ويندي اسانجي يونيورسٽيءَ جا غير مسلمان عربن، ايرانين، ملئي، انڊونيشي ۽ اسان پاڪستانين کان پڇندا رهيا تہ ڇا اسلام ۾ ائين بہ آهي ڇا؟ هاڻ ٻين کي تہ ڇا خبر پر پاڪستانين کي بہ اهو پهريون دفعو معلوم ٿيو تہ سنڌ ۾ ائين ٿيندو آهي. قاضي سنڌ جو آهي پر ان کي بہ اها ڄاڻ نہ هئي. افسانن ڪهاڻين ۾ يا شايد ڪنهن واتان مون ضرور ٻڌو آهي پر بقول ممتاز ڀٽي جي اها ڄاڻ نہ آهي تہ اها رسم ڪهڙين فئملين ۾ اڃان قائم آهي. سو ان مان اندازو

لڳائي سگهجي ٿو تہ اها ڪا عام يا هر مسلمان خاندان ۾ نہ آهي. جيتوڻيڪ پنهنجي جاءِ تي ان جو وجود ضرور آهي.

پاڪستان ٽي ويءَ تان ڏيکاريل ”جنگل“ ڊرامي يا بي بي سي وارن سنڌ ۾ وجي قرآن سان شادي ٿيل عورتن جا انٽرويو ورتا آهن تہ ان ۾ حقيقت ضرور هوندي ۽ هرهڪ کي اهڙين عورتن سان همدردي هئڻ کپي ۽ ساڳي وقت جيڪو بہ مسلمان ائين ڪري ٿو اهو غلط ڪري ٿو جنهن لاءِ اسلام هرگز نٿو چوي. ۽ ان لاءِ اسلام يا سنڌين يا پاڪستانين کي جوابدار نٿو ٺاهي سگهجي. ۽ اهو پنهنجي جاءِ تي مسئلو ضرور آهي. پر اهو ڪو اهڙو مسئلو بہ ناهي جنهن لاءِ بي بي سي وارا هتان انگلنڊ يورپ کان پڳ ٻڌي پاڪستان جي صوبي سنڌ جي ڪن ٻهراڙين مان فلمون ڀري آيا آهن ۽ گذريل سال کان سڄي يورپ کي ڏيکاري رهيا آهن تہ ڏسو ڏسو مسلمانن يا سنڌين پاڪستانين جا هي حال آهن. جڏهن تہ ڏٺو وڃي تہ ان کان ڪئين وڏا ۽ گنڀير مسئلا هن يورپي ۽ مغربي سوسائٽي ۾ موجود آهن. پر هتي جي ٽي وي، خاص ڪري سوويت روس جي ٽٽڻ بعد، اڄ ڪلهہ سڄو زور ان ثابت ڪرڻ ۾ لڳائي رهي آهي تہ مسلمان خطرناڪ آهن انهن کان پري پاسو ڪجي. اهوئي سبب آهي جو مغربي ٽي ويءَ تان ڪنهن عرب، مولوي يا مسجد کي اهڙي نموني ڏيکاريو وڃي ٿو جو ڪِلَ ۽ ٺٺولي لڳي.

## پنيٽ پاٺي ٻريو وڃي...

ڪجهہ ڏينهن اڳ انڊيا جي مذهبن ۽ ريتن رسمن بابت سئيڊن جي ٽي ويءَ تان ٻن ٽن ڪلاڪن جي فلم ڏيکاري وئي. اها فلم انگلنڊ يا فرانس وارن ناهي آهي ان ۾ سئيڊش عنوانن سان هتي ڏيکاري وئي. ان ۾ هندن، عيسائين ۽ سکن جي شادين مرادين جون رسمون توڙي عبادتن جا هنڌ صاف سٺري نموني جا ڏيکاريا ويا آهن. انهن جون شاديون پڻ وڏن گهراڻن جون ۽ هوٽل ۾ سهڻي نموني سان اوچن ويس وڳن ۾ ڏيکاريون ويون آهن. پر مسلمانن جي شاديءَ جي رسم هڪ غريب پٺاڻ جي گهر ۾ اهڙي نموني ڏيکاري وئي آهي جو دلچسپ گهٽ پر ٺٺولي آموز گهڻي لڳي ٿي. ساڳي طرح مسلمانن کي مسجد ۾ عبادت ڪندو ڏيکارڻ بدران ڪين هڪ درگاهہ ۾ دفن ٿيل ڪنهن

بزرگ جي قبر مٿان روئندو پٽيندو ۽ دعائون گهرندو ڏيکاريو ويو آهي. جنهن کي ڏسي عرب دنيا جي مسلمانن کي ٿي نفرت ۽ چڙ وٺي هوندي تہ هيءَ الله جي عبادت تہ نہ پر شرڪ جهڙو ڪم ڏيکاريو پيو وڃي. ان بعد درگاه جي در وٽ لنگر جي پٽ تي مسلمانن کي وڙهندو ڏيکاريو ويو آهي جنهن ۾ بہ نمازي گهٽ هئا پر درگاهہ ٻاهر ويٺل چرسي موالي ۽ اڌ اگهاڙا ٻاگڙي فقير ۽ مايون گهڻيون آهن.

اهڙي نموني جي فلم ڏيکارڻ سان فلم ٺاهڻ ۽ فلم هلائڻ وارا پنهنجي مقصد ۾ ضرور ڪامياب ويا هوندا ڇاڪاڻ جو اهڙي فلم ڏسڻ بعد ڏسڻ واران کي هندستان ۾ رهندڙ مسلمانن بابت خاص طرح ۽ دنيا جي ٻين مسلمانن بابت عام طرح جيڪو دماغ ۾ اثر ويٺو هوندو ان بابت هرڪو سمجهي سگهي ٿو.

هڪ ٻي ڊاڪيوميٽري فلم جيڪا بي بي سي وارن پيري آهي ۽ بي بي سي سان گڏوگڏ يورپ جون ٻيون اسٽيشنون پڻ ڏيکاري رهيون آهن اها آهي عرب رياستن ۾ اٺن جي ڊوڙ بابت- جنهن ۾ پاڪستان، بنگلاديش ۽ انڊيا مان آندل ننڍن ٻارن کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. شاهوڪار عرب ٻارن جي مائٽن کي اهو چئي سندن ٻار وٺيو وڃن تہ هو ڪين گهر جي ڪم ڪار لاءِ وٺي وڃن ٿا ۽ پوءِ ڪين اٺ تي ٻڌي وهاريو وڃي ٿو ۽ سندس لڪڻ هٽڻ يا ڊپ کان رڙيون ڪرڻ تي اٺ تکو ڊوڙي ٿو. ڪجهہ اهڙا بہ واقعا ٿيا آهن جن ۾ ٻار زخمي ٿي پيا آهن ۽ مري بہ ويا آهن.

بهرحال اهو پڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ اهڙو مسئلو آهي جنهن تي نہ فقط پاڪستان پر انڊيا ۽ بنگلاديش جي حڪومت پڻ سختي ڪري رهي آهي تہ ننڍا ٻار عرب رياستن ۾ پورهئي لاءِ نہ وڃن. پر جنهن نموني سان هي پروگرام بار بار ڏيکاريو پيو وڃي ان ۾ حبِ حسين ڪان وڌيڪ بغض معاويہ وارو راز سمايل آهي. يعني ان ۾ نہ اسان جي ملڪن سان همدرديءَ جو پهلو آهي ۽ نہ ٻارن تي ڪهل جو. پر ڪنهن طرح عربن کي ذليل ڪيو وڃي ۽ ساڳي وقت ٻين مسلمان ملڪن کي عربن سان دوستي ڪرڻ بدران نفرت ڏياري وڃي.

اٺن جي ڊورڙ فلم ۾ هڪ هنڌ ڊوڙ جي پڄاڻيءَ مهل عرب خوشيءَ مان اٿي بيهي تاڙيون وڄائين ٿا تہ سندن اٺ سٺا ڊوڙي رهيا آهن. پر ان سين کي

ڏيکارڻ ڪان اڳ پنجاب جي هڪ ڳوٺ جي فئمليءَ کي ڏيکاريو ويو جيڪا پنهنجي ٻار سان ٿيل ظلم جو احوال ٻڌائي رهي آهي تہ پنجاهہ هزار رپيا ڪين ڏئي سندن ٻار کي وٺي ويا.” اتي اسانجي ٻچي کي هر مهيني ڏهہ هزار رپيا ڪن پگهار ڏين ٿا جيڪو هو اسان کي باقاعدي موڪليندو رهي ٿو پر ماني پوري ساري ڪارائنس ٿا. عرب پنهنجن ائن کي تہ اوچا ڪاڏا ۽ ڏريا ڏين ٿا پر اسانجي ٻارن جو خيال نہ اٿن.“ وغيره وغيره.

اهڙي طرح ڏسڻ وارن کي عربن تي چڙ ڏياري پوءِ مٿين سين ڏيکاري وئي تہ ائن جي ڊوڙ تي هو ڏند ڪڍي خوش ٿي رهيا آهن. ظاهر آهي ان وقت ڏسڻ وارن کي عربن تي وڌيڪ چڙ لڳي ٿي تہ مروان موت ملوڪان شڪار آهي. معصوم ٻارن يا ڳگدام جانورن جو خيال نہ اٿن. رڳو پنهنجي عياشيءَ ۾ محو آهن.

۽ اها فلم ڏيکارڻ وارن جو بہ اهوئي مقصد آهي تہ عربن جا عيب ظاهر ڪيا وڃن ۽ جن جن ملڪن جا ٻار آهن انهن ملڪن ۾ ڳوڙ مچايو وڃي. ڇو تہ ڪين خبر آهي تہ اسانجهڙن ملڪن ۾ فقط ڇٽنگ دڪائٽي آهي. عوام ايڏو جذباتي ۽ جلدباز آهي جو منجهس دونهين دڪڻ بعد پاٺهي پنيٺ مچائي ڇڏيندو.

## دنيا اکيون ۽ ڪن بند ڪري ڇڏيا آهن...

مزي جي ڳالهہ اها تہ ان ائن جي ڊوڙ واري فلم ۾ عربن جي وچ ۾ مهمان خصوصي طور وينل ڪو عرب يا مسلمان، يا ايشيا جو باشندو نہ پر انگلنڊ جو شهزادو چارلس آهي. جيڪو عربن ڪان وڌيڪ ڏند ٽيڙي تاڙيون وڄائي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيو آهي. فلم ٺاهڻ وارن ان کي غائب ڪرڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي آهي پر ڪيترين جهلڪن ۾ هو نظر اچي ٿو. ۽ ظاهر آهي مون جهڙن ڪيترن ڏسندڙن جي دل ۾ اهو سوال پئدا ٿي سگهي ٿو تہ تيل جي دولت ۾ محو امير عرب ۽ پنهنجا ٻار موڪلڻ وارا اسين غريب ملڪن جا ماڻهو تہ ضرور جاهل ٿياسين پر هي انسانن توڙي جانورن سان ظلم خلاف جنگ جوٹڻ وارو اسانجو ”چئمپين“ شهزادو چارلس ان قسم جي مقابلي کي ندڻ بدران ڇو واڇون ٽيڙي عربن جي همت افزائي ڪري رهيو آهي؟ ان سڄي راند کي ڇو داد ڏئي رهيو آهي؟

پر ٽي وي ۽ جا استاد ۽ ان قسم جي فلم ٺاهڻ وارا به هوشيار آهن. شهزادي چارلس جون هڪ ٻئي پويان به چار جهلڪون اچڻ بعد ڪمينٽيٽر يڪدم چوي ٿو: "هن کي خبر ناهي ته عرب هن غريب ٻارن کي ڏارين ملڪن مان وٺي آيا آهن نه ته هو اهڙي دعوت ڪان ٿي وڻءُ وجي ها."

سو ان قسم جي فلمن ڏيکارڻ سان انسان ذات سان ڪا همدردي يا انهن ڏوهن جو تدارڪ نظر نٿو اچي پر هڪ قسم جي نفرت پيدا ڪرڻ جو ئي پهلو آهي. جي دل ۾ همدردي هجي ها ته پاڪستان ۽ عرب رياستون ته پري، خود سندن پڙهيل ڳڙهيل ۽ قانون تي هلندڙ يورپ جي ملڪن ۾ روزانو جيڪو ايشيا جي ماڻهن سان- خاص ڪري مسلمانن سان ظلم ٿي رهيا آهن پهرين ته انهن بابت آواز اٿارين.

هتي يورپ ۾ سندن ماڻهن يا ايشيا آفريڪا جي ماڻهن سان ٿيندڙ ظلمن وقت خبر ناهي ڇو انساني حقن (Human Rights) جو نه آمريڪا کي ۽ نه ڪنهن يوربي ملڪ کي ڪو خيال اچي ٿو. جيئن انگلنڊ جي هڪ اخبار ۾ ڪنهن جو مضمون هو ته آمريڪا يا يورپ جڏهن اهو ٻڌي ٿو ته عرب يا مسلمان ملڪ ۾ چوريءَ جي ڏوهه ۾ چور جو هٿ ڪپيو وڃي ٿو ته ان کي ظلم سڏي ٿو ۽ ڪيس اک جو بدلو اک، ڏند جو بدلو ڏند وارو قانون سنئو نٿو لڳي. پر آمريڪا پاڻ جارج بش تي ڪوڙي سچي حملي بعد بنا ثبوت ۽ ګڏيل قومن جي بنا اجازت جي صادام کي نقصان پهچائڻ بدران غريب عراقين تي بمن ۽ گولين جو وسڪارو ڪريو ڏئي ته ڪنهن کي به ان تي آڱر کڻڻ جي همت نٿي ٿئي.

گذريل مهيني جي هفتيوار "ايشياويڪ" ۾ ملائيشيا جي اڳوڻي ڊپٽي پرائيم منسٽر ۽ U.N. Commission on Human Rights جي موجوده ميمبر- موسيٰ حطام جو انٽرويو آيو آهي جنهن ۾ هڪ هنڌ هو خوب چوي ٿو:

"مغربي ملڪ سمجهن ٿا ته انساني حقن جو ڪو هُو ئي خيال ڪن ٿا. پر حقيقت ۾ انهن مغربي ملڪن ۾ ڪيترا اهڙا ملڪ آهن جن جي ظلمن جا داستان عام آهن. ٻيو ته ٺهيو پر سندن در اڳيان- يعني بوزنيا ۾ ٻن سالن کان انسان ذات تي ظلم ٿي رهيا آهن پر آمريڪا توڙي يورپ وارا ماٺ ۾ آهن. هوڏانهن عراق کي پادر هيٺ لاءِ آمريڪا رڳو جوتي ۾ هٿ وڌو ته سڀني مغربي

ملڪن آمريڪا جو پاسو وٺي عراق کي موچڙا هڻڻ لاءِ ڀيچي ويا. ۽ هاڻ بوزنيا جي معاملي ۾ ماٺ ۾ آهن. ڇا ائين ته نه آهي ته بوزنيا ۾ جيڪي ظلمن ۽ غمن ۾ ڇيپاٽجي رهيا آهن اهي ڀيا نه پر مسلمان آهن، ان ڪري انهن سان ڪو همدردي نٿو ڪري. گڏيل قومن جي انساني حقن جي هن ڪميشن ۾ ڪم ڪرڻ بعد مونکي اهوئي تجربو ٿيو آهي ته توهان ڪهڙو به ظلم ڪري بچي سگهو ٿا بشرطيڪ توهان مغربي طاقتن سان ها ۾ ها ملائيندا اچو. بوزنيا ۾ ٿيندڙ ظلمن خلاف قدم کڻڻ بدران آمريڪا ڪانئي ڀڏي منهن ورائي ماٺ ڪري ويهي رهيو آهي ته سڄي دنيا ظالم کي سزا ڏيڻ بدران اکيون ۽ ڪن بند ڪري ڇڏيا آهن.“

## ڪِن جا ٻول ٻمِن ڪان به طاقتور آهن

هن سال جون ۾ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽيءَ، جنهن سان منهنجو واسطو آهي، کي ڏهه سال پورا ٿيا آهن. ان سلسلي ۾ هي سڄو هفتو فنڪشن هلي رهيا آهن.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا نمائندا سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ آيل آهن جتي هيءَ يونيورسٽي آهي. ڊئنمارڪ، ناروي، سئيڊن ۽ ٻين پاسي وارن ملڪن جا ته ڪيترائي اهم عهديدار آيل آهن جهڙوڪ: وزير، شهرن جا ميئر، نيول ايڊيوڪيشن سان واسطو رکندڙ پروفيسر ۽ واسطيدار آفيسر، جهونا جهازي ۽ جهاز سازيءَ جا ماهر، انجنيئر، نيول آرڪيٽيڪٽ وغيره. سئيڊن ۾ جن جن ملڪن جا سفارت خانا آهن انهن جا سفير يا سيڪريٽري نمائندگي طور آيل آهن. ڪن ملڪن- جهڙوڪ: نائيجيريا، سعودي عرب، گهانا، ايران، ترڪي، هندستان کان انهن ملڪن جي وزارت مواصلات يا دفاع جا سيڪريٽري پڻ آيل آهن.

ڏينهن جو هن يونيورسٽي جي واڌاري ۽ بهتري لاءِ ميٽنگون ۽ پريس ڪانفرنسون هلن ٿيون ۽ رات جو ڊنر يا هلڪي ڦلڪي دعوت ۽ ورائٽي پروگرام.

سومر ڏينهن شام جو ستين بجي ڏاري هتي جي سٽي هال ۾

يونيورسٽي وارن انهن نمائندن، شهر جي معزز ماڻهن ۽ يونيورسٽي اسٽاف، شاگردن ۽ سندن فئملين کي دعوت ڪئي. ان ۾ يونيورسٽي جي شاگردن پنهنجي پنهنجي ملڪ يا علائقي جو ڪو راڳ يا ناچ وغيره ڏيکاريو.

ايراني مڙيئي اهڙين دعوتن ۾ نہ ايندا آهن جو هو ان محفل کان پاسو ڪن ٿا جنهن ۾ شراب جو واهپو يا ڊانس آهي، ۽ هن پاسي جيڪي دعوتون ٿين ٿيون انهن ۾ ڪاڏو گهٽ شراب وڌيڪ هلي ٿو. سڪون سان ويهي ڳالهائڻ گهٽ ميوزڪ ۽ گوڙ گهمسان گهڻو ٿئي ٿو. هڪ ٻئي سان ڪيڪار ڪرڻ يا چاڻ سڃاڻ گهٽ نچڻ ٽپڻ وڌيڪ آهي. ان ڪري يونيورسٽي جي شاگردن جي دعوت ٿيندي آهي تہ بہ ايراني نہ ايندا آهن. پوءِ اها ٻي ڳالھہ آهي تہ انهن مان هڪ ٻہ نوجوان بنا فئملي وارا ايراني، هئومئو ترڻ بعد، ڪڏهن پيئندا بہ آهن تہ يونيورسٽي جي شاگرديائين خاص ڪري ڏکڻ آمريڪا جي ڇوڪرين ۽ مهمان طور آيل شهر جي عورتن سان ڊانس بہ ڪندا آهن. ۽ هڪ ٻہ ايراني ڏاڙهي بہ ڪڏهن رکندا آهن تہ ڪڏهن پاڪي گهمائي بيا هلندا آهن. بهرحال دنيا جو واحد ملڪ ايران آهي جنهن جا گهڻي ڀاڱي شاگرد اهڙين دعوتن ۽ ڳالهين کان پاسو ڪن ٿا.

پر هن دعوت ۾ نہ فقط سڀ ايراني آيا پر ٻارن ٻچن کي بہ وٺي آيا. ايران ۾ ڇوڪري نون سالن جي ٿيڻ تي مٿو ڍڪي هلي ٿي. ۽ جنهن چورس پوتي نما ڪپڙي جو ٽڪنڊو ٺاهي مٿي کي هوءَ ڍڪي ٿي ان کي روءِ سري سڏجي ٿو. (عرب ان کي ’حجاب‘ چون ۽ ملئي ’تودونگ‘).

هن وقت اسانجي بئچ ۾ ڇهہ ايراني آهن ۽ اسان کان هڪ سال جونئر بئچ ۾ يارهن آهن. انهن ۾ ڪي جهازن جا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر آهن تہ ڪي بندرگاهن جا آفيسر ۽ واسطيدار وزارتن (Ministries) مان آهن. سندن ٻارن ٻہ فارسيءَ جا راڳ ڳايا. جن مان هڪ جو ٿلھہ هو: الله اڪبر– خميني رهبر.

”زنجير استعمار مردانه بگسستيم
رزدام اهريمن باياد حق ريستم
ما نغمه الله اڪبر بر زبان داريم
ماچون خميني رهبري روشن بيان داريم
الله اڪبر، خميني رهبر“

هو، ميءِ، جام، ساقي، شراب، شباب، رباب- ڇا ڇا نہ ٿي هليو. پر هاڻ خميني بعد ڳالهہ ئي ٻي ٿي وئي آهي، جيئن شمن چوي تہ ويهي رهو تہ سڀ ويهي رهن. امام خمينيءَ حڪم ڪڍيو ناهي تہ پوئواري ٿي ناهي. پوءِ دنيا ڪٿي ڇا بہ چوي.

گذريل سال بارسلونا (اسپين) ۾ اولمپڪ جي راندين جي افتتاح وقت هر ملڪ جي رانديگرن اڳيان ميزبان اسپيني ڇوڪريءَ ان ملڪ جي جهنڊي مان ٺهيل اڌ اگهاڙي ڊريس ۾ 'مارڪر' ٿي هلي. پر ايران ئي هڪ واحد ملڪ هو جنهن اهڙي مسخريءَ ڪان صاف صاف منع ڪئي. رانديگرن واري ٽولي ۾ بہ هن ڪابہ عورت نہ رکي. اسپين ۽ اولمپڪ راندين جا قانوندان اعتراض ڪندا رهيا. پر ايران پنهنجي اصول تي اٽل رهيو. ٽڏهن تہ شيطاني آيتون Satanic Verses لکڻ واري سلمان رشدي جو بہ ايران جي فتوا بعد ئي ساهہ سڪيو. نہ تہ ان ڪان اڳ پاڪستان، هندستان، ملائيشيا بنگلاديش جا ماڻهو سلمان رشديءَ خلاف جلسا جلوس ڪيندا رهيا. سندس بوتا ٺاهي ساڙيندا رهيا. سندس ڪتاب ۽ ڪتاب وڪڻندڙ دڪانن کي باهيون ڏيندا رهيا پر "همراهہ" ڏند ڪڍي ڪلندو رهيو. بلڪ هو ان قسم جي مخالفت کي پنهنجي مشهوري سمجهندو رهيو. نہ فقط عوام پر ڪيترن ملڪن جون حڪومتون پنهنجن سفارت خانن ذريعي پنهنجي اعتراض جو اظهار ڪنديون رهيون پر هي همراهہ بالم ٿي هلندو رهيو. پر جيئن ئي امام خمينيءَ سندس موت جي فتوا ڏني تہ همراهہ جو مٿو چڪرائجي ويو تہ صحيح طرح مصيبت هاڻ اچي وئي. اهو ڏينهن اڄ جو ڏينهن سلمان رشدي لڪندو وتي. ڪن حاڪمن ۽ اڳوائن جي لفظن کي بمن بارودن ڪان بہ وڌيڪ طاقت ٿئي ٿي.

## ائمي اهڙي بہ ڇري ناهي

ايرانين ڪان اڳ فلپين جي ست ڪن شاگردن- جن ۾ چار مرد ۽ ٽي عورتون هيون، ٽولي جي صورت ۾ نچي راڳ ڳايو. ان بعد بانس جا ڏنڊا هڪ ٻئي سان ملائيندا رهيا جن جي وچ وچ ۾ قدم رکي اسانجي هڪ فلپينو

ڪلاس ميٽ ڊيزي نچندي رهي. هي هڪ مشهور فلپيني لوڪ ناچ آهي جيڪو فلپين ۾ عام هلي ٿو.

ڊيزيءَ جو سچو نالو ڊيزي جبولي آهي. پاڻ پنهنجي ملڪ مان نيول آرڪيٽيڪٽ انجنيئر جي ڊگري حاصل ڪري هاڻ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هتي M.Sc لاءِ آئي آهي. پاڻ گورنمنٽ آفيسر آهي ۽ منيلا ۾ ”انجنيئرنگ ريسرچ ۽ ڊيولپمينٽ ڊويزن“ ۾ سينئر پوسٽ تي آهي. اسان وارو ڊاڪٽر سليمان شيخ چوندو آهي ته انجنيئرن يا ڊاڪٽرن کي ٻه ڪپي ته پنهنجي پروفيشن سان گڏ ڪجهه ٻيا به ڪم ڪن، مثال طور ادبي، سماجي وغيره. ان حساب سان ڊيزيءَ جو جواب نه آهي. پاڻ انجنيئر آهي. سٺي بورچياڻي آهي. هتي جي اخبارن ۾ مضمون لکندي رهي ٿي. سٺي ڳائڻي ۽ سٺي ڊانسر آهي، ڪنوارين عورتن ۾ هڪ هيءَ آهي جيڪا عشق جي چڪر ۾ نه آهي، نه ته مختلف ملڪن کان آيل ’شاگرد- عورتون‘- خاص ڪري ڏکڻ آمريڪا، ايشيا مان هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ ۽ فلپين جون ۽ ويندي آفريڪا جون حبشياڻيون ان چڪر ۾ آهن ته يورپ پاسي جي ڪنهن همراهه سان نينهن ناتو ٿي وڃي ته پنهنجي ملڪ موٽڻ بدران يورپ جي ٿڌن ملڪن ۾ ٿي ٽڪي پئجي.

هڪ اڌ تقرير بعد گهانا جي ايميءَ ۽ نائيجيريا جي جوزفين ۽ مارگريٽ پنهنجي قومي لباس ۾ ناچ ڏيکاريو ۽ راڳ ڳايو.

موراڪو جي اڪوح عبدالوهاب کي چيم:

”تون به ته ڪا آفريڪن ڊانس ڏيکار“

وراڻيائين: ”ان ڪم ۾ اهي شيدياڻيون پڙ آهن.“

اڪوح عبدالوهاب پاڻ اڇو ۽ عرب نسل جو آهي پاڻ ۽ ٽيئي شيدياڻيون پورٽ مئنيجمينٽ ۾ M.Sc ڪري رهيون آهن.

ايميءَ جا حال احوال ڏسي شروع جي ڏينهن ۾ چوندو هوس: ”ايمي! مونکي ته ڪنهن به ڪنڊ کان نٿو لڳي ته تون سينيگال جي وڏي بندرگاهه (ڊڪار) جي آفيسر (ڊائريڪٽر) آهين!“

ٻين کي به چوندو هوس ته هن جي هٽ هيٺ تمام وڏو عملو ڪم

ڪري ٿو. انهن تي هيءَ الائي ڪيئن رعب هلائيندي هوندي، ڏسڻ ۾ ته جهڙي الڪان چري، هر وقت مرڪندي رهي ٿي.

پوءِ هڪ دفعي گروپ ڊسڪشن ۾ هن جو نالو نه فقط اسان جي ڏسن چڻن جي گروپ ۾ آيو پر اسان جي چيئر پرسن به هيءَ چونڊي. چونڊي ڇا هئي ڪُٽن ڪيڻ تي هن جو نالو نڪري آيو. اسانجي ان گروپ کي 'سمنڊ کي تيل ۽ ٻئي گند ڪچري کان بچائڻ لاءِ ڪجهه اپاءَ ڳولڻا هئا.' مون ته دل ۾ چيو ته ايمي چري چيئر پرسن ٿي آهي سمجهو ته موڪل ٿي وئي. رسيس ۾ ڪئنٽين ۾ پنهنجي پاڪستاني ڪلاس ميٽ (چيف انجنيئر راحت عزيز) چانهه پيئڻ تي جلدي جلدي ڪئي ته ان کي به چيم ته لالا! فڪرئي نه ڪر. اهڙي به ڇا جلدي آهي، آرام سان ويهه ته سڱنبوچ به ٺهرائي ٿا کائون.

بيا همراهه هليا ويا، اسان ٻئي چانهه ٺرڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين ته مٿان مينهن واهه ڪندي اچي ايمي نڪتي. اسان ٻنهي کي نه فقط سمجهائي پر دڙڪا ڏئي وئي، چي: "هي ٽيم ورڪ آهي، سيني کي حصو وٺڻو آهي. حصو ڪٽي نه به وٺو ته به وقت جا ته پابند ٿيو."

پهرين ته اسان واتڙا ٿي وياسين ته هن گونگي ڳانءِ کي ٿيو ڇا. پر پوءِ ڪو بهانو ناهڻ ۾ ئي شرافت سمجهيسين.

"ايمي اسان جي طبيعت ٺيڪ ناهي." مون چيومانس.

"طبيعت ٺيڪ ناهي يا جوابداريءَ کان پڄو ٿا." ائين چئي هلي وئي. جڏهن ڪئنٽين جو به در لتاڙي ٻاهر پهتي ته راحت ٺاءِ جي ڳنڍ ٺيڪ ڪندي (چڙ ۾ هو هميشه ائين ڪندو آهي يا قميص جي مٿين ٻيڙي کي جهلي ٻيهندو آهي) چيو:

"ڇوري نياڳي، ننڊ وڏائيءَ جو به خيال نه اٿس. ڪنهن گروپ جو آئون چيئرمين ٿيان ته هن فرينچ ڳالهائيندڙن کي به ايترو ڪم ڏيندس جيترو انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪن وارن کي."

۽ پوءِ ٿوري دير هڪ ٻئي جو منهن ڏسي فيصلو ڪيوسين ته ڪلاس روم ۾ ئي هلڻ کپي، ايمي واقعي زور آهي.

۽ هاڻ ڪوبہ ايميءَ کي چوندو آهي تہ 'ايمي بندرگاهہ جو ڪم ڪيئن ٿي هلائين' تہ آئون ڪلي چوندو آهيانس:

"ايميءَ جون خبرون مونکان پڇو. هوءَ اهڙي بہ ڇري ناهي جهڙي سمجهوس ٿا. اسان سندس دڙڪا کايو ويٺا آهيون. اجان تہ چڱو جو اهي انگريزيءَ ۾ ڏنائين، جنهن ۾ هوءَ هوشيار ناهي. پنهنجي آفيس (دڪان) ۾ فرينچ ۽ پنهنجي قبائلي ٻولين ۾ تہ ماڻهن جو ساهہ ڪڍندي هوندي."

## انگريزي ۾ بہ ڪا زبان آهي

نائيجيريا جي جوزفين ڏي اشارو ڪري يمن جي محمد مبارڪ کي چيم تہ جارڊن جو مسٽر عايد خلف ان لاءِ چوي ٿو تہ نئين سال جي شاگرديائين ۾ اها سهڻي ۾ سهڻي آهي.

"اها- ؟" مبارڪ رڙ ڪري تعجب مان پڇيو، "اها ڪاري شيدياڻي سهڻي آهي؟"

"ٻيلي مون سان نہ وڙهہ،" مون مبارڪ کي هٿ جي اشاري سان دانهون ڪرڻ کان جهليندي چيو، "آئون ڪونہ ٿو چوان. عايد ٿو چوي."

"پر هيءَ تہ ڪاري آهي!" مبارڪ حيرت مان چيو.

"نائيجيريا جا سڀ ماڻهو ڪارا آهن- مصرين ۽ توهان يمني عربن وانگر ڪجهہ ڪارا شيدي ڪجهہ اڇا شيدي نہ آهن." مون مبارڪ کي سمجهايو.

"پر جوزفين ڪاري ٿي سهڻي ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟" مبارڪ پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

"توسان ڳالهہ ڪري چڱو ڦاٿس. پلا جوزفين ڪاري ٿي ڪري سهڻي ٿي تہ ڪو ڏوهہ تہ نہ ڪيائين. توکي اهي سوال مجنون کان ڪرڻ کپن."

"ڪهڙي ڪورس ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي؟ 'پورٽ مئنيجمينٽ' ۾ آهي يا 'جنرل مئريٽائيم ائڊمنسٽريشن' ۾- ؟" مبارڪ يڪدم پڇيو.

"ڪير-؟" مون پڇيو مانس.

"مجنون." وراڻيائين.

"بابا مجنون غريب ته متاثر به نه ڪري سگهيو هو." مون مبارڪ کي سمجهايو. ۽ دل ۾ چيم ته هن کي ليلا مجنون جي مشهور عشقي داستان جي به خبر ناهي. پر پوءِ خيال آيم ته مجنون شايد ايران جو هجي ۽ هن غريب عرب کي ان جي ڪهڙي خبر.

"مبارڪ! مجنون هڪ مشهور تواريخي عاشق ٿي گذريو آهي جنهن جي محبوبا ليلا جوزفين وانگر ڪاري هئي پر سڄي دنيا ۾ هن لاءِ ليلا ئي سهڻي هئي."

"اوه! مگنون!"مبارڪ وڏو ساهه کڻي چيو، "قيس! مگنون!"

"ها مگنون" هاڻ آئون به کلڻ لڳس

"چو. کلين تو؟" مبارڪ پڇيو.

"کلان توتان ٿو. توهان عربن جي به خبر نٿي پوي. ڪڏهن 'ج' کي 'گ' پڙهو ۽ ڪڏهن گ کي ج. مجنون کي مگنون، جمال کي گمال، گئرنٽي کي جئرنٽي، ايجندا کي ايگندا...."

پر ۾ ملائيشيا جو زينورين بيٺو هو. تنهن اسانجا آخري جملا ٻڌي چيو؛

"۽ عرب سڱورا پ کي 'ب' تا پڙهن. پاڪستان کي باڪستان پڙهندا. Prevention of Port Pollution کي چوندا بروينشن آف بورٽ بالوشن، شپ کي شب چوندا...."

"۽ يوناني ۽ آفريڪا جا فرينچ ڳالهائيندڙ Ship کي Sheep (رڍ) چون، ۽ ويٽنامي، چيني شپ کي Chip پڙهن."

"انگريزي آهي به ته اهڙي ڏکي،" ماريطانيا جي شيخنا چيو.

"اسان سان فرينچ ۾ ڳالهايو ته خبر پئانوَ. باقي انگريزيءَ ۾ لکجي هڪ ٿو ته پڙهجي ٻيو."

## گنيز بڪ لاءِ نئون رڪارڊ

ان رات جي دعوت ۾ ڪائڻ لاءِ ڪو خاص نه هو. شراب سو جام هو

پر ڪاڏي ۾ ڊبل روٽيءَ جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا هئا جن مٿان نالي ماتر مڇيءَ جو ذرڙو يا ونگيءَ جو ٻڙترو هو. هونءَ به سئيڊش دعوتن ۾ ڪاڏو نالي ماتر ٿئي ٿو. پاڪستاني، هندستاني يا عربي، ايراني ملڻي دعوتن وانگر نه هونديون آهن. تڏهن ته سئيڊن جي ماڻهن کي گهر ۾ دعوت لاءِ گهرائي به ڊش به رکيا آهن ته منجهي پوندا آهن ته پهرين ٻا ڪاٺجي پوءِ ٻا. بهرحال اسان سندن دعوتن مان پيٽ پري نه ڪائي سگهندا آهيون. ڪجهه دير بعد جنهن جنهن کي بک گهٽو ستائيندي آهي اهو گهر جو رخ اختيار ڪندو آهي. ڙالن کي خبر هوندي آهي ته همراهه سئيڊن وارن جي دعوت تي ويل آهي ڪجهه رکي ڇڏجي، موٽي گهر پڻ اچي کائيندو.

ٻئي ڏينهن (يعني ڪالهه) هن شهر مالمو جي ساڳي City Hall ۾ ڊنر جي دعوت هئي. پر هيءَ دعوت مالمو شهر جي سٽي ڪائونسل وارن ڪئي هئي. شهر جي معزز ماڻهن، جهازن سان تعلق رکندڙ وزارتن جي سيڪريٽرين، واسطيدار وزيرن ۽ اسان جي يونيورسٽي جي پروفيسرن ۽ اسٽوڊنٽس ڪائونسل جي ٽن اهم عهديدارن کي دعوت هئي. ان ڪائونسل جو وائيس پريزيڊنٽ هجڻ ڪري مونکي اها دعوت اٽينڊ ڪرڻ جو موقعو ملي ويو.

مٿي واسطيدار هڪ وزير بدران گهڻا وزير ان ڪري لکيا اٿم جو اسان وٽ پاڪستان ۾ ته جهاز، جهازي اڪيڊميون ۽ ڪاليج، بندرگاهه ۽ شپ يارڊ مڙيئي هڪ وزارت Ministry of Communication ۾ اچيو ٿا وڃن. پر ڪن ملڪن ۾ هڪ بدران ٻه وزارتون جهازي دنيا جون مختلف شيون ڏسن ٿيون. سڀ ۾ عجيب مثال ناروي جو آهي جتي ملڪ جا مئرين ڪاليج ۽ اڪيڊميون وزارت تعليم ۾ آهن. مئريٽائيم ائڊمنسٽريشن وزارت خارجه ۾. جهاز، فيريون ۽ انهن ۾ سواري جي نگهباني وزارت مواصلات جي هٿ ۾ آهي. شپ يارڊ ۽ جهاز سازيءَ جو سمورو ڪم Ministry of Industry حوالي آهي. مڇين ڦاسائڻ جا سمورو مسئلا، لائيٽ هائوس ۽ بندرگاهه جا ڪم Ministry of Fisheries ۾ اچن ٿا. جهاز راني ۽ جهاز سازيءَ تي لڳندڙ ٽئڪس وزارت خزانا جي ٻلي آهي. سمنڊ ۾ تيل هارڻ تي بندش ڪان بندرگاهن ۽ ڪنارن کي صاف سٿرو رکڻ

وزارت Environment Protection جي جوابداري آهي. جهاز تان ڪرندڙ مائهن ۽ منجهي ويل ٻيڙين ٻتيلن جي ڳولا ۽ بچاءُ وزارت عدل (Justice) جي ذمي آهي. وزارت عدل جو ڪم جهازن جي هلڻ چلڻ جا قاعدا قانون ٺاهڻ پڻ آهي. سمنڊ مان پيٽرول ڪڍڻ جي Rigs جي سلامتي لوڪل گورنمنٽ جي جوابداري آهي، ساموندي پوليس (Coast Guard) وزارت بچاءَ جي هٿ ۾ آهي ۽ جهاز تي نوڪري ڪندڙن جي پينشن وغيره جو ڪم وزارت سوشل انيئر جي حوالي آهي.

آئون اهوئي سمجهندو هوس ته ناروي ۾ فقط هڪ وزارت اهڙي آهي جنهن جو ساموندي دنيا سانُ ڪوبہ تعلق ناهي. اها آهي Ministry of Agriculture.

پر هاڻ معلوم ٿيو اٿم ته مڇين ڳانگٽن جا فارم ۽ مڇين بابت ڪوجنا اگريڪلچر واري وزارت ۾ اچن ٿا. سو ناروي جي مئرين انيئرس ۾ اتي جي ڪنهن وزارت جي ٽنگ آهي ته ڪنهن جي ٻانهن ته ڪنهنجو پيٽُ.

پر ان مان اهو اثر بلڪل نہ وٺڻ کپي ته ناروي يا هن پاسي جي ملڪن ۾ اسان جي ملڪن وانگر گهڻا وزير آهن. خاص ڪري جيترا وزير نواز شريف جي حڪومت ڊاهڻ بعد صدر غلام اسحاق خان نگران حڪومت ۾ رکيا هئا. هن پاسي جي ڪنهن اخبار ۾ ان بابت Comment آئي هئي ته ”گنيس بڪ آف ريڪارڊس“ وارن کي ان نئين رڪارڊ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ ڏيڻ کپي ته پاڪستان جهڙي غريب ملڪ ۾ هڪ عارضي حڪومت ۾ پنجاه کان مٿي وزير رکيا ويا آهن.

## يتيم يتيم- نڌڻڪا نڌڻڪا

ڊنر جو ٽائيم سَت جو هو. ڇهين بجي گهران نڪتس. اڄ ڪلهہ ساڍي ڏهين بجي تاري (1030 PM) سج لهي ٿو ۽ ان بعد بہ ڪلاڪ ڪن روشني رهي ٿي، يعني ڇهين ستين بجي شام ڏاري ائين لڳو ٿو ڄڻ منجهند جي مانيءَ تي وڃي رهيو هجان. ۽ مانيءَ جي بہ پڪ هيم تہ سئيڊن جي دعوتن ۾ ماني نہ

برابر هوندي آهي. پر اهو هو تہ ان دعوت ۾، هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ماڻهن سان ملڻ جو موقعو ملي ويندو، خاص ڪري آئي ايم او (I.M.O) جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري سري واستاوا، هاڻوڪي جنرل سيڪريٽري او-نيل، IMO جي سفير مسٽر زنگورين، هتي جي وزيرن، ٻارين ملڪن کان آيل نمائندن- خاص ڪري ايران، مصر، جارڊن (اردن)، نائيجيريا، گهانا وغيره جي سفيرن ۽ جهازي ڪاتن جي سيڪريٽرين وغيره سان.

مڪاني وزيرن ۽ ٻارين ملڪن جي اهم نمائندن جي حفاظت لاءِ سنڌي هال ٻاهران ڪافي پوليس جون گاڏيون ۽ گارڊ بيٺل هئا. آئون پنهنجو دعوت نامون کڻي نہ آيو هوس پر پوءِ يونيورسٽي طرفان مليل سڃاڻپ جو ڪارڊ ڏيکاري اندر گهڙيس. اندرين دروازي تي ڊنر لاءِ آڊر ڀاءُ ڪرڻ واري همراهہ ڊائننگ روم ۾ وهڻ جو نقشو ڏنو جو ٿڌيءَ جي شڪل جو هو. يعني هڪ تمام ڊگهو ٽيبل جنهن تي چاليهہ پنجاهہ کن ماڻهو ويهن ۽ ان سان گڏ ٿڌيءَ جي ڏندن وانگر ڪيترائي ائن ائن ماڻهن جي وهڻ جا ٽيبل هئا. منهنجو نالو هال ۾ گهڙڻ سان پهرين پاسيري ٽيبل تي هو. پر ۾ هڪ پاسي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي جو سئيڊش پوڙهو پروفيسر ارڪسن هو ۽ ٻئي پاسي مصر کان آيل ڊاڪٽر پروفيسر احمد منصف هو. پروفيسر ارڪسن منهنجي ٿيسز جو سپروائيزر پڻ آهي. پاڻ سئيڊن جي مئريٽائيم ائڊمنسٽريشن جو رٽائرڊ ڊائريڪٽر جنرل آهي ۽ ڪجهہ عرصو اڳ بين الاقوامي اداري IMO جو سيفٽي ڪميٽيءَ جو چيئرمئن پڻ رهي چڪو آهي.

ڊاڪٽر منصف هن يونيورسٽيءَ جي شروع وارن ڏينهن ۾ هتي پروفيسر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمنٽ رهي چڪو آهي ۽ هتي جا ڪافي ماڻهو سڃاڻائين ٿي.

ٽيبل جي سامهون وهندڙن ۾ هڪ تہ ايران جو وزير مواصلات محمد مدد هو جيڪو ايران جي بندرگاهن ۽ جهاز رانيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل پڻ رهي چڪو آهي. بلڪل سامهون نائيجيريا جو ڪميونيڪيشن سيڪريٽري مسٽر اوموتايو هو. نائيجيريا جو سفير پڻ اسان واري ٽيبل تي ڪنڊ تي هو.

ڊائننگ روم ۾ گهڙڻ کان اڳ ڪلاڪ کن رسيپشن روم ۾ غير رسمي

ڪيڪار ڪڙي ۽ ڪچهري هلندي رهي. پيئڻ لاءِ ڇهہ ست ميزبان عورتون ٽري ۾ هڪ ٿي اچي رنگ جا جام جهلي بيٺيون هيون. ايران جي وزير مسٽر مدد سانٽ برنڪ لاءِ پڇيو.

”ان لاءِ بندوبست تہ ضرور هوندو،“ مون ڪيس ٻڌايو، ”هونئن تہ ڪٿي نہ ڪن پر هنن کي خبر آهي تہ سندن مهمانن ۾ وڏو تعداد مسلمان ملڪن جو آهي. جن ۾ ڪيترا الڪوحل نٿا واپرائين.“

پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ شراب پيش ڪندڙ عورتن مان هڪ وٽ Non-Alcohalic برنڪ آهن. ڪانٽس اسان گلاس گلاس ورتو. ان بعد سعودي عرب جي ڊائريڪٽر جنرل علي جبراه غابان پڻ گلاس ڪنيو. کين مون ٻڌايو تہ يونيورسٽي ۾ هڪ سئو ويهہ کن ملڪن جا جيڪي 200 کن شاگرد پڙهن ٿا انهن ۾ اڌ کن مسلمان آهن. ۽ انهن جو خيال رکي يونيورسٽي وارن هاسٽل، توڙي يونيورسٽي جي ميس ۽ ڪئنٽين ۾ سوئر جي گوشت ۽ شراب جهڙين شين جي واهپي تي بندش وڌي آهي. جيتوڻيڪ يونيورسٽيءَ کي ڪمرن جي سخت کوٽ آهي ان هوندي بہ هڪ ڪمري کي مسجد ٺاهيو اٿن ۽ ان ڳالهہ تان ڪيترن غير مسلم شاگردن اعتراض ورتو آهي تہ يونيورسٽيءَ جي اندر فقط مسلمانن جو عبادت گاهہ ڇو ٺاهيو ويو آهي ائين تہ پوءِ عيسائي، يهودي، هندو، سک ٻڌ شاگرد بہ رهن ٿا. ۽ مالمو شهر ۾ تہ وري بہ ٻين مذهب جي ماڻهن لاءِ ڪليسا گهر، Synagogue، مندر ۽ مسجدون آهن پر جپان، چين، ٿائلنڊ برما ۽ سري لنڪا جي ٻڌ شاگردن لاءِ ويجهي ۾ ويجهو پگوڊا بہ اسٽاڪهوم ۾ آهي، پر اهڙن اعتراضن تي يونيورسٽي جي انتظاميہ شروع کان کن لاتار ڪندي اچي. بقول ڪنهن جي تہ يونيورسٽي ۾ گهڻا شاگرد ترقي پذير ملڪن جا اچن ٿا جن ۾ گهڻا ٿي مسلمانن جي آهي. ٻيو تہ يونيورسٽي کي پئسي جي کوٽ آهي. ڏينهون ڏينهن ڪامن ويلٿ، UNDP، جپاني ڪمپني ساسا ڪاوا جهڙا ادارا شاگردن لاءِ اسڪالرون (Fellowship) ڏيڻ گهٽائيندا وڃن. اهڙي صورت ۾ سعودي عرب ۽ ايران جا شاگرد يونيورسٽي لاءِ فائديمند ثابت ٿين ٿا جو سندن ملڪ هر شاگرد لاءِ ٽيهہ هزار کن آمريڪي

ٻالر- يعني ڏهہ لک رپيا ڪٺا ڪئي ٿو. ان ڪري ٻين ملڪن مان هڪ يا ٻہ شاگرد گهرايا وڃن ٿا پر ايران جهڙي ملڪ مان- جنهن کي انگلنڊ يا آمريڪا پنهنجي ملڪ جي تعليمي درسگاهن ۾ داخلا نٿو ڏئي، پر هي يونيورسٽي وارا بنا تعداد مقرر ڪرڻ جي ڪين داخلا ڏين ٿا. جيئن سندن گهٽي ڪان گهٽي ڪمائي ٿئي. اسان واري سال ۾ چار سعودي ۽ ڇهہ ايراني شاگرد آهن ۽ اسان کان پوءِ واري سال ۾ ايران جا يڪا ٻارهن شاگرد آيا آهن. ۽ يونيورسٽي وارن لاءِ جهڙو هڪ شاگرد تهڙا ويهہ وڏيڪ. فقط ڪلاس روم ۾ ڪرسيون ۽ ٽيبل وڌائڻا پون ٿا. پروفيسر جهڙو ويهن شاگردن اڳيان ليڪچر ڏيندو تهڙو ٽيهن اڳيان، سو هو مسلمان شاگردن کي خاص ڪري سعودي عرب ۽ ايران وارن کي هر طرح سان خوش رکڻ چاهين ٿا.

پر منهنجي پر ۾ بيٺل ايران جو هي وزير سئيڊن وارن تي، خاص ڪري سئيڊن جي اميگريشن کاتي تي سخت ناراض هو.

”هو ايراني شاگردن کي سندن زالون ۽ ٻار گهرائڻ وقت ويزا ڏيڻ ۾ دير ڪن ٿا. يونيورسٽيءَ جي پرنسپال کي ڪٻي تہ ان معاملي ۾ شاگردن جي مدد ڪري. هن يونيورسٽيءَ جا شاگرد ننڍيا ٻار تہ نہ آهن جو ٻہ سال اڪيلا رهن.“

مون ڪيس ٻڌايو تہ هتي جي حڪومت اهو قانون سيني ملڪن سان لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. اسان کان اڳ جي آيل شاگردن جي فئملين کي هفتي اندر ڪراچيءَ مان ئي ويزا ملي وئي ٿي. پر اسان جي فئملين کي ويزا جي لاءِ اسلام آباد انٽرويو ڏيڻو پيو. نہ فقط زالن کي پر ٻارن کي بہ وڃڻو پيو.

”اهو دلشڪستو ڪرڻ وارو سلسلو سئيڊن حڪومت کي بند ڪرڻ کپي. جو هيءَ يونيورسٽي سئيڊن حڪومت جي نہ آهي پر يونائيٽيڊ نئشن جي آهي ۽ جڏهن سئيڊن حڪومت ان کي هلائڻ لاءِ مهمانوازيءَ جا حق ادا ڪري ٿو تہ ان کي چڱيءَ طرح ادا ڪري“ ايران جي وزير چيو.

گذريل ٽن ڏينهن کان ڏسان پيو تہ ايران کان آيل هي وزير توڙي سعودي عرب جو ڊائريڪٽر جنرل، هر وقت يونيورسٽي جي انتظاميا سان ميٽنگن ۾ آهن يا پنهنجي ملڪ جي شاگردن سان مختلف مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندا

رهن ٿا. ننڍي عمر جا آهن. امير ماڻهو آهن. چاهين ته هتي گهمڻ ڦرڻ ۽ عياشي ڪري سگهن ٿا. پر نه. هنن کي پنهنجي ملڪ توڙي ماڻهن جو فڪر سڀ کان اول آهي ۽ هو جنهن ڪم لاءِ آيا آهن ان کي پهريون فرض سمجهي نڀائيندا اچن. انهن ڳالهين تي غور ڪجي ٿو ته جواب مليو وڃي ته، سائنسي ڄاڻ توڙي تعليم ۾ گهٽ هي عرب ۽ ايراني، پئسي ۾ گهٽ ڪيترا آفريڪي ملڪ، ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ اسانجهڙن ملڪن کان اڳتي نڪرندا وڃن. اهڙن ملڪن جي اڳواڻن توڙي واسطيدار عملدارن جي دلچسپي ڪري سندن ماڻهن جو خيال رکيو وڃي ٿو. ۽ هوڏانهن اسان جهڙا به ڪيترا آهن جيڪي پلي نمبر ڪٽڻ، مقابلي ۾ سڀ کان اڳيان نڪرن، ته به جهڙا يتيم يتيم. نڌڻڪا نڌڻڪا.

## سئنڊوچ گهران ڪٽي اچو

رسيپشن دوران ڪجهه آفريڪا جي ملڪن کان آيل نمائندن سان ملڻ جو پڻ موقعو مليو. اڄ جو آفريڪي اهو اڳوڻو هيسيل ۽ يورپ جي نٽ ٺانگر کان گهٽئو مرعوب نٿو لڳي. ڪين نه فقط سٺي انگريزي ڳالهائڻ آئي ٿي پر معلومات به هين. ان ڪري پنهنجي هر ڳالهه، هر مسئلو نه فقط سمجهائي سگهيا ٿي پر سوال جواب به ڪري سگهيا ٿي. پيا ته ٺهيو پر سعودي عرب جو نمائندو- ڊائريڪٽر جنرل علي نه فقط سرڪاري ڪامورو آهي پر پنهنجي فيلڊ جو ماهر پڻ آهن. پاڻ مئرين انجنيئر رهي چڪو آهي- يعني ڪيڏو به ڪٽي امير يا وڏو ماڻهو هجي پر ان عهدي تي پهچڻ لاءِ هن کي بين الاقوامي قانون مطابق ڪيترائي سال ڊانگري (بئالرسوٽ) پائي جهاز جي تيل ۽ گريز هاڻي گرم انجن روم ۾ ڏينهن رات ڪم ڪرڻو پيو هوندو. ۽ ايران جو محمد مدد ته بين الاقوامي قاعدي قانون جو به ماهر ڏٺو ٿي، جو ڪنهن کي به وٺ نٿي ڏنائين. گهٽن جا ڪن ڪپيو وينو هو. ۽ مون نوٽ پئي ڪيو ته ڪيترا يوربي، عرب ايران جي هنن نمائندن کي پهرين ڇٽ سمجهي سائڻ واڱڙي نموني مليا ٿي پر پوءِ گهڙي کن بعد ڇرڪ پريائون ٿي.

مانيءَ وقت آئون، پر ۾ وينل مصر جي پوڙهي پروفيسر ڊاڪٽر احمد منصف سان ٺي ڳالهائيندو رهيس. مختلف قسمن جا پهرين شراب پيش ٿيندا

رهيا. ’نه- پيئڻ‘ وارن جي اڳيان پاڻي تي رکيائون. پوءِ به يا ٽي دور هلڻ بعد مس مس ميزبان عورتون هرهڪ لاءِ ڌار ڌار کاڌي جي پليٽ کڻي آيون. سامهون ويٺل نائيجيريا جي همراهه اوموتايو ان کي پورڪ (خنزير) سمجهي وٺڻ کان انڪار ڪيو ته پر ۾ ويٺل سئيڊش ٻڌايس ته مڇي آهي- يعني ڪائي سگهين ٿو. مون ان گول نرگسي ڪوفتي جهڙي بال کي ڪپ سان ٻه اڌ ڪيو. اندر ٻٽير (تتر) جو بيضو هو جنهن مٿان ڪوفتي وانگر مڇيءَ جو ٿلهو تهه چڙهيل هو. مڇيءَ ۾ ڪڪاڻ گهٽي هئي ان کان علاوه اهو مرچ مصالن بنا فروزن هو يعني برف وانگر ٿڌو هو. آئون هاڻ بي ڊش اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. ان وچ ۾ شهر جي ميئر تقرير ڪئي. پوءِ ڪاڌو ڪارائيندڙ عورتون نمودار ٿيون ۽ سڀني اڳيان خالي پليٽون ميڙڻ لڳيون. ان بعد ڪا دير هُو نظر نه آيون. پوءِ مس مس ڪچن جو در کليو ۽ خدمتگار عورتون نڪتيون پر ڪين هٿن ۾ کاڌي جي خومچن بدران وري شراب جون بوتلون هيون. وري سائين شراب جو دور هلڻ لڳو. ان دوران سئيڊن جي وزير تقرير ڪئي. پوءِ مس مس اوٻاريل پٽاٽن جا ڀريل ٻه ڊش هرهڪ ٽيبل تي اچي رکيائون ته اهي اسين پاڻ ئي کڻون. باقي ترپل بدڪ جا ڊبل روٽيءَ وانگر ٿيل پترن مان ٻه ٻه هرهڪ اڳيان هو پاڻ رکڻ لڳيون. مون پٽاٽن جو ڍير، پنهنجي پليٽ ۾ وڌو ڇو جو سئيڊن ۾ ڏيڍ سال کن رهي هاڻ هوشيار ٿي ويو آهيان ته پٽاٽا مليا ته اهوئي سڀ ڪجهه آهي ۽ پوءِ ڊبل روٽيءَ ۽ چانورن جو آسرو نه ڪرڻ کپي. ۽ سڀني ۾ سنو ۽ اهم ڊش اها بدڪ هئي. اسانجي سامهون ويٺل نائيجيريا جي ڪميونيڪشن سيڪريٽري مسٽر اوموتايو کي اها شايد نه وڻي ۽ ٽڪرو چکي پري ڪري ڇڏيائين. پٽاٽا وڏيڪ ڪڻڻ لاءِ چيومانس پر اهو به هڪ به ڪٽي خبر ناهي ته ڇا چيائين ته وائي آهن يا بادي. ۽ پوءِ اهو ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. يعني مٺو اچڻ لڳو. معنيٰ جهڙا ميڙا جت تهڙا ميڙا تت. چيومانس تو صفا نه کاڌو آهي، ڪسٽرڊ يا جيڪا به مٺي شيءِ ناهي اٿن اها پيٽي وٺي کائجانءِ. چوڻ لڳو:

”ڊائبٽيس جو مريض آهيان. مٺو کائڻ کان منع اٿم.“ ان بعد وري شراب اچڻ لڳا.

”منهنجي خيال ۾ ڊنر ختم ٿي؟“ اوموتايو مون کان آهستي پڇيو.

”بلڪل صحيح خيال اٿانوَ.“ ورائيومانس.

پر مان لنگهندڙ خذمتگار عورت کي سڏي پڇائينس:

”پيئڻ ۾ ڪجهه پيو ملي سگهندو؟“

هن ٻن ٽن وڏيڪ شرابن جا نالا ورتا.

”نه منهنجو مطلب آهي ڪافي يا چانهه ملندي؟“ اوموتايو پڇيو.

”ڪوشش ڪريان ٿي.“ عورت ورائيو.

”مهرباني ڪري مونکي بنا کنڊ جي چانهه جو ڪوپ آڻي ڏي.“

۽ پوءِ چانهه اچڻ تي به چار ڏڪ پري مونکي چيائين: ”هن پاسي جون عجيب دعوتون آهن. اسان وٽ ڪو غريب دعوت ڪندو ته به هڪ ٽي ڀوڙ پر چڱيءَ طرح کارائيندو.“

مون کلندي چيومانس: ”اهو به شڪر ڪجي. نه ته هتي جي دعوت ۾ اڪثر چوندا آهن ته کائڻ لاءِ هرڪو پنهنجي پسند جي سئنڊوچ پنهنجي گهران ٺهرائي کڻي اچي.“

## نائيجيريا جو سيڪريٽري

مختلف شراب پيش ڪرڻ دوران هڪ ڳاڙهي رنگ جو شراب (Wine) پڻ ڏنائون جيڪو اسان نه- پيئندڙن جي گلاسن ۾ به اهو چئي وجهي ويا ته هي Non- Alcohalic آهي. منهنجي لاءِ اها نئين ڳالهه هئي ته ڪو شراب به بنا نشي واري جز جي هجي. پر ۾ ويٺل ڊاڪٽر احمد منصف کي ڏٺم ته هن به اهو پيتو. ۽ منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو ته ان قسم جو Wine سعودي عرب ۾ به ڏاڍو پيتو ويجي ٿو. ان ۾ نه نشو آهي ۽ نه الڪوحل. سامهون نظر ڪيم ته سعودي عرب کان آيل همراه به اهو پي رهيو هو. پر ايراني وزير محمد مدد اهو ته ڇا پر مڇي ۽ ٻدڪ به نه کاڌي. هن جي اڱوات ڏيکاريل مرضيءَ مطابق ڪيس اوٻاريل پاڇيون مليون هيون جيڪي کائي رهيو هو.

مون ان وائين جو ڏڪ پريو منجهائس ڪجهه ڪچن انگورن جي

رس جي ٿوري سو خوشبوءِ اچي رهي هئي، باقي منجهس ڪوبہ سواد نہ هو. نہ مٺو نہ تکو، نہ لسو نہ چيندڙ. مون گلاس واپس رکي پيئڻ لاءِ سوڊا واٽر وارو گلاس کنيو.

”ماني گهٽ باقي رڳو ڊرنڪس ڏنيو اٿن.“ مون ڊاڪٽر احمد منصف ۽ سامهون ويٺل نائيجيريا جي سيڪريٽريءَ کي چيو.

”اها تہ ڳالهہ آهي“ نائيجيرين ورائيو.

”هونءَ هتي جا ماڻهو ايترو پيئن تہ ڪونہ ٿا.“ مون چيو.

”نہ. تمام گهٽو پيئن ٿا،“ مصر جي پروفيسر ڊاڪٽر احمد منصف چيو جيڪو هتي چار سال کن رهي چڪو آهي.

”ڪيئن؟“ مون پڇيو

”هنن ملڪن ۾ سياري جي مند ڇهن مهينن کان بہ وڌي ٿئي ٿي جنهن ۾ راتيون تمام ڊگهيون ٿين. شام جو ادائي تي بجي ئي سج لهيو وڃي ۽ پوءِ اوڙيهہ ويهہ ڪلاڪن بعد ٻئي ڏينهن نائين ڏهين بجي ڌاري سج اڀري ٿو. ڊگهين اونداهين راتين، اڪيلائي ۽ ڊپريشن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هي ماڻهو ڏوگهہ ڏوگهان ڪن ٿا ۽ گهٽي پيئڻ جا عادي ٿيو وڃن. اها ئي ڳالهہ آهي تہ هتي جي ماڻهن کي شراب پيئڻ کان دل شڪتو ڪرڻ لاءِ شراب تي وڏا ٽئڪس هڻي قيمت وڌي ڪئي وئي آهي. هر هڪ دڪان تي شراب جي وڪري کي روڪي فقط چند دڪان ان لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن ۽ اُهي ٻين دڪانن کان اڳ بند ڪيا وڃن ٿا. يعني ٻيا ڪاڏي پيتي جا دڪان شام جو ائين بجي بند ٿيڻا هوندا آهن تہ شراب جا پنجين بجي ٿي. ان بعد شراب فقط ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ هيڪاندين ڳرين قيمتن تي پيش ٿي سگهي ٿو.“

نائيجيريا جو اوموتايو عهدي جي لحاظ کان تمام ننڍو ٿي لڳو. ٽيهہ پنجٽيهہ سالن جو مس ٿيندو. اعليٰ مقابلي جا امتحان ڏيئي ان عهدي تي پهتو هجي يا سياسي تعلقات هجڻ ڪري اهو عهدو ماڻيو هجيس. مون اخلاقي طرح سندس ملڪ جي شاگردن بابت خبرچار ڪئي.

”مون واري سال ۾ توهان جا پنج کن نائيجيرين شاگرد آهن. بہ

عورتون: جوليانا ۽ آرت جيڪي جنرل ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري رهيون آهن ۽ ٽي مرد: ايڊي، چيپا ۽ عثمان آهن جيڪي پورٽ ۽ شپنگ ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري رهيا آهن. سڀ دوستي ياريءَ ۾ به سٺا آهن ته پڙهائي ۽ ذهانت ۾ به.“

”مهرباني.“ هن چيو.

”توهان هنن سان مليا آهيو؟“ مون پڇيومانس.

”نه. آئون دراصل اڄ هتي پهتو آهيان. جرمنيءَ ۾ هڪ ٽريڊ پروموشن جي بين الاقوامي ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ لاءِ آيل هوس ته اتي مونکي حڪومت ڪان نياپو مليو ته هيڏانهن اچان سو هليو آيس.“

”هتي مالمو ۾ ڪٿي رهيل آهيو.“ مون پڇيومانس.

”شيرٽن هوٽل ۾.“

”اها ته ان هاسٽل کي تمام ويجهي آهي جنهن ۾ توهانجا شاگرد رهن ٿا. هينئر ڊنر کان پوءِ يا سڀاڻي ملي سگهون ٿا.“

”پر لڳي ٿو ته آئون شايد نه ملي سگهان. ڊنر ختم ٿيندي ٻارهن هڪ ٿي ويندو ۽ سڀاڻي صبح سان مونکي لنڊن لاءِ جهاز تي پهچڻو آهي.“

”توهان پنهنجن شاگردن کي سڃاڻو؟“

”مون سندن علمي ۽ ذهني قابليتون پڙهي ڪين هيڏانهن اچڻ لاءِ چونڊيو هو. هونءَ عثمان کي ته چڱي طرح سڃاڻان.“ هن وراڻيو.

مون ٻئي ڏينهن ڪلاس روم ۾ عثمان سان سندس ملڪ جي هن سيڪريٽريءَ جي ڳالهه ڪئي:

”ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي،“ عثمان چيو، ”منهنجي ساڻس ڄاڻ سڃاڻ آهي. بيحد نيڪ ۽ مذهبي ماڻهو آهي. ههڙن ملڪن ۾ به هو پنهنجن اصولن کي قائم رکندو اچي.“

”بلڪل صحيح چوين ٿو. هڪ نوجوان، وڏو آفيسر، سهڻو سمارٽ ۽ پئسي وارو ٿي ڪري به ايڏو سادگي ۽ شرافت ۾ رهڻ توهان جي ملڪ جي ترقيءَ جي اڳڪٿيءَ جو نشان آهي.“

## WMU سئيڊن جي يونيورسٽي ڪيئن ٺهي

تقريرن ۾ هتي جي وزير ۽ مالمو شهر جي ميئر اهوئي ٻڌايو تہ ڪيئن خوشي آهي تہ هن قسم جي بين الاقوامي ۽ دنيا ۾ فقط هڪڙي يونيورسٽي سئيڊن ملڪ ۾ سئيڊن شهر ۾ آهي. ”هن يونيورسٽي ڪري سئيڊن کي، خاص ڪري مالمو کي، دنيا جي ملڪن ۾ سڃاڻپ ٿي آهي. دنيا جي شايد ئي ڪا ٻي عام يونيورسٽي هجي جنهن ۾ هڪ ئي وقت ايترن ملڪن جا شاگرد پڙهندا هجن. ڏهن سالن اندر نو سئو کن شاگرد هتان گريجيوئيٽ ٿي پنهنجن ملڪن ۾ روانا ٿيا آهن. اهي شاگرد نہ فقط پنهنجي ملڪ جي اهم جهازي ڪاتن ۾ اعليٰ آفيسر آهن پر، اسان سمجهون ٿا تہ، اهي اسان جا سفير پڻ آهن جيڪي هن شهر مالمو ۽ ملڪ سئيڊن بابت پنهنجي ملڪ ۾ پرچار ڪري سگهن ٿا.“

آءِ ايم او جي هاڻوڪي جنرل سيڪريٽري وليم اونيل سئيڊن ٿورو مڃيو.

مسٽر سري واستاوا جي تقرير سيني کي ڏاڍو متاثر ڪيو. پاڻ پنجهتر سالن جو ٿيندو. برما جو اوٿانت، مصر جو بطرس غلي ۽ هندستان جو هي پوڙهو جهازي چندريڪا پرساد سري واستاوا انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ايشين مان آهن جيڪي پنهنجي قابليت تي بين الاقوامي وڏي ۽ اهم عهدي تي پهتا. سري واستاوا IMO جو تمام محنتي ۽ هوشيار جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي. هيءَ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي نہ فقط سندس خواب هو پر ان سيني کي ساڀيان پڻ سندس ئي اڻ ٿڪ ڪوشش بنائي. يونيورسٽي جي اهميت ۽ ان جي وجود ۾ اچڻ بابت پاڻ ٻڌائين:

”دنيا جي هڪ ملڪ جون ضرورتون ٻيو ملڪ پوريون ڪري ٿو. ميوي ڀاڄيءَ ۽ ڪٽڪ چانورن کان موٽرڪارون، دوائون ڪيميڪل هر شيءِ ڍوئڻ لاءِ جهاز کپن. ۽ جهازن کي سمنڊ تي هلڻ لاءِ سخت قاعدا قانون کپن- ۽ انهن قانونن جو بين الاقوامي هجڻ ضروري آهي. موٽر لارين جي هلڻ لاءِ تہ هر ملڪ پنهنجي پنهنجي مرضي جو قانون ٺاهي سگهي ٿو. مثال طور آمريڪا،

سعودي عرب دبئيءَ ۾ ساڃي پاسي هلائجن ٿيون ۽ انگلنڊ، نائيجيريا بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪاٻي پاسي. پر جهاز جيڪي بين الاقوامي سمنڊن ۾ هلن ٿا انهن لاءِ جي هر ملڪ پنهنجا پنهنجا قانون ٺاهيندو ته نتيجو حادثاتي موت ٿيندو. ان لاءِ ضروري آهي ته سامونڊي دنيا ۽ قاعدي قانون ۾ دنيا جا سڀ ملڪ- باوجود سندن مختلف زبانن مذهبن، ڪلچرن، سياسي نظرين جي، هڪ تي قانون ٺاهين. ۽ نه فقط قاعدا قانون پر جهاز هلائڻ، ٺاهڻ، سامان چاڙهڻ لاهڻ، بندرگاهن ۾ رکڻ ۽ بندرگاهن جو نظام هلائڻ لاءِ نه فقط ترقي يافته ملڪن جا ماڻهو ان ڪم ۾ پڙ هجڻ ڪپن پر ترقي پذير توڙي ننڍن ۽ غريب ملڪن ۽ ٻيٽن جي ماڻهن جو پڻ ايترو ئي Expert هجڻ ضروري آهي. ان لاءِ ضروري هو ته ڪو اهڙو انٽرنيشنل ادارو هجي جنهن ۾ دنيا جي سڀني ملڪن جي بندرگاهن ۽ جهازن جا ماهر مختلف مئريٽائيم سبجيڪٽن ۾ وڌيڪ علم اچي حاصل ڪن."

سري واستاوا ٻڌايو ته اهڙي اداري لاءِ جڏهن هن جي ڪاتي IMO يونائيٽيڊ نئشن جي سيڪريٽري اڳيان رٿ پيش ڪئي ته جواب اهوئي مليو ته خيال تمام سٺو آهي ۽ ان کي عملي شڪل ڏني وڃي پر پئسي جو پورائو پاڻ ئي ڪريو. ۽ پوءِ جڏهن IMO جي ميمبر ملڪن اڳيان اها رٿ پيش ڪئي وئي ته سئيڊن جي نمائندي يڪدم چيو ته هن جي حڪومت اهڙي يونيورسٽي هلائڻ لاءِ خرچ جو ٿيهه سيڪڙو ضرور ڏيندي بشرطيڪ UNDP (يونائيٽيڊ نئشن ڊيولپمينٽ پروگرام) UNO جو هڪ ٻيو گهڻ قومي ادارو، پڻ ان ۾ مدد ڪري.

"۽ جڏهن UNDP وارن وٽ پهتاسين ته انهن وري اهوئي شرط رکيو ته ته ئلهه تي اسان مدد نه ڪنداسين. پهرين سئيڊن يا ٻين ملڪن کان ڪجهه خرچ پڪو هٿ ڪريو. ان بعد آئون سئيڊن حڪومت ڏي ويس. سئيڊن جي وزير اعظم سان ڳالهه ڪيم. تنهن ڳالهه ٻڌڻ سان هنڌائي واسطيدار کاتي جي اعليٰ عملدار کي گهرائي اصولي طرح مدد ڏيڻ جو واعدو ڪيو. اسان جهڙو ملڪ هجي ها ته ڪاغذ پٽ ۽ ٻيون سرڪاري Formalities پوريون ٿيڻ

۾ ڇهه مهينا لڳي وڃن ها پر سئيڊن حڪومت ان ۾ هفتو به نه لڳايو. آئون اتان ٿي واپس پنهنجي آفيس (لنڊن) پهتس ته سئيڊن حڪومت طرفان ٿيهه سيڪڙو خرچ ڏيڻ جي قبوليت جي ٽيليڪس رکي هئي. ڏاڍو خوش ٿيس ۽ پوءِ ته UNDP وارا به مڃي ويا. ۽ ان ڪم ۾ نه فقط سئيڊن حڪومت مدد ڪئي پر پوءِ ناروي، ڊنمارڪ، فنلنڊ، جرمني ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جي حڪومتن، جهاز ران ڪمپنين ۽ امير ماڻهن دل کولي پئسو ڏنو. پر شروع کان اڄ تائين سڀ کان گهڻي مدد سئيڊن ڪندو اچي. پئسي جي آچ بعد يونيورسٽي لاءِ عمارت جي ضرورت هئي. ان لاءِ سئيڊن جي ڏاکڻي شهر مالمو جي چونڊ ڪئيسين جيڪو بندر گاهه به آهي ۽ ڏکڻ ۾ هجڻ ڪري سئيڊن جي اتراهن علائقن کان وري به سيءُ گهٽ آهي. ۽ سندس پر ۾ ڪوپن هيگن، هيلسنڪي، هئمبرگ، بريمن ۽ يورپ جا ٻيا مادرن بندرگاهه آهن جتي جهازن جي اچ وڃ ۽ ڪارخانن ڪري هن يونيورسٽيءَ جا شاگرد نه فقط عملي ڪم جو جائزو وٺي سگهن ٿا پر انهن ادارن جا ماهر يونيورسٽي اچي ليڪچر به ڏئي سگهن ٿا."

بلڊنگ بابت سري واستاوا ٻڌايو ته سئيڊن حڪومت هي موجوده عمارت ڏيکاري. ۽ چيو ته اها هو مفت ۾ ڏئي سگهن ٿا. هيءَ عمارت ان وقت سئيڊن جي مئرين اڪيڊمي هئي. عمارت سٺي هئي پر ڪمرن کي رنگ روغن جي ضرورت هئي. فرنيچر به ڪو اهڙو خاص نه هو. پر پوءِ سئيڊن حڪومت هن عمارت جي نه فقط مرمت مفت ۾ ڪرائي ڏني پر سڄو نئون فرنيچر وٺي ڏنو.

"۽ پوءِ جڏهن ان عمارت جي نئين ٺيڻ بعد ڏسڻ لاءِ آيس ته مونکي هڪدم ڌيان ۾ آيو ته يونيورسٽي ته ٺهي وئي پر ان ۾ پڙهڻ لاءِ هن شهر مالمو جا ماڻهو ته نه ايندا. ان جا شاگرد نه فقط ٻاهرين ملڪن جا هوندا پر اهي نئيا ٻار نه پر پنهنجي ملڪن جا اعليٰ آفيسر هوندا جنهن ڪري انهن جي رهائش لاءِ نه فقط هاسٽل هجي پر تمام سٺي هنڌ تي هجي ۽ ان جا ڪمرا وڏا ۽ ڪشادا هجن جيئن ڪو شاگرد شادي شده هجي ته زال سان گڏ رهي سگهي ۽ ساڳي وقت ڪو شاگرد ڪنهن ڏينهن- خاص ڪري موڪل واري ڏينهن عام ميس

۾ ماني کائڻ بدران پنهنجي ملڪ ۽ پسند جي پچائڻ چاهي تہ ان لاءِ رڌ پچاءُ جو بندوبست ضرور هجڻ کپي.

”ان لاءِ مالمو شهر جي ميئر مونکي شهر جي مرڪز ويجهو Disponent Gatan روڊ تي پنج ماڙ هينرڪ سمٿ بلڊنگ اچي ڏيکاري جنهن جي Basement ۾ هوٽل، ٽيبل ٽيس، جمنيازيم ۽ (Sauna) سانا جا پڻ ڪمرا هئا. رهائش جا ڪمرا، جهڙا مون سوچيا هئا، انهن کان بہ سٺا هئا. هر ڪمري کي رڌ پچاءُ جو الڳ الڳ بندوبست ۽ وهنجڻ جاءِ هئي. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ الڳ بندوبست، هر ڪمرو ڪشادو هو جنهن ۾ پلنگ، لکڻ پڙهڻ لاءِ ٽيبل ڪرسيون ۽ مهمانن کي ويهارڻ لاءِ صوفا سيٽ رکڻ لاءِ چڱي خاصي جاءِ هئي. مون واسطيدار اداري سان ان هاسٽل جي مسواڙ يا هميشه لاءِ وڪڻڻ لاءِ قيمت پڇي. ”ڪجهہ بہ نہ. توهان يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ ائين ٽي ڪٿو ۽ اسان ان جي لائيٽ پاڻي ۽ هر ڪمري جي رڌڻي جي ٿانو ٿپن ۽ اليڪٽرڪ اوون ۽ ريفريجريٽرن جي بدلائڻ يا مرمت جو پڻ خرچ پريندا رهنداسين.“ هن چيو. آئون واڻڙو ٿي ويس، خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيس. انڊو گهري هڪ اک هتي ٻئي پيون ملن. ۽ پوءِ هلڻ مهل سيڪريٽريءَ کي چيم تہ اجان بہ هڪ ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو. هن هاسٽل ۾ دنيا جي ملڪن کان جيڪي شاگرد ايندا اهي آفيسر آهن ۽ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي جيڪڏهن ڪن ڪمرن جا ميرا پڙدا ۽ غاليچا بدلايا وڃن. ان تي هن ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي. واپس لنڊن اچي مون سوچيو تہ تي سگهي ٿو اها ڳالهہ وسري بہ وئي هجيس. پر پورن پندرهن ڏينهن بعد هي سٽيڊن جو سيڪريٽري جيڪو هاڻ رٽائرڊ ٿي چڪو آهي ۽ هن وقت اسان سان گڏ هن ڊنر ۾ ويٺو آهي ۽ منهنجي هڪ هڪ لفظ جي صحيح هجڻ جي گئرنٽي پڻ ڏيندو، منهنجي آفيس ۾ پهتو. سندس هٿ ۾ وڏي بئگ هئي، مون سمجهيو هو شايد اڳتي نيويارڪ ڏي وڃي رهيو آهي ۽ ويندي ويندي هتان مون وٽان ٿيندو وڃي. پر نہ. هو خاص مون سان ملڻ لاءِ آيو هو.

”۽ ٻڌائين تہ هو هاسٽل جي سيني ڪمرن جو فرنيچر نئون ڪرائي رهيو آهي ۽ ساڳي وقت پڙدا ۽ غاليچا پڻ سيني ڪمرن جا بدلائي نوان ڪرڻ

چاهي ٿو. هن ٻگ ڪولي پاڻ سان آندل پڙدن ۽ غاليچن جا نمونا (سئمپل) منهنجي حوالي ڪيا ته اسانجي آفيس انهن مان بهتر ڪان بهتر رنگ ۽ نمونو چونڊي سگهي ٿي. آئون دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس ته انسانن ۾ ڪيترا سخي ضرور آهن پر ڇا ان حد تائين به وڏي دل وارا ٿي سگهن ٿا. بهرحال اڄ هن پري محفل ۾ سئيڊن وارن جو ٿورو مڃيان ٿو ۽ IMO اداري طرفان آئون اهي ٿورا ڪٽي لاهي نه سگهيو آهيان پر سوين سرڪاري توڙي نجي محفلن ۾ ڳائيندو رهان ٿو. ۽ اهو ته هو هڪ مثال سئيڊن جو. اهڙي طرح پوءِ ’ناروي‘ اڳيان وڌيو. هن پهرين سال هڪ ملين ڊالر يونيورسٽيءَ کي مدد ڏني. ٻي سال ان کان ٻيٽي ۽ اڄ ڏهن سالن گذرڻ بعد اها مدد گهٽائي يا بند نه ڪئي آهي پر اڄ هو ان کان سٺوٽي وڌيڪ رقم هر سال ڏئي ٿو. اهڙي طرح ٻيا ڪيترائي ملڪ آهن. بلڊنگ ۽ فرنيچر بعد پڙهائڻ لاءِ پروفيسرن جي ضرورت هئي. ان ۾ ڪئناڊا، آمريڪا، فرانس، جرمني، جپان، مصر ۽ يورپ ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن جي حڪومتن پنهنجي خرچ تي سندن ملڪ جا جهازي دنيا جا ماهر ۽ مختلف علمن جا ڄاڻو موڪليا.

۽ پوءِ يونيورسٽيءَ جو پهريون سال شروع ٿيو ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان شاگرد اچڻ لڳا. چين جپان ڪوريا نه ڏس ته گئاٽامالا، پاناما وينزوئلا نه ڏس. پاڪستان، هندستان، ايران، عراق، مصر نه ڏس ته گهانا، نائيجيريا، ڪينيا، موريطانيا نه ڏس. نه فقط وڏن ملڪن جا پر ڪيپ وردي، فجي، سولومن، مارشل، ونتالو ۽ ٻين دور دراز ننڍين وڏن ٻيٽن جا نمائندا هن ننڍڙي شهر، يونيورسٽي ۽ هاسٽل جي ننڍڙي عمارت ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ اها گڏجاڻي چند ڪلاڪن جي هئي نه چند ڏينهن جي پر پڪي ساري ٻن سالن جي هئي. جنهن ٻڌو ٿي ان تعجب ڪاڏو ٿي ته مختلف مذهبن، زبانن، قومن، ڪلچرل، سماجي سياسي سوچن ۽ نظرين جو ايڏو وڏو مڪسچر هڪ ڇت هيٺ هيڏي وڏي عرصي لاءِ ڪيئن رهي سگهندو. مختلف سوادن ۽ نمونن جا کاڌا کائڻ وارا هڪ ميس ۾ ڪيئن ماني کائي سگهندا. پر پوءِ دنيا ڏسندي رهي ته جتي انسان تشدد پسند آهي اتي ان کي امن ۽ سڪون ۾ رهڻ لاءِ الله تعاليٰ دماغ



روءِسريءَ ۾ غليزادي جون ڌيئرن: فائزه، فاطمه ۽ ريحانه
ٻين ملڪن جي عورتن سان



اٺ جي ڊوڙ ۾ حصو وٺندڙ هڪ ٻار



مصر جي پروفيسر ڊاڪٽر احمد مصنف سان گڏ



سئيڊن ۾ رهندڙ فلسطيني عمر سلام ۽ سندس زال



1986ع ۾ شاديءَ جي موقعي تي پنهنجي پائرن محمد علي ڏيپلائي ۽ عبدالرحمان ڏيپلائي سان



مسٽر اولوف مندسن ۽ سندس دوست سان گڏ



ورلڊ منيڪانير يونيورسٽي سنڌين جا ڪجهه ساٿي



سنيدن جي مسجد جو امام شيخ سعيد عمر سلام جي پٽ خضر سان گڏ



ايراني شاگردن جون ڌيئرون ايشيا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي عورتن سان گڏ



ڊنمارڪ جي ڳادي واري شهر ڪوپن هيگن جو بندرگاهه.

ڏنو آهي. ان جو مثال هيءَ يونيورسٽي آهي جتي هيترا شاگرد دوستن وانگر رهن ٿا، گڏ کائين ٿا، رانديون ڪن ٿا. ڪلن ۽ ٺهڪ ڏين ٿا. نہ تہ اڄ جي دنيا ڏي نظر تہ ڪريو. جتي ڪٿي هنگامو ۽ مار مارا آهي. خون قتل انسان انسان جي رت جو اڃايل ٿي پيو آهي. پر ان دنيا ۾ هن يونيورسٽيءَ جي هڪ ٻي ننڍڙي دنيا آهي جتي عيسائي يهودي هندو مسلمان ٻڌ توڙي انگريزي عربي فارسي، اسپيني چيني ڳالهائيندڙ، ڪارو توڙي اڇو، غريب توڙي امير ملڪ جو باشندو، سڌريل توڙي سڌرندڙ ملڪ جو ماڻهو، گڏگڏ پيار محبت ۾ وقت گذاري رهيو آهي. پهرين ڏينهن ملڻ تي هي دنيا جا شاگرد ڪلي ڪيڪارين ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڪن ٿا ۽ آخري ڏينهن تي هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ تي ڳوڙها ڳاڙين ٿا. هر سال هڪ سئو کان مٿي ملڪن جا شاگرد هن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺن ٿا ۽ هن سال جي آخر ڏاري هن يونيورسٽيءَ مان گرئجيوئيٽ ٿي پنهنجن ملڪن ڏي روانو ٿيندڙن جو تعداد هڪ هزار کان بہ مٿي ٿي ويندو. اهي پنهنجن ملڪن ۾ IMO جي ان مٽي: "Safer Ships, Cleaner Oceans" جي پوئواري لاءِ جدوجهد ڪري، هن ڌرتيءَ جي گولي ۽ انسان ذات کي تباه ٿيڻ کان بچاءَ ۾ حصو وٺي رهيا آهن."

## اها آهي ڊبليو ايم يو (WMU)

تقرير جي وچ ۾ مالمو جي هڪ اسڪول جي ڇوڪرين ورلڊ مئرينٽائيم يونيورسٽي بابت هيٺيون راڳ ڪورس جي انداز ۾ ڳائيو:

1. Away from home in beautiful Sweden
   Overlooking enchanting Copenhagan
   Erecting  right near the gorgeous beach
   Maritime experts come here to teach
   That's WMU!
2. Students far from all over the world
   Where certain places no one knows
   French, English, Spanish, Russian, Chinese All commu-
   nicate in one language

That's WMU!

3. Professors, students in different accent
Just like radio with multi-wave bands
Under one roof they interact
Unsimilar cultures enhance learning in fact
That's WMU!

4. However, different background different mentality
Many students have their own priorities
Some for days never come to school
Others turn up even in hurricane Andrew
That's WMU!

5. Some make University feel so bad
Booting disks missing in computer lab
If you need an new phone from Televerket
High deposit will empty your pocket
That's WMU?

6. Seminars are what one should cherish
They deliver knowledge wide and rich
Top experts here to share experience
In hoping students will turn brilliant
That's WMU!

7. Hope will make full use of the two years
Equip oneself with powerful gears
Return to serve the nation in intenational sense
Make martitime industry upward in trends
That's WMU

## مسلمان تہ ڪي خطرناڪ ماڻهو آهن

ڊنر دوران منهنجي گهڻي ڳالهہ ٻولهہ مصر جي پروفيسر ڊاڪٽر منصف سان ٿي. ڪجهہ عرصو اڳ نيويارڪ جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ڦاٽل بم بابت ڊاڪٽر صاحب جي راءِ پڇيم جنهن لاءِ اهو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ ان ۾ مصر جي هڪ نابين مذهبي رهنما عبدالرحمان جو هٿ آهي.

”آمريڪا جهڙي وڏي طاقت کي جيئڻ وٽي تيئڻ ڪري سگهي ٿي،“ هن چيو. ”جنهن کي وٽي تنهن کي چور چٽي جهلي، جنهن کي چاهي ساڌ قرار ڏئي ڇڏي ڏي. هن وٽ انصاف جي هڪ زبان نہ آهي پر بہ زبانون آهن. حالت اها آهي تہ ٻن سالن کان بوزنيا ۾ مسلمانن جو ڪوس ٿي رهيو آهي تہ ان تي نہ آمريڪا کي دل ۾ رحم ٿو اچي نہ يورپ کي. جرمني، فرانس، اٽلي، انگلنڊ يا ناروي ڊئنمارڪ سئيڊن کان يوگوسلاويا چا پري آهي. پر هر ڪو پنهنجي عياشي ۽ سک چين ۾ مگن آهي. ڄڻ اهو ڪي ڪجهہ ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ اسٽيج تي ڊرامو ٿي رهيو آهي. ائڪٽنگ ٿي رهي آهي. جنهن کان متاثر نہ ٿجي. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري جو ظلم مسلمانن تي ٿي رهيا آهن. ان جاءِ تي ڪنهن هڪ بہ يهودي، آمريڪي يا برطانوي عيسائيءَ جو قتل ٿئي تہ سيني کي انساني حق رکڻ جو اونو ٿي پوي.

”ساڳيو حال اسرائيل ۾ فلسطين سان ٿي رهيو آهي. اسرائيلن کي موچڙو هٽڻ بدران انهن کي هيرو بنايو پيو وڃي. اڳ ۾ اسرائيلي اهو چئي آمريڪا جي مدد لاءِ همدردي حاصل ڪندا هئا تہ هو آمريڪا جي مفاد ڪارڻ ڪميونسٽ دنيا کي منهن ڏيو وينا آهن. هاڻ ان ڪميونزم ۽ ان روس جو ڊونگ ختم ٿيو آهي تہ ان جي جاءِ تي ٻيو شروع ڪيو اٿن. هاڻ هو آمريڪا کي اهو نقشو پيش ڪري رهيا آهن تہ مسلمان خطرناڪ ماڻهو آهن جيڪي آمريڪا ۽ سڄي دنيا کي تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا. آمريڪا انهن کان بچڻ گهري ٿي تہ اسرائيل کي طاقتور بنائي. جيئن اسرائيل مسلمان تحريڪن کي ٻنجو ڏئي سگهي. نيويارڪ جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ بم جو اهو ڌماڪو ان ڏينهن ٿيو آهي جنهن ڏينهن اسرائيل جي وزير اعظم کي آمريڪا جي صدر سان واشنگٽن ۾ ملڻو هو. هاڻ خبر ناهي هن اسانجي مولويءَ اهو بم ڦاڙايو يا اسرائيلن پاڻ. جيئن آمريڪا مسلمانن جي انهن ڪمن کان ڊڄي اسرائيل کي اجان ڪارائي پياري متارو ڪري.“

”اڄ ڪلهہ جي دنيا تي نظر ڪجي تہ جتي ڪٿي مسلمانن لاءِ مشڪل ٿيندو وڃي“، مون ڊاڪٽر منصف کي چيو، ”پوءِ ڪٿي مسلمان مسلمانن جون

ٻوٽيون پيا پٽين تہ ڪتي غير مسلم قومون مسلمانن کي تباهہ ڪرڻ ۾ رڌل آهن. عراق ايران سان وڙهندو رهيو. آخر تائين وريو ڪجهہ ڪونہ. ٻنهي ڌرين جو مال ۽ ماڻهو مرندا رهيا. پوءِ ايران کي ڇڏي عراق پنهنجي عقل تي يا آمريڪا جي اڻ سڌي چرچ تي ڪويت جا ڌاڌا ڪيا. وري آمريڪا اچي عراق جي ستياناس ڪئي ۽ نہ فقط عراق کي ڪمزور ڪيو پر ننڍن وڏن عرب ملڪن کي ڏيهاري ڇڏيو. ترڪي، شام عراق ۽ ايران گڏجي ڪردن کي ماري رهيا آهن. ۽ بقول توهان جي وزير اعظم حسني مبارڪ جي سوڊان مصر لاءِ ٻائيتال پيدا پيو ڪري. اهي تہ اهڙا مثال آهن جنهن ۾ پنهنجا هٿ پنهنجين ڳچين ۾ آهن. ان کان علاوه يوگوسلاويا جو حال ڏسو، هندستان ۾ مسلمان جو حال ڏسو، ويندي سويت روس جي آزاد ٿيل رياستن ۾ مسلمان رياستون عتاب ۾ آهن. ان بابت توهانجو ڇا خيال آهي؟"

"در اصل اڄ جي دور ۾ هيءَ جنگ جاهل ۽ عقلمند جي هلي رهي آهي." ڊاڪٽر منصف مختصر جواب ڏنو.

"ڇا مطلب؟" مون وضاحت معلوم ڪرڻ چاهي.

"هي آمريڪا ، انگلينڊ ۽ يورپ جا ملڪ ڇا آهن؟- اهي وڏا عقلمند آهن. تمام هوشياريءَ سان جنگ وڙهي رهيا آهن. ٻئي پاسي اسين ڇا آهيون- بيوقوف ۽ چسا آهيون. هيتري آدمشماري، هيترو تيل نڪرڻ جي باوجود ۽ دولت جا مالڪ هجڻ بعد بہ Ediots آهيون. پاڻ ۾ ٻڌي نٿا پيدا ڪري سگهون. يورپ جا ڏه مختلف زبانون ڳالهائيندڙ، ڏه ملڪ، يورپين ڪميونٽي ٺاهيو وجن، اسان جا چار ننڍڙا ملڪ ساڳي زبان ڳالهائڻ جي باوجود بہ هڪ ٿي نٿا سگهون. سڀ ڪجهہ هوندي بہ پنهنجو پاڻ کي بہ پريشان ڪريو وينا آهيون تہ پرواري پاءُ ملڪ کي بہ. پاڻ ۾ ٿي وڙهيو هڪ ٻئي کي ڪمزور پيا ڪريون. غير سان ڇا مقابلو ڪنداسين. غير تہ اسان جو تماشو ڏسي مزو پيو ماڻي."

ڊاڪٽر منصف بيحد حقيقت پسند لڳو ٿي، سندس ڪجهہ ٻيون ان قسم جون ڳالهيون جيڪي هن وقت ياد اٿم ۽ هتي قلمبند ڪرڻ چاهيان ٿو اهي هن ريت آهن:

• اسان مسلمانن کي تاڪيد ٿيل آهي تہ 'اسلام جي رسيءَ ۾ ٻڌجي هڪ ٿي وڃون ۽ ڇڙوڇڙ نہ ٿيون.' پر اڄ جي حالتن موجب اسان مسلمان ڪو ان تي عمل ڪريون ٿا-؟

• تازو ڪراچيءَ ۾ ٻاونجاهہ ڪن مسلمان ملڪن جا وزير (وزيرِ خارجہ) مليا ۽ اسلامي بئنڪ ڪاريءَ ڪان وٺي جمهوريت جي بحاليءَ بابت ڳالهائيندا رهيا پر ورلي ڪنهن ڳالهہ تي سيني ڪا قبوليت ڏيکاري.

• عيسائيت جي دنيا ۾ مسلمانن جي اها سڃاڻ وڃي رهي آهي تہ مسلمان هر غلط ڪم ڪري ٿو.

اسان مسلمان خلاف زهر اوڳاڇيندڙ مغربي پريس نہ فقط بنيادي دشمني ڪارڻ پر ساڙ ۽ حسد خاطر دنيا کي مسلمان بابت اهوئي اميج ڏئي ٿي تہ هو اڄي چوغي (جبي) وارو ماڻهو آهي. هن جي گهر جي پهري ۾ بم ٺاهڻ جي فئڪٽري آهي. هن جا ٻار ڪلاشنڪوف بندوق جا پرزا پرزا ڌار ڪري وري ڳنڍي سگهن ٿا. گهر ۾ چار زالون رکڻ جو شوق اٿس. پنهنجي جاهليت کي خوش نصيبي سمجهي ٿو ۽ سڄو زور ان ڳالهہ تي اٿس تہ سندس زال سٿن پڙدن ۾ ڍڪجي هلي ۽ پاڻ ٻين جي زالن کي ڪرڙين نگاهن سان تاڙيندو وتي. انِ قسم جو ماڻهو نظر اچڻ تي مغربي دنيا جي هڪ سٺي شهريءَ جو اهو فرض آهي تہ هو هڪدم C I A کي اطلاع ڪري.

• اسلام ڪان لڪين اڻ واقف عيسائين لاءِ اسلامي دنيا هڪ خوف ۽ خطري جو ويڙهو آهي جنهن جو مول مقصد مغربي حڪومتن خلاف جهاد ڪرڻو آهي. ان ديهجوڙي ۾ هر مغربي ملڪ، بنا ڪنهن سوچ سمجهہ جي مسلمان کي خطرناڪ سمجهندو وڃي. فلسطيني جڏهن پنهنجي وطن لاءِ وڙهن ٿا تہ مغرب جا ماڻهو اهو نٿا سمجهن تہ هو هڪ قومي مقصد لاءِ وڙهي رهيا آهن. هو قوم پرست آهن. هنن ڪان سندن ڌرتي ڪسي وئي آهي، هو ان کي واپس وٺڻ لاءِ وڙهي رهيا آهن. انهن ۾ سڀ مسلمان نہ پر عيسائي بہ آهن. مشهور آزاديءَ جي تحريڪ پي ايل او (Popular front for Liberation of Palestine) جو ليڊر جارج حباش ڪير آهي؟ هو هڪ عيسائي عرب آهي. پر مغرب جا ماڻهو سمجهن ٿا تہ PLO يا ان جهڙيون تحريڪون پاڳل مسلمانن جون آهن ۽ هو خوامخواه دنيا

جي گولي تي هنگامو پيدا ڪري رهيا آهن. اهو ڪير نٿو سوچي تہ هن جي ٻچن ٻارن ڪي ٻي گهر ڪيو ويو آهي.

• هوڏانهن بوزنيا ۾ عيسائي مسلمانن کي ماري رهيا آهن تہ انهن کي عيسائي نٿو سڏيو وڃي. هر وقت سرب ڪروٽ ۽ مسلم چيو وڃي ٿو.

• پر اسان وٽ جهاد جي لفظ جو جيترو غلط استعمال اسان جا مسلمان سياستدان ڪڍن ٿا اوتروئي غير مسلم ان کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪن ٿا. افغانستان ۾ هاڻ مسلمان مسلمانن سان وڙهي رهيا آهن. ٻئي ڌريون ان کي جهاد سڏين ٿيون. جهاد جو مطلب آهي 'دين اسلام کي خطري کان بچائڻ'. پر ڪيترائي دفعا مغربي پريس، ريڊيو ٽيليويزن قومي تحريڪن کي مذهبي جنگين جو رنگ ڏيئي پيش ڪن ٿيون. اسان مسلمانن لاءِ Fundamentalist ۽ Fanatic جهڙا لفظ ۽ لقب گهڙين ٿا.

• فلسطيني جنگ بہ هڪ قوم پرستن جي جنگ آهي. جنهن ڳالهہ جي سچائيءَ جي ساک جارج حباش بہ ڏيندو. ڪراچيءَ ۾ O.I.C جي ميٽنگ ۾ اهائي ڳالهہ فلپين جي مورو نئشنل لبريشن فرنٽ جي مسٽر نور مشوريءَ ڪئي تہ ان کي مذهبي رنگ نہ ڏنو وڃي.

## ڪوڪارا ماڪارا...

Marine Casualtis (جهازي حادثن) بابت 'قانوني طرح ٻچا ڳاڇا' جي عنوان تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ آمريڪا کان اتي جي ڪوسٽ گارڊ جو 'ائڊمرل' رئنڪ جو هڪ وڏو آفيسر اسان وٽ سئيڊن ۾ آيو. هو فقط ڇڻ ڏينهن لاءِ آيو هو سو ان ٿوري عرصي ۾ سڄو سبجيڪٽ چڱيءَ طرح پڙهائڻ تہ ناممڪن ڳالهہ هئي. هن رڳو ڪجهہ اهم Topics تي ليڪچر ڏيڻ چاهيا ٿي ۽ پوءِ آخري ڏينهن تي، آخري پيرڊ ۾، ٽيسٽ وٺڻ جي خبر اڳوات ٻڌائي.

"ڪهڙي قسم جو ٽيسٽ ٽيندو-؟" اسان پڇيو.

"توهان ڪهڙي قسم جو چاهيو ٿا-؟" جواب بدران ائڊمرل صاحب سوال ڪيو.

”اوپن بڪ وارو- يعني ان ۾ ڪتاب ڏسڻ جي اجازت هجي.“ ٽيونيشيا جي فرينچ ڳالهائيندڙ عرب چيو.

”نه نه. ان کان Close Book وارو بهتر آهي. ڪليل ڪتاب وارو امتحان ڏکيو ڪيو ويندو ۽ ڳالهه ساڳي ٿيندي. جنهن اڳواٽ پڙهيو هوندو، اهوئي صحيح طرح جواب ڳولي لکي سگهندو.“ تنزانيا جي شيدي جهازي- انجنيئر دوبيلو پهرين کي سمجهايو.

”بند ڪتابن وارو امتحان هجي پر مضموني ٽائيپ بدران Objective نموني جو هجي. يعني سوال جي جواب ۾ اسانکي رڳو ’ها‘ يا ’نه‘ لکڻو پوي.“ فلپين جي نيول آرڪيٽيڪٽ انجنيئر عورت ڊيزيءَ صلاح ڏني.

ائڊمرل چيو: ”هاڻ مونکي گهٽيون صلاحون نه ڏيو. پيپر مون اڳهين ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ MCQP هوندو. يعني "Multiple Choice Question Paper" (هن قسم جي امتحان ۾ هر سوال جا ٽي يا چار جواب ڏنل هوندا آهن. جن مان جيڪو گهڻو صحيح هجي. ان تي منڊيٽرو ڏيڻو پوندو آهي.)

سيني ’بٺدلڪ‘ چئي پنهنجي اڻ- پسندگيءَ جو اظهار ڪيو جو اهڙي امتحان ۾ ممتحن جي مرضي هلي ٿي ته هو ڪهڙي جواب کي صحيح سمجهي ٿو، ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن ڏنل سڀ جواب صحيح هوندا آهن. مثال طور سوال هجي ته: ”حيدرآباد ڪٿي آهي؟“ ۽ ان جي ڏنل هيٺين چئن جوابن مان ڪهڙو صحيح جواب ٿي سگهي ٿو:

1- حيدرآباد ايشيا ۾ آهي.

2- حيدرآباد سنڌ ۾ آهي.

3- حيدرآباد ٿڌي ٺوڙهي پرسان آهي.

4- جتي ريشمي گلي آهي.

هاڻ اهڙن جوابن مان (جيڪي ظاهري طرح سڀ صحيح آهن) صحيح ڳولڻ ايترو ئي ڏکيو ڪم آهي جيترو هڪ ڏينهن جي ڄهرڪي جي ٻچي جي جنس ٻڌائڻ ته نر آهي يا مادي. سو ظاهر آهي اسان سيني اڻ وڻت جو اظهار ڪيو- سواءِ وينزوئلا جي چيف انجنيئر مسٽر ايفرين جي. هو ڪنڊ ۾ ويهي

تاڙيون وڄائڻ لڳو ۽ ’ويري گڊ‘ ’ويري گڊ‘ چوڻ لڳو.

منھنجي پر ۾ ويٺل يمن جي محمد مبارڪ آھستي چيو: ”انھي چرئي اسپيني ڳالھائيندڙ کي ائڊمرل جي آمريڪن اسٽائيل انگريزي ٿي سمجھ ۾ نہ آئي آھي. تڏھن تي ويٺو تاڙيون وڄائي.“

چانھہ جي ساھيءَ ۾ ٻاھر نڪري مسٽر ايفرين کي چيم: ”ايڊو خوش ٿي رھيو ھئين. ان ڪان تہ آبجيڪٽو ٽيسٽ صحيح ھو. سيني سوالن جي جواب ۾ فقط ’ھا‘ يا ’نہ‘ ’نہ‘ لکي اچون ھا تہ بہ پنجاہ سيڪڙو مارڪون ملي وڃن ھا چو تہ ان ۾ ڏيءُ نہ تہ پٽ وارو حساب آھي ٿي آھي . پر ھاڻ ھتن ٽن يا چئن جوابن مان ھڪ صحيح ڳولڻ ڏکيو آھي. ۽ تو تہ بہ ڏينھن ليڪچر بہ اٽينڊ نہ ڪيا آھن.“

”اميگو! تڏھن تہ خوش ٿي رھيو آھيان،“ ايفرين چيو. ھو ھميشہ انگريزيءَ جي ھر جملي ۾ ھڪ اڌ اسپيني لفظ ڳالھائيندو آھي. ”ھاڻ ايترن جوابن مان ھڪڙو صحيح جواب عقل سان نہ پر فال سان ڳولھيو پوندو. ۽ سڀ ۾ اسپيني بھتر ’ڊار‘ آھي: ’ڪوڪارا ماڪارا تيتري فئي پيغالي پيغالي ڪي ايجا فئي.‘

جنھن جواب تي آخري لفظ ’فئي‘ اچي اھو ٿيو صحيح جواب.“

مٿيون اسپيني راڳ ائين آھي جيئن پاڻ وٽ ’ارچڪ مرچڪ ڏما ڏرچڪ.“

يا انگريزن وٽ:

”اني مِني مِني مور.“

## منھنجي منجي پيجي چڊ....

ھن پاسي جون زبانون– يعني ڊئنمارڪ، ناروي ۽ سئيڊن جون زبانون پاڻ ۾ ايترو ملن ٿيون جيترو پنجابي سنڌي. ان ڪان بہ گھٽ. جو جو پنجابي سنڌيءَ ۾ بہ ڪيترائي ٻيا ٻيا لفظ آھن پر ھتن ٻولين ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ٻيو لفظ آھي باقي رڳو لھجي جو فرق آھي. جيئن سنڌي زبان ساڳي آھي پر اترادي، لاڙي يا ٿري ماڻھن جي لفظن ۽ لھجي ۾ فرق آھي.

سئيڊش زبان جا ڪيترائي لفظ انگريزيءَ تان ڪنيل آهن (يا انگريزن هنن ٻولين تان ڪنيا آهن)، جيڪي هڪ ٻئي سان گهڻو ملن ٿا. جيئن ’تون‘ کي انگريزيءَ ۾ You چئجي ٿو تہ سئيڊش ۾ DU. ٻار کي انگريزيءَ ۾ ’بيبي‘ چئجي ٿو تہ سئيڊش ۾ ’بارن‘ – يعني New Born ٻر بارن (Barn) جي اسپيلنگ ’او‘ بدران ’اي‘ سان ٿئي. ۽ ٻار جي گاڏي کي Baby Cart بدران ’بيبي وئن‘ چئجي ٿو. پر وئن جي اسپيلنگ Van بدران Vagn لکي وڃي ٿي. (سئيڊش ۾ 'G' يا 'J' جو ڪٿي ڪٿي اچار ’ي‘ آهي). انگريزيءَ يا سنڌيءَ ۾ ڌار ڌار لفظ لکڻ بدران يڪو هڪ لفظ 'Barnvagn' ٿيو وڃي. جيئن فارسيءَ ۾ ’آستانِ مرشد‘، ’شهنشاهہ هند‘ وغيره. پر سئيڊش ۾ ٻہ چا ٽي چار لفظ تہ آرام سان ملائي هڪ نئون لفظ ٺاهڻ جي عادت عام آهي. جنهن دڪان تي ننڍن ٻارن لاءِ مٿي ذڪر ڪيل گاڏا ۽ ٻيو سامان ملي ٿو ان جو نالو آهي: 'Barnvagnspecialist' ۽ هڪ ٻيو دڪان جتان اسان جو گهڻو لنگهہ ٿيندو آهي جيڪو يا تہ ڪنهن ناروي جي رهاڪوءَ جو آهي يا ان ۾ ناروي جا ٺهيل گاڏا رکيل آهن جو ان دڪان جو نالو آهي: 'Norgebarnvagnspecialist نارج ناروي لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

آئون نٿو سمجهان تہ فارسيءَ يا ٻي زبان ۾ ايترن لفظن کي ملائي هڪ نئون لفظ لکڻ جو طريقو هجي. وڌ ۾ وڌ ’ننها ميان گلفروش‘ يا ’شڪرقندي حلوه‘ يا ’بادبانِ ڪشتي ايران‘– پر انهن ۾ بہ هڪ هڪ لفظ الڳ ٿيو وڃي سواءِ گلفروش ۽ شڪرقنديءَ جي. پر هتي سئيڊن ۾ سيني لفظن جا اکر گڏيل نظر ايندا. هي ائين آهي جيئن ننڍا ٻار گجهارت طور جملي جا يڪا لفظ ملائي ٻين کان پڇندا آهن: ”منهنجيمنجييجيڇڏ“ چا ٿيو؟– يعني ”منهنجي منجي ڀڃي ڇڏ.“ سو سئيڊش زبان بہ ڪجهہ ائين لڳي ٿي.

ڪجهہ ٻيا لفظ جيڪي دڪانن ۽ عمارتن مٿان ايندي ويندي پڙهندا آهيون انهن ۾ هڪ 'Sjukhuset' آهي جيڪو سرڪاري اسپتال ٻاهران لکيل آهي. SJUK سيوڪ يعني بيمار (SICK) ۽ سئيڊش ۾ گهر کي هوسٽ چئبو آهي. سو ٿيو ’بيمارن جو گهر‘– يعني ’اسپتال‘. اهڙي طرح "Barn Klader

"Huset بارن جي ڪپڙن ملڻ جو گهر. ڪپڙن (Clothes) کي سئيڊش زبان ۾ Klader سڏجي ٿو ۽ نارٿ کي نارڊ- جيئن هتي جي مشهور بئنڪ آهي 'Nord Banken' اتراهن ملڪن جي بئنڪ. ۽ ڪانٽنڪ لينسز جي دڪان ٻاهر لکيل هوندو آهي: 'Kontaktlinser'.

## ساڳي زبان ڪري جدا ٿيل ملڪ...

آمريڪا کان آيل هڪ پروفيسر انگريزي زبان تان چرچا ڪندو رهيو. بلڪ انگريزن جي انگريزي ڳالهائڻ واري نموني تي کلندو رهيو.

آفريڪا جي هڪ ملڪ انگولا جي جهازي ڪپتان اٿي چيو: "ساڳي زبان هجڻ ڪري آمريڪا ۽ انگلنڊ جي ماڻهن جي ته دوستي هجڻ کپي. جيئن انگولا ۽ موزمبق ۾ پورچوگالي ڳالهائي وڃڻ ڪري اتي جا ماڻهو پاڻ ۾ ويجهڙائي محسوس ڪن ٿا. جيتوڻيڪ موزمبق هندي وڏي سمند ۾، آفريڪا جي اوير ڪناري تي آهي ۽ اسانجو انگولا ائٽلانٽڪ سمنڊ ڏي اولهه آفريڪا ۾ هجڻ ڪري جاگرافي طور هڪ ٻئي کان ڏار آهيون. يا جيئن هندستان ۽ پاڪستان سياسي طرح ڪٽي پاڻ ۾ ٺٺو ٺهي پر اڙدو ۽ هندي ساڳي زبان هجڻ ڪري عام ليول تي عوام جي دوستي رهي ٿي."

"پر،" آمريڪا جي هن پروفيسر چيو، "انگلنڊ ۽ آمريڪا اهڙا ملڪ آهن جن جي ساڳي زبان هجڻ ڪري اسانجي هڪ ٻئي تي چڙ آهي.
"UK and USA are two countries separated by common language.

مٿئين پروفيسر جنهن عنوان تي سڀ کان سٺو ليڪچر ڏنو اهو هو:
"What cannot be measured cannot be controlled"

(جيڪا شيءِ حد کان ٻاهر آهي اها ضابطي کان ٻاهر آهي.)

## مڙس هڪ نه ٻئي ڏينهن زال کي ماري ٿو....

ٻاهران ايندڙ پروفيسرن (Visiting Professors) مان پروفيسر جرزي لسونڪ پولئنڊ کان اسانجي يونيورسٽيءَ ۾ هرسال ڪجهه هفتن لاءِ پڙهائڻ ايندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو دلچسپ شخصيت آهي ۽ سڀ کان

گهٽو پسند ڪيو وڃي ٿو پر ان کان وڌيڪ ٻيا سبب جيڪي هن کي سٺو ماستر بڻائين ٿا اهي هي آهن: هو پنهنجي سبجيڪٽ جو ماهر آهي. هن کي پڙهائڻ جو طريقو اچي ٿو ۽ خوش مزاج آهي. هر وقت مرڪندو رهي ٿو. محنتي ۽ صابرين پڻ آهي جو ڪيترائي شاگرد- خاص ڪري جن جي انگريزي سٺي ناهي، ساڳي شيءِ ڪيس هر هر سمجهائڻ لاءِ چوندا آهن تہ بہ هو ٿڪبو ناهي.

پروفيسر جرزي (Jerzy Listewink) پولنڊ جو رهاڪو آهي. اسان وانگر جهازن جو مئرين انجنير هو. جهاز جو چيف انجنيئر ٿيڻ بعد ڪيترن ئي جهاز ران ڪمپنين ۾ آفيس سپرنٽنڊنٽ انجنيئر پڻ ٿي رهيو. سنگاپور جي Neptune Line ۾ پڻ چڱو عرصو نوڪري ڪيائين. سنگاپور ملائيشيا پاسي جا پراڻا جهازي ڪانئس چڱي طرح واقف آهن. سندس جهازي نوڪريءَ جو هڪ تمام وڏو حادثو مشهور آهي. آفريڪا جي هيٺيان ڦيرو ڪرڻ وقت، ڪيپ آف گڊ هوپ جي خراب موسم ۽ خراب سمنڊ ۾ سندس جهاز ٻڏڻ کان تہ بچي ويو پر ان جو پروپيلر (جهاز کي هلائڻ جو پنکو) شئفٽ ڀڄڻ ڪري نڪري ويو. پنکي بنا جهاز ائين آهي جيئن رڻ پٽ ۾ ٽرڪ جي ٽاءِ راڊ ڀڄي پوي. انجڻ پٺي هلندي پر ڦيٿا چرڻ کان پڙ ڪري بيهندا آهن.

پر هن همراهہ جهاز کي بچائي ورتو. ڪجهہ عقل ۽ علم سان ڪجهہ ضرور الله کي ٻاڏائڻ ۽ دعائن سان تڏهن تہ هو ڪميونسٽ ملڪ جو ٿي ڪري چوندو آهي تہ ڪوبہ 'جهازي' دهريو ٿي نٿو سگهي، خاص ڪري ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾.

پروفيسر جرزيءَ مئرين سائنس ۾ M. Sc ڪرڻ بعد جهازي انجڻين جي ڪنهن پهلوءَ تي پي ايڇ ڊي ڪئي. پاڻ انگلنڊ جي انسٽيٽيوٽ آف مئرين انجنيئرس جو فيلو ميمبر پڻ آهي. سندس ٻين قابليتن ۾ اها پڻ آهي تہ ڪلاس ۾ ليڪچر ڏيڻ وقت وچ وچ ۾ ٺهڪندڙ چرچا ڀوڳ ۽ ٻهاڪا ٻڌائيندو آهي. ان ڪري هن عمر ۾ بہ مشينن جي بور دنيا جون ڳالهيون بہ دلچسپ لڳن ٿيون.

انجڻين جي پرزن کي گسڻ، گرم ٿيڻ ۽ آواز کان بچائڻ لاءِ چڪني تيل

(Lubricating-Oil) جي اهميت ۽ خاصيت تي ليڪچر ڏيڻ کان اڳ چوڻ لڳو:
'One who Lubricates well travels well'

سندس ٻٽي معنا واري جملي تي ڪا دير سچو ڪلاس کلندو رهيو. سلائي جي مشين هجي يا موٽرڪار ۽ جهاز جي انجڻ، جيترو سٺي طرح ليوب-آئل يا گريز هٽندائو اوترو سٺو ۽ گهٽي عرصي لاءِ لڳاتار هلندي رهندي ۽ سفر دوران توهان کي تڪليف نه ٿيندي.

مٿيون اشارو رشوت ڏي پڻ آهي. پولنڊ جهڙن ڪيترن ملڪن ۾ ٻين جي هٿن کي گريز هڻڻ معنا رشوت ڏيڻ آهي. سو ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته زندگيءَ جي گاڏي بنا رنڊڪ جي ان جي هلي ٿي جيڪو گهٽي کان گهٽو تيل هٿي ٿو- يعني رشوت ڏئي ٿو. ٻين لفظن ۾:

ڏنو پٽ چٽي جو، ذات جو آسودو.

دنيا جي جهازن تي استعمال ٿيندڙ مٽرين انجڻين بابت Statistics تي ليڪچر ڏيڻ کان اڳ هن کلي چيو: ”دوستو! Statistics پڙهائڻ منهنجو ڪم آهي پر ان ۾ يقين نٿو رکان ڇو جو "Statistics does not really reflects the correct situation".

Statistics (شماريات) مان حالات جو صحيح جائزو نٿو لڳائي سگهجي.“

”ڪيئن يلا-؟“ اسان اچرج مان سوال ڪيس.

”ان جو اندازو توهان هن ننڍڙي مثال مان لڳائي سگهو ٿا. هڪ ماڻهو پنهنجي زال کي هر روز ماري ٿو. ۽ ٻيو ماڻهو بلڪل نٿو ماري. پر Statistics مطابق هر ماڻهو پنهنجي زال کي هڪ نه ٻئي ڏينهن ماري ٿو.“

## چانهه بنا کهڙي زندگي....

پنهنجي پولش پروفيسر کان هڪ ڏينهن پڇيوسين ته دنيا ۾ کهڙي ’جهازي- انجڻ‘ بهتر آهي؟ جرمنيءَ ۾ ٺهندڙ M.A.N، انگلنڊ جي ’ڊاڪسفورڊ‘، جپان جي ’متسوبشي‘ يا سئٽزرلنڊ جي Sulzer- جيڪا پولنڊ

۾ پڻ گذريل ويهن پنجويهن سالن کان ٿهي رهي آهي.

جواب ۾ انجڻ جو نالو ٻڌائڻ کان اڳ پهاڪو ٻڌائين:

”پولش زبان جو مشهور پهاڪو آهي ته بگهڙ لاءِ سندس پيچ کان وڌيڪ ٻي ڪا سهڻي شيءِ ناهي. سو اهڙي طرح مون لاءِ ’سلزر‘ انجڻ آهي جيڪا اسانجي ملڪ پولنڊ ۾ به ٺهي ٿي. پر هونءَ اها حقيقت آهي ته سلزر انجڻ وڌيڪ ڪامياب ويئي آهي.“

وچ ۾ هڪ هفتي لاءِ اسان سيني کي پولنڊ وٺي هليو جتي هن انجڻ جو ڪارخانو ڏيکاريو جيڪو ڪارخاني جي مالڪ مسٽر سيجلسڪي (Ceigelski) جي نالي سان مشهور آهي. مسٽر سيجلسڪي سائڪالاجيءَ ۾ Ph.D ڪئي. ان بعد خبر ناهي ڪهڙي جهوجهڪي آيس جو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ ڇڏي، الهه تلهه وڪڻي مشينون ناهڻ لاءِ هي ڪارخانو کوليو. ڪارخانو تمام ڪامياب ويو پر پوءِ ٻي لڙائي وارن ڏينهن ۾ جرمنن ان تي قبضو ڪري ورتو. جنگ بعد وري روس راڳا ڪندو رهيو. شروع کان اڄ تائين هن ڪارخاني ۾ ٺهندڙ مشينن ۽ ڪم ڪندڙ مزدورن جي درد جي داستان جي تواريخ هن ڪارخاني جي ميوزيم ۾ موجود آهي.

پروفيسر جرزي لسونڪ ۾ فقط هڪ خرابي آهي ته هڪ دفعو ليڪچر شروع ڪرڻ بعد ڪيس اها سڌ نٿي رهي ته چانهه لاءِ رسيس ٿي وئي. پوءِ ليڪچر ٻڌندڙ پهرين سرٻاتن ۾، پوءِ دبيل آواز ۾ ۽ نيٺ رڙ ڪري ياد ڏياريندا اٿس ته سائين هاڻ ٿوري رسيس ٿي وڃي سر تو وڃي. چو جو هڪ ته سئيڊن جهڙي ملڪ جي ٿڌ کان بچڻ لاءِ چانهه ضروري آهي. ٻيو ته پروفيسر جرزيءَ جا اسين سڀ شاگرد جهازن جا انجنيئر آهيون. ٻين لفظن ۾ ڪيس به احساس آهي ته اسان مسترين لاءِ ذري ذري چانهه جو نشو ضروري آهي. ان ڪري هر وقت دير ٿيڻ تي افسوس ڪري پنهنجو ليڪچر ان ئي مهل بند ڪندو آهي ۽ پوءِ ٿڌو ساهه کڻي چوندو آهي: ”واقعي چانهه بنا ڪا زندگي ناهي.“

"Is there life before tea?"

سندس مٿيون سوال سوال گهٽ Statement (بيان) وڌيڪ هوندو آهي.

## ٻين شهرن کي خوبصورت ڪرڻ جو طريقو

سئيڊن جي گاديءَ جو هنڌ اسٽاڪهوم آهي پر جهازن جي سرڪاري آفيس ۽ ٻيون ڪيتريون اهم آفيسون اسٽاڪهوم ۾ هجڻ بدران سئو ميل ڏورانهين شهر 'نورشوپنگ' ۾ آهن.

"ائين ڇو آهي-" اسان هڪ سرڪاري عملدار کان پڇيو.

"اهو ان ڪري جيئن ملڪ جي آدم شماري هڪ ئي شهر ۾ گهٽ ٿيڻ بدران مختلف شهرن ۾ ورهايل رهي، ساڳي وقت فقط گاديءَ وارو شهر سهڻو ٿيڻ بدران سئيڊن جا ٻيا شهر به سهڻا ٿين."

جپان ۽ ٻيا به ڪيترائي ملڪ ان پاليسيءَ تي عمل ڪن ٿا.

## هاڻي ٽيون مڙس سوچي ڪنديس...

هتي جي سئيڊش سوسائٽيءَ ۾ 'شادي' اهو ادارو ناهي جنهن جو تصور اسان وٽ ايشيا، آفريڪا يا وينڊي يورپ جي ٻين ملڪن ۾ آهي. هتي ڪيتريون عورتون ٻار پيدا ٿيڻ جو فيصلو ڪري ساٿي ڳولين- ۽ شاديءَ بعد ٿوري ئي 'تو تو' تي يا پئسي جي ضرورت تي هڪدم جدائي اختيار ڪن. ڇو ته طلاق بعد عورت کي ٻين الائونسن کان علاوه سرڪار ۽ مڙس وٽان 'جدائي- الائونس' پڻ ملي ٿو. طلاق تي ڇڻ تہ عورت لاءِ ٻانڌ ڪليو.

اسانجي ملڪن ۾ طلاق بعد عورت جو سر ويندو آهي پر هتي سئيڊن ۾ (۽ ناروي ڊئنمارڪ ۾ پڻ) مرد جو حال برو ٿيندو آهي ۽ عورت مالا مال ٿيندي آهي. طلاق جي صورت ۾ گهر تي قبضو عورت جو ٿيندو آهي ۽ مرد کي تن وڳن ۾- قميص پتلون مفلر ۾ گهر ڇڏڻو پوندو آهي. مرد جي گهر ڇڏڻ بعد زال سندس سامان جي هڙ ٺاهي ڪچري جي وڏي دٻي ۾ وجهي اڇلي ايندي آهي يا شهر ۾ هر هفتي لڳندڙ نيون- پراڻين شين جي مارڪيٽ ۾ وڃي 'ٽين وال' ڪندي آهي.

هڪ ڏينهن اهڙي مارڪيٽ ۾ هڪ ويهہ پنجويهہ ورهين جي عورت ڪپڙا وڪڻي رهي هئي. هن وٽ تمام سٺيون ٽائيون ۽ پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ

۾ پئڪ ٿيل نيون قميصون پڻ هيون. ان کان علاوه ٻيو به گهر جو سامان هوس. هڪ به قميصون ڪڍي پنهنجي قميص مٿان ٿي پائي ڏٺم پر سڀ سوڙهيون هيون.

”آئون اڳهين اهي قميصون ڏسي چڪي آهيان،“ مون کان اڳ ٿي اتي بيٺل منهنجي يونيورسٽي جي ڪليگ جوليانا چيو، ”سڀ سوڙهيون اٿس نه ته توکان اڳ مونکي پنهنجي مڙس لاءِ وٺڻ جو ارادو هو.“

جوليانا نائيجيريا جي آهي ۽ هتي سئيڊن ۾ پنهنجي مڙس ۽ ٽن ٻارن سان رهي ٿي.

مون به افسوس ڪندي قميصون واپس ڪيون.

”چو ڪٿو چو نٿا؟ ڇٺو ته اجان به اگهه گهٽ ڪريان.“ قميصون وڪڻندڙ عورت مونکي ۽ جوليانا کي چيو.

”وٺڻ ته چاهيون ٿا پر سڀ قميصون سوڙهيون آهن. لڳي ٿو ته تنهنجو مڙس سنهو آهي.“ مون چيومانس.

”آهي نه پر هو.“ هن درستي ڪئي.

”چو پلا هاڻ جاگنگ ڇڏي ڏني اٿس ۽ ٿلهو ٿي ويو آهي ڇا-؟“

مون سمجهيو هوءَ سندس جسم بابت ڳالهه ڪري رهي آهي پر جوليانا يڪدم سمجهي وئي ۽ ڪلي سچي رام ڪهاڻي ٻڌائين جيڪا قميصون وڪڻڻ واريءَ، منهنجي اچڻ کان ٿوري دير اڳ جوليانا کي ٻڌائي چڪي هئي ته ڪيئن سندس مڙس سان ناهه نه ٿيو ۽ ڪانئس جدا ٿي ان کان آزاد ٿي ۽ هاڻ سندس سامان نيڪال ڪري رهي آهي جو طلاق بعد مڙس جو سامان زال کي مليو ٿو.

جوليانا جي ڳالهه ٻڌي، سامان وڪڻندڙ سئيڊش ڇوڪري کلڻ لڳي ۽ جوليانا جي ڳالهه جي تائيد ڪندي مونکي انگريزيءَ ۾ چيو: ”شي از رائيٽ. هاڻ مونکان هن سان هڪ ڏينهن به گهاريو نٿي ٿيو. ان ڪري ڇيومانس ته مونکان ڌار ٿي وڃ. تنهنجي مهرباني. هن هائوڪار ڪئي ۽ ڪيس ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي آئون هتي آئي آهيان.“

”ان کان ته ڪچري جي دٻي ۾ اڇلي اڇين ها.“ مون صلاح ڏني مانس.

”ڪنهن کي-؟ ان مڙس کي؟“ هن کلندي پڇيو.

”نہ هن جي سامان ڪي.“ مون وضاحت ڪئي.

”مڙس ڪي جيڪر اچلڻ ممڪن هجي ها تہ ائين بہ ڪريان ها. اڇلڻ تہ هن سامان کي بہ ڪبي پر هن جا مونکي چار پئسا ملي ويندا.“

”يلا هاڻوڪو مڙس ڪيئن اٿئي؟“ چرچي جي موڊ ۾ ڏسي مون سوال ڪيومانس.

”اهو بہ اهڙو ئي سنهو آهي. پهرين جهڙو.“ هن وراڻيو.

اهو ٻڌي مونکي تعجب لڳو تہ جڏهن هي نئون مڙس پهرين جي هڏ ڪاٺ جهڙو آهي تہ پوءِ هڙيون نيون اڻ پاتل قميصون ڦلن مٽ ۾ وڪڻڻ بدران ان کي ڇو نٿي ڏئي. ان ڪري ڪانئس يڪدم ان بابت پڇيم بلڪ صلاح ڏنيمانس.

”نہ. نہ.“ هن چڙ مان وراڻيو، ”ان ڪان باهہ نہ ڏئي ڇڏيانس.“

”نئين مڙس کي“ هاڻ جوليانا ماحول خوشگوار بنائڻ لاءِ چيو.

”او نو. نو. نئين مڙس کي نہ پر پراڻي مڙس جي هنن ڪپڙن کي. آئون هرگز نٿي چاهيان تہ ان چنبڙي (يعني پهرين مڙس) جو ڪو رول خيال، ڪا واڳڙي ياد، ڪا اڻ چٽي سوچ بہ مونکي سندس احساس ڏياري.“

”ويري گڊ.“ اسان چيس، ”پر افسوس جي اها ڳالهہ تہ هاڻ وري جي طلاق ٿي تہ هن تنهنجي نئين مڙس جون قميصون بہ نہ مون کي فٽ ايندئون نہ جوليانا جي مڙس کي.“

”ان بعد هيو مڙس يا يار ڪيم تہ ڪجهہ ٿلهيرو ڪنديس، بس؟“ هن ڪلندي جواب ڏنو ۽ اسان ڪيس ’هاءِ دو‘ ڇٽي اڳتي هٿي اسٽال ڏي رڙ هياسين. واٽ تي جوليانا کي چيم: ”ڏٺئي هتي جا حال؟“

”هتي جي ماڻهن جون ان قسم جون رسمون رواج ۽ رهڻ جا طور طريقا ڏسي واقعي تعجب لڳي ٿو.“ جوليانا چيو.

”بهرحال قميصون پنهنجي نصيب ۾ نہ هيون. خبر ناهي سندس سابق مڙس ڪيترو سنهو هو“ مون چيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن ڪري رهيو هوس تہ جوليانا پنهنجي ٽيبل تان اٿي مون وٽ آئي ۽ آهستي آهستي چيو: ”ڪالهہ واري سئيڊش مائيءَ جو

مڙس معلوم ڪرڻ چاهين ٿو ته ڪيترو سنهو آهي ته پنيان ڏس.“

مڙي ڏسان ته اسان وارو ترڪيءَ جو يار حسن بڪال ڪالهه وارين قميصن مان هڪ پائي ميس ۾ گهڙي رهيو آهي. مون کان ۽ ساڳي وقت جوليانا کان ٺهڪ نڪري ويو. اتي حسن بڪال به اچي ويجهو پهتو.

”آهي ته خير-؟“ هن تعجب مان پڇيو.

جواب ڏيڻ بدران جوليانا سوال ڪيس: ”واهه جي قميص اٿئي ڪٿان ورتي اٿئي-؟“

حسن بڪال لاهه ماڻهو. نڪ جو پڪو ٿي چيو: ”ههڙي اوچي ڪپڙي جون قميصون استنبول ۾ ٺهن ٿيون.“

اهو چئي اڳتي وڌي ويو. اسان هئي چٽا چوندا رهياسينس ته ان تي لکيل ته Made in Norway آهي پر مجال آهي جو هو هڏي ۽ ٽِڪي باسي.

## شان نه ڪرڻ ڪپي...

سيڪنڊ هئنڊ مارڪيٽ جو سئيڊش نالو Lopis آهي جيڪو دراصل انگريزي لفظ Low-Price جي ڪار آهي. ان ٿي ڏينهن Lopis جي هڪ هٽي استال تي هڪ سئيڊش عورت گهر جون مختلف نيون پراڻيون شيون وڪڻي رهي هئي. ان ۾ ڪجهه ڪرسٽل (شيشي تي ٺُڪ جو ٿيل ڪم) جون شيون پڻ هيس. انهن مان هڪ ڪرسٽل جو گلدان مون وٺڻ چاهيو ٿي. ٻاهر دڪان تان نئون هڪ سئو ڪرونا ۾ ملي رهيو هو پر هن تيهن ۾ وڪڻ چاهيو ٿي. اها ٻي ڳالهه هئي ته بلڪل ٺهدر نئون نه هو. ڪٿي ڪٿي ليڪها لڳل هئس پر ان هوندي به نئين جهڙو چئي سگهجي ٿو. سئيڊن جي سڪي جو نالو ڪرونا آهي ۽ هڪ ڪروني ۾ اڄڪلهه پاڪستاني چار رپيه کن آهن. مون تيهن بدران پنجويهه ڪرونا ڏيڻ چاهيا ٿي. پر هن اگهه گهٽ ڪرڻ بدران مونکي ان گلدان جي سونهن ۽ اصل قيمت ڏي ڌيان ڇڪايو ۽ اگهه گهٽ ڪرڻ کان پڙ ڪڍي بيٺي، چي:

”تيهن ڪرونن کان گهٽ نه ڪنديس. اڳهين سستو پئي وڪڻان.“

”ان ۾ ڪو شڪ ناهي، آئون بہ مڃان ٿو پر هن مارڪيٽ (Lopis) ۾ تہ ان کان بہ گهٽ اگهہ تي شيون ملن ٿيون، ۽ هي تنهنجو مقرر ڪيل اگهہ جيتوڻيڪ گهٽ ئي آهي پر منهنجي مالي حيثيت جي پيٽ ۾ اجان بہ وڌو آهي. آئون هتي جو نہ آهيان. ۽ نہ مونکي توهان جي حڪومت کان سوشل الائونس ملي ٿو. پنهنجي ملڪ پهچڻ تي ان تي اجان ڪسٽم ڊيوٽي بہ ڏيڻي پوندي. سو ان حساب سان ٿيهہ ڪرونا گهڻو آهي.“

”ماءِ ڊيئر فرينڊ!“ دڪاندار عورت، هڪ سٺي واپاريءَ وانگر مونکي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ”اڄ ڪلهہ سئيڊن جي سڪي (ڪروني) جي Value ئي ڃا رهي آهي. سئيڊش ڪرنسي دنيا جي مارڪيٽ ۾ ڪيڏي تہ ڪري پئي آهي.“

”سئيڊش اهڙا واپاري طبيعت جا ڪڏهن کان ٿيا آهن. هن کي تہ مون هميشه پئسو خرچ ڪندي ڏٺو آهي.“ مون بہ کِلندي چيومانس.

ان بعد سندس دماغ ۾ ڪا سوچ اچي وئي جيڪا منهنجي فائدي ۾ ثابت ٿي ۽ يڪدم ڪرسٽل جو گلدان منهنجي حوالي ڪندي چيو:

”چڱو يلا ٿيهن بدران ويهہ ڏي.“

”ويري گڊ! آئون تہ پنجويهہ ڏيڻ لاءِ بہ تيار هوس. هي يڪا ڏهہ ڪرونا ڪهڙي خوشيءَ ۾ ڇڏي ڏنئي؟“ مون پڇيومانس.

”بس مون سوچيو تہ سئيڊن جو ڪرونو (سڪو) تہ ڪٽي ڪري پيو آهي...“

”پر سئيڊن جي ماڻهوءَ جو شان تہ نہ ڪرڻ کپي.“ مون سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي وڌيڪ پنهنجي طرفان چيو.

”بلڪل صحيح ٿو چئين.“ شيون وڪڻندڙ سئيڊش عورت چيو.

## سئيڊن ۾ حلوو وڪڻندڙ مسعود...

ڪي ڪي سئيڊش لفظ بہ عجيب آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انگريزيءَ سان گهڻو ملن ٿا. جيئن تہ اڌ کي انگريزيءَ ۾ Half چئجي ٿو ۽ سئيڊش ۾ Halva. پر اهو لفظ Halva ڪٽي هئي هند پڙهان ها تہ شايد ڪا

بي معنا ڪڏهن ها پر سئيڊن ۾ رهندڙ اسانجي دوست مسعود ضيغم جي ڪيپڙي جي دڪان ٻاهران وڏن اکرن ۾ لکيل Halva پڙهي مون سمجهيو تہ مسعود حلوو بہ وڪڻي ٿو.

ڪيپڙي جي دڪان ۾ حلوو وڪڻڻ ڪا تعجب جهڙي ڳالهہ ناهي. جپان، سنگاپور، انگلنڊ، جرمني، وينڊي آمريڪا جي ڪيترن شهرن ۾ پاڪستاني هندستاني دوڪاندار ٻئي سامان سان گڏ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي ضرورت جي ڪا ديسي شيءِ پڻ وڪڻن ٿا. جيئن تہ پاپڙ، آچار، پڪوڙن لاءِ ٻسڻ، ڳڙ، سرنهہ ۽ چانيي جو تيل وغيره. سو اهڙي طرح مون سمجهيو مسعود پاڪستان مان حلوو گهرائي وڪڻي ٿو- احمد، عبدالحنان جو يا ملتاني حلوو.

اها بہ ڳالهہ آهي تہ پهرين ٿي هفتي ۾ ڪانئس ڪجهہ پڇڻ يا نياپو ڏيڻ لاءِ بہ دفعا دڪان تي وڃڻ ٿيو تہ چانهہ پيارڻ جي بهاني سان زوريءَ وهاري چانهہ سان گڏ ڪيڪ بسڪيٽ ۽ ڪٽان مليل برفي پڻ ڪارائين پر حلوي جو نالو نہ ورتائين. پر پوءِ سئيڊن ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ بعد خبر پئي تہ سئيڊش زبان ۾ اڌ کي حَلوا چئجي ٿو ۽ هن مهنگي ملڪ ۾ دڪان ٻاهران -'Somer Sale' (اونهاري جي سيل)، Rea (سستو اگهہ) ۽ Halva (اڌ قيمت) جهڙا جلڪندڙ لفظ گراهڪن کي دڪان اندر ڇڪڻ لاءِ چقمق جو ڪم ڪن ٿا.

اهو سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيو آهي تہ ٻين دڪانن تي اهي لفظ ڪڏهن ڪڏهن، ڪن خاص موقعن تي، ڪجهہ ڏينهن لاءِ لڳايا ويندا آهن پر مسعود جي هن دڪان 'شالامار' جي ٻاهران ٻارهوئي وڏن اکرن ۾ Halva– 'اڌ قيمت' لکيو پيو آهي. هو سڄو سال اڌ قيمت تي شيون ڪيئن ٿو وڪڻي! اهو ڪهڙو Business Tactics آهي. هانگ ڪانگ، ڪوريا، جپان کان گهرايل سامان ڪيس پئي ٿي اڌ قيمت تي ٿو يا اگهہ کي ٻيڻو ڪري هر شيءِ تي اها ڊبل قيمت لکي ٿو ۽ پوءِ مٿين موڙهيل گراهڪ اڌ پئسا ڏئي خوش ٿئي ٿو تہ ڪيس سستي شيءِ پئي. ڪيترن سئيڊش لفظن ۾ رولو آهي پر لفظ 'سئيڊش' بہ ڪڏهن ڪڏهن مونجهارو پيدا ڪري ٿو. سئيڊن جي ماڻهن ۽

زبان کي 'Swedish' چئجي ٿو. جيئن ڪراچيءَ ۾ سئيڊن حڪومت جي آڏار تي ٺهيل هڪ درسگاهہ جو نالو 'سئيڊش ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ' آهي. مونجهارو ائين ٿو ٿئي جو ڪيترا دفعا تڪڙ ۾ 'سئيڊش' ائين ٿو لڳي چڻ ڪو 'سئيٽ ڊش' (ڪائڻ جي مٺي طعام) لاءِ چئي رهيو هجي. هڪ دفعي تہ اهڙو اتفاق ٿيو جو هڪ گڏيل ملڪن جي ڊنر ۾ مانيءَ دوران جڏهن هڪ آفريڪا کان آيل مهمان وزير کان پڇيو ويو تہ .Do you like Swedish تہ ٺهہ پهہ انڪار ڪيائين.

ڇا توکي سئيڊن جي زبان پسند آهي؟ سئيڊن جا ميزبان تہ وائڙا ٿي ويا پر ان آفريڪن ملڪ جي سفارت خاني وارا بہ پريشان ٿي ويا تہ معزز ميزبان تڪلف طور پنهنجي ماڻهن يا زبان لاءِ پڇي رهيو آهي تہ نہ وڻڻ جي باوجود بہ ڊپلوميسيءَ جي اها تقاضا آهي تہ ڪٿي ها چئجي. پر هن وزير صاحب کان ميزبان جڏهن وري ساڳيو سوال ڪيو تہ توکي سئيڊش پسند آهي تہ وري انڪار ڪندي چيائين: "No. not at all".

سندس پر ۾ ويٺل سندس ملڪ جي سفير آهستي چيس تہ سائين ائين تہ نہ چئو، توهانکي سئيڊش چو پسند ناهي.

وزير ڪجهہ ڪاوڙ ۾ اچي چيو: ”چو پسند ناهي؟ بابا يو نو آءِ ايم ڊائبٽڪ پرسن“ (آئون مٺي پيشابن جو مريض آهيان، سو 'سئيٽ- ڊش' ڪيئن پسند ڪندس).

ساڳيو مسئلو فنلنڊ جي ماڻهن سان بہ آهي جيڪي Finnis سڏائين ٿا.

فنلنڊ جو ڪو همراهہ تعارف وقت چوندو آهي تہ آئون فنس آهيان تہ اسان چوندا آهيونس: ”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي اجان تہ تون ڪڙو تڙو آهين. فنش (Finish) تنهنجا دشمن ٿين.

هونئن سئيڊن جا رهاڪو پاڻ کي 'سئيڊ' بہ سڏائين ٿا، پر اهو لفظ ايترو عام نہ ٿيو آهي جو دنيا جا ماڻهو سمجهن تہ Swede سان مطلب سئيڊن جو باشندو آهي يا سئيڊ مٽيرل مان ٺاهيل ڪوٽ يا بوٽ.

## نماز- روزو...

مذهب سان واسطو رکندڙ هر لفظ آئون سمجهندو هوس تہ عربي زبان جو آهي. ۽ واقعي گهڻي ڀاڱي اهي لفظ عربيءَ جا ئي آهن. جيئن تہ مسجد، مدرسو معلم، سجدو، حج، زڪوات وغيره وغيره. اهڙي طرح مون سمجهيو تہ نماز ۽ روزو بہ عربيءَ جو لفظ آهي.

سئيڊن ۾ مون سان گڏ رهندڙ عربن سان ڪڏهن ڪڏهن عربي لفظ ڳالهائي خوشي ۽ پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو. ۽ هنن جي تہ انگريزي صفا ڪمزور آهي سو ڪيترائي عربي جا لفظ انگريزي ۾ ڳالهائيندي بيهي رهندا آهن ۽ معافيون وٺي ساري ساري ڪندا آهن. ۽ پوءِ جي اهو لفظ مونکي سمجهہ ۾ اچي ويندو آهي تہ ٻڌائيندو آهيان تہ مون سندس ڳالهہ جو مطلب سمجهيو نہ تہ سمجهائڻ لاءِ ان عربي لفظ سان ٻيا ملندڙ جلندڙ لفظ ٻڌائي مطلب ظاهر ڪندا آهن. ڪڏهن تہ ڊڪشنري ڪولڻي پوندي آهي جيڪا هنن سان هر وقت گڏ هوندي آهي. سعودي عرب ۽ يمن وارن وٽ انگريزي عربيءَ جي، ٽيونيشيا وارن وٽ فرينچ عربي جي ۽ موراڪو وارن وٽ اسپينش عربيءَ جي. (موراڪو جو اتراهون اڌ Spanish پڙهي ۽ هيٺاهون ڏاکڻو اڌ فرينچ پڙهي).

هڪ ڏينهن لئبريريءَ مان اٿيس تہ پر ۾ ويٺل ڪويت جي انجنيئر پڇيو تہ ڪيڏانهن ٿو وڃان.

"Going for Nimaz" - نماز لاءِ ٿو وڃان. ٻڌايومانس پر هن کي سمجهہ ۾ ئي نہ اچي وري پڇي ۽ آئون ساڳيو جواب ڏيانس پر هن کي ٻنهہ ڏيان ۾ نہ اچي. مون سمجهيو چرچا ٿو ڪري سو چيومانس:

"You don't know Nimaz"

"نو" هن ورائيو.

"يار تون ڪهڙو مسلمان آهين توکي نماز روزي جي خبر ناهي." مون حيرت مان ڪيس ڏاڍي چيو.

"نہ. اهي ڇا ٿيندا آهن." هو پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهيو. دل ۾ سوچيم "عجيب ماڻهو آهي. سڄو ڏينهن مسجد ۾ ويٺو آهي ۽ هاڻ وري پڇي

ائين پيو ڄڻ عيسائي يهودي هجي." وڏيڪ ڳالهائڻ بنا ٻاهر هليو ويس. اڳئين جو وقت هو. بلڊنگ جي ڪنڊ وٽ هڪ ڪمري ۾ تهيل مسجد ۾ ٻيا به اچي نماز لاءِ گڏ ٿيا هئا.

واپسيءَ تي ورانڊي ۾ ايران جو ڪئپٽن شهريار مليو جيڪو لئبرريءَ ۾ اسانجي سامهون ويٺو هو. ڪويتيءَ ۽ منهنجي بحث دوران اخبارن تان اکيون هٽائي اسانجي گفتگو ٻڌي مرڪي رهيو هو. ان مونکي پاسي تي بيهاري چيو:

"مسٽر الطاف! نماز ۽ روزو اسانجي فارسي زبان جا لفظ آهن ان ڪري تنهنجي ڪويتي دوست کي سمجهه ۾ نه پئي آيا. نماز کي عربيءَ ۾ صلو چوندا آهن (۽ روزي کي ثوم)."

اهو ٻڌي پنهنجي غلطي محسوس ڪيم. لئبرري ۾ آيس ته ڪويتي همراهه ٽيسز لاءِ نوٽس لکي رهيو هو، ڳراٽڙي پائي چيومانس: "آءِ وينٽ فار صلو".

"ڪمال ٿو ڪرين مونکي ڇو نه ٻڌائي ته آئون به هلان ها." هن شڪايت واري لهجي ۾ چيو.

"سر! ٻڌايو هوم پر ان وقت منهنجو منهن ايران ڏي هو."

پوءِ ته مون به محسوس ڪيو ته واقعي ايرانين جي گهر وڃبو آهي يا نماز جي وقت هو ايندا آهن ته نماز پڙهڻ لاءِ 'جا نماز' گهرندا آهن- جيڪو اڙدوءَ ۾ عام لفظ آهي. ۽ عرب 'مصلو' گهرندا آهن جيڪو سنڌيءَ ۾ پڻ عام مروج لفظ آهي.

سال اندر هاڻ عربي ۽ ايرانيءَ جا ڪيترائي لفظ سڃاڻي ورتا اٿم ۽ ٻين جي پڻ ان ڏس ۾ ٿوري گهڻي مدد ڪندو آهيان- خاص ڪري ملائيشيا ۽ انڊونيشيا کان آيل همراهن جي- جن جي مادري زبان ملئي آهي ۽ عربي ۽ فارسي هنن وٽ ايتري عام ناهي جيتري اسان وٽ آهي. مثال طور ملئي زبان ۾ نماز کي 'سيايانگ' چون ۽ روزي کي پئاسا (Puasa).

ڪلاس روم ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايراني ۽ عرب شاگردن سان گڏ وهڻ وقت اسين ڏسندا آهيون ته عربي زبان جا سمورا لفظ ايراني پڙهي/ ڳالهائي

ويندا آهن پر فارسيءَ جا ڪيترا اکر عرب اچاري نہ سگهندا آهن. جيئن تہ: پ، چ، گ وغيره.

اهو آهي تہ عربي ۽ فارسيءَ جا سمورا اکر اڙدو ۽ سنڌيءَ ۾ آهن ان ڪري اسان پاڪستانين کي ان سلسلي ۾ ڪو مسئلو نہ ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ تہ اجان بہ گهڻا اکر آهن ان ڪري ويندي ويٽنامي چيني ۽ ٿائي زبان جا 'ڳ' ۽ 'ڄ' جهڙا اکر بہ سمجهڻ ۾ دقت نہ ٿيندي آهي.

اسانجي ننڍي ڪنڌ تي ايران ۽ عربستان جي ڪلچر جو وڏو اثر رهيو آهي ساڳي طرح ايراني ۽ عربي زبانن جو پڻ. اڄ بہ اسانجي ملڪ لاءِ ايران ۽ سعودي عرب سڱا چاچا ماما يا سوٽ ماسات آهن. پر بين الاقوامي ليول تي انهن ملڪن جي ماڻهن جو پاڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ننڍين ڳالهين تي اختلاف ٿيندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏيندا آهن پر اسان پاڪستاني ڪوشش ڪري انهن جي ضد ۽ بحث کان پاڻ کي آجو رکندا آهيون.

هڪ دفعي اهڙي حالت تي جو ٻئي ڌريون فيصلي لاءِ اسان وٽ اچي نڪتيون، ۽ نہ فقط فيصلو ڪيو پر جنهن جو ڏوهہ هجي ان سان اسان بہ تعلقات ختم ڪيون. پاڪستاني چيف انجنيئر راحت عزيز ۽ ڪئپٽن سليم چيو: "هاڻ ڳالهہ تہ ڏاڍي ٿي. هي تہ واڻئي ۽ شينهن وارو مثال ٿيو جنهن وٽ بہ شينهن اچي نڪتا. هڪ چئي تہ 'آئون سچو آهيان شينهن بيضا لاهيندو آهي.' ٻيو چئي تہ 'آئون سچو آهيان شينهن ٻچا ڏيندو آهي.' ٻنهي شينهن وارننگ ڏني تہ 'جي اسانکي ڪوڙو ڪيو اٿئي تہ توکي کائينداسين.' پر واڻئي عقل کان ڪم ورتي کين اهو چئي ٽاري ڇڏيو تہ بابا شينهن شير خدا جو آهي– جنگل جو بادشاهہ آهي. وٽيس تہ ڪڏهن آنا لاهي وٽيس تہ ڪڏهن ٻچا ڏئي.' پر هاڻ پاڻ ڇا ڪريون."

"جلدي سوچي وٺون. اڄهو تہ مينهن واءُ ڪندا ايراني ۽ عرب ٻهتا." مون پنهنجن هم وطنن کي خبردار ڪيو.

"ڪوشش ڪري ٻنهي ڌرين جو پرچاءُ ڪرائبو. نہ تہ وڙهندا هاٿي لتاڙياسين پاڻ ٻوڙا." ڪئپٽن سليم رڙ پيش ڪئي جيڪا بيحد موچاري لڳي.

هاڻ عرب ۽ ايراني فيصلي لاءِ پهتا. اسان پوري ڪوشش ڪريون پر هو پرچن نہ. ٻئي ڌريون چون تہ ”اسين صحيح هو غلط.“ سليم، راحت ۽ مون ڪين گهڻو ئي سمجهايو پر هو ويتر گرم ٿيو وڃن ۽ هاڻ عرب اسانکي چون تہ توهان ايرانين جو پاسو ٿا کڻو ۽ ايراني چون تہ توهان اسانجو پاسو نٿا کڻو عربن جو ٿا کڻو. آخر ڪين مٿين شينهن واري ڳالهہ ٻڌائي، تورو ڪلائي چيوسين:

”اسين ڪنهنجو پاسو نٿا کڻون. ايران اسانجي ساڄي اک جو تارو آهي تہ سعودي عرب کاٻيءَ اک جو تارو. اسان لاءِ توهان ٻئي هڪجهڙا آهيو اسانکي ٻنهي لاءِ عزت ۽ پيار آهي ۽ ڪنهن کي بہ ڇڏي نٿا سگهون.“

ڪڏهن ائٽلانٽڪ سمنڊ تي بہ طوفانن بعد مٿي سانت اچي ويندي آهي. سو ان رات بہ قدرت اهڙو ئي ڪرشمو ڪيو. ۽ ٻئي ڌريون ڪير ڪنڌ ٿي ويون ۽ ماحول پرسڪون ٿي ويو.

ڪجهہ ڏينهن بعد راحت کلي چيو: ”ان رات خير ٿي ويو پر جي هڪ ڌر جو پاسو کڻو پوي ها تہ پوءِ ڇا ڪريون ها.“

”پوءِ پاڻ پاڪستانين مان اڌ هڪ پاسي ٿيون ها اڌ ٻئي پاسي.“ مون چيو.

”پر پاڻ تہ ٽي پاڪستاني آهيون. آئون عربن پاسي ٿيان ها تون ايرانين پاسي. ۽ پوءِ سليم جنهن جو پاسو کڻي ها تہ ساهميءَ ۾ اهو پڙ زور ٿي وڃي ها.“ راحت چيو.

”نہ. ان لاءِ سليم کي سمجهائي ڇڏيون ها تہ تون ڪنهنجو پاسو کڻڻ بدران قميص جا بيڙا کولي راڳ شروع ڪجانءِ تہ ’آئون تہ آهيان دل جو مريض. اڃان هاڻ آپريشن ڪرائي هتي آيو آهيان. اعتبار نہ اچانو تہ ڏسو.“

## شراب ۾ قرضي ٿين ٿا...

سئيڊن جي هن شهر (مالمو) جي ميونسپالٽي طرفان مليل دعوت ۾ منهنجي پر ۾ مصر جو پروفيسر ڊاڪٽر احمد منصف ويٺل هو. دعوت ۾ هر هر شراب پيش ٿي رهيو هو. ماني ڪا نالي ماتر هئي. ڊاڪٽر منصف بيزاريءَ جو اظهار ڪندي چيو: ”اجايو آياسين. ماٺهو دعوتن ۾ پيٽ ڀري کائين پاڻ

جهڙا بکيا اڃيان آياسين اهڙوئي موٽنداسين.“

”سئيڊش ماڻهو هڙين دعوتن ۾ ئي شراب تي زور رکن ٿا باقي عام زندگيءَ ۾ تمام گهٽ پيئن ٿا.“ مون چيو.

”نہ. نہ. هو تمام گهڻو پيئن ٿا. پر شراب پي گاڏي هلائڻ يا رستي تي گوڙ فساد ڪرڻ تي سخت سزائون آهن. ان ڪري ظاهر نٿا ٿين. باقي در بند ڪري گهر ۾ تمام گهڻو پيئندا رهن ٿا.“

مصر جو هي پروفيسر اتي نيول اڪيڊمي جو Dean آهي. سئيڊن جي هيءَ يونيورسٽي ڏهڻ تي ٽي چار سال هتي جي هڪ ڪورس جو ’ڪورس-پروفيسر‘ هو. پاڻ وڌيڪ ٻڌائين تہ سياري ۾ ڏکين ۽ سرد راتين ۽ اونداهن ڏينهن ڪري هتي جي ماڻهن کي سخت ذهني مونجهہ ۽ مايوسي (Depression) ٿئي ٿي. جهڙ مينهن ۽ سخت سيءَ ۽ برف باريءَ ڪري ڪيڏانهن ٻاهر تہ نڪريو نٿا سگهن. پوءِ زور هوندو اٿن شراب پيئڻ تي. جيترو بہ ڪمائين اوترو کپائين. سئيڊ ماڻهو گهڻو قرضي شراب ۾ ٿيندو آهي.

## آءِ لائيڪ يورپا...

سئيڊن ۾ ڪيترين ئي عرب (خاص طرح لبنان، عراق، شام ۽ فلسطين پاسي جون) ۽ ايراني (خاص ڪري بَهائي ۽ امام خميني ڪان پوءِ جي درو جون) نوجوان عورتون هتي نظر اچن ٿيون. ڪجهہ سال هتي رهڻ بعد هتي جي ماحول ۽ ڪلچر ۾ اهڙو تہ رچي بسي وڃن ٿيون جو ڇا ڳالهہ ڪجي. هتي جون سئيڊ عورتون بہ سندن ان اڌ اگهاڙي لباس، بي ڍنگي چال چلن، هڪ يار ڇڏي ٻيو ۽ ٽيون رکڻ يا هڪ مڙس پاسي ۾ تہ ٻئي لاءِ واجهائڻ جهڙين ڳالهين جو مقابلو ڪري نہ سگهنديون. هو ڪلبن ۾ نچندي توهان کي نظر اينديون. رستي هلندي سگريٽن جا ڊگها سوٽا هڻي چپ چٻا ڪري دونهون پاسي کان لنگهندڙن جي منهن ۾ هڻنديون. توهان کي ايشين شڪل جون اهڙيون لوفريائيون يورپ جي ٻين ملڪن ۾ گهٽ ملنديون.

هِتي فلسطيني، عراقي ۽ شامي عورتن ۾ ڪيترين تہ اڪيليون رهن ٿيون ۽ سندن مائٽ مٽ پنهنجي وطن ۾ آهن. ڪڏهن ڪين پنهنجو

وطن ۾ مائٽ به ياد اچن ٿا. هڪ ڏينهن رضيه نالي هڪ اهڙي ڪرد مسلمان عورت بس ۾ منهنجي پرسان اچي ويٺي. ڳالهين ڪندي هن ٻڌايو ته هن کي سئيڊن حڪومت طرفان بي روزگاريءَ جو الائونس ۽ گهر جو خرچ پکو چڱو خاصو ملي ٿو. ايتري قدر جو هوءَ ان مان به هزار رپيا کن هر مهيني پنهنجي پوڙهي ماءُ پيءُ کي عراق به موڪلي ٿي.

”اجان به کين گهٽو موڪليان پر سگريٽن ۽ شراب پٽيان سپ ناس ڪريو ڇڏيان. گذريل ٽن مهنن کان کين اهي به هزار به نه موڪلي سگهي آهيان.“

هن ٻڌايو ته عراق ۾ جتي هن جا ماءُ پيءُ ۽ ٻيا ڪرد مائٽ مٽ رهن ٿا اهو جابلو علائقو آهي. ڪو ٻني ٻارو به گهٽو نٿو ٿئي. ڏنڌو ڌاڙي به ناهي.

”مونکي اجان تائين اها ڏکي زندگي ياد آهي ته ڪيئن روزانو صبح ساڻ آئون ۽ منهنجيون ڀيٽون فجر مهل ميل به جابلو علائقي جا لتاڙي پاڻيءَ سان مٽ ڀري ايندي هيونسين. ان بعد جنڊ ۾ ڪڻڪ پيهي ٿلها ڍڳڙ ڀڇائي کائيندا هئاسين. اَن ڪڻا به ڪڏهن گهٽا هوندا هئا ته ڪڏهن پيٽ به نه ڀربو هو.“

صدام جي ظلمن ۾ مار مارا ڪري عراق جا ڪيترا ڪرد ۽ شيعا مارجي ويا. ڪيترا بي گهر ۽ لولا لنگڙا ٿي ويا. پوءِ UNO وارن ڪيترن کي اتان بچائي يورپ جي مختلف ملڪن ۾ پناهه وٺرائي ڏني.

”آئون سال به پشاور ۾ رهيس ان بعد هتي سئيڊن ۾ رهڻ جي موڪل مليم. امان بابا جن ۽ ڪجهه ٻيا منهنجا مائٽ اجان اتي ئي آهن. ڪڏهن ڪڏهن کين ڏاڍو ياد ڪريان ٿي.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ اتان چو نٿي چڪر هٽي اچين. مائٽن سان به ملي اچ.“

”نه“

”چو-؟“ مون سبب پڇيومانس.

”اتي جي گرمين ۽ تڪليفن ۾ هڪ ڏينهن به رهڻ نٿي چاهيان. سئيڊن ڇڏڻ تي دل نٿي چوي. يورپ جهڙو مزو ڪٿي آهي. آءِ لائيڪ يورپا.“ (مونکي يورپ پسند آهي).

## اسلام ۾ ڪو عيب ناهي

بلڪل سائين يورپ جو شل نہ ڪنهن کي چشڪو اچي. پوءِ ’چريءَ چڪي ڏنو چي هل ڪالهوڪي هنڌ‘ وارو حال ٿيو وڃي. اسانجي ڪيترن مسلمان مردن توڙي عورتن جو بہ اهو حال آهي.

ڪنهن مسلمان کي يورپ پسند آهي يا نہ. ڪو شراب پيئي ٿو، يا سگريٽ پنيان پئسو وڃائي ٿو اها هن جي پنهنجي مرضي آهي. ان ذاتي پسند يا ناپسند ۾ جيڪو ڪيس نقصان يا فائدو رسي ٿو تہ ان جو ذميوار هو پاڻ آهي. پر رات جو ڏهين ٻارهين ڪان پوءِ فل آواز تي ٽي وي ريڊيو هلائي پاڙي وارن جو سک ڦٽائڻ، پنهنجن پراون سان راهہ ويندي جهيڙا ڪرڻ، چوريون چڪاريون ۽ نشا پتا ڪرڻ ۽ ٻين کي اها غلط راهہ ڏيکارڻ، صحيح طرح ڊيوٽي نہ ڪرڻ، ملڪ جي قاعدي قانون جو احترام نہ ڪرڻ، سامان سڙي ڪان وٺي انسانن جي سمگلنگ ڪرڻ ۽ ان مٿان هر وقت اهو راڳ آلاپڻ تہ ’اسين مسلمان آهيون ان ڪري هن ڪافر ملڪ جي پوليس ۽ اميگريشن تنگ ٿي ڪري‘، هڪ سلجهيل ماڻهوءَ لاءِ شرم جي ڳالهہ آهي. اسلام اهڙين ڳالهين جي ڪڏهن بہ همت افزائي نہ ڪئي، اجازت بہ نٿو ڏئي.

شايد اهڙن مسلمانن جا اهي لڇڻ ڏسي هن پاسي جا غيرمسلم تعجب ڪائيندا آهن تہ ڇا اسلام مذهب اهڙو آهي. هڪ اهڙي يوربي باشندي جون اسلام بابت غلط فهميون دور ڪندي، ايران جي ڪئپٽن غلام رضا ايماد فارسيءَ جي هن شعر جو ترجمو ڪري ڪيس ٻڌايو:

”اسلام به ذات خود ندارد عيبي
هر عيب ڪہ هست از مسلماني ماست“

(اسلام ۾ بذات خود ڪوبہ عيب ناهي. عيب آهي تہ اسانجي مسلمانيءَ ۾ آهي).

اسلام هر سٺي ڳالهہ لاءِ چوي ٿو. اسلام ۾ ڪابہ خامي خرابي ناهي. پر اسان اڄ جا مسلمان جيتوڻيڪ اسلام جا Follower سڏايون ٿا پر جيڪي اسلام چوي ٿو ان تي عمل نٿا ڪريون. سو ان صورت ۾ مسلمانن جا غلط ڪم ۽ عيب ڏسي اسلام تي ڏوهہ نٿو ڏيو سگهجي. ڪو مسلمان کي هن جي ڏوهن ڪري غلط چئي سگهي ٿو پر اسلام کي نٿو چئي سگهجي.

مصر جو ڪئپٽن حنفي سئيدن جي ماڻهن کي سچي دل سان ديوٽي ڏيندو ڏسي، ايمانداري ۽ شرافت سان واپار وڙو ڪندو ڏسي ذري ذري چوندو آهي تہ لڳي ٿو تہ مسلمان مصر ۾ آهن پر اسلام هتي يورپ ۾ آهي.

موراڪو جو عبدالوهاب هتي جي يورپين جي سٺين ڳالهين ۽ عادتن جي تعريف ڪري هر وقت چوندو آهي تہ کهڙا تہ سٺا ماڻهو آهن. ڪلمو سو ٺٺا پڙهن. سوئر سو کائين ٿا. باقي ٻيا سڀ اهي ڪم ڪن ٿا جيڪي اسلام چئي ٿو.

## سهي ڪي تير هڻڻ...

نورشوپنگ شهر کان اوسلو (ناروي) جنهن بس ۾ وڃي رهيا هئاسين، ان ۾ نہ بس کي گرم رکڻ جو سسٽم هو ۽ نہ Toilet وغيره. سخت سيءَ ڪري ذري ذري پيشاب لاءِ بس بيهارڻي پيئي ٿي. خاص ڪري ٿائلنڊ جي جهازي سروير مسٽر سوتي چائيءَ کي تہ هر وقت بس بيهارڻ جي ضرورت پيئي ٿي جو مثانو خالي ڪرڻ بعد وري ڏهي مٿان ڏهو بيئر جو پيئائين ٿي.

هڪ هنڌ بس بيهارڻ لاءِ رڙ ڪيائين تہ ڊرائيور چيس: ”ويري ساري. هن گهاٽي ٻيلي ۾ پنجاه ڪن ڪلو ميٽرن تائين ڪا هوٽل يا پبلڪ ٽائليٽ ناهي.“

پر سوتي چائيءَ جي رڙ مٿان رڙ هئي تہ بس بيهاريو.

”ڪٿي بيهاريون، ٻيلو ئي ٻيلو لڳو پيو آهي. ڪاڪوس تہ آهي ڪونہ.“ اڳيان ويٺل اسانجي پوڙهي نارويجين پروفيسر سمجهايو.

منهنجي پر ۾ ويٺل پاڪستاني ڪئپٽن سليم کي چيم: ”هڪ تہ سوتي چائي کي نشو چڙهيو پيو آهي ۽ پروفيسر جي ڳالهہ هن کي سمجهہ ۾ نٿي اچي. ساڳي وقت پاڻ پروفيسر سڄي عمر هڙن ملڪن ۾ گذاري آهي هن کي ڪهڙي خبر تہ اڌ ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن جو ٽائليٽ جهنگل ۽ درياهہ آهن. سنڌ جي ڳوٺ ۾ تہ ڪاڪوس لاءِ چوندا آهن تہ جهنگ جو خيال ٿيو اٿم. ملائيشيا ۾ ”آئر ڪچل“ (ننڍو پاڻي) ۽ ”آئربيسار“ (وڏو پاڻي) مٽڻ هنگڻ لاءِ چون. انڊونيشيا ۾ پاڻي بدران سنگائي (درياه) چون- يعني ’سنگئي ڪِچل‘ ۽ ’سنگائي بيسار‘ ۽ ٿائلنڊ ۾...... اڃان ان بابت پنهنجي پر ۾ ويٺل سليم کي ٻڌائڻ وارو هوس تہ پنيان ٿائلنڊ جي سوتي چائيءَ رڙ ڪري پروفيسر کي چيو: ”پروفيسر! آءِ وانٽ ٽ شوٽ رئبٽ“ (I want to shoot Rabbit)

”ابا ٻڌينس. ٿائلنڊ ۾ اهوئي چوندا آهن.“ مون سليم کي چيو ”ٿائلنڊ جي جهنگلن ۾ وڻ جي ٿڙ وٽ بيهي ماڻهو پيشاب ڪن ۽ ان کي سهي کي تير هڻڻ چون.“

”پروفيسر! I want to shoot Rabbit. پليز بس بيهار.“ سوتي چائيءَ وري رڙ ڪئي.

پروفيسر پاڻ بہ پي رهيو هو ۽ سرور ۾ هو. ويتر سوتي چائيءَ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيس. رڙ ڪري سوتي چائيءَ کي چيائين:

”ناروي ۽ سئيڊن جي ٻيلن ۾ سها نہ پر هرڻ 'Reindeer' ٿين ٿا.“

سوتي چائيءَ بيزاريءَ مان پنهنجي مٿي تي هٿ هڻي مونکي چيو: ”مسٽر الطاف! پروفيسر کي تون سمجهاءِ آئون انگريزيءَ ۾ تمام Poor آهيان.“

آئون مانڙي ڪري اٿيس ۽ پروفيسر ۽ ڊرائيور کي سمجهائي بس بيهاريم. سوتي چائي لٿو تہ ان سان گڏ ڊرائيور بہ لٿو. ”اڄ مونکي بہ ناوري جي ٻيلن ۾ سهي جو شڪار ڪرڻ ڏيو.“ ڊرائيور کلندي چيو.

سوتي چائي واقعي انگريزيءَ ۾ ڪمزور آهي. هتي اچڻ کان اڳ هن اڪر بہ انگريزيءَ جو نہ پڙهيو هو. سڄي تعليم پنهنجي مادري زبان ٿائيءَ ۾ حاصل ڪئي هئائين. جيڪي ڪجهہ انگريزي سکيو اها هتي ڪورس شروع ٿيڻ کان ڇهہ مهينا ڪن اڳ اچي سکيو ۽ اڃان تائين سکندو رهي ٿو. منهنجي سنگاپور ملائيشيا ٿائلنڊ پاسي رهڻ ڪري هو مونکي پنهنجو سمجهي ٿو ۽ ان قسم جي ڳالهہ لاءِ هڪدم مون وٽ ايندو تہ سندس پاسو ڪٽان.

ٿائي زبان ۾ 'R' ڪانهي جيئن جپاني ۾ 'L' لام ڪونهي ۽ جپاني ’لام‘ وارو اچار ’ري‘ سان ڪڍن جيئن 'All' کي 'Are' چون. مونکي الطاف بدران اريطاف چون تيئن ٿائي ماڻهو وري ’ري‘ واري اچار کي ’لام‘ ڪري پڙهن. (چينين ۽ ويٽنامين جو بہ ساڳيو حال آهي) پر سوتي چائي ان معاملي ۾ صفا چٽ آهي. روم کي چوندو لوم، اريڪٽ کي چوندو اليڪٽ. ۽ ڪنهن جملي ۾ جيڪڏهن ٻہ چار لفظ 'R' وارا اچي ويا تہ پوءِ ٻڌندڙ وينو ڳجهارتون سلي. جيئن ’رو رو فيريءَ‘ کي چوندو ’لولو فيلي‘. هاڻ مونجهارو ڇو نہ ٿيندو جو ’لو لو‘ اسان سان گڏ ڪم ڪندڙ مڊاگاسڪر جي عورت جو نالو آهي ۽ ’فيلي‘ ڪينيا کان آيل اتي جي Ministry of Communication جي ڊپٽي سيڪريٽري عورت جو نالو آهي. جن بابت گڏريل ڪتاب: ”اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا“ ۽ ”ملير کان مالمو“ ۾ لکي چڪو آهيان.

## محمد علي ڏيپلائي ڊئنمارڪ ۾

اتر يورپ يعني اسڪئنڊينيوين ملڪن جو ذڪر ڪندي محمدعلي ڏيپلائيءَ جو احوال نہ لکڻ ناانصافي ٿيندو. هڪ ڏينهن يونيورسٽي پهتس تہ آفيس سيڪريٽريءَ چيو تہ ميمڻ صاحب جو فون آيو هو. هو وري توهان سان ڳالهائيندو. بہ ڏينهن گذري ويا فون نہ آيو. مونکي خواب خيال ۾ بہ نہ آيو تہ اهو فون محمد علي ڏيپلائيءَ جو آهي سوبہ پرواري ملڪ ڊئنمارڪ مان. مون ممتاز ميمڻ جو اسلام آباد مان سمجهيو جنهن هيڏانهن چڪر تي اچڻ جو پروگرام ٺاهيو هو.

پوري هفتي بعد، شام جو گهر ويٺو هوس تہ فون جي گهنٽي وڳي ۽ محمدعلي مختصر رسمي ڪيڪار بعد شروع ٿي ويو:

”ابا هي ڊئنمارڪ آهي. هي ڪوپن هيگن آهي؟“

”چو يلا خير تہ آهي؟“ مون پڇيو.

”اسان تنهنجي ڪتاب ۾ هن پاسي جو احوال پڙهي هيڏانهن بدلي ڪرائيسين. هتي اونداهہ ۽ سيءَ جي، پيو تہ ڪجهہ بہ ناهي. ڪوٺن ٺوپن ۾ بہ ڪلفي پيا ٿيون.“ محمد عليءَ شڪايت ڪئي. محمد عليءَ سان آئون بيحد فري آهيان. هو پاڪستان ايمبسيءَ ۾ ڪونصلر (ٽريڊ) ٿي ڪوپن هيگن ۾ ٽن سالن لاءِ آيو هو.

”يار ڳالهہ تہ ٻڌ! اهي جيڪي منهنجا شروعاتي سفرناما آهن اهي مون تو پارن اديبن، دانشورن، نيڪ ۽ ذهين سرڪاري آفيسرن لاءِ نہ لکيا آهن. اهي لکڻ مهل منهنجي ڌيان ۾ نوجوان رهيا ٿي جيئن اهي مختلف ملڪن جون چٽپٽيون ڳالهيون پڙهي اسانجي مرچنٽ نيوي ڏي پڻ رخ رکن. ظاهر آهي جي رڳو اهي حقيقتون لکان ها تہ سمنڊ تي طوفان آهن. جهاز ٻڏڻ جو خطرو رهي ٿو. ڏينهن رات جو سخت ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي. بندرگاهہ ۾ بہ تيل هاڻي انجڻ روم ۾ گرمي ۾ مشينون ٺيڪ ڪرڻيون پون ٿيون تہ ڪير هيڏانهن رخ رکي ها؟ پر هاڻ تہ گذريل ڏهہ سالن کان جتي پاڻيءَ جا جهاز گهٽبا وڃن اتي هر جهاز ڪي هلائڻ لاءِ ماڻهن جو تعداد بہ ٿوري کان ٿورو ٿيندو وڃي. نتيجي ۾

ڊاڪٽري انجنيئري وانگر مرچنٽ نيويءَ جو بہ اهو اسڪوپ نہ رهيو آهي.“
”بس ادا اسان کي بہ ڪو ڪٽيءَ ڪنيو جو اچي هتان نڪتاسين جتي ڏينهن جو بہ رات لڳي پئي آهي.“ محمد عليءَ چيو.
”دل وڏي ڪر،“ مون ڪلنڊي چيومانس، ”غلط مند ۾ آيو آهين. ڪجهہ مهينن بعد رات جو بہ ڏينهن نظر ايندءِ.“ محمد علي ڦوهہ سياري ۾ آيو هو ۽ اهي مهينا هن پاسي جڙ سيءُ الله ڏئي ۽ بندو سهي وارو حساب هوندو آهي. ان ڪان علاوه راتيون وڏيون ۽ ڏينهن بنهہ چند ڪلاڪن جا ٿين ٿا. ۽ اهي ننڍڙا ڏينهن بہ اونداها ٿين جو سڄو ڏينهن سخت جهڙ، ڪوهيڙو ۽ ڌنڌ هوندو آهي يا برف باري. سياري جي هنن مهينن ۾ ماڻهو تہ ماڻهو جانور بہ چپ هٽي ڪندڊ پاسو وٺي رهن. باقي Migratory پکي جن کي نہ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ جي ضرورت نہ پاسپورٽ جي پابندي سي پنهنجا پرڙا هٽي فرانس، اسپين پورچوگال جهڙن گهٽ ٿڌن ملڪن ڏي روانا ٿي ويندا آهن. جتي هنن کي سک نصيب ٿيندو آهي ۽ جن جي نصيب ۾ سک نہ هوندو آهي اهي سنڌ جو رخ رکندا آهن جتي اسانجا مڪاني ماڻهو توڙي امير عرب بندوقون تاڻي هنن پکين جو انتظار ڪندا آهن.

محمد علي ڏيپلائي مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو فرزند آهي. والد جو لکڻ پڙهڻ جو ورثو محمد علي ۽ سندس ڀيڻ ثريا سوز ۾ ڪافي آيو آهي. محمد عليءَ جي سڄي زندگي محنت ۽ جفاڪشيءَ جي ڪهاڻي آهي. جن ماڻهن لاءِ 'Self Made' چيو ويندو آهي محمد علي انهن مان آهي. هن ننڍي هوندي کان وٺي پڙهائيءَ سان گڏ پورهيا پڻ ڪيا. والد مرحوم جي پريس ۾ ڪم ڪرڻ کان وٺي خانگي نوڪريون ڪيون. پاڻ ايران ۽ سعودي عرب ۾ بہ ڪافي عرصو نوڪريون ڪري چڪو آهي. ۽ اهي نوڪريون هن سفارش تي نہ پر پنهنجو قدر ميراڻي حاصل ڪيون. اڄ ڪلهہ هو گورنمينٽ سروس ۾ آهي. ڪجهہ وقت هو پاڪستان سڪيوريٽي پريس ۾ ڊئريڪٽر فنانس ٿي رهيو. هاڻ اسانجي پرواري ملڪ ڊئنمارڪ ۾ ڊپلوميٽ جي حيثيت ۾ آيو آهي.

”يار مس مس تنهنجو فون نمبر مليو آهي. هاڻ جلد هيڏانهن مون وٽ اچ تہ ڪچهري ڪريون.“ هن مون کي ڪوپن هيگن اچڻ جي دعوت ڏني.

”في الحال مشڪل آهي. فون تي پيا خبرون ڪنداسين.“ منهنجي پاسپورٽ تي ڊينمارڪ جي Visa ختم ٿي چڪي هئي ان کي Renew ڪرائڻ هفتي جو نسخو هو ۽ ان کان علاوه ههڙي سيءَ ۾ يونيورسٽي ئي ويندي مشڪل لڳو ٿي. ٻين جي خبر نہ اتر تہ انهن لاءِ هي سيءُ رحمت آهي يا راڪاس پر مون جهڙي همراهہ لاءِ جيڪو سنڌ جي تتل وارياسن علائقن ۾ ڄائو نپيو ۽ نديڻ گذاري هي ڪاٿو نو ڊگريون سيءُ ۽ طوفاني هوائون ائين آهن جيئن رستو وڃائيندڙ جهازيءَ لاءِ اونداهي رات.

منهنجو ڇوٽ ۾ انڪار ڪرڻ تي محمد علي چڙي پيو ۽ مونکان سبب پڇڻ بنا چيائين: ”ادا فيريءَ جي بہ سوء ڪرونا ٽڪيٽ آئون ڏيندوسانءِ. بندرگاهہ تان گهر تائين وٺي بہ آئون ايندوسانءِ. توهان هالا ۽ مٽيارين جا شيخ ۽ ميمڻ اهڙا ڇو ڪنجوس ٿيا آهيو؟“

”آئون هالا جو آهيان. ۽ هي هالا سان گڏ غريب مٽياريءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو.“

بهرحال پوءِ محمد علي ڪري اسان لاءِ ڊينمارڪ جو شهر ڪوپن هيگن جڻ ڳوٺ ٿي پيو. هونءَ ڪوپن هيگن وڃبو هو تہ سچ لهڻ کان اڳ پڇڻ جي ڪبي هئي تہ مٽان رات ٽڪڻي نہ پوي ۽ هنن ملڪن جي هوٽلن ۾ رهڻ ڪو سولو ڪم آهي؟ پر محمد عليءَ ڪري رهائش ۽ مانيءَ جو بہ مسئلو حل ٿي ويو. جيستائين محمد علي ڪوپن هيگن ۾ هو اسان ڏاڍا چڪر ڪيا. ٻہ ٻہ ٽي ٽي ڏينهن ساندهہ وٽي رهياسين ٿي. سڄو سڄو ڏينهن هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رکيل ڪوچن تي ويهي ادب ۽ تاريخ کان سياست ۽ ڪلچر تي بحث ڪندا هئاسين. پوءِ ٿڪجي پوندا هئاسين تہ ڳرا ڳرا ڪوٽ مٿان چاڙهي سندس گهر جي در کان بس اسٽاپ تائين اڌ ميل کن جو مفاصلو هلندي بحث ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن بہ نہ سڄهيم جو ٻئي گڏجي شهر جي چڪر تي نڪتا هجون.

## مسئلا ڪنهن کي نہ آهن

جيڪي محمد علي جي ويجهو رهيا هوندا انهن کي خبر هوندي تہ هو نهايت مهربان ۽ همدرد انسان ۽ طبيعت ۾ نرم دل آهي پر ڪيس ڪاوڙ پڻ جلد اچي ٿي. ۽ ان ۾ هو صحيح پڻ آهي. هن کي سستي ۽ ٽوٽپٽي تان ڪاوڙ لڳي ٿي. ٿوري محنت ڪري پاڻ کي اهم سمجهڻ واري جي ڳالهہ پسند نٿي اچي. پاڻ بيحد حقيقت پرست Realistic قسم جو آهي ۽ سچ ڪٿي ڪيترو بہ ڪوڙو هجي هن کي چوڻ ۾ دٻ نہ ٿيندو آهي. يار رسي تہ ڀلي رسي پر حق جي ڳالهہ ضرور ڪندو.

”يار اسين سنڌي بہ عجيب تصوراتي دنيا ۾ رهون ٿا. رڳو ڪوڙي تعريف جا ڍڪ پريندا وتون. اسانجو فلاڻو شاعر دنيا جو عظيم شاعر آهي، فلاڻو فنڪار دنيا جو نمبر ون فنڪار آهي. فلاڻو اديب جنهن لکيو فقط هڪ افسانو هوندو تہ بہ دنيا جو مهان اديب پيو سڏبو. پر آئون چوان ٿو تہ دنيا تہ توهان کي سچائي ڪانہ ٿي . جي ايڏي اهم شيءِ آهيو تہ انگريزيءَ ۾ چوٿو ترجمو ڪري دنيا کي متعارف ڪرايو وڃي.“ محمد علي سنجيدو ٿي چوندو آهي. محمد علي سان منهنجو بحث ضرور هلندو آهي پر ڪڏهن بہ آئون سوپارو نہ ٿيندو آهيان. هو پنهنجي وسيع مطالعي ۽ دليلن جي آڌار تي ڳالهہ ميرائيندو آهي. جذباتي ٿي پنهنجي هر شيءِ جي واکاڻ نہ ڪندو آهي. ويندي پنهنجن ٻارن يا مائٽن جي ڪا ڪوتاهي هوندي آهي تہ بہ صاف صاف چوندو آهي. سندس ڌيءَ پڙهائي توڙي ڪمپيوٽر ۽ آرٽ ۾ تمام گهڻي هوشيار آهي پر تڏهن بہ محمد علي هن کي اڃان بہ گهڻي محنت لاءِ نصيحتون پيو ڪندو آهي. دراصل پاڻ جيتري محنت ڪري ٿو هو ٻانئي تہ ٻيا بہ ايتري ڪن. ڪتاب اسين بہ پڙهون ٿا ۽ ٻين کي بہ پڙهندو ڏسون ٿا پر جيترا ڪتاب محمد علي، جبار ميمڻ ۽ قمر شهباز کي مون پڙهندي ڏٺا آهن شايد ٻي کي ڏٺا هجن. محمد علي جو سڀ کان دلپسند سبجيڪٽ تواريخ آهي ۽ ٻئي نمبر تي ادب ۽ پوءِ مذهب کان سياست ايڪانامڪس تائين.

محمد علي هن پاسي گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن لاءِ بدلي ٿي آيو هو پر هو

چا چوندا آهن تہ هر ڳالهہ نصيب ۽ دائي پائيءَ تي آهي. ڪنهن کي کهڙي خبر تہ منهنجو سيائي جو ڏينهن ڪٿي گذرندو. محمد علي دانهون ڪندو ڊينمارڪ پهتو ۽ منجهائس سخت بيزار هو پر پوءِ آهستي آهستي جيئن هتي دل بڌڻ لڳيس تہ هڪ ڏينهن سندس بيحد پياري ۽ ننڍڙي ياءَ ڊاڪٽر حبيب جي وفات جو اطلاع مليس. يڪدم وطن وريو. ڪجهہ ڏينهن بعد موٽي آيو پر خاندان جي مزيد جوابدارين ڪري سندس هاڻ هيڏانهن پرديس ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پيو. سندس اعليٰ آفيسرن بہ ان ڳالهہ جو خيال ڏيان ۾ رکي ڪيس اسلام آباد گهرايو ۽ اڄ ڪلهہ ڪراچي ۾ پاڪستان انشورنس ڪارپوريشن ۾ سيڪريٽري آهي.

محمد علي سان منهنجيون جيڪي ڪوپن هيگن (ڊينمارڪ) ۾ ۽ مون واري شهر مالمو (سئيڊن) ۾ ملاقاتون ٿيون انهن ۾ سندس ٻڌايل ڪجهہ دلچسپ ڳالهيون، ڪجهہ فڪر انگيز ۽ فيلسوفانہ نقطا، ڪجهہ سندس دليل ۽ رايا، مختصر Notes ذريعي پني تي لکندو رهيس تہ ڪڏهن فرصت ملي تہ انهن ڳالهين تي تفصيل سان لکندس. ڇهہ مهينا گذري ويا آهن پر اڃان وقت نہ پيو ملي ۽ ائين عرصي ۾ ڊيگهہ ٿيندي ٿيندي ڪٿي نقطا ۽ Notes جيڪي پني پورن تي لکي رکيا اٿم اهي بہ نہ گم ٿي وڃن.

سنڌي زبان بابت: ”پنهنجي زبان سان گڏ ٻيون زبانون لکڻ ڪا خراب ڳالهہ ناهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اڙدوءَ ۾ ڪافي لٽريچر آهي، اها رابطي جي زبان آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ بہ اسان جا ماڻهو اڙدو سکندا ۽ ڳالهائيند هئا. ويندي بنگال ۾ بہ اڙدو ۽ پارسي پڙهائي وئي ٿي. اڙدو سان ڪنهن کي ڪ نفرت نہ هئي پر پوءِ جڏهن اڙدو ذريعي سنڌي ۽ ٻين زبانن جو استحصال ڪيو ويو تہ سنڌي ڳالهائيندڙن کي ان تي ڪاوڙ اچڻ هڪ فطري ڳالهہ آهي.“

• اهم ماڻهن جي زبان ڄاڻڻ ڪري اسين سنڌن ويجهو ٿي سگهون ٿا هندستان ۾ جيئن ئي انگريز آيو تہ هندن يڪدم انگريزي سکڻ شروع ڪئي ۽ زبان جي اچڻ ڪري هو انگريز جي ويجهو اچي ويا ۽ اسان مسلمانن اها ڳالهہ هڪ صديءَ بعد وڃي محسوس ڪئي.

• جيڪي ماڻهو عرب ملڪن ۾ نوڪري يا ڌنڌو واپار ڪن ٿا يا مستقبل ۾ ارادو اٿن انهن کي کپي تہ عربي سکن. انهن جي زبان سکڻ سان اسان انهن جي ويجهو ٿي پونداسين. هنن جو اسان ۾ اعتماد وڌندو ۽ اسانجو هنن تي اثر رسوخ رهندو. هونءَ بہ عربي اسانجي مذهبي زبان آهي. قرآن عربي زبان ۾ آهي. عربي تہ اسانکي گهٽي ۾ گهٽي سکڻ کپي. اسان مان ڪيترن شايد ان ڳالهہ ڏي ڌيان نہ ڏنو آهي تہ گلف توڙي عرب ملڪن ۾ اسان مسلمانن کان وڌيڪ هندو سٺي عربي ڳالهائين ٿا. اها ڳالهہ سندن ترقيءَ لاءِ راهون هموار ڪري ٿي.

• اهو ايترو اهم ناهي تہ سنڌ ۾ سنڌي گهٽا آهن يا ٻيون قومون. اهو ضروري آهي تہ ڪير گهڻو منظم Disciplined ۽ Organized آهي. ائين جي نہ هجي ها تہ انگريزن جو ڪڏهن بہ هندستان تي قبضو ۽ ڪنٽرول نہ هجي ها جيڪي سڄي هندستان ۾ ڪل سورهن هزار هئا.

• اسانکي گهوڙا گهوڙا ڪرڻ بدران ڪجهہ هٿ پير بہ هڻڻ کپي. سنڌ جا ڳوٺ غريب آهن پر اهي اڄ غريب نہ ٿيا آهن. پاڪستان کان اڳ بہ غريب هئا ان بعد بہ هئا. منجهن بيروزگاري آهي پر اڄ بہ ڪراچي جهڙي شهر ۾ گلگت، هزاره، سوات جو پٺاڻ گهٽ پگهار تي اچي پورهيو ڪندو پر سنڌ جو ڳوٺاڻو ايندي ڪيٻائيندو.

"رهائش جا بہ مسئلا آهن ڪٿي اچي رهن-؟" ڪڏهن ڪڏهن آئون سوال جواب ڪندو آهيان.

"ادا! مسئلا ڪٿي نہ آهن. مسئلا سيني کي آهن This is really a miserable world جيڪو مسئلن کي منهن نٿو ڏيو سگهي ان جو اڳتي وڌڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اڄ جيڪو بہ جنهن هنڌ تي ڏسو ٿا اهو مسئلن کي منهن ڏئي اتي پهتو آهي ۽ هن جي سامهون اڃان بہ مسئلا آهن. دنيا جي هر سست قوم مسئلن جو عذر ڪندي آهي.

## ڪتاب 'فريڊم ائٽ مڊنائيٽ'

• يورپ جي ترقي بابت: ادا هي ملڪ ڪجهه به نه هئا. جهاز ٺاهيائون. سمنڊ پار ڪيائون. پوءِ ڪي مٺا ڪي ٻچيا. ايشيا ۽ آفريڪا کان وڃي نڪتا. اسان جي ملڪن کي ٿي لٽي ڦري پنهنجا ملڪ اڇي ٺاهيائون. ٻي جنگ ۾ هي قومون وري تباهيءَ جي آخري حد تي وڃي پهتيون. پر هٿ پير هڻندا رهيا. هيڙي سچ ۽ ٺڏن ملڪن ۾ الائي ڇا جو ڇا ڪري ڇڏيو اٿن.

هنن (يورپين) ۽ اسان (سنڌي پنجابي، پاڪستاني هندستاني يا ايراني عربن ۽ ٻين ايشين آفريڪن) ۾ اهو فرق آهي ته اسان جو هڪ ٻئي سان جهيڙو آهي. زميندار زميندار جي ڏاڙهي پٽ ڪري ٿو، عام ماڻهو عام ماڻهوءَ جي. مطلب ڳالهه جو اهو آهي ته اسان وٽ ماڻهو ماڻهوءَ سان وڙهي ٿو. پر هتي يورپ ۾ ماڻهو قدرتي رڪاوٽن سان وڙهي ٿو. ۽ اهوئي ترقيءَ جو راز آهي. هالنڊ (نيدرلئنڊس) جهڙي ملڪ ۾ رهڻ لاءِ زمين ناهي. سمنڊ جون وڏيون ڇوليون خشڪي مٿان ٻوڙ ٻوڙان ڪريو وڃهن پر سڄي قوم ور ڪنجيو وتي سمنڊ جي پاڻيءَ جو نيڪال ڪندي ۽ سمنڊ کي مٽيءَ سان پري زمين ٺاهيندي. سئيڊن ناروي جهڙن برفاني ملڪن ۾ پوک ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي پر هتي جا ماڻهو لڳا پيا آهن. برف جي بچاءَ لاءِ پلاسٽڪ جون ڇتيون چاڙهي وتن پوکون ڪندا. سنڌن ساموندي ڪنارا ٺاڪران آهن ۽ قدرت ڪين چوڌاري خطرو ڏنو آهي ته به جهاز ٺاهيو سمنڊ ۾ ڌوڪيو پون. قدرت هتي سخت سيءَ ڪري رهائش ڏکي ڪئي آهي. ويتر ڪپهه نه هجڻ ڪري ڪپڙو ڪاهي. رهيون جانورن جون ڪلون سي به هتي جيڪي جانور آهن اهي بگهڙ ۽ برفاني رڇن جهڙ خطرناڪ جانور آهن. ته به هتي جي ماڻهن کي پرواهه ناهي. ايامن کان سنڌن قدرتي مشڪلن سان ويڙهه لڳي اچي. . اسان وٽ هر قسم جو آرام آهي ته به رب پاڪ جا شڪر نٿا ڪريون. وتون هڪ ٻئي جا خون ڪندا.

• محمد عليءَ کي تاريخ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي پر ساڳي وقت کيس اهو ڏک آهي ته پاڪستان ٽوڙي ننڍي کنڊ جي تاريخ صحيح طرح نه لکي وئي آهي. اسان هرڳالهه ۾ تمام گهڻو Prejudiced رهون ٿا، اسان جا هر ڳالهه لا

ٻنا ٻنا معيار آهن. هر واقعي ڪي پنهنجي مخصوص مذهبي نظريئي سان ڏسون ٿا.

ان سلسلي ۾ هڪ ڏينهن چيائين: ”مغلن خلاف شيواجي وڙهيو ان ڪري اسانکي هو پسند ناهي. پر چاند بيبي وڙهي ته اها اسان لاءِ هيروئن سمجهي وڃي ٿي.

”اسان جي وڏي ٽرئجڊي اها آهي ته اسانکي صحيح طرح تواريخ پڙهائي نٿي وڃي. توهان ڪنهن به Typical پاڪستانيءَ سان ڳالهايو. انهيءَ جي مغز ۾ اها ڳالهه آهي ته بابا ملڪ مسلمانن جو هو. 1857ع ۾ هي جيڪي واپاري هئا، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارا، انهن اچي ڪسيو. وچ وارو عرصو جيڪا تواريخ هئي، اورنگزيب ڪان پوءِ جي يا ان جي اڳ جي، ان جي ڪا perception ڪانهي ڪا ته ڪيئن آهستي آهستي خود انڊيا وڃي انگريزن وٽ پهتو. ۽ انگريز ڇا ڪيو ڇا نه ڪيو ان جي به ڪا صحيح سڌ ناهي. اسانجون اخبارون يا وڏا وڏا مضمون نگار لکندا هئا ته به اهوئي ته اهي هڪڙا وڏا واپاري ۔يا جن اچي نفاق وڌو ۽ 1857ع ۾ بس مغلن کي ختم ڪري انهن کي موڪليائون برما ۽ پاڻ مالڪ ٿي ويهي رهيا. ائين هسٽري ڪونهي ڪا. آئون جيڪي جيڪي هسٽري جا نوان نوان ڪتاب پڙهان ٿو انهن ۾ ايترو مواد آهي جو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ عجيب، دلچسپ ۽ حيران ڪن لڳي ٿو. ممڪن هي ته ڪنهن ٻي پڙهندڙ لاءِ اهي رواجي شيون هجن. مونکي خبر ناهي توهان ي ڪهڙو اثر پوي ٿو ٻيا ٻيا ڪتاب پڙهي-؟“ محمد عليءَ مون کان پڇيو.

”ها. صحيح چئو ٿا،“ مون وراڻيومانس، ”جيئن فريڊم ائٽ مڊنائيٽ ڪتاب پاڪستان ۾ بندش هيٺ هو. ڇيو اهو ٿي ويو ته ان ۾ جناح لاءِ گهٽ ڏ لکيل آهي. پاڪستان کان ٻاهر جڏهن ان کي پڙهڻ جو مونکي موقعو مليو ته ون اهو پڙهي حيران ٿي ويس ته اهو ڪتاب پڙهندڙ کي اڻ سڌيءَ طرح جناح ۔ وڏيڪ عزت پيدا ڪرائي ٿو.“

”Freedom at Midnight ڪتاب جو مونتي به عجيب Reaction ٿيو. هن ڪتاب کي پڙهڻ کان اڳ ۾ جناح جي رول بابت مونکي به ڪجهه شڪ شبها

اسان وري بہ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اهي ساڳيون حالتون پاڪستان ۾، سنڌ ۾ پيدا نہ ڪري رهيا آهيون. ۽ انهن حالتن جو نتيجو Scientifically اهو نڪرندو جيڪو اڳهين نڪري چڪو آهي. اهو ساڳيو تجربو وري وري دهرائڻ جي ڪري نتيجو ساڳيو ايندو ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ ايندي. پر اسانجي بدقسمتي اها آهي جو اسانکي تواريخ ئي غلط پڙهائي وئي آهي. تنهن ڪري جيڪو واقعو ٿئي ٿو اسان جي واسطي انوکو واقعو ٿئي ٿو. اسان هر واقعي ۾ پيا اسرائيل جون سازشون ڳوليون. هر واقعي ۾ پيا هندن جو سازشون ڳوليون. هر واقعي ۾ پيا آمريڪن جون Plans سوچيون. مشرقي پاڪستان ڌار ٿي ويو تہ اها هندن جي سازش ٿي. ائين ڇٽي پنهنجين غلطين تي پيا هڪ قسم جو پڙدو وجهون. اهو ضروري آهي تہ ماڻهو تواريخ پڙهي. پر سبق پرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو Impartial ٿي تواريخ پڙهي. ۽ جيڪو مواد ملي ان کي پڙهي. رومانٽڪ اسٽڊي نہ ڪري ۽ نہ ان Point of view کان ويهي ثابت ڪري تہ فلاڻو بادشاهہ خراب هو. شيرشاهہ سٺو هو. اورنگزيب خراب هو. پائي انهن جا جيڪي Actions هئا توهان انهن کي Analyze ڪريو. هو پاڻ چڱا هئا برا هئا اها ڳالهہ ڪجهہ حيثيت نٿي رکي. توهان الله تعاليٰ جي دربار ۾ ويهي جنت ۽ دوزخ جو فيصلو نہ پيا ڪريو تہ فلاڻو سٺو هو ان ڪري هن کي بهشت ڏيو يا فلاڻو خراب هو ان ڪري هن کي دوزخ ڏيو. ڇاجي ڪري سٺا هئا ڇاجي ڪري خراب هئا، اهي Actions ڪهڙا هئا- اهو تجزيو ڪرڻ ضروري آهي. ۽ ان واسطي توهان لاءِ ضروري آهي تہ توهان تواريخ جا سٺا ڪتاب پڙهو ۽ رڳو خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي لکيل تواريخ يا محمد عثمان ڏيپلائيءَ جا ناول پڙهي پاڻ کي عقل ڪل نہ سمجهو ڇاڪاڻ تي اهي تواريخون هڪ خاص Angle کان لکيل آهن. جيڪي Half truths آهن."

• هرڪو سنڌي پائي تہ پيو ڪو ڪمائي اسانکي ڪارائي. زميندار چاهي ٿو تہ ڪمدار ڪمائي ڪارائي. نوڪري بہ بادشاهي هجي جنهن ۾ اسان رڳو صحيح گهتيون. انجنير چوندو اسين رڳو آفيس ۾ وڃون پگهار ڪٽي اچون ۽ ڪميشن ملي. هرڪنهن جي اها فطرت تي پئي آهي. الائي ڇو؟ گهر جا بہ جيڪي پاتي آهن سي بہ چوندا تہ وڏو پاءُ ڪمائي تہ اسين کائون. يا وڏو پاءُ

چوندو تہ پيءُ ڪمائي تہ اسين ڪائون. تمام ڪو Hardly هوندو جو جفاڪش ۽ محنتي هوندو.

• ايم ڪيو ايم تہ هاڻ سامهون آئي آهي. سنڌي مسلمانَ پاڪستان کان اڳ توڙي پوءِ هر دور ۾ سنڌ جي سياست تي حاوي رهيا آهن- پر ڪهڙو ٻوٿو ٻاريائون!؟ هن وقت بہ صوبائي توڙي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سنڌين جي عددي اڪثريت قائم آهي. غيرسنڌي (ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾- ڪڏهن جماعت اسلاميءَ پاران- ڪڏهن مسلم ليگ پاران- ڪڏهن جميعت پاران) هيمشہ سنڌ جي شهري آباديءَ جي نمائندگي مرڪز توڙي صوبي ۾ ڪندا رهيا آهن. سنڌ جي ڪئبينيٽ توڙي مرڪز ۾ سنڌ جي ڪوٽا تي مهاجرن کي هميشہ مناسب نمائندگي ملندي رهي آهي. سنڌ جو گورنر عام طور تي هميشہ غيرسنڌي رهيو آهي- اهم انتظامي عهدن، خاص طور تي چيف سيڪريٽريءَ جي عهدي تي غيرسنڌي رهيا آهن. تنهن ڪري ايم ڪيو ايم جي ناليَ مهاجرن جو اسيمبلين ۾ اچڻ Essentially ڪو نئون Development نہ آهي. البتہ انهن جو متحد ٿيڻ اهميت رکي ٿو. بدقسمتيءَ سان انهن سان Negotiate ڪرڻ واسطي اسان وٽ ڪا بااختيار ۽ باشعور ڌر نہ آهي ۽ نہ ئي ويجهڙائيءَ ۾ انهيءَ جو امڪان آهن. اسان جي سياست وڏيرن جي هٿ ۾ آهي جيڪي ذاتي، خانداني ۽ قبيلائي سياست کان مٿي چڙهي نٿا سگهن- اهي پاڻ عوامي حقن ۽ جمهوري حقن جا غاصب آهن. انهن سنڌ جي باشعور مڊل ڪلاس کي هميشہ ڪُچلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. هوڏانهن ايم ڪيو ايم جي شڪل ۾ اسان جو واسطو هڪ انتهائي ذهين، باصلاحيت، تعليم يافتہ ۽ منظم شهري مڊل ڪلاس سان پيو آهي جيڪو پنهنجو سياسي حصو ووٽن جي بنياد تي نہ پر پنهنجي Effective Role جي بنياد تي گهري ٿو.

• اسانجا سياستدان هيترا سال حڪومتن ۾ رهڻ بعد بہ قوم لاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهيا. رڳو قرض ڪنيائون پنهنجيون عياشيون ڪيائون. آئون سمجهان ٿو تہ جي پاڪستان نہ ٺهي ها تہ مسلمانن جون سڀ زمينون جيڪي هندن وٽ گروي ٿيل هيون هميشه لاءِ هليون وڃن ها. ڪيترن وڏيرن مسلم ليگ ۽ پاڪستان اسلام خاطر نہ پر لڳي ٿو پنهنجيون زمينون حاصل ڪرڻ ۽

هندن مان جان ڇڏائڻ جي خاطر ڪيائون.

• انگريز جيڪڏهن انڊيا ۾ نہ اچن ها تہ مرهٽا يا ٻيا جيڪي هندو هٿا اهي مسلمانن کي تہ بلڪل صفحہِ هستيءَ تان ختم ڪري ڇڏين ها. انگريز آيا جن اچي Law & Order پيدا ڪيو. هونءَ هو ڪي اسانجي لاءِ نہ آيا هٿا بنيادي طرح پنهنجي واسطي آيا هٿا پر ان شر مان وري اهو خير نڪتو تہ مسلمان بچي ويا. مثال طوهان وٺو تہ پنجاب ۾ سک جيڪي آهن سي مشڪل سان پنج يا ست سيڪڙو هٿا. پر انهن پنجاب تي حڪومت ڪئي جنهن ۾ مسلمانن ۽ هندن جي گهٽائي هئي. رنجيت سنگهہ سڄي پنجاب تي قبضو ڪيو تهن ڪانپوءِ ونڊي پشاور تائين هن جي حڪومت هئي ۽ هن جي ايڏي Organized آرمي هوندي هئي جو انگريزن سان هميشہ برابري واري ليول تي Negotiate ڪندو هو.

• درحقيقت اهي انگريز ئي هٿا جن سنڌ کي سکن کان بچايو ۽ هڪ معاهدي تحت رنجيت سنگهہ کي سنڌ طرف پيش قدمي کان روڪيو. ميرن ۾ ڪهڙو دم هو جو سکن کي روڪين ها. جڏهن رنجيت سنگهہ مئو ۽ سکن جي حڪومت ختم ٿي تڏهن انگريزن وڃي پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ ان بعد پنجابي مسلمانن مس مس وڃي سُک جو ساهہ کنيو. نہ تہ انهن سکن اهي اهي ڪم ڪيا هٿا جو بادشاهي مسجد ۾ گهوڙا ٻڌندا هٿا. اهو مسلمانن سان حال ڪيو هئائون. اڄ بہ پنجاب جا پوڙها پوڙها ٻڌائين ٿا تہ سکن هنن سان اهڙا حال ڪيا جو ڪو مسلمان لنگهندو هو تہ چوندا هئس جل هوئي مسلي! ادهر آ. منهنجا پير دٻاءِ. منهنجا هٿ دٻاءِ. سو ان حساب سان انگريز جيڪو آيو سو رحمت جو باعث ٿي آيو.

## انگريزي ۽ اڙدوءَ تي عبور حاصل ڪجي

• اسان سنڌ جو حال ٿا وٺون تہ سنڌ ۾ ڇا هئو؟ سنڌ ۾ تہ ڪا حڪومت تہ هئي ڪانہ. ميرن سنڌ کي شڪار گاهہ ٿي سمجهيو. پنهنجو پاڻ ۾ ڪو ٽنڊو فلاڻو ڪو ٽنڊو فلاڻو. هتي جاگيرون هُتي جاگيرون. Law & Order جو ڪو نالو نہ هوندو هو. بس اها ٻروچن جي بادشاهي هوندي هئي.

بادشاهي چاجي هوندي هئي "نائونمل جي ڊائري" ڪتاب جي توهان پڙهو ته مير پيا هن کي گهرائيندا هئا. پيا هن کي 'منٿان' ڪندا هئا. ڪو جاسوسي سسٽم نه هوندو هو. ڪا Regular آرمي نه هوندي هئي. هي هڪڙا ننڍڙا ماڻهو هوندا هئا جن جي انگريزن کي ڪا پرواهه نه هئي. جنهن گهڙيءَ انگريزن فيصلو ڪيو ته هاڻ سنڌ تي قبضو ڪرڻو آهي ته ٻنا ڪنهن ڪسٽ جي قبضو ٿي ويو. ڪو مسئلو ئي درپيش نه آيو.

• سنڌ ورهائي پئي هئي ٽنڊن ۾، ٽنڊو آغا، ٽنڊو ميرمحمود، ٽنڊو محمد خان- هاڻ اهي ڇا آهن؟ اهي سڀ ميرن جا نالا آهن جن کي اهي جاگيرون مليل هيون. اهي سڀ جاگيردار هئا. اهي سڀ ٽالپر ٻاهر جا هئا جن جي حوالي سيني سنڌين جي قسمت ڪيل هئي. ۽ انهن ڇا ڪيو؟ پنهنجن علائقن ۾ ڪو اسڪول کوليائون؟ ڪا ڊيولپمينٽ ڪيائون؟ وري به انگريزن اچي ڪجهه نه ڪجهه سو ڪيو. ۽ سنڌي مسلمان ٽڪو پئسو پڙهي پيا. ٽالپرن ميرن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي سنڌي سمجهيو ڪونه.

"پلا پوءِ هينئر به سنڌ ۾ سنڌي ڪير آهن" مون پڇيومانس.

"ادا اهو وري پوءِ بحث نڪرندو ته هندستان ۾ هندستاني ڪير آهن؟ اهو بحث جيڪو آهي سو هاڻ ڪرڻ ۾ تواريخي اهميت ڪٿي هجي پر Practi-cal اهميت اها آهي ته سنڌ ۾ هاڻ جيڪي رهن ٿا اهي سڀ سنڌي آهن. انهن ۾ Caste سسٽم نه هجڻ کپي ته فلاڻا مير آهن. هي پير آهن. هي غريب آهن. هاڻ اهو دور ختم ٿيڻ کپي. هاڻ جيڪي سنڌ ۾ رهن ٿا اهي سنڌي آهن انهن سيني کي زمين ۾ تعليم ۾ نوڪرين ۾ ڊيولپمينٽ ۾، سيني کي هڪ جهڙا حق هئڻ کپن. هي مير جو ماڻهو هي پير جو ماڻهو هاڻ ته اهو دور ختم ٿيڻ کپي. هاڻ سڀ سنڌي آهيون ۽ انهيءَ حساب سان توهان کي مهاجرن کي به سنڌي قبولڻو پوندو.

• اسان وٽ سنڌ ۾ اهو امپريشن ڏنو ويو آهي ته قوم ٻوليءَ ڪري ٺهندي آهي. انهيءَ جي ڪري سنڌي قوم جي نوجوانن جا ٽي چار نسل پنهنجي سنڌي زبان جي بقا جي چڪر ۾ ٻيون جيڪي ٻوليون آهن سائنس

جون ٽيڪنيڪل، انگريزي، انهن کي ڇڏي ويٺا آهن. مون جيڪو مطالعو ڪيو آهي ان مان مونکي اهو سبق مليو آهي ته ماڻهو ٻولي ٺاهيندا آهن ٻوليون ماڻهن نه ٺاهينديون آهن. قوم ترقي ڪري پوءِ پنهنجي ٻوليءَ کي Develope ڪندي آهي. ان جا بيشمار مثال آهن. اسانجي پاڪستان يا هندستان جو مثال وٺو ته علائقائي زبانن ۾ سڀ کان پوئتي پيل زبان پنجابي آهي، شايد، پر ڇاڪاڻ ته ان جا ماڻهو دنيا ۾ ترقي ڪري ويا آهن تنهن ڪري دنيا ۾ توهان T.V. Asia به ڏٺو آهي، لنڊن به ڏٺو آهي ته پنجابي زبان کي، چاهي ان ۾ لٽريچر آهي يا ڪونهي، ڪتاب آهن يا ڪونه آهن، ڪا لکٽي اٿس يا ڪانه اٿس پر ان زبان کي Ingore ڪرڻ ناممڪن آهي ڇاڪاڻ جو انهيءَ جا ماڻهو ڏاڍا پاورفل آهن.

● اهڙي طرح اڙدو زبان کي ڏسو اڙدو زبان کي قائم دائم رکڻ ۾ انهن ماڻهن جو وڏو هٿ آهي جن عليڳڙهه ۾ انگريزي پڙهي. انهن کي انگريزي پڙهڻ ڪري پاڪستان توڙي انڊيا ۾ اقتدار مليو. هو Services ۾ آيا، ليڊرشپ ۾ آيا جو پوءِ هنن اڙدو زبان کي هڪ شوق ۽ استحصالي هٿيار طور استعمال ڪيو آهي. اڙدو شاعريءَ کي اڙدو ڪلچر کي، پر توهان يقين رکو ته هي جيڪڏهن عيلڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي نه پڙهن ها ته اسانجا هي هندستاني مسلمان به ختم ٿي وڃن ها ان سان گڏ اڙدو زبان به ختم ٿي وڃي ها.

ٻيو مثال توهان يهودين جو به وٺي سگهو ٿا. انهن جيڪا دنيا ۾ ترقي ڪئي آهي، اها پنهنجي زبان Hebrew جي ڪري نه ڪئي اٿن پر جنهن هنڌ ۾ هو رهيا آهن. ان جي زبان تي عبور ڪرڻ ڪانپوءِ هنن ان هنڌ تي بادشاهي ڪئي آهي. آمريڪا يا انگلنڊ ۾ هنن انگريزي سکي آهي. فرانس هالنڊ ۾ هنن فرينچ ۽ ڊچ سکي آهي. يعني حڪومتي زبانون سکي پاڻ کي وڏايو ۽ طاقتور ڪيو آهي. هاڻ اسرائيل ۾ پهچي پنهنجي زبان ”هيبريو“ جو شوق ڪن ٿا پر هنن جي دنيا سان اڄ به جيڪا Communication آهي اها انگريزي ۾ آهي. انگريزيءَ کي نٿا ڇڏين. اسان سنڌي مسلمان ان ۾ تمام خوش قسمت هئاسين جو ورهاڱي وقت جيڪو تعليمي سسٽم مليو هو ان ۾ انگريزيءَ کي

بنيادي اهميت هئي. تنهنڪري پڙهيل سنڌي مسلمانن جون جيڪي اسانجون جهونيون نسل آهن انهن جي انگريزي ڏاڍي سٺي آهي ۽ اهو دور 1958ع تائين، جيسين مارشل لا لڳي هئي، سنڌي مسلمان ڏاڍي سٺي نموني آيا پئي. سنڌ يونيورسٽيءَ جا جيڪي گرئجيوئيٽ هئا سي پاڪستان جي ٻين يونيورسٽين کان تمام بهتر هئا پر پوءِ جيئن ئي اها قومي زبان جي تحريڪ شروع ٿي ان جي ردعمل ۾ اسان وٽ وري علائقي زبان جو زور شروع ٿيو. ان جي نتيجي ۾ هاڻ اسان وٽ سنڌي زبان ممڪن آهي ڊيولپ ٿي هجي يا نه ٿي هجي، پر اسانجا جيڪي سنڌي ماڻهو آهن اهي سخت پوئتي رهجي ويا آهن. هو دنيا ۾ هاڻ ڪنهن به هنڌ Compete ڪرڻ جي لائق نه رهيا آهن.توهان اهو ڏٺو هوندو ته سنڌ کان ٻاهر دنيا ۾ ڪٿي به سنڌي زبان جو وجود نه هئڻ برابر آهي. اسانکي اهي غلط فهميون آهن يا خوش فهميون آهن ته سنڌي زبان دنيا جي هڪڙي Perfect زبان آهي. يا سنڌي زبان ۾ اسين سڀ اچار چٽي سگهون ٿا يا لکي سگهون ٿا. اهي سڀ ٻارائپون ڳالهيون يا ننڍڙيون خوشيون ڏيڻ واريون ڳالهيون آهن. جنهن جي ڪا به اهميت ڪانهي ڪا. دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ مڪمل زبان شايد سنسڪرت آهي. يا شايد لئٽن آهي يا عربي آهي. پر انهن جي سکڻ ڪري ماڻهوءَ کي دنيا ۾ ڪنهن به هنڌ ڪا روزي نٿي ملي سگهي. تنهن ڪري جيڪي اسان جا سنڌي نوجوان ۽ اديب آهن انهن کي دنيا جي آڏو جيڪڏهن سنڌي ڪلچر آڻڻو آهي، سنڌي لٽريچر يا سنڌي قوم کي اڳيان آڻڻو آهي ته انهن کي لامحالا اردو ۽ انگريزي ۾ هوشيار ۽ چاڻو ٿيڻو پوندو. نه ته اسان ڀلي خوش ٿيا ٿيون ته شيخ اياز دنيا جو وڏو شاعر آهي يا اسين چئون ٿا ته شاهه لطيف وڏو آهي. شاهه لطيف کي وڏو انهن ڪيو جن هن کي انگريزيءَ ۾ آندو. سنڌي پڙهڻ جي ڪري ڪنهن به شاهه لطيف کي پورو نه سڃاتو. جڏهن ڊاڪٽر سورلي هن کي انگريزيءَ ۾ لکي اڳتي آندو تڏهن جڳ سڃاتو. اسان وٽ جيڪي به وڏا وڏا اديب آهن جن لاءِ اسين ويهي خوشيون ڪندا آهيون ته فلاڻو اسانجو تمام وڏو اديب آهي، فلاڻو ناول نگار ۽ دانشور آهي تواريخ دان ۽ محقق آهي وغيره وغيره انهن کي اسان انگريزي ۾ نه

آندو آهي. اسا وٽ اهڙو ڪو به لکڻ وارو ماڻهو ناهي جيڪو انهن کي انگريزيءَ ۾ آڻي سگهي. شيخ اياز وڏو عالم ۽ وڏو شاعر آهي پر ان جي انگريزي ۾ Contribution نه برابر آهي ان ڪري هن کي سنڌي ڪان سواءِ ڪو نٿو سڃاڻي (جيترو سڃاڻڻ کپي)، پاڪستان ۾ به ڪو نٿو سڃاڻي نه دنيا ۾. تنهنڪري جيسين اسين وڏا ماڻهو اهڙا پيدا نه ڪنداسين جيڪي سنڌ جي Case کي انگريزيءَ ۾ ڪڻن تيسين اسين گهر جو گهر ۾ ويٺا ٻانگون ڏينداسين. لا حاصل ڪوشش آهي. اسان جون سڀ نوجوان Generations تباهه پيون ٿين. ڪجهه نه پيو وري. ڏسو! هينئر ڊاڪٽر محبوب الحق فيض احمد فيض کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ٽئگور پنهنجي شاعريءَ کي ترجمو ڪيو جيئن ته گيتا انجلي (جنهن تي هن کي نوبل پرائيز ملي هئي) ۽ ان ترجمي بعد ماڻهن کي خبر پيئي ته ٽئگور به ڪا شيءِ آهي. شاهه ڀٽائيءَ جو مثال اسان وٽ موجود آهي. جڏهن ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر سورلي هٿ وڌو تنهن کانپوءِ ماڻهن کي ڄاڻ پئي ۽ اسان کي Confidence پوءِ آيو جڏهن انهن لکيو. سو شيخ اياز آهي، تنوير عباسي آهي، تاجل بيوس آهي يوسف شاهين آهي يا ٻيا اهڙا وڏا شاعر ۽ شخصيتون آهن جيڪي يقينن وڏيون آهن پر انهن جي وڏپڻ جيسين دنيا ۾ ظاهر نه ٿيندي تيسين انهن جي ڪا حيثيت ڪانهي ڪا.

## ٻارن جو مستقبل برباد ٿي رهيو آهي

”ظاهر ٿيڻ مان ڇا مطلب آهي؟“ مون پڇيو

”ظاهر ڪرڻ مان اهو مطلب آهي ته دنيا ۾ جيڪي ماڻهو Matter ڪن ٿا انهن تائين اها ڳالهه پهچي. جهڙي طرح سان هڪڙو ڳائڻو آهي جيسين هو شاهي دربار ۾ نٿو ڳائي تيسين هن جي اهميت نٿي مڃي وڃي، **”جنگل ميں مور ناچا کس نے ديکها“** وارو حساب ٿئي ٿو.مرزا غالب هو. هو جيستائين دهليءَ جي دربار ۾ بهادر شاهه ظفر وٽ هڪ طوائف جي معرفت پيش نه ٿيو تيستائين غالب جي ڪا حيثيت نه هئي. ساڳي طرح سان جيڪڏهن اسان کي دنيا ۾ حيثيت مڃائڻي آهي ته اسان کي اها شيءِ دنيا جي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻي پوندي. شاهه لطيف کي پڙهڻ واسطي دنيا جا ماڻهو سنڌي نه سگهندا.

ڪو هڪڙو به ريسرچ يا شوق خاطر ڪٿي سنڌي سکي شاهه لطيف کي پڙهي نه ته دنيا ۾ هيترا رسالا ۽ مئگزينون آهن جن ۾ هن جو ڪٿي نالو ڪونهي ڪو. توهان کي هڪڙي عجيب ۽ درد ناڪ ڳالهه ٻڌايانو. قمر شهباز جي ڌيءَ جي شادي هئي ۽ اها شادي ٿي هئي مشهور ڪرڪيٽر شجاع(رٽائرڊ ميجر شجاع) جي پٽ سان. ان جي دعوت ۾ شيخ اياز ۽ آئون گڏ ويٺا هئاسين. اتي گهوٽ وارن مان به همراهه آيا. چڱا خاصا پڙهيل ڳڙهيل معتبر ۽ سينئر قسم جا ماڻهو هئا. سائين دعا سلام ٿي ان بعد مون سندن شيخ اياز سان تعارف ڪرايو ته "يه شيخ اياز صاحب هيں سندهي کے بهت بڑے عظيم شاعر هيں"، ته وري وري پيا چون ڪون شيخ اياز؟ نيٺ چيائون ته اسان ته نه سڃاتو. هاڻ ڪراچي جهڙي شهر ۾ ڪو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو شيخ اياز کي نه سڃاڻي ته معنيٰ اسان صحيح طرح Message ڏئي نه سگهياسين. باقي سنڌي اديبن جون محفلون ٿينديون آهن. وڏيون وڏيون ڪچهريون ٿينديون آهن. اسلام آباد کان وڏا وڏا آفيسر ايندا آهن ۽ اچي تقريرون ڪندا آهن ته اسان سڄي دنيا پڙهي ڏٺي آهي سڄي دنيا گهمي ڏٺي آهي بس فلاڻي جهڙو ڪو شاعر ڪونهي ڪو. فلاڻي جهڙو افسانه نگار ڪونهي ڪو وغيره. انهن جو لٽريچر آخر ڪير ترجمو ڪندو؟ دنيا تائين ڪير پهچائيندو. جيستائين اسانکي انگريزيءَ تي عبور ناهي. شيخ اياز، جمال ابڙي، قمر شهباز، آغا سليم جهڙا سٺا انگريزي جا ڄاڻو ويٺا آهن اهي ڇو نٿا ترجمو ڪن. ائين ڪرڻ سان اسانجي دور جي نوجوانن ۾ اعتماد پيدا ٿيندو. اسان کي کپي ته اسان سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي دنيا اڳيان پيش ڪريون. پلي دنيا چوي ته هو سٺا آهن. باقي اهو جيڪو چوندا آهن ته "گونگي گاريون ڏنيون دل ۾" ان مان ڇا ورندو. اسان پنهنجو پاڻ ۾ ڪنڙو ناهي بند ڪمرن ۾ ويهي چئون ته شيخ اياز دنيا جو وڏو شاعر آهي ان سان ڪهڙو فرق پوي ٿو. سو اسان سنڌي گونگن واري چال هلي خوش ٿي رهيا آهيون. پاڻ ۾ ويهي پاڻ پڏايون ٿا. اها بيڪار ڳالهه آهي. تون اديب ماڻهو آهين هن پار جو احوال لکين ته منهنجو اهو ئي نياپو Convey ڪجانءِ ته مهرباني ڪري هاڻ" سنڌي زبان منهنجي زبان تنهنجي زبان" "منهنجي ٻولي تنهنجي

ٻولي" اهو گهٽو ٿي ٿيو. هاڻ Survival جو معاملو آهي ۽ پنهنجي جياپي لاءِ جيستائين دنيا ۾ ڪميونيڪيشن جو آرٽ نہ سکندائو، دنيا جي ٻولي نہ سکندائو تيستائين ڪم نہ هلندو.

جڏهن تہ سر سيد احمد انڊيا ۾ مسلمانن جي تعليم جو معاملو شروع ڪيو تڏهن هن اها ٿي تحريڪ شروع ڪئي هئي تہ انگريزي اسانجي ميڊيم رهندي. سيني ان تي اعتراض ڪيا تہ تون هميشه اڙدوءَ جي ڳالهہ ڪندو هئين هاڻ تو پنهنجي Statement ڇو بدلائي آهي. ان تي هن چيو تہ اڙدو اسانجي پياري زبان آهي پر اسانکي Survive ڪرڻو آهي ۽ جياپي ڪارڻ جيڪا حاڪمن جي ٻولي آهي اسان کي اها Adapt ڪرڻي پوندي. هن عليڳڙهہ موومينٽ هلائي انهيءَ بنياد تي هئي تہ مسلمان انگريزي پڙهن. نتيجو توهان جي اکين اڳيان آهي تہ عليڳڙهہ جا جيڪي تعليم يافتہ هئا انهن نہ فقط انگريزن جي دور ۾ انڊيا ۾ عزت ۽ مان حاصل ڪيو پر پاڪستان جا حاڪم وجي ٿيا.

انگريزن جي اچڻ کان اڳ ۾ سنڌي ڪنڊ ۾ حاڪمن جي زبان فارسي هئي جنهن لاءِ پهاڪو مشهور آهي تہ "فارسي گهوڙي چاڙهسي." انگريزن جي حڪومت بعد رات اندر فارسي ختم ٿي وئي ۽ انگريزي متاهين زبان ٿي وئي. فارسيءَ جا وڏا وڏا عالم جاهل ٿي ويا ۽ چار درجا انگريزيءَ جا پڙهيل آفيسر ٿي ويا. سنڌ ۾ سنڌي هندو هوشيار هئا. جيئن ئي انگريز آيا تہ هنن انگريزي پڙهي ۽ ڀيرين ڇئن ماڻهن جن مشترڪ ڪئي سي هڪدم مختيارڪار ٿيا. انهن جون ئي فئمليون پوءِ سنڌي عالمن جون فئمليون مشهور ٿيون. ديوان جيڪي ٿيا اهي اتان ئي Develope ٿيا. انهن جا پٽ پوءِ ICS ٿيا، اهي انگلنڊ ويا، آڪسفورڊ مان پڙهيا هتان پڙهيا هُتان پڙهيا. مطلب ڳالهہ جو تہ هنن انگريزي پڙهي. هنن موقعي کي سمجهيو ۽ ان مان فائدو ورتو نہ تہ ان زماني ۾ ڪو هو سنڌي ڪنڊ جي مسلمان کان وڌيڪ Advanced نہ هئا. جڏهن تہ انگريز هتي آيا هئا تڏهن هندو ويچارا تمام پوئتي پيل هئا پر هو انگريزيءَ کي چهٽي پيا. پر پوءِ جن مسلمانن انگريزيءَ ۾ علم پرايو اهي بہ اڳتي وڌي ويا. پر As a class جيڪا هندن ڊيولپمينٽ ڪئي سا انگريزيءَ جي معرفت ڪئي. اسان وري

انگريزيءَ جا بہ دشمن ٿي پيا آهيون اڙدوءَ جا بہ دشمن ٿي پيا آهيون. پاڪستان ۾ Survive ڪرڻو آهي تہ اڙدو اسان کي اهڙي اچڻ گهرجي جو اڙدو وارا بہ اسان تي رشڪ ڪن. انهيءَ ڪان سواءِ اسان جو گذارو مشڪل لڳي ٿو . محض سنڌيءَ جي بنياد تي اڳتي ايرڻ ڏکيو آهي. اڄ اسان جي اڳيان مثال آهي عابده پروين جو. جيستائين هن اڙدوءَ کي نہ اپنايو هو تيستائين هوءَ هڪ محدود لوڪ ريجنل ڳائڻي هوندي هئي. هاڻ اها آل- پاڪستان ليول تي آهي. انهيءَ لاءِ هن جو ڪو سنڌي پڻو ختم نہ ٿي ويو پر هن جي Identity اها آهي تہ هوءَ سنڌي ڳائڻي آهي. اهڙي طرح عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهہ، عزيز شيخ، حسن مجتبيٰ ۽ انور پيرزادي جهڙن جو مثال ڏئي سگهجي ٿو.

”امر جليل، جويو صاحب، سراج ۽ نصرت ابڙي جهڙا بہ سنڌ جي ڪاز کي انگريزي ۽ اڙدوءَ ۾ لکندا رهن ٿا“، مون محمد عليءَ کي ٻڌايو

”سنڌين لکڻيون منهنجي اڳيان نہ گذريون آهن“، محمد عليءَ چيو، ” پر جي لکي رهيا آهن تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي، جيئن مصطفيٰ قريشي آهي. اهو بہ سنڌي آهي سنڌي رهندو. يا ان جي زال روبينا آهي. اڙدو ۾ ڳائڻ يا اڙدوءَ ۾ ڪم ڪرڻ ڪو گناهہ تہ ناهي. ۽ ان ڪان بيو ڏاڪو انگريزيءَ جو آهي جنهن ۾ نالو ڪڍڻ ڪو گناهہ تہ ناهي ڪو. اسان ڇو پنهنجن نوجوانن کي نفرت ڏياريون ٿا انهن شين ڪان. زبان سان نفرت ڇو هئڻ کپي. جيڪا بہ علم جي زبان آهي ان ۾ ئي علم سکڻ کپي. ۽ ها جڏهن سنڌي وري اقتدار ۾ اچن تہ پوءِ پنهنجي زبان کي Develope ڪن. اها شوق جي ڳالهہ آهي.“

”توهان جو مطلب آهي جيئن ملائيشيا ۾ ملئي ڪري رهيا آهن؟“ مون وضاحت خاطر پڇيو.

”ملئي زبان ۾ بہ Stages آيا. پهرين اسٽيج تي هنن اهائي چريائپ ڪئي جو هنن ملئيءَ جي پويان انگريزيءَ کي ڇڏي ڏنو. پوءِ سٺ جي ڏهاڪي ۾ هنن محسوس ڪيو تہ هو پوئتي ٿيندا وڃن. پر انهيءَ اسٽيج تي هنن سان اها ٽرئجڊي ٿي وئي جو هنن جي ملڪ ۾ ڪو ماڻهو ئي نہ رهيو جو ڪين صحيح انگريزي پاڙهي. ڪو انگريزي جو سٺو استاد نہ پيو ملين. هو انگريزيءَ جي پنيان يا ملئي زبان کي اپنائڻ ۾ اهڙو اڇي لڳا جو ملئي تہ اڇي وين پر انگريزي

جا ماستر امپورٽ ڪيائون. پوءِ هاڻ هن جي جيڪا بي ٿهي آئي آهي اها سٺي انگريزي سکي وئي آهي. اسان وٽ به سنڌ ۾ اهو وچي حال ٿيو آهي جو انگريزي پاڙهڻ وارو ڪو ماڻهو نه پيو ملي. اڄ اسانجي سنڌي ايئرهوسٽس ڪان نرس تائين ۽ پروفيسر ڪان وٺي ڊاڪٽر انجنيئر تائين انگريزي سٺي نه اچڻ ڪري هن لاءِ ولايت ۾ نوڪري ڪرڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. سنڌ جي اسڪول مان انگريزي پڙهائڻ وارن سٺن ماسترن جي آخري Generation ختم ٿيندي وچي. هاڻ جيڪي آڱوٺي ڇاپ ماستر اچن پيا انهن کي سنڌي ئي نٿي اچي ته انگريزي ڇا پاڙهيندا. معنيٰ اسانجي سنڌي ٻارن جو مستقبل هٿون برباد پيو ٿئي.

## ڇا اسين صفائي پسند آهيون

سئيڊن اچڻ وقت پاڻ سان ٽائيم پيس کڻي نه آيس. هتي پهچڻ سان ان جي سخت ضرورت محسوس ڪيم. صبح جو اک ڪيئن کلي؟ ڪمري ۾ نه ڪڪڙ جي ٻانگ پهچي نه سج جي روشني. ڪڪڙ ٻڪري رڍ جهڙي شيءِ جي پالڻ جي سئيڊن ۾ ڪنهن کي به اجازت ناهي. ڪتو ٻلو پالي سگهجي ٿو پر اهو ائين سولو ناهي جيئن اسان وٽ. اسان جي شهرن توڙي ڳوٺن جي سوڙهين گهٽين ۾ مينهن يا ڍڳي به بيهاري سگهجي ٿي. ڪا ڳالهه ناهي. بس رڳو پئسا هجن بازار مان وٺي اچي بيهاريوس. گهر ۾ جاءِ نه هجي ته گهٽيءَ ۾. پاڙي وارا دانهون ڪري پاٿي ماٺ ٿي ويندا. ٿاڻي تي رپورٽ ڪن ته پوليس کي ماهوار چار ڏوڪڙ ڏيندا رهجن پاٿي موچڙو هٿي ڪين ماٺ ڪرائيندا. پاڙي وارا پنهنجي تا ته پلي پيا پٽين. اسان مسلمان ته آهيون پر نه اسلام جي معلومات اٿون جنهن مطابق پاڙيسريءَ جو خيال رکجي نه اهو ڊپ اٿون ته غريب جو پٽ پاراتو يا بد دعا ڪيڏي خطرناڪ آهي. نه قيامت ۾ پروسو اٿون جنهن ڏينهن تي ذري ذري جو حساب ٿي رهندو. بهرحال مسلمان سڏايون تا پر اسلام تي نٿا هلون نه ته ائين ڇو ڪيون. سو مطلب اهو ته پاڻ وٽ پاڪستان ۾ مينهن ڌارڻ سولي آهي پر هتي يورپ ۾ ڪتو پالڻ ڏکيو ڪم آهي. هتي ڪتي پالڻ لاءِ رڳو ڪتو خريد ڪرڻ جيترا پئسا هجڻ ڪافي نه آهن. ان لاءِ ڪتو وٺي

رجسٽر ڪرائڻو پوي ٿو ۽ ان بعد حڪومت جي واسطيدار عملدارن ڪان ٽئگ نمبر ملي ٿو جيڪو ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻو پوي ٿو. جيئن سياڻي رسو ڇنائي گم ٿي وڃي ته ليجڻ بعد مالڪن کي پهچايو وڃي ۽ جي ڪنهن کي ڏاڙهي يا نقصان پهچائي ته نمبر ذريعي مالڪ جو ڏس پتو حاصل ڪري ان کي ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ حاضر ڪرائي سگهجي. ڪتي پالڻ جي "شوق" يا "ضرورت" جو ڇهين ڇهين مهيني ٽئڪس ادا ڪري رسيد پاڻ وٽ قابو رکڻي پوي ٿي. رات جو دير سان يا ڏينهن جو اجايو سجايو ڀونڪڻ تي پاڙي وارن جي پوليس کي فون ڪيو ته ڪتي جي مالڪ تي جڻ مصيبت اچي ويندي آهي. ڏنڊ سان گڏ هُن کي چتاءُ ملندو آهي ۽ هر چتاءَ (Warning ) تي اهو ڏنڊ وڌندو رهي ٿو. ڪتي جي صحت لاءِ مالڪ کي هر مهيني "ڊاڪٽر ڊور" ڪان پنهنجو جانور چڪاس ڪرائي سرٽيفڪيٽ وٺڻو پوي ٿو ۽ ان ڪان علاوه ڪجهه اهڙيون دوائون ۽ سيون آهن جيڪي بيماري نه هجڻ جي صورت ۾ به هر پندرهين ڏينهن ڪتي کي ڪارائڻيون آهن جيئن ننڍن ٻارن کي پوليو، وڏي کنگهه، ماتا وغيره جا ٽڪا ۽ سيون لڳنديون رهن ٿيون. مطلب ته سئيڊن جي شهريءَ لاءِ ڪتو پالڻ ايڏو وڏو متي جو سور آهي جيڏو غريب ايشيائي ملڪ جي حڪومت لاءِ ائٽم بم ٺاهڻ.

پر وري به ڪتو پالي سگهجي ٿو پر ڪڪڙ،ٻڪري، رڍ هرگز نه. اسان جي پاڙي ۾ رهندڙ فلسطيني عمر سلام نه فقط حلال ڪڪڙ کائي پر پنهنجي اکين اڳيان ڪڪڙ ڪهائي ان جو تازو گوشت گهر ۾ رڌائي. ڪڪڙ جي حلال گوشت جا سمنڊ جي هن پار ڊئنمارڪ شهر ۾ ڪيترائي دڪان آهن. جن تي Frozen گوشت ملي. اهي ڪڪڙيون ڊئنمارڪ جي ڪنهن دور دراز ڳوٺ جي سلاٽر هائوس (ڪوس گهر) ۾ ذبح ٿي، ڪولڊ اسٽور ۾ ٿڌيون ٿي پوءِ ڪوپن هيگن شهر ۾ وڪامڻ اينديون آهن. سئيڊن جي جنهن شهر مالمو ۾ اسين رهون ٿا ان جا ماڻهو حلال گوشت وٺڻ لاءِ فيريءَ ۾ چڙهي ڪوپن هيگن ويندا آهن. هاڻي مڙيئي هڪ به دڪان هتي مالمو ۾ کليا آهن جن تي حلال ڪڪڙ ملي ٿي پر تمام مهنگي. عمر سلام شاهوڪار عرب آهي ڪيس

پئسي جي پرواهہ ناهي ۽ هو اسان واري شهر مالمو مان بہ حلال ڪڪڙ خريد ڪري سگهي ٿو پر جيئن تہ مٿي لکيو اٿم تہ هو حلال سان گڏ فريش گوشت جي چڪر ۾ هوندو آهي. سو ان لاءِ هفتي ڏيڊ بہ چار ڪڪڙيون فارم تان خريد ڪري پاڻ حلال ڪندو آهي. پر جيئن تہ ميونسپل جي حد کان پوءِ بہ ويهن ميلن جي گهيري ۾ ڪنهن کي ڪو بہ جانور ذبح ڪرڻ جي اجازت ناهي سو موڪل واري ڏينهن هو شهر کان پري وڃي اهو معرڪو سر انجام ڏيندو آهي. ”ڪڪڙ يا ٻڪريءَ کي ڪهڻ جي اجازت ڇو نہ آهي“ مون پڇيو هئوماس.

پنهنجي نڪ کي آڱر سان گهئي، توبهہ توبهہ ڪندي چيائين ”هتي جي حڪومت صفائي جي معاملي ۾ ايڏي خبردار آهي جو رستي تي ڪا جهرڪي يا ڪبر مري ٿي تہ اها بہ ان ئي وقت فائر بريگيڊ جو عملو کنيو وڃي تہ متان ان جي آنڊن گجين ۾ پئدا ٿيندڙ جراثيم بيماري پکيڙين.“

هاڻ ان ڳالهہ جي روشني ۾ اسان جي ملڪ ۾ روزانو ۽ خاص ڪري قرباني واري عيد تي ڇا ٿو وهي واپري؟ اسان مسلمان ’صفائي نصف ايمان‘ چئون ٿا پر عمل ڪيتري حد تائين ٿئي ٿو. ان ڪري تہ ڌاريان يعني غير مسلم اهو ئي چون ٿا تہ اسين مسلمان سڏرايون ٿا پر اسلام جيڪي چئي ٿو ان تي عمل نٿا ڪريون.

## سئيڊن ۾ بجلي هلي وئي هئي

گذريل ويهن ٽيهن سالن ۾ ”پاڪستان جي شهرن ۾ تہ ڇا ڳوٺن ۾ بہ ترقي اچي وئي آهي. بجلي، گئس، ٽيليفون گهر گهر ۾ اچي ويو آهي ۽ هاڻ تہ ريفريجريٽر، ايئرڪنڊيشنر، ٽي وي، وي سي آر، ڊش انٽينائون ۽ ڪمپيوٽر نظر اچن ٿا. سنڌ جي ڳوٺن ۾ بہ ڪيترن گهرن ۾ بيڊ روم ڊرائنگ روم ۽ فلئش سسٽم ڪاڪوس اچي ويا آهن. مرد اليڪٽرڪ شيور، ڊيوڊ ورنٽ ۽ اولڊ اسپائيس جهڙا لوشن ۽ بيلي جوتا ۽ مڇ وڳا پائين ٿا. عورتن جي ڊريسنگ ٽيبلن تي اوچا اوچا فرينچ عطر، لوشن نظر اچن ٿا. پر گهر ٻاهران اڄ بہ مرزيل ڪتا اڌ ننڊ اڌ سجاڳ ۾ وينا الٽيون ڪدن. گهٽين جون ناليون جيڪي پاٽيءَ

جي نيڪاليءَ لاءِ آهن اهي ماڻهن جي ڪاڪوس سان اوور لوڊ آهن. هر پنجين ڇهين گهر جي ٻاهران گند ڪچري جو ڍير آهي، جنهن جي پرسان ننڍيا ٻار بلورن راند پيا ڪيڏين. ڪين پيٽ جي ڪا بيماري لڳي چڪي آهي، يا لڳڻ واري آهي. ڪين چمڙي جي خارش جي بيماري لڳي چڪي آهي يا لڳڻ واري آهي. پر اسان ڪي ڪجهه به احساس نٿو ٿئي ته هن گندگيءَ ۾ سڌي يا اڻسڌي طرح اسان جو هٿ آهي. اسلام صفائي جي تلقين ڪري ٿو ان ڪان اسان پڇون ٿا. ۽ اها ته هڪ عام ذهنن جي ڳالهه آهي. بقرعيد تي ته شهرن توڙي ڳوٺن جون گهٽيون ناليون چوڪ هونديون آهن. جتي ڪٿي سڄيل اوجهريون ۽ مکين سان جهنجهيل وڪا ۽ چيچڙا هوندا آهن ۽ اندر گهرن ۾ جيرن بڪين جي ترتران هوندي آهي. مهمانن ۽ دعوتن جو ٺهڪو هوندو آهي. ۽ آيل مهمان ولائتي عطر عنبيرن ۽ پوشاڪن ۾ سڄيل، اهي ڊوڙ سان پريل گهٽيون لتاڙي، اندر گهرن ۾ ويس وڳن جون ڳالهيون ڪندا آهن يا وري انڊين فلمن جي ڪهاڻين گانن ۽ ڊانسن جون. اسان مذهبي، اخلاقي توڙي ٽيڪنيڪلي ڪيترو پٺتي وڃي رهيا آهيون ان جو هاڻ ڪيترن کي احساس ئي نٿو ٿئي. اسان پاڻ ۽ ان سان گڏ اسانجو ملڪ پڻ ڪيترو پوئتي پوندو وڃي ان جو اسان کي خيال ئي نٿو ٿئي. اسان جو هر ماڻهو، اسان جو هر ادارو سست ۽ ڪاهل ٿيندو وڃي، هر هڪ پورهئي کان پڇي ٿو نتيجي ۾ سڄو ادارو بيڪار ثابت ٿئي ٿو. اسپتالون ڏسو چاهي روڊ رستا ۽ بسون ريل گاڏيون. بجلي جو ادارو ڏسو چاهي ٽيليفون ۽ پوسٽ ڪاتو.

ماڻهو گهرن ۾ بجلي جي اليڪٽرڪ فٽنگ سان گڏ سئي گئس تي هلندڙ گولو (گئس بتي) هٿڻ جو پڻ بندوبست ڪن ٿا ۽ ان سان گڏ گهر ۾ هر وقت ميڻ بتيون به رکن ٿا. ڇو ته ڪين خبر آهي ته بجلي ته اچڻي وڃڻي شيءِ آهي.

شروع ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته هتي سئيڊن ۾ اچڻ وقت الارم گهڙيال ڪٽي نه آيس. سچ هڪ ته دير سان اڀري ٿو ۽ ٻيو ته آسمان تي هر وقت گهاٽا ڪڪر ڇانيل هجڻ ڪري منجهند مهل به اونداهه انڌوڪار لڳل هوندو آهي. سو هتي صبح جو اٿڻ لاءِ الارم ڪلاڪ Alarm clock ضروري آهي ۽ ان کي خريد ڪرڻ لاءِ ٻئي ڏينهن ئي مارڪيٽ ۾ ويس. جنهن دڪان تان پڇايان ته ان

تي بيٽري يا چابي پرڻ واري گهڙيال بدران اليڪٽرڪ جو ملي رهيو هو. آئون وٺان ٿي نہ. هر وقت اهو خيال دل ۾ تہ بجلي وڃڻ تي گهڙيال بند ٿي ويندو ۽ وري اچڻ تي هلندو سهي پر وقت صحيح نہ ٻڌائيندو. مون سان گڏ سنگاپور ۽ پورچوگال جو همراهہ هو. هو ٻئي واٽرا ٿي پڇن تہ چو نٿو وٺان.

”بجلي جي هلي وڃي تہ؟“ آخر مون ٻڌايو مان.

”چو ويندي“ ٻنهي ٺهہ پهہ وراڻيو.

۽ اڄ ان کي ٻہ سال اچي ٿيا آهن. ڪنهن هڪ ڏينهن ٻہ هڪ منٽ لاءِ ٻہ هتي بجلي فيل نہ ٿي آهي. هڪ ڏينهن پنجن منٽن لاءِ ٿي هئي سو بہ رڳو منهنجي فليٽ جي. انڪري جو فليٽ جي مالڪ پراڻو Oven ڪڍي نئون اليڪٽرڪ جو چلهو هٽي ٿي ڏنو ان لاءِ مون پنهنجي گهر جو Main Switch ٿوري دير لاءِ بند ڪيو هو.

## ڇا پيا سوچيو؟

سئيڊن تہ ڪٿي ڇنجي تہ يورپ جو ملڪ آهي سو بہ بيحد سڌريل ۽ امير ملڪ پر يورپ جي پورچوگال جهڙي ملڪ توڙي سنگاپور، هانگ ڪانگ، جپان ۾ بہ بجلي ڪڏهن نٿي وڃي. دنيا جي ملڪ ۾ اها ويندي هوندي پر ائين نہ جيئن اسان وٽ وڃي ٿي. ڪجهہ لوڊ شيڊنگ جي بهاني ڪجهہ ٽرانسفارمر سڙڻ جي بهاني، ڪجهہ اڻ ڄاتل سببن بهاني. ڪن ڪن ملڪن جي سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي کي ڏسي ڪيڏي حسرت ٿئي ٿي تہ ڪاش اسان جي ملڪ ۾ بہ اهڙو نظام هجي ۽ ڪيترن ملڪن کان اسانجي ملڪ جو تمام بهتر نظام هو. پر اڄ اسان جو اڳيون نور بہ چٽ ٿي ويو آهي. اڳتي وڌڻ بدران پٺتي ٿيندا وڃون. ملائيشيا، ڪوريا، سنگاپور جهڙا ڪيترا ملڪ جيڪي اسان کان سِکيا، جن جي ٽيليفون ۽ اڏاوت جي ادارن کان وٺي هوائي جهاز ۽ پاڻي جي جهازن جا ادارا، اسانجي پاڪستانين، ڪين شروع ڪري ڏنا. يا اسان کي ڏسي سکيا. اڄ اسان کان ايترو اڳتي نڪري ويا آهن جو سندن اعليٰ ڪارڪردگي جون ڳالهيون اسان لاءِ خواب آهن. فلپين، ٿائلنڊ، سنگاپور، انڊونيشيا ۾ ٻارهوئي هيڏو مينهن پوڻ جي

باوجود بہ ڪو رستو نٿو ٿئي. ڪڏهن لائيٽ بجلي يا فون جو بل غلط نٿو اچي. ڪڏهن ڪنهن بئنڪ يا پوسٽ آفيس ۾ پنجن منٽن کان مٿي بيهڻو نٿو پوي. ڪڏهن بس، ريل يا سرڪاري سواري ۾ ويهي خوف نٿو ٿئي. ٽيليفون جهڙي شيءِ لاءِ ڏهہ پندرنهن سالن جي وار نٿا ڪرڻا پون. ڪنهن وزير يا وڏي ماڻهوءَ کان سفارش نٿي ڪرائڻي پوي. ملائيشيا پهچڻ تي مون جڏهن فون لاءِ فارم ڀري ڏنو هو تہ ٽن ڪلاڪن اندر "ٽيليفون پيس" سميت ڪنيڪشن ڏئي ويا. ٽن سالن بعد جڏهن وڃڻ وارو ٿيس تہ منهنجي ملائيشيا مان روانو ٿيڻ جي اڏام ٽين نومبر هئي. آڪٽوبر جي آخري هفتي ۾ ٽيليفون آفيس وارن کي وڃي ٻڌايم تہ آئون ٽين تاريخ توهان جو ملڪ ڇڏيان پيو ان ڪري منهنجو فون آڪٽوبر جي آخر ۾ ئي ڪٽي وڃجو ۽ آڪٽوبر جو بل ڏئي ويندس.

"تون ٽين وڃين پيو. هفتو کن اڳ ئي ڇو ٿو فون ڪٽرائين؟" هنن پڇيو. "پوءِ آخري ڏينهن تي ڪٽي پيو فون ڪٽڻ جي درخواست ۽ بل ڏيندس" مون چيو مان.

"آخري ڏينهن تي جڏهن آخري فون ڪري بس ڪرين تہ اسان کي رڳو فون ڪري ڇڏجانءِ تہ اسان ڪٽي ڇڏينداسين." ملائيشيا جي ٽيليفون آفيس واري انچارج ٻڌايو.

"۽ پلا انهن ستن ڏينهن جي بل جو ڇا ٿيندو؟" مون پڇيو مان. ڇو جو اهو تہ هر حال ۾ Consumer کي ڏيڻو آهي ۽ جي ڏيڻ بنا هليو ويندس تہ پٺيان مون سان گڏ منهنجي ملڪ جي بہ بدنامي ٿيندي.

"ان جو بہ بندوبست آهي. گهر ڇڏڻ کان ڪلاڪ اڳ فون ڪجانءِ تہ اسانجو ماڻهو بل اچي ڏئي ويندو. جيڪو ايئرپورٽ تي يا پنهنجي ملڪ مان پوسٽ ذريعي موڪلجانءِ". هن مونکي ٻڌايو. ان بعد ڪيس ئي ڏيان آيو تہ منهنجي گهر ۽ ايئرپورٽ جي وچ ۾ تہ ٽيليفون آفيس آهي سو هن يڪدم صلاح ڏني.

"هيئن ڪجو تہ گهران نڪرڻ مهل ٽيليفون پيس پاڻ سان ڪٽي نڪرجو ۽ هتان آفيس وٽان لنگهندي اسان کي درتي ئي ڏئي وڃجو ۽ توهانجو بل بہ تيار

هوندو."

گهر ڇڏڻ وقت ٽيليفون پيس ڪٽي ٽيليفون آفيس وٽ آيس جنهن آفيس ۾ اٺ سال اڳ فون لڳرائڻ لاءِ فارم پرڻ آيو هوس. در تي بيٺل ڪلارڪ مونکان ٽيليفون پيس ورتو. ٽيليفون بل جنهن تي PAID جو ٺپو لڳل هو. يعني پئسا ڀريا ويا، ۽ ان سان گڏ پنجهتر ڊالر هٿا.

"هي ڇا جا-؟" مون پڇيو.

"سائين فون هٽائڻ مهل ياد نہ اٿانوَ تہ سئو ڊالر ورتا هئاسين. باند طور. توهان جو هي هفتو فون استعمال ڪرڻ جو بل پنجويهہ ڊالر آيو آهي ۽ باقي توهانجي امانت پنجهتر ڊالر حاضر آهن".

پئسا ۽ بل وٺي کيسي ۾ وڌم. ملئي ڪلارڪ سان هٿ ملايم. هڪ دفعو ٽيليفون آفيس جي بلڊنگ ڏي نهاريم ۽ پوءِ چوڌاري هن سرسبز سائي ملڪ ڏي جنهن ۾ اٺ سال گذاري هاڻ پنهنجي وطن وڃي رهيو هوس. اڄ کان اٺ سال اڳ جڏهن هن آفيس ۾ فون لاءِ اچي رهيو هوس تہ منهنجي دل ۾ عجيب وسوسا هئا تہ فون لاءِ الائي ڪهڙا جهد پٽڻا پوندا. ڇو جو پنهنجي ملڪ جا سور سجهيا ٿي. اڄ اٺ سال هن اداري جون خدمتون مائٽي واپس بہ وجان پيو. انن سالن ۾ ڪڏهن فون خراب نہ ٿيو. ڪڏهن بل غلط نہ آيو. ڪڏهن ڪنهن پريشان نہ ڪيو.

"ڇا پيا سوچيو-؟" ٽيليفون آفيس جي ڪلارڪ پڇيو.

"توهان ۽ توهانجو ملڪ"، مون چيو مانس، "ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ماهر آهي. اسان کي توهان کان سکڻو آهي."

هي اهو جملو هو جيڪو ان ڏينهن کان اٺ سال اڳ ان ملڪ ملائيشيا ۾ پهچڻ تي منهنجي ملئي باس ڪئپٽن حمزه نور مون کي چيو هو، جنهن مونکي سندس ملڪ جي نوجوانن کي جهاز هلائڻ سيکارڻ لاءِ ملائيشيا سڏايو هو. ۽ اڄ آئون هنن کي ڇٽي رهيو هوس.

## هندستان جي پليگ ۽ يورپ

هندستان جي رياست گجرات جي ڪيترن ئي شهرن سورت، احمد آباد، امريلي، بڙودا وغيره ۾ پليگ(طاعون) جي بيماري لڳي وئي آهي جنهن ۾ هزارين ماڻهو مبتلا ٿي ويا آهن ۽ سوين مري چڪا آهن. ان بابت خبرون اڄ ڪلهه هن پاسي جي ملڪن ۾ روزانو اخبارن ٽي وي ۽ ريڊيو تان اچن ٿيون. گذريل ٻن هفتن کان جنهن تنهن جي وات تي ان بيماريءَ جو نالو آهي. اها بيماري جيتوڻيڪ هندستان جي هڪ صوبي جي ٻه چند شهرن ۾ آهي ۽ اڄ ڪلهه سائنسي دور ۽ جديد دوائن جي زور تي ان بيماريءَ تي سگهو ئي ڪنٽرول ٿي ويندو ۽ هن وقت ٻه هندستان جي ٻين صوبن ۾ زندگي ائين گذري رهي هوندي جيئن پهرين گذري رهي هئي پر هن پاسي خاص ڪري يورپ جي هنن اسڪينڊينوين ملڪن ۾ هندستان ته ڇا پر اوسي پاسي جي ملڪن ڏي وڃڻ کان ٻه جهليو پيو وڃي. سياري جي موسم ۾ هتي سخت ٿڌ ٿي ٿئي. ان ڪري هتي جا ماڻهو مهينو اڌ موڪل ڪن ۽ اهي ڏينهن ايشيا جي گرم ملڪن ۾ گذارين جتي جو سيارو هتي جي ماڻهن لاءِ بهار جيان آهي. پر پليگ جو ٻڌي جيڪي هندستان سير سفر تي وڃڻا هئا اهي ته پنهنجيون ٽڪيٽون ڪئنسل ڪرائي رهيا آهن پر اهي پڻ جيڪي ملائيشيا، ٿائيلنڊ، نيپال، سري لنڪا، موريشش، مصر وڃڻا هئا. (پاڪستان ته ڪو ورلي گهمڻ لاءِ وڃي ٿو- چاهي پليگ هجي يا نه. سياحت، (Tourisim) لاءِ سڀ ڪجهه هوندي ٻه هتي جي ماڻهن کي اها شڪايت آهي ته پاڪستان ۾ نه سلامتيءَ جي گئرنٽي آهي ۽ نه رهائش گاهه ۽ نه وري کاڌو پيتو صاف سٿرو HYGENIC آهي). يورپ ۽ آمريڪا وارن کي ائين لڳي ٿو ڄڻ پليگ جي بيماري هندستان جي هڪ صوبي ۾ نه پر سڄي ايشيا ۾ پکڙجي وئي هجي.

يورپ جا ماڻهو هونءَ ئي اسان ايشيائي ڪارن کان پيا پري ڀڄندا آهن. ڄڻ اسان پاڻ سان خوفناڪ بيماريون کڻيو هلون. بس لاري، ٽرين، ٽوڙي سئنيما ٿيٽر ۾ ڪيترن جي اهائي ڪوشش هوندي آهي ته اسان جي ڀر ۾ نه وهن. پر لڳي ٿو ته اسان جي اٿي وڃڻ تي ٻه ڪيترا ان جاءِ تي ڪا دير نه

وهندا هوندا تہ متان اسان جراثيم ڇڏيا هجن ۽ اها Feeling ائين آهي جيئن اسان وٽ ڪو باگڙي ڪولهيءَ جي پر ۾ وهندي ڪيٻائيندو آهي. يا هن جي ٿانوَ ڪي استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪندو آهي. ايشيا جي غريب ملڪن ۽ يورپ جي امير ملڪن جي ماڻهن جو روز بروز ائين حساب ڪتاب ٿيندو وڃي جيئن شودر برهمڻ جو. ۽ ويتر جي هن قسم جي بيماريءَ جو ٻڌن ٿا تہ اسانجي منهن تي ڪٿي نہ پر پنهنجي منهن اهوئي اسان لاءِ چون ٿا تہ اسين ڪيترو تہ گدلا آهيون. جهنگلي ڪوئن، بيمار ڪتن ۽ مکين مڇرن جو بہ خاتمو نٿا ڪريون.

اسانجي ملڪن ۾ يلي ڪٿي سوات، هنزا، گلگت جهڙا سهڻا نظارا هجن. اسلام آباد ڪراچي جهڙيون وڏيون عمارتون هجن. باغ بستان ڪيت فصل هجن پر يقين ڪريو تہ هن پاسي جڏهن بہ ڪا پاڪستان، مصر، هندستان،برما جي ٽي ويءَ تي خبر ڏيندا آهن تہ اسانجي ملڪن جي شهرن جا گندا علائقا ڏيکاريندا آهن ۽ مکين ۽ چيلاٽن سان ڀريل ڀاڄي ۽ ميوا مارڪيٽون، ڇڙواڳ ۽ ڪوڙهہ لڳل ڪتن ۽ ٻلن سان ڀريل مڇي ۽ گوشت مارڪيٽون. گهرن اڳيان ٻارن ۽ ڪتن ڪي هڪ وقت هنگندو ڏيکاريندا آهن جيئن دنيا ڪي اهو احساس ٿئي تہ ايشيا خاص ڪري مسلم دنيا جاهل ۽ گندي آهي. اڄ ڪلهہ تہ هندستان ڪي بہ نہ بخشيو پيو وڃي. اتي ڪنهن شهر جي مندر ۾ هزارين ڪوئا آهن جن کي ماڻهو پوڄيندا آهن . اڄ ڪلهہ هر وقت هتي جي ٽي ويءَ تي ان مندر جي ڊاڪومينٽري فلم ڏيکاري رهيا آهن ۽ ماڻهن ۽ هزارين ڪوئن کي گڏ گڏ کائيندي، پوڄيندي، چميون ڏيندو ڏسي ماڻهوءَ جي دل خراب ٿئي ٿي ۽ پوءِ ڪنهن بہ ڏوهہ يا خرابيءَ ۾ پاڪستان هجي يا هندستان ذليل ٿئي ٿين ٿا جو ننڍي کنڊ جي سيني ماڻهن(بنگالين بهارين کان سنڌي پنجابين) جو هڪ ئي نڪ نقشو آهي.

ائين بہ نہ آهي تہ يورپي سڄي قوم ڌارين سان نفرت ٿي ڪري ٿي. منجهن ڪيترائي نيڪ ماڻهو ۽ ادارا آهن جيڪي هزارين ميل ڏور رهي بہ ڌارين جو ڏک درد پنهنجو سمجهن ٿا. انهن لاءِ چندا ۽ دوا درملون گڏ ڪري

موڪلي رهيا آهن. پوءِ اها ئي ڳالهه آهي ته انهن غريب ۽ مصيبت ماريل حقدارن تائين ڌارين جي امداد پهچي ٿي يا وچ ۾ ڪٽيو وڃي. جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ سنڌ ۾ آيل ٻوڏن، خاص ڪري منڇر ۽ دادو ضلعي بابت، جي اين مغل جي ڪالم ۾ هو ته ٻوڏ جي غريب ستايلن جي مڪاني وڏيرا يا ڪامورا پاڻ ته مدد نٿا ڪن پر ايڏي ٽرسٽ جهڙا يا ڌاريان ڪا امداد موڪلين ٿا ته اها به ڪين نٿا رسائين. ۽ ان سلسلي ۾ پهرين به هڪ دفعو ڪيترائي مختيارڪار يا اسسٽنٽ ڪمشنر نوڪرين تان لاٿا ويا هئا جيڪي غريب ماڻهن لاءِ مليل امدادون اِنهن کي ڏيڻ بدران پنهنجي گهر کڻي پهتا هئا.

پليگ بابت هتي رهندڙ هڪ ٻن ڊاڪٽرن سان ڳالهه ٻولهه ٿي. ان بابت ڪجهه اهم ڳالهيون جيڪي نوٽ ڪري سگهيس هن ريت آهن: انڊيا ۾ جيڪا پليگ هلي رهي آهي اها نمونيائي پليگ سڏجي ٿي. ان جو جراثيم ڪوئي جي چڪ سان انسان جي رت ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اڳتي وڌي ڦڦڙن تائين پهچي ٿو. ڦڦر تي اثر ٿيڻ سان مريض کي کنگهه ٿئي ٿي ۽ پوءِ ساهه رستي ٻين تائين پهچي ٿو. ڦڦڙن تي اثر ٿيڻ بعد مريض يڪدم مريو وڃي. هن بيماريءَ ۾ مريض ۾ هي علامتون نظر اچن ٿيون. هن کي بخار، کنگهه ۽ تڪڙا ساهه ٿين ٿا. اگر وقت اندر علاج نه ٿئي ته ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. ٿُڪ ۾ رت اچي ٿو ۽ آخر ڪار ڦڦڙ ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏين. پليگ جي وچڙندڙ بيماري قدرت طرفان انسان ذات تي عذاب سمجهي وڃي ٿي. سڀ کان پهرين هيءَ بيماري سن 542 عيسويءَ ۾ نازل ٿي هئي. هن بيماريءَ جي سڀ کان پهرين وبا جنهن وسيع علائقي کي متاثر ڪيو اها عرب کان شروع ٿي مصر تائين پهتي هئي. ٻي وڏي وبا چين کان 1333ع ۾ شروع ٿي ۽ سامونڊي جهازن ذريعي يورپ تائين پهتي. چوڏهين صديءَ جي وچ ڌاري پکڙڻ واري هن بيماريءَ جي وبا سڄي يورپ کي لوڏي ڇڏيو ۽ هيءَ ڪاري موت (Black Death) جي نالي سان مشهور ٿي.ٽين وڏي ۽ سخت قسم جي وبا 1892ع ۾ يونان کان شروع ٿي ۽ بمبئي تائين پهتي. هن وبا ۾ فقط بمبئي ۾ ئي انيڪ موت ٿيا.

پليگ جي وبا کي پهرين هڪ مصري طبيب سڃاتو. پليگ جي بيماري

تواريخ تي بہ اثر انداز رهي. پهرين وبا جيڪا JUSTINIAN پليگ نالي مشهورر تي ۽ ميڊيٽرينين سمنڊ جي بندرگاهن وارن علائقن ۾ قائم رهي. ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي تہ هيءَ بيماري روم جي سلطنت جي زوال جو سبب بڻي. هيءَ بيماري Byzanthan Emperar جي زوال جو پڻ هڪ اهم حصو هئي. مشهور انگريزي شاعر وليم شيڪسپيئر ذري گهٽ هن بيماريءَ مان بچيو. جڏهن هو ٽن مهينن جو هو تہ سن 1564 ۾ هن بيماريءَ ان سڄي علائقي تي گهيرو ڪري ورتو هو ۽ آدمشماريءَ جو ستون حصو اجل جو شڪار ٿيو.

ماتا جهڙين بيمارين مان تہ هميشه لاءِ دنيا جو هي گولو آزاد ٿي چڪو آهي، پر سائنس جي هيڏي ترقيءَ بعد بہ هن بيماريءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. اڃان تائين هن بيماريءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪي خاص قسم جا ٽڪا ايجاد ٿي نہ سگهيا آهن جيئن ماتا، پوليو وغيره جا آهن. جيڪي سيون لڳايون وڃن ٿيون اهي ڇهن مهينن لاءِ حفاظت Protection ڏين ٿيون.

دنيا ۾ هن بيماريءَ جي پکڙجڻ جو سبب جهنگلي ڪوئا آهن. يعني ڪارا ڪوئا جيڪي پاڻ وٽ موجود آهن. ڪوئن ڪان علاوه نوريئڙن، ٻلن ۽ ڪتن مان بہ پليگ ٿي سگهي ٿي. ڪناري وارن ملڪن ۾ هيءَ بيماري انهن ڪوئن مان پکڙجي ٿي جيڪي جهازن ذريعي هڪ ملڪ ڪان ٻئي ملڪ جي بندرگاهن ۾ پهچن ٿا.

هن مرض جي اچت علاج لاءِ Antibodics استعمال ڪيون وڃن ٿيون جن ۾ ٽيٽرا سائيڪلين، اسٽرپٽو مائيسين ۽ ڪلورو مائيسيٽين اچي وڃن ٿيون.

# مالمو جا ٻه اهم ماڻهو

مالمو جي شهر ۾ پنج ڇهه روٽري ڪلب آهن. ملاڪا(ملائيشيا) ۾ هوس ته روٽري ڪلب جو ميمبر ٿيو هوس ۽ اڪثر ڇنڇر ڏينهن شام جو ملاڪا جي هوٽل Ramada ۾ ان ڪلب جي ميمبرن جي گڏجاڻي ٿيندي هئي. ان بعد ڪراچي هوٽل پرل ڪانٽيننٽل ۾ هڪ يا ٻه دفعا لنچ وارين گڏجاڻين ۾ وڃڻ ٿيو. ۽ هاڻ ڪجهه ڏينهن اڳ، هتي سئيڊن جي هن شهر مالمو جي روٽري ڪلب جي هڪ ڊنر اٽينڊ ڪرڻ جو موقعو مليو. ظاهري طرح اهي شهر جي ماڻهن جي گڏجاڻين جا ڪلب آهن جتي هر ڪو پنهنجي مانيءَ جا پئسا ڀري ٿو ۽ اها گڏجاڻي هفتي ۾ هڪ دفعو ٿئي ٿي. گهڻو ڪري ساڳي هنڌ خاص ڪري هوٽل ۾ ٿئي. پوءِ ڪنهن روٽري ڪلب جا ميمبر شهر جي ڪنهن هوٽل ۾ ڊنر تي ملن ته ڪي لنچ تي ۽ ڪي شام جي چانهه پاڻيءَ تي. ڪراچيءَ ۾ ته ٻڌو اٿم ته هڪ روٽري ڪلب جي گڏجاڻي آوري ٽاور هوٽل ۾ يا جبيس ۾ صبح جو نيرن تي به ٿئي ٿي. گڏجاڻين ۾ پنهنجي فيلڊ يا هنر جي ڪنهن قابل مهمان کي گهرايو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي سبجيڪٽ تي اڌ ڪلاڪ ڪن جو ليڪچر ڏيندو آهي.پوءِ ڪڏهن ڪو اکين جو ماهر سرجن هوندو آهي ته ڪڏهن ڪو يونيورسٽي جو پروفيسر. ڪڏهن پوليس جو اعليٰ عملدار هوندو آهي ته ڪڏهن ڪو ڪامياب واپاري. دنيا جي هر ملڪ جي هر روٽري ڪلب ۾ پهرين ماني يا چانهه جو دور هلندو آهي ان بعد آيل خاص مهمان تقرير ڪندو آهي. آخر ۾ روٽري ڪلب جا ميمبر هن کان سوال ڪندا آهن. روٽري ڪلب جي گڏجاڻين ۾ وقت جي پابندي جو خاص خيال هوندو آهي ۽ تعجب جي ڳالهه اها آهي ته ان تي پاڪستان ۾ به عمل ڪيو وڃي ٿو. پوري وقت تي مهمان ايندا. پوري وقت تي مانيءَ جو دور هلندو ان بعد سيڪريٽري گهنڊ وڄائيندو. نون ميمبرن ۽ نون آيل همراهن جو تعارف ٿيندو ۽ ان بعد خاص مهمان جو ليڪچر شروع ٿي ويندو ۽ ڏيڍ ٻن ڪلاڪن ۾ سڄي ميٽنگ پوري ٿي ويندي آهي. منهنجي خيال ۾ ان پابندي جو وڏو سبب اهو آهي جو مانيءَ جو بندوبست اڳواٽ ڪيو وڃي ٿو ۽ دير سان اچڻ واري کي ماني نصيب نٿي

ٿئي باقي بل هن کي ڀڃيو وڃي. شادين يا ادبي محفلن ۾ به جيڪر ماني ڀرين ٿئي ته ماڻهو وقت تي پهچي وڃن. پر اهو ڪم جوکم جهڙو آهي جو گهڻو ڪري آيل مهمان ماني کائي هليا ويندا باقي گهوٽ ڪنوار ۽ انهن جا ويجها عزيز ئي وڃي بچندا. ادبي محفل ۾ ته ايترا به ماڻهو نه بچندا. فقط اديب صاحب جنهن جي ڪتاب جي مهورت ٿيڻ واري هوندي، چيف گيسٽ ۽ تنبو ۽ ڪرسيون کڻڻ وارا مزور وڃي ترسندا.

روٽري ڪلب وارا سماجي ڪمن جو پڻ Claim ڪن ٿا. گهٽ ۾ گهٽ ملاڪا(ملائيشيا) ۾ ته اسان خير جا ڪم ڪرڻ لاءِ ڪافي سرگردان هوندا هئاسين. پوءِ ڪڏهن اسڪول جا ڪتاب ۽ يونيفارم وٺي غريب اسڪولن جي شاگردن کي ڏيندا هئاسين ته ڪڏهن ٻوڏ جي ستايلن لاءِ سامان گڏ ڪندا هئاسين. پوءِ ڪجهه ٻي جهان خاطر، ڪجهه پنهنجي مشهوريءَ خاطر، ڪجهه ملاڪا رياست جي گورنر ۽ چيف منسٽر کي خوش ڪرڻ ۽ چمچا گيريءَ ڪارڻ. جو اهي ٻئي همراهه اسان واري ڪلب جا ميمبر هئا ۽ خير جي ڪمن لاءِ انهن جو وڏو زور هوندو هو ته جيئن سندن به نالو ٿئي.

ان رات سئيڊن جي هن روٽري ڪلب ۾ ڊنر لاءِ ويس جيڪا سينٽرل اسٽيشن جي سامهون واري هوٽل Savoy ۾ هئي. مونکي ڌاريون مهمان سمجهي خاص ماڻهن سان گڏ وهاريو ويو. گهڻو مزو نه آيو جو ڪلب جي ڪارروائي ۽ تقريرون سئيڊش زبان ۾ هليون. مون پنهنجو تعارف انگريزيءَ ۾ ڪرايو ۽ ڪيترن منهنجو خيال رکي پنهنجو تعارف ويندي ليڪچر ڏيڻ واري همراهه پنهنجي ليڪچر جو ڪجهه حصو انگريزيءَ ۾ ڏنو پر مون ڏٺو ته ٿورڙي گڏجاڻي مون لاءِ به مٽي جو سور ته هئي لاءِ به.

اهو ٻڌي ته آئون پاڪستاني آهيان هڪ پوڙهو همراهه منهنجي پرسان اچي ويٺو. پاڻ انگريزي تمام سٺي ڳالهائين ٿي ۽ ٻڌائين ته اسلام آباد ۾ سئيڊن جو موجوده سفير سندس ناتي آهي. پاڻ پنهنجي هڪ ٻئي دوست سان به ملائين ۽ سندس گهر ساڻس ملڻ لاءِ خلوص دل سان دعوت ڏيندو رهيو. هونءَ جيتوڻيڪ Swedish ماڻهو ڪنهن ڌارئين سان ته ٺهيو پر پنهنجي سان به

ايترو جلد فري نہ ٿيندا آهن، پر تي سگهي ٿو تہ اسلام آباد ۾ رهڻ ڪري هن کي احساس ٿيو هجي تہ پاڪستاني پاڻ بہ رلڻا ملڻا آهن. سندس نالو مسٽر اولوف Oluf Madsen آهي ۽ مالمو شهر جي ڀرواري واري علائقي فالسٽربو ۾ رهي ٿو.

ان ئي رات ڊنر بعد سامهون سينٽرل اسٽيشن وٽ پنهنجي علائقي هولما ڏي ويندڙ بس لاءِ آيس تہ هڪ همراهہ بيساکين (Crunches) تي مونکان اڳ کنهن ہي بس لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. وقت پاس ڪرڻ لاءِ مون هيلو هيلو ڪئيمانس تہ اهو معلوم ڪري تہ آئون پاڪستان جو آهيان وڌي قرب سان هٿ ملائي منهنجي ڪيڪار جو جواب ڏنائين.

"هي ڇا ٿي پيو اٿئي؟" مون سندس ٽنگن ڏي اشارو ڪري پڇيو.

"حادثو ٿي پيو." هن وراڻيو.

اسان ماڻهو پنهنجي ملڪ ۾ ٽريفڪ جا ڪڙايل، هر حادثي کي موٽر لاريءَ جي حادثي سان منسوب ڪندا آهيون. سو مون بہ پڇيو مانس تہ آيا بس يا ڪار ۾ حادثو ٿيو اٿئي يا رستو ٽپندي.

"نہ. ڪنهن گاڏيءَ سان حادثو نہ ٿيو اٿم. گذريل مهيني دوست سان گڏ جبلن تي وسيل برف تي Skiing راند لاءِ ويس. اتي Out of control ٿي ويس ۽ گوڏي جي ڍڪڻي ڀڄي پيم." هن ٻڌايو.

"توهان Skiing راند جا شوقين ٿا لڳو". مون چيو مانس

"نہ. آئون اسڪاش جو شوقين آهيان. منهنجو نالو اُلف لنڊيل آهي" اهو چئي هن مونکي غور سان ڏٺو. شايد هن منهنجي چهري تي آيل ڪو تاثر پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. پر جڏهن منهنجي چهري مان ڪا شيءِ نمايان نہ ٿيس تہ پاڻ ئي چيائين:

"لڳي ٿو توهان اسڪاش نٿا کيڏيو ۽ نہ ان جون بين الاقوامي مئچون ڏسڻ جو شوق اٿانوَ؟"

"بلڪل صحيح ڳالهہ آهي." مون چيومانس.

"ان ڪري مونکي نٿا سڃاڻو"، هن چيو، "آئون اسڪاش راند جو

پنهنجي ملڪ جو چئمپين هوس. هاڻ رٽائرڊ ٿي چڪو آهيان. 1979ع ۾ مون جهانگير سان سئيڊن ۾ ڪيڏيو هو، پر هو 2-3 تان ڪٽي ويو. ان وقت کان جهانگير منهنجو دوست آهي. اڄ ڪلهه آئون واپار ڪريان ٿو. ڪراچيءَ مان ٽوپين جا بٽڻ ٺهرائي هتي وڪڻندو آهيان ۽ سيالڪوٽ کان ڪجهه راندين جو سامان پڻ گهرائي مختلف اسڪولن کي سپلاءِ ڪندو آهيان. ان ڪم ۾ منهنجي جهانگير ڪافي رهنمائي ۽ مدد ڪئي.

اسڪاش جو هي سئيڊش رانديگر مسٽر الف لنڊيل اسان واري ٿي شهر جي علائقي ڪروسگاٽن ۾ رهي ٿو.پاڻ پنجٽيهه سالن جو ٿيندو ۽ گهر جو فون نمبر 040-933012 اٿس.

## ڏک دشمن جو به نه وڄائجي

ڪجهه ڏينهن اڳ، سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ يورپين سانگ فيسٽيول ٿيو جنهن ۾ يورپ جي ويهارو کن ملڪن جي ڳائڻن حصو ورتو. ڪن انگريزيءَ ۾ گانا ڳايا ته ڪن پنهنجي قومي زبان فرينچ، اسپينش، پورچوگالي، اٽلين، ڊچ وغيره ۾. انهن ملڪن ۾ اسرائيل ۽ ترڪيءَ به حصو ورتو. ترڪي ته ڪٿي چئجي ته اڌ ايشيا ۾ آهي اڌ يورپ ۾ ان ڪري. پر اسرائيل جو خبر ناهي ڪهڙي خيال کان يوربي ملڪن ۾ نالو ڏنو ويو. شايد سندس ڪلچر عربن ۽ مشرق سان نه پر يورپ ۽ مغرب سان ملي ٿو. بهرحال اها ڪا خاص ڳالهه ناهي، فقط ايشيا جو ٿئي ها ته به عرب ملڪ ان ۾ حصو نه وٺن ها.

ان پروگرام جي ٽڪيٽ جيتوڻيڪ تمام ڳري هئي جيڪا اسان Af-ford نٿي ڪري سگهياسين پر خبر ناهي ڪهڙي خيال کان هن شهر مالمو جي ميونسپل ڪاٽي اسان جي يونيورسٽي وارن کي مفت ۾ ڪجهه ٽڪيٽون ڏنيون. مقابلي واري هال ۾ نه فقط يورپ جي مختلف ملڪن کان ماڻهو آيل هئا پر راڳ ۽ ميوزڪ جا شوقين آمريڪا، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا نيوزيلينڊ کان به آيا هئا. ڪنهن ٻڌايو ته هي مقابلو پنجن سالن ۾ هڪ دفعو ٿيندو آهي.

اسانکي ويهڻ لاءِ سيٽون تمام سني هنڌ تي مليون ۽ اسٽيج کي نه گهڻو

ويجهو هئاسين ۽ نہ گهٽو پري. منهنجي ساڄي پاسي منهنجو پاڪستاني ساٿي ۽ ان جي پرسان جارڊن جو عرب هو ۽ پوءِ هتي جا يا پر پاسي جي ڏارين ملڪن جا هئا. شايد ڊئنمارڪ يا بيلجم پاسي جا لڳا ٿي. جڏهن بہ ڪا ڳائڻي آئي ٿي تہ ڳاني پوري ٿيڻ تي ٻين ٻڌندڙن وانگر اسان بہ زور سان تاڙيون وڄائي هن جي فن کي ڀرپور داد ڏنو ٿي. فرانس، جرمني، هنگري، هالنڊ ۽ ان بعد ترڪيءَ جي ڳائڻي آئي. ان بعد رومانيا جي آئي. رومانيا بعد جنهن ملڪ جي ڳائڻي اسٽيج تي آئي ان جو جيسين نالو ۽ قوميت اناؤنس ٿئي اسان سندس سريلو جسم ۽ شڪل ڏسي تعريف ڪرڻ لڳاسين. يعني آئون ۽ منهنجي پر ۾ ويٺل پاڪستاني. اتي اناؤنسر سندس نالو وٺي ملڪ جو نالو ورتو تہ اسان کي ڄڻ نانگ سونگهي ويو. هاڻ اسرائيل جي ڇوڪريءَ جي ڪيئن تعريف ڪريون! اسرائيل يا انڊيا جي ڪا شيءِ سٺي هجي تہ بہ ڳلا ڪرڻ اسان جي نس نس ۾ اچي ويو آهي. "ڪيسي بـ حيا لگ رهي هـ -شڪل مان بہ تہ ڪپڙن مان بہ" منهنجي پاڪستاني دوست چيو ۽ مون بہ سندس ڀرپور تائيد ڪئي. يعني ٻئي اصلي رڳ تي آياسين. يعني ڪو ماڻهو يا ملڪ اسانکي نہ وڻي تہ پوءِ هن جي سٺائي بہ خراب لڳندي اٿئون. ڇا ڪريون نندي هوندي کان پاڪستاني ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تا اها ئي سٽي ٻيٽي اٿئون. مزي جي ڳالهہ اها تہ نياڳيءَ جو وري سر بہ سٺي ۾ سٺو هو ۽ ڳانو بہ انگريزي ۾ ڳايائين سو هاڻ سندس سر ۽ ڳاني جي تہ ڇا ڳلا ڪريون شڪل ۽ "بي حيا" ڪپڙن جي ڳلا ڪرڻ لڳاسين. جيتوڻيڪ هن کان ٿوري دير اڳ ترڪيءَ جي ڇوڪري جنهن ڊريس ۾ هئي اها هن کان وڌيڪ اوگهڙ واري هئي ۽ سندس ناچ نچڪو وڌيڪ بي حيائيءَ وارو هو. پر ترڪي اسانجو مسلمان ملڪ ٿيو تہ هن جي هر ڳالهہ صحيح حساب ۾ آنديسين. جيئن اسان وٽ اخبارن ۾ هوندو آهي. حيدرآباد،ڪراچي توڙي دادو ٺٽي ۾ پلي پوليس شهر جي چوراهي تي جلوس ڪڍندڙ مردن توڙي عورتن تي ڏنڊن جو وسڪارو پئي ڪري پر ان جو فوٽو نہ ايندو. فوٽو ايندو تہ انڊيا جي ڪنهن ڳوٺ جو جتي جي پوليس اتي جي ڪنهن بقول اسانجي اخبار جي "هڪ بي ڏوهيءَ" کي ٺڏڙون هٽي ظلم ڪري

رهي آهي. سو غير حقيقت پسند ٿيڻ اسانجي عادت ۾ آهي. بهرحال گاني ختم ٿيڻ تي سڀ هال زور سان تاڙيون وڄايون. ويندي اسان جي پرسان ويٺل جارڊن جو عرب ڪا دير تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ اسان تاڙيون وڄائڻ بدران شڪي ٿي رهيا هئاسين. اسان کي چپ ڏسي اسانجي جارڊن جي ڪليگ اسان ڏي اچرج مان ڏٺو ته اسانکي ٿي چا ويو آهي. پر پوءِ شايد ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويس سو اسانکي ٽوڪڻ لاءِ چيو: ”مڙيئي خير آهي Give devil its due. هيءَ سياست نه پر ساز جي دنيا آهي. توهان جنهن سان جنهن ڪارڻ رسو پيا انهن سان (ياسر عرفات ۽ پيا عرب) وجي پرتا آهن.“

## پاڪستاني نوٽ

هتي سئيڊن ۾ جنهن يونيورسٽي (ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي) سان منهنجو واسطو آهي ان ۾ دنيا جي سئو کان مٿي ملڪن جا ماڻهو آهن. انهن مان ڪيترن کي دنيا جي ڪرنسي نوٽن گڏ ڪرڻ جو شوق آهي.

پهرين ڏينهن ئي پر واري ڪمري ۾ رهندڙ سينٽ لوسيا ٻيٽ جي همراهه پنهنجي ملڪ جا ٻه ٽي نوٽ ڏئي پاڪستان جي نوٽن جي گهر ڪئي.

مونکي پڪ هئي ته اهڙن هندن تي پاڻ سان پنهنجي ملڪ جون ٽڪليون ۽ نوٽ کڻي وڃجن. سو ٻئي سامان سان گڏ هڪ رپئي، ٻي رپئي ۽ پنجين رپئي جا ڪيترائي نوٽ بئگ ۾ وجهي چڙيا هئم. ايئربورٽ پهچي آخري لمحي تي باقي سئو ڏيڍ سئو رپيا جيڪي هيم انهن جا پڻ مٿيان نندا نوٽ مٽائي اهي ٻٽونءَ ۾ وڌا هئم. هاڻ جڏهن هن همراهه پاڪستاني نوٽن جي گهر ڪئي ته يڪدم هائوڪار ڪري کيسي مان ٻٽون ڪڍي ان مان نوٽ ڪڍڻ لاءِ اچان هٿ وڌم ته يڪدم کو خيال اچي ويو ۽ ٻٽونءَ کي يڪدم بند ڪري چيومانس.

”آءِ ايم ساري! بئگ ۾ نوٽ رکيا اٿم جيئن ئي اڄ سڀاڻ ۾ سامان ڏاهيندس ته توکي ڏيندس“

”بهر حال توهان اسانجي ملڪ جا نوٽ رکي سگهو ٿا. آئون سيني کي ڏيندو اچان“ ۽ پوءِ هو پنهنجي ننڍڙي ٻيٽ جا چمڪندڙ نوٽ منهنجي ٽيبل تي

چڙهي ٻاهر نڪري ويو. ڪا دير آئون انهن نوٽن کي ڏسندو رهيس. توهان شايد اهو سوال پڇو ته ٻئونءَ ۾ موجود هوندي مون هڪ به يا پنجن جا خصيص نوٽ هن کي ڇو نه ڏنا.

مون هن کي نوٽ بلڪل ڏنا ٿي ۽ پرس به ان نيت سان کوليو. پر جيئن مون نوٽ ڪڍيا ٿي ته ڏسان ته هر هڪ نوٽ تي پاڻن جون ڳاڙهيون ڦڪون لڳيون پيون هيون ۽ هوڏانهن هڪ غريب ۽ ننڍڙي ٻيٽ نما ملڪ جي نوٽن سان پنهنجا نوٽ ڀيٽي، ڏيڻ کان هٿ ڪٽي ڇڏيم. نوان نوٽ ته هن جا به نه هئا پر انهن تي اهڙين پاڻن جون ٽڪون لڳل ته نه هيون ان ڪري في الحال هن کي ترسڻ لاءِ چيم جو بئگ ۾ پڻ ڪجهه نوٽ آندا هيم جن مان ضرور ڪيترائي سٺا ۽ صاف سٿرا هوندا.

ان تان مونکي ياد آيو ته گهڻو اڳ جپان ۾ ڪنهن مونکان نوٽ گهريا ۽ جهڙو ڏنامانس ته يڪدم واپس ڪري چوڻ لڳو ”هن تي رت لڳو پيو آهي“. جپان، ٿائلنڊ ۽ ڏور مشرق جي ڪيترن ملڪن ۾ رت لڳل شيءِ کي اگرو ۽ خراب سمجهيو وڃي ٿو.

ڪجهه ڏينهن بعد سينٽ لوسيا ٻيٽ جو همراهه وري اچي نڪتو. ساڻس گڏ برازيل ۽ گئاٽمالا ملڪن جا همراهه پڻ نوٽ بدلائڻ آيا هئا. مون کين وڏي هاڪار ڪري ڪرسين تي وهاريو ۽ پڇتيءَ تان بئگ لاهي ان جي خاني ۾ بند ٿيل لفافو ڪڍي کوليو. ٻه ٽي پنجن جا نوٽ صاف سٿرا هئا پر افسوس جو هڪ ۽ ٻن جي ويهارو کن نوٽن مان هڪ به پان جي چن ۽ ڪٿي يا پڪ کان بچيل نه هو. بهرحال ان جو پورائو ڪرڻ لاءِ مون کين ڪجهه سڪا ۽ ڪجهه ٽڪليون ڏنيون. موڪلائڻ وقت هو پنهنجي پنهنجي ملڪ جا نوٽ ڏيئي ويا. آئون آرام سان ويهي انهن کي غور سان ڏسي رهيو هوس ته ايتري ۾ مونکان هڪ سال اڳ هتي آيل عبدالحميد قاضي منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو. منهنجي هٿن ۾ ٻين ملڪن جا نوٽ ڏسي يڪدم چيائين:

”يار ڪجهه نوٽ اٿئي؟ تون تازو پاڪستان کان آيو آهين. پنهنجو ٻئون ٿولهي ڏس ته ڪو هڪ ٻه نوٽ هجنئي ته مونکي ڏي ته آئون هڪ پورچوگاليءَ

سان چئينج ڪرايان."

"هڪ بہ چا ڊير اٿم"، مون ورائيو مانس، "پر سيني تي پانن جون چاپون لڳل آهن. سو اهڙا نوٽ ڏيڻ سان پنهنجي ملڪ جي ناموس بدران بي عزتي ٿيندي."

قاضيءَ مونسان تاڙي ملائيندي چيو: "واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي. نوٽ تہ مون وٽ بہ پيا آهن پر اهڙا گدلا ۽ Smelly آهن جو ڪنهن کي ڏيڻ تي دل نٿي چوي."

## هٽي جو سيءُ

سڪينڊيني ٽوڙي اتر يورپ وارن ملڪن ناروي فنلينڊ وغيره ۾ ايڏو سيءُ ٿئي ٿو جو اونهاري ۾ بہ پنکي (Fan) جي ضرورت ناهي. ان ڪري توهان کي ڪنهن بہ گهر يا آفيس ۾ نہ ڇت جو پکو نظر ايندو نہ پٽ جو.

هتي جي ٿڌين هوائن ۽ سيءَ جو اهو عالم آهي جو هر گهر، آفيس، دڪان توڙي بس جي دريءَ جو ڊبل شيشو ٿئي. اهو ان ڪري تہ جيئن هڪ ڀڃي پئي تہ جيسين ان جي مرمت ٿئي تيسين ٻيو بچاءَ لاءِ هجي. هتي جي بس توڙي گهر جي دريءَ جو هٿ جي ماپ جيترو شيشو بہ ڀڃي پوي تہ ان ڪمري توڙي بس ۾ ماڻهو ڪلاڪ لاءِ بہ گهر جي ڪپڙن ۾ نہ ويهي سگهي. سڪينڊن ۾ تہ ان لاءِ سخت قاعدو آهي تہ غريب توڙي امير کي دري يا روشندان ۾ بہ شيشا هٽائڻا آهن. فنلينڊ ۾ اهڙو قانون ناهي ۽ اتي ڪيترين ئي هوٽلن ۽ گهرن ۾ ڏٺم تہ ٻٽي بدران اڪيلو شيشو لڳل هو.

"اهو تمام خطرناڪ آهي خاص ڪري شرابي ماڻهوءَ لاءِ". اسانجي فنلينڊ آفيس واري هڪ همراه ٻڌايو.

"شيشو ڀڄڻ تي ڪمرو يڪدم برف جهڙو ٿڌو ٿيو وڃي. بلڪ سياري ۾ تہ جڏهن ٻاهر جي ٿڌ ڪاٽو ڏهہ ٻارنهن آهي ڪمرو برف کان بہ گهڻو گهڻو ٿڌو ٿيو وڃي. هاڻ نارمل ماڻهوءَ جي تہ سيءَ ۽ ٿڌي هوا ۾ يڪدم اک کليو وڃي ۽ ڪمري مان ڀڄيو جان بچائي ٿو پر شرابي ماڻهو ننڊ ۾ غش ٿيو پيو هوندو آهي. ويتر سيءَ ۾ وڌيڪ نشو ۽ گهيرٽ چڙهي ٿو. پوءِ صبح جو

هئي ڪمري ۾ رهندڙ اچي ڏسندس ته ويچاري جو ساھ ته هليو ويو پر سچو ڪلفي ٿيو پيو آهي.

بسن ۾ ہتا شيشا ٿين پر اهي چوڌاري ڦاٽل (Sealed) رهن باقي گهرن جي درين مان هر ڪمري جي هڪ دريءَ جو شيشو هڪ هڪ ڊگري ٿي Maximum فقط پنج ڊگريون کلي ۽ هر ڊگري تي لاڪنگ جو بندوبست ٿئي جيئن جيتري دري کولجي اوترو ئي ڪليل رهي. اهي پنج ڊگريون جيتوڻيڪ گهٽ وٽي آهي،پر ايتري دري به اونهاري ۾ ڪنهن ورلي ڏينهن تي کولبي آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي جو اونهارو اسانجي سياري کان به گهٽو ٿڌو آهي.

## عربن جي ڪيڪار

اسان وٽ هڪ ٻئي سان ملڻ وقت ”اسلام عليڪم“ چئي ڪيڪارڻ هڪ عام ڳالھ آهي. هتي سئيڊن ۾ سعودي عرب توڙي جاردن، مصر، گلف جا ڪيترائي رهن ٿا. جن سان ملڻ وقت اسان ويتر شد مد سان اسلام عليڪم چئي ڪيڪاريون ٿا. پر آئون ڏسان پيو ته هو جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿا ته اسلام عليڪم بدران ”حياڪلا“چون ٿا.

ان ڳالھ جو مونکي پهرين خودبخود خيال نه آيو،پوءِ هڪ ڏينهن ڪوپن هيگن ۾ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي جي پٽ محمد علي سان عربن بابت خبرون ڪري رهيو هوس ته اسين پاڪستاني وتون هنن لاءِ مرندا هو ته اسان کي پڇن به ڪو نه ٿا.بلڪ اسانکي هر معاملي ۾ ڇٽ ۽ چسو ٿا سمجهن. محمد علي سعودي عرب ۾ ڪافي سال نوڪري ڪري چڪو آهي اڄ ڪلھ هتي (ڊنمارڪ ۾) پاڪستان ايمبسي ۾ قونصلر آهي تنهن ڪلندي چيو:

”اسين پاڪستاني وتنداسين اسلام عليڪم اسلام عليڪم چوندا هو ورلي ڪو سلام ڪن. ملندا ته هڪ ٻئي کي چوندا ”حيا ڪلاه““

”واھ جي ڳالھ ڪئي“، ان وقت مون سندس ڳالھ جي تصديق ڪئي، ”اهو مون پڻ نوٽ ڪيو آهي. پاڻ ايراني سلام به ڪندا ۽ خدا حافظ به چوندا پر عرب نه.“

”خير عربن کي ھاڻ ڪھڙي، خبر خدا حافظ جي. اھو فارسي لفظ آھي. اھڙي طرح خوش آمديد، شب خير، شادباد وغيره وغيره فارسيءَ جا لفظ آھن جن جي غريب عربن يا بنگالين کي ڪھڙي خبر،“ محمد عليءَ مونکي سمجھايو.

## پورچوگالين جا ڏکيا نالا

ھڪ دفعو پنھنجي پورچوگالي ساٿيءَ کي سندس ڏکي نالي ڏي ديان ڇڪائي چيم:

”جيمي! تنھنجو نالو (پيڊرو دي فگرڊو جيمي ليچا ويگا) ايڏو وڏو ڇو آھي؟“

”فقط منھنجو نالو وڏو ناھي. گھڻو ڪري سيني پورچوگالين ۽ اسپيني مائھن جو نالو وڏو ٿئي“ ھن ورائيو.

ان وقت ڪاسٽا ريڪا (وچ آمريڪا جي ملڪ) جو جارج لنگھي رھيو ھو. ان ڏي اشارو ڪري جيمي چيو:

”وچ آمريڪا توڙي ڏکڻ آمريڪا جا ھي اسپيني يا پورچوگالي زبان ڳالھائڻ وارن جو نالو تہ اسان کان بہ وڏو ٿئي.سندن نالي ۾ سندن نالو، پيءُ جو نالو، پيءُ جي ذات، ماءُ جو نالو ۽ ماءُ جي ذات اچيو وڃي.ڪي تہ انکي بہ مڪمل نہ سمجھن ۽ پنھنجو ڪو تخلص يا پورچو گال يا اسپين جي ڳوٺ جو نالو بہ ڳچين جتان سندن وڏا لڏي آمريڪا آيا. جيئن: انٽونيو مئنيوئل سرفام دي سلورا مريم پنھرو.“

”يلا ان ۾ سندن نالو ڪھڙو تيو“ مون پڇيو.

”الطاف! ڏاڍو ڏکيو ڪم آھي. سچ تہ ڪيترن نالن ۾ اھا بہ خبر نٿي پوي ڪھڙو نالو سندس پيءُ جو آھي ڪھڙو ماءُ جو ڪھڙو ڳوٺ جو“ ھن ڪلندي ٻڌايو.

”پر پھريون نالو تہ سندس ٿي ھجڻ کپي“ مون چيو .

”نہ نہ،“ جيميءَ يڪدم درستي ڪئي، ”جيئن منھنجو نالو جيمي اڳيان نہ پر وچ ۾ آھي. ڪي اڳيان بہ رکن ڪي وري شھر جو اڳيان رکن.

بهرحال هر هڪ جو نالو وڏو مونجهارو ٿئي ٿو.“

پڙهندڙ ان جو اندازو هن مثال مان لڳائي سگهن ٿا.جنهن کي ڪنهن پورچوگالي نالي جو پاڪستاني Version چئي سگهجي ٿو:

”گلشن اقبال نسيم بدر يوسفي نذير روشن“ هاڻ ان نالي ۾ اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ڪهڙو نالو ڪنهن جو آهي. ڪراچي جي ماڻهن کي تہ ڪٿي خبر هوندي تہ گلشن اقبال هڪ علائقي جو نالو آهي جتان جو هي همراهہ آهي پر باقي نالن ۾ ڪهڙو نالو همراهہ جو آهي ڪهڙو سندس ماءُ پيءُ جو. ۽ آيل مٿئين نالي وارو مرد آهي يا عورت؟ جو سيئي نالا: نسيمہ، بدر، نذير ۽ روشن مردن جا بہ ٿي سگهن ٿا تہ عورتن جا بہ. بلڪہ اڻ واقفڪار تہ اهو بہ سمجهي سگهي ٿو تہ همراهہ جو نالو گلشن آهي ۽ پٽ يا ڌيءَ اقبال جي آهي.

## مسلمانن جا ڪم

سئيڊن (توڙي اسڪئنڊينيويا جي ٻين ملڪن: ناروي، ڊئنمارڪ ۽ فنلئنڊ) ۾ حڪومت جي سوشل سڪيورٽي طرفان بي روزگار کي جيسين نوڪري ملي تيسين ايترو پئسو ملي ٿو جنهن مان هن جي زندگي جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿي سگهن ۽ اهو بي روزگاريءَ جو الائونس نہ فقط مرد پر زال کي پڻ ملي ٿو جو هنن ملڪن ۾ زال ۽ مڙس کي برابر سمجهيو وڃي ٿو.

جيڪي نوڪري ۾ آهن، چاهي سرڪاري يا خانگي نوڪريءَ ۾ تہ انهن کي پنجاهہ پنجونجاهہ سالن جي عمر تي پهچڻ تي ڪين پينشن ملي ٿي جيڪا اصلي پگهار جو اڌ ٿئي. مثال طور ڪنهن زال مڙس کي نوڪري ناهي تہ هر هڪ کي ڇهہ هزار ڪن ڪرونا ماهوار ملن ٿا ۽ جي زال ڪنهن دڪان تي سيلز گرل آهي يا ڪنهن ڪارخاني ۾ ڪم ڪري ٿي ۽ پگهار چوڏهن هزار ڪرونا اٿس تہ پنجونجاهہ سالن جي ٿيڻ تي ڪيس ست هزار پينشن ملي ٿي. ڪنهن کي نوڪريءَ مان جواب ملي وڃي تہ ڇهہ هزار بيروزگاري الائونس ملڻ شروع ٿيو وڃي. پر نوڪري دوران هن جو ڪو اهڙو جسماني يا ذهني حادثو ٿئي جنهن تحت هو نوڪري ڪرڻ جي قابل نہ رهي تہ پوءِ پينشن جي عرصي تي پهچڻ تائين هن کي پورو پگهار ملي ٿو.

هتي جا اصلي باشندا سئيڊش اها ئي كوشش كن ٿا تہ هو حكومت (سوشل سكيورٽي وارن) كان پئسو وٺڻ بدران نوكري كري ٽئكس طور حكومت كي ڏيندا رهن جيئن حكومت ۽ سندن ملڪ ترقي كري. پر هاڻ گذريل ويهارو سالن كان جڏهن عرب، آفريكا ۽ ايشيا جا ماڻهو پنهنجن ملكن ۾ٿيندڙ سياسي ظلمن كان ڀڄي هتي پناهہ اچي ورتي آهي تڏهن كان هتي جي ان سهوليت كي غلط طريقي سان استعمال كرڻ شروع كيو ويو آهي. ان سهوليت جو ناجائز فائدو وٺڻ وارا هن ملڪ(سئيڊن) جا باشندا نہ آهن پر مٿين ذارين ملكن جا آيل آهن. خاص كري اسان جا ايشيائي جن ۾ گهڻائي عراقين، شامين، فلسطينين ۽ پاكستانين جي آهي.

”ايراني بہ تہ هتي جام نظر اچن ٿا؟“ مون كيٽرن كان ان بابت راءِ پڇي.

”ايراني محنتي قوم آهي. هو عربن يا پاكستانين وانگر ٺوٺي تي مفت جو پئسو ڦٻائڻ نٿا چاهين. كابہ نوكري ملندن تہ كندا رهندا. نوكري نہ تہ كو پورهيو يا ڌنڌو ڌاڙي كندا. ٻيو نہ تہ ميوو يا ڀاڄيون وكڻندا. اهڙي طرح انڊين ۽ بنگالي پڻ“. سئيڊن ۾ جيكي پاكستاني رهن ٿا، انهن ۾ فقط چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڊاكٽر انجنيئر ۽ ماستر آهن. اهڙا ويهارو كن پنهنجا دكان ۽ ڌنڌو هلائين ٿا ۽ ٽيهارو كن وزير سومري، عبدالواحد، دائود جهڙا حق حلال جي نوكري يا پورهيو مزوري كري روزي كمائين ٿا باقي جيكو ڏسندائو اهو مفت جي پئسي پوپان هوندو. پڙهيل لكيل يا كنهن هنر جو ڄاڻو نہ هوندو، پر خواب وڏي نوكريءَ جا ڏسندو. سئيڊن جهڙي ملڪ ۾ تہ پڙهيل ڳڙهيل بہ پيا ٽركون هلائين ۽ ٻهارا ڏين ڇو جو هن ملڪ ۾ ماڻهوءَ جو درجو ايمانداريءَ سان پورهيو كرڻ تي آهي. پوءِ چاهي هو ڊاكٽر انجنيئر هجي يا ماستر نرس. هتي جي كيٽرن وڏن آفيسرن جون زالون نرسون ۽ اسكول ۾ صفائي كرڻ واريون آهن. پر ان كي خراب نٿو سمجهيو وڃي. پر توهان سئيڊن ۾ اچي ڏسو صبح جي وقت بہ جڏهن سڄو ملڪ ڊيوٽي تي هوندو آهي عرب ۽ پاكستاني مرد توڙي عورتون بس اسٽاپن توڙي دكانن

اڳيان وقت وڃائيندي نظر ايندا. نوڪري يا پورهيو حاصل ڪرڻ بدران بي روزگاريءَ جي الائونس تي ڪڳيون هڻندا وتندا. هن ملڪ ۾ هر ٻار تي وڏو الائونس ملي ٿو ۽ ٻار ڄڻڻ تي جيئن ته ڪا تڪليف ناهي(خاص ڪري مرد حضراتن کي، عورت جو خانو خراب ٿئي ته ٿئي) سو گهٽي کان گهٽا ٻار ڄڻي ان ذريعي سان پئسو ڪمائيندا ۽ فخر محسوس ڪندا. ڪيترن کي ته نوڪري يا ڌنڌو ملندو ته يڪدم اها ڪوشش ڪندا ته ڪنهن نموني سان پاڻ کي بيمار Unfit ثابت ڪري سڄي عمر گهر ويٺي سڄو پگهار حاصل ڪجي. پوءِ ڪو چوندو منهنجيون اکيون خراب ٿي پيون آهن ڪو چوندو ته منهنجي دل ٿي ڌڙڪي. ڪيترن جو ته اهو عام بهانو هوندو آهي ته هڏن ۾ سور (Rheumetism) ٿي پئي اٿم يا پٺيءَ جو سور (Back Ache) اٿم. جنهن ڪوڙ کي ڪو ڊاڪٽر به ثابت ڪري نه سگهي. هتي جا ماڻهو ۽ حڪومت ته ايڏي شريف ۽ سادي آهي جو سندن ملڪ ۾ رهندڙ هر انسان جي ڳالهه تي يقين ڪري ٿي. يا گهٽ ۾ گهٽ هيستائين ڪندي آئي.هاڻ آهستي آهستي، اسان جي ڪڌن ڪرتوتن ڪري، هنن سختي شروع ڪئي آهي.

هن ملڪن ۾ مٿئين قسم جا غلط ڌنڌا فقط عربن ۽ پاڪستانين جا نه آهن پر ڏکڻ آمريڪا ۽ آفريڪا جي ڪن ملڪن جي پناه وٺندڙن جا پڻ آهن. پر انهن ماڻهن جو تعداد تمام گهٽ آهي ۽ اسانجي ماڻهن جا اهي ڪم قابل ندامت ۽ ندڻ جوڳا ان ڪري آهن جو اسين مسلمان آهيون ۽ اسلام ڪڏهن به ائين ڪوڙي نموني سان دوکي ۽ دولاب سان پئسو ڪمائڻ لاءِ نٿو چوي. اسلام ڪڏهن به پنڻ جي همت افزائي نٿو ڪري.

اسانجي بلڊنگ جي هيٺين فلور تي هڪ چاليهه پنجيتاليهه ورهن جو پاڪستاني همراهه اڪيلي سر رهي ٿو. هر وقت ڏاڙهي وڌيل ۽ ميرا ڪپڙا هوندس. وهنجڻ کي ته ڪي ڏينهن ٿي ويا اٿس (جيتوڻيڪ هتي هر هڪ جي گهر ۾ سرڪار طرفان گرم ۽ تازي پاڻيءَ جو مفت بندوبست آهي). سندس وارن ۾ جڻ ته ڏامر ڦاٽو پيو هوندو آهي. ميرن ڪپڙن مٿان هڪ چلهي جهڙي جئڪيٽ پائي هلندو آهي. ان جئڪيٽ جي پٺيان انگريزيءَ ۾ وڏن اکرن ۾

SWEDEN MADE BEGGER لکيل آهي جيڪو سڀ پڙهندا آهن. اوڙي پاڙي جا ڪيس پاڪستاني پاڳل چون.

هڪ ڀيرو دفعو مون خبر چار ڪئيمانس تہ ڳالهيون تہ وڏي عقل جون ڪيائين.پاڻ ويهن سالن کان هتي رهيل آهي. سندس سڃاڻپ (پاڪستانين) ڪان پڇيم تہ هيءَ ڪهڙي فلم آهي. ڇا واقعي ڇريو آهي جيڪو پوز هٽي ٿو.

”نہ نہ. بلڪل صحيح آهي اسان کان بہ وڌيڪ سياڻو آهي“. هنن ٻڌايو.

”تہ پوءِ هي انعال ڪري ڇو پيو هلي؟“ مون پڇيومان.

”حڪومت مان مال ڪڍڻ لاءِ.“ هڪ ٻڌايو.

”اهو ڪيئن-؟“مون پڇيومانس.

”نوڪريءَ ۾ هو. سئو پگهار پٽي مليس. پر ٿوڙي آهي سو ڪيئن گهر ويٺي پئسو حاصل ڪري- انلاءِ هن بيماريءَ جو بهانو ڪيو.“

”ڪهڙي بيماريءَ جو؟“ مون پڇيو مانس.

”پهرين تہ هڏن جي سور جو ڪيائين،“ هتي رهندڙ هڪ پاڪستانيءَ ٻڌايو، ”پر پوءِ ميڊيڪل بورڊ جڏهن ڪيس ٺيڪ ٺاڪ ثابت ڪيو تہ هاڻ پاڻ کي ذهني مريض سڏائي ٿو. ان لاءِ بہ ٽي دفعا حڪومت نفسيات جي ماهرن ۽ دماغ جي ڊاڪٽرن کان تپاس ڪرايو اٿس. جن رپورٽ ۾ڪيس چاق چڱو ڀلو ظاهر ڪيو آهي. پر هن جو ضد آهي تہ ڪيس ڪنهن نموني سان بيمار قرار ڏئي گهر ويٺي هر مهيني سڄو پگهار ڏيندا رهنس“.

هتي طلاق تي زال کي حڪومت طرفان هڪ الائونس ملي ٿو جنهن بابت هن کان اڳ بہ لکي چڪو آهيان. هاڻ ان الائونس کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن پاڪستانين Officially رجسٽريشن آفيس ۾ طلاق لکرائي آيا آهن ۽ انهن مان جو تعداد ايترو تہ وڏي ويو آهي جو سرڪار کي بہ خبر پئجي وئي آهي تہ ٺڳيءَ ذريعي منجهانس پئسو ڪڍيو پيو وڃي. ۽ خاص ڪري اهي غير مسلم (عيسائي، هندو، يهودي وغيره) جن کي اسلام جي ڄاڻ آهي اهي اهڙن مسلمانن جا غلط ڪم ڏسي سڄي عالم اسلام تان ڪلن ٿا. ڪين اسلام

۽ مسلمان خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ جو موقعو مليو ٿو.

هڪ اڻ پڙهيل ۽ بي هنر پاڪستانيءَ کي چيم:

”مون ٻڌو آهي توکي مالهيءَ جي نوڪري ملي آهي، پر تون ڪرين نٿو؟“ مون پڇيو مانس.

”سائين اهڙي نوڪري مونکان نہ ٿيندي. هاڻ اهو ٻہ ڪو ڪم جو پبلڪ پارڪ مان آئون پن صاف ڪريان“ هن وراڻيو.

”پر هتي جا رهاڪو بہ تہ اهو ڪم ڪندا رهن ٿا. ويندي گٽر بہ تہ صاف ڪن ٿا. حلال جي پورهئي ۾ ڪهڙو عار آهي. خاص ڪري هھڙي ملڪ ۾ تہ ان کي خراب سمجهيو نٿو وڃي“. مون سمجهايو مانس.

”نہ سائين جيڪڏهن گٽر صاف ڪرڻا آهن يا مالهيءَ جو ڪم ڪرڻو آهي تہ پنهنجي ئي ملڪ نہ هليو وڃان“ هن حقارت مان چيو.

دل ۾ مون سوچيو تہ هيترن سالن کان تون ۽ تنهنجي زال هر مهيني ڇهہ ڇهہ هزار بيروزگاريءَ جو الائونس گهر ويٺي وٺنا ڪاٿو جيڪو پنجيتاليهہ هزار ڪرونا ربيا ٿئي ٿو باقي پورهئي کان اگهوٺو. نہ پڙهيل لکيل آهيو نہ ڪو هنر ٿو اچانوَ. اهڙي ماڻهوءَ کي تہ پنهنجي ملڪ ۾ بہ مالهي يا گٽر صاف ڪرڻ جهڙو ڪم نہ ملندو ۽ اهڙا جي واقعي غيرت وارا آهيو تہ ڊارئين ملڪ ۾ رهڻ بدران پنهنجي ملڪ ۾ هليا وڃو.

۽ اها سوچ فقط منهنجي نہ پر هتي جي اصل باشندن جي اسان لاءِ ٿيندي وڃي تہ اسين ڪهڙا ماڻهو آهيون.

هڪ ٻيو پاڪستاني پر واري بلڊنگ ۾ رهي ٿو. هو ۽ سندس زال نہ فقط سرڪار کان بيروزگاريءَ جو پتو وٺن پر ڪوڙي طلاق جو بهانو ڪري طلاق جو الائونس بہ وٺن. ٻيا سمجهائيندا اٿس تہ ائين ٺڳي دولاب سان پئسو هٿ ڪرڻ غلط ڪم آهي تہ چوندو آهي:

”هن ملڪ جو قانون آهي ۽ قانون جي دائري اندر پئسو حاصل ڪري رهيو آهيان. ڀلي مونکي پڪڙي ڏسن.“

ڪنهن چيس: ”اسلامي طرح تو ڪٿي ٽي طلاقون نہ ڏنيون آهن پر

سرڪاري طرح رجسٽريشن آفيس ۾ ائين طلاق لکائي وٺڻ حرام آهي.“

”اڙي ڀائي هي يورپ آهي،“ هو وراڻيندو آهي، ”بي ايماني سان پئسو وٺان ٿو پر ان مان خيرات به ته ڪريان ٿو.“

سندس بلڊنگ ۾ رهندڙ اسانجو هڪ بنگالي دوست هن همراهه لاءِ چوندو آهي ته جهڙو سندس اسلامي نالو آهي اهڙو ئي اسان مسلمانن کي شرمايو اٿس. سڄي جهان جون برايون ڪندو ۽ پوءِ بقر عيد تي بازار مان ورتل گوشت جو ذرو ذرو هر هڪ جي گهر ۾ ورهائي اسان کي ٽوڪيندو ويندو ته ”مسلمان آهيو قرباني ته ڏيندا ڪريو.“

## سڀني جي دعوت

اسان جي پير واري بلاڪ ۾ رهندڙ فلسطيني عرب عمر سلام هر وقت بزي ۽ پيچ ڊڪ ۾ رهي ٿو. ڇا ڪري ڪيس هر وقت ڍهه ڪم هوندا آهن. نوڪري الڳ ڪري، مذهبي ۽ خير جا ڪم الڳ ڪري. ان کان علاوه دوستن يارن سان ملڻ جلڻ ۽ ڪاڌي خوراڪ جو شوقين آهي.

ڪيس فرينچ، عربي، انگريزي ۽ هتي جي زبان سئيڊش اچي ٿي سو ڪنهن نيم سرڪاري فرم ۾ مترجم جا فرائض انجام ڏيندو آهي. ڪنهن عرب ملڪ کان ڪو ڊيليگيشن هتي سئيڊن ۾ مشينري وٺڻ لاءِ ايندو آهي ته سندن ڳالهه ٻولهه هي ترجمو ڪري ڪين ۽ هتي جي ڪارخانيدار کي ٻڌائيندو آهي. ڪي ڪاغذ پٽ سئيڊش مان عربي يا فرينچ ترجمو ڪرائڻا هوندا آهن يا هتي جي ڪنهن سئيڊش پارٽي کي انگلنڊ ۾ رهندڙ ڪنهن انڊين پاڪستاني دڪاندار سان لهه وچڙهه ۾ اچڻو آهي ته هڪ ٻئي جي ڳالهه سئيڊش ۽ انگريزيءَ ۾ هي سمجهائيندو آهي. ان نوڪريءَ مان هن کي ڪافي پگهار ملي ٿو.

نوڪريءَ کان علاوه شام جي وقت پرائيويٽ ڪم به ڪندو آهي. يعني اهو ترجمو ڪرڻ جو. ملڻ تي ڪيترين ئي دلچسپ ڳالهيون ٻڌائيندو آهي. هڪ ڏينهن پنهنجن عربن کي گاريون ڏيندو رهيو. پڇيو مانس ڇو يلا؟ ”بس يار اسان مسلمانن جو به ڪارو آهي منهن ٿيو“. وراڻيائين. ”ڪنهن عرب

سان جهيڙو تي پيو؟“ مون پڇيو مانس.

”نہ جهيڙو تہ ڇا ٽيندو . اڄ هڪ سعودي عرب ڪان پارٽي آئي. هنن کي هتي جي ڪجهہ مشينري وٺي پنهنجي ملڪ ۾ هلڻي هئي. هي سئيڊش بہ استاد آهن ۽ اسان جي ڪمزورين مان واقف آهن سو هنن هڪ ٺاهوڪي رن اڳيان ڪري ڇڏي. عرب شيخ جي اصل ڳگ پئي ڳڙي. نہ قيمت تي بحث ڪيائين نہ مشين جي ڪارڪردگيءَ تي. ڪيڏو اشارن ڪناين ۾ سمجهايانس پر اصل اک ڇوريءَ ۾ هجيس. مشينريءَ جو تہ سودو ڪيائين پر هن ڇوريءَ کي هتي جي پگهار ڪان بہ ٻيڻ ٽيڻ جي آفر ڪري پاڻ وٽ گهرايو اٿس“ . عمر سلام ٻڌايو ۽ پوءِ ٿوري دير ساهہ پٽي چيائين، ”اوسي پاسي جا فلسطيني ۽ يمني عرب يا ٻيا غريب مسلمان پلي بک پيا مرن پر هي آهن سو عياشيءَ ۾ وڃن مال ملڪيت لٽائيندا.“

پاڻ سئيڊن يا ٻيا واري ملڪن ڊنمارڪ ۽ ناروي ۾ رهندڙ مسلمانن جون تڪليفون ۽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پاڻ جهڙن ٻين هم خيالن جون تنظيمون ٺاهي هر وقت ماڻهن جي مدد ڪندو رهي ٿو. مذهبي بہ تمام پڪو آهي. نماز پڙهڻ سان منٿ ڪندو پر پڙهندو ضرور. پوءِ چاهي نماز جي وقت گهر، آفيس يا رستي تي هجي. ڪوشش ڪري هر وقت وضوءَ ۾ رهندو. جهڙو پاڻ مذهب جو پابند آهي اهڙي سندس زال ۽ ٻار آهن. سانجهي نماز تي يڪدم ٻارين ٻچين هڪ ئي وقت قطار ٺاهي نماز شروع ڪري ڏيندا. پنيان پلي گهر جا درڪليا پيا هجن يا در تي ڪو پيو بيل وڄائي ۽ سڏ ڪري، ٽيليفون جون گهنٽيون وڄنديون رهن. جيسين نماز پوري نہ ٿئي سندن نندو پٽ خضر بہ نہ اٿندو. نماز واريون گهڙيون ڄڻ هن دنيا ڪان جسماني ۽ ذهني طرح Cut Out ٿي ويندا آهن.

سندس خاص بہ شوق آهن. هڪ مذهبي ماڻهن سان ملڻ ۽ ٻيو شڪار ڪرڻ. شل نہ خبر پويس تہ ڪنهن ملڪ مان ڪو عالم دين سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ پهتو آهي. يڪدم ان سان ملڻ ۽ حال احوال وٺڻ ويندس. بلڪ ان ڪم لاءِ تہ ڪوپن هيگن ڏي بہ رخ رکندو آهي. ڪيترا دفعا مونکي بہ وٺي

هليو آهي. باقي شڪار تي هلڻ لاءِ تنائي ويندو آهيانس.

”نہ يار! ههڙي برف ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڻ پٽ يا جهنگ Woods ۾ سهي يا هرڻ لاءِ ڪير ڊوڙندو“.

”تون هڪ دفعو تہ هلي ڏس، هيترا دفعا چيو اٿمانءِ“ عمر چوندو آهي.

”توڪان وڌيڪ منهنجي ننڍپڻ جي دوست محسن پنهور چيو هوندو پر ان ڪي بہ چوندو آهيان تہ شڪار تون ڪري اچي کهاڻي ٻڌاءِ تہ اها آئون لکان.“

”چڱو پلا کهاڻي تہ نہ پر ان جو گوشت آڻي ڏيندو سانءِ“ عمر سلام چوندو آهي.

سئيڊن ۾ سها، وڏن سنگن وارا هرڻ (Reindeer)۽ بگهڙ جام ٿين ٿا. جن جي شڪار لاءِ ڪي مهينا مقرر هوندا آهن، جن ۾ اهي ماڻهو شڪار ڪري سگهن ٿا جن ڪي لائسنس مليل هوندو آهي ۽ لائسنس فقط وڏن ماڻهن ڪي نہ ملندو آهي پر هر ماڻهو مقرر فِي ڏئي لائسنس وٺي سگهي ٿو. پوءِ ڪي شوق خاطر شڪار ڪندا آهن ڪي روزگار خاطر. يعني هرڻ يا سها ماري انهن جو گوشت وڪڻندا آهن.لائسنس فِي، ٽئڪس ۽ گولين چيرن جي قيمت ڪڍڻ بعد پوءِ ڪڏهن فائدي ۾ رهن تہ ڪڏهن نقصان ۾.

هڪ ڏينهن صبح جي وقت عمر سلام مليو. پري کان ئي رڙ ڪري چيائين:” سهي جو گوشت کائيندين؟“

”ڪٿان مليو اٿئي چا-؟“ مون پڇيومانس.

”نہ.“ عمر ٻڌايو، ”اڄ آئون سهن جي شڪار تي وڃي رهيو آهيان. پنجين ڇهين موٽي ايندس ۽ ڪجهہ سها موڪلي ڏيندو سانءِ.“

مون بہ يڪدم پنهنجن پاڪستاني ساٿين ڪئپٽن سليم ۽ جهازي انجنيئر راحت کي رات جي مانيءَ لاءِ دعوت ڏني. شام کان بصر ڪٽي ويٺا رهياسين. پنج ٿي ڇهہ ٿيا. ڇهہ ٿي ست. عمر جو نہ هي پتو هو نہ هو پتو. آخر ۾ بصرن ۾ بيضا وجهي آمليٽ ڪري کاڌوسين.

ٽن چئن ڏينهن بعد صبح جو آفيس ويندي جڏهن عمر مليو تہ پهرين تہ سهن واري ڳالهہ ياد ٿي نہ آيس پوءِ ٻڌائين: ”سائوٿ آفريڪا کان هڪ مولوي ڪوپن هيگن اچي ويو سو شڪار جو پروگرام ڪئنسل ڪري واعظ ٻڌڻ لاءِ ڪوپن هيگن هليو ويس“.

بهرحال عمر سلام کان اڳ ئي ٽيندو رهندو آهي ۽ اسان دل ۾ نہ ڪندا آهيون. ان ڪري جو جيئن پهرين ٻڌائي آيو آهيان تہ هن جي مغز ۾ هر وقت ڏهہ ڪم هوندا آهن. هڪ ڪم لاءِ پيو ويندو تہ اوچتو ٻيو ڪو اهم ڪم ياد پئجي ويندس تہ پهريون ڇڏي ٻي ڏي رخ ڪندو آهي. گهر وارا بہ سندس ان عادت سان ٺهي ويا آهن. بس فقط ٻن ڳالهين ۾ وعدي خلافي يا ڪوتاهي نہ ڪندو آهي. نوڪري ۽ نماز ۾. نوڪريءَ جو هڪ هڪ منٽ ڊيوٽي ڏيندو. ”ان جو مونکي پگهار ملي ٿو. منهنجو فرض آهي تہ چڱيءَ طرح نوڪري ڪري اهو پگهار حلال ڪري کان.“

۽ نماز لاءِ چوندو آهي تہ ان لاءِ هر بندو ٻڌل آهي تہ ڏينهن ۾ پنج دفعا پنهنجي پالڻهار اڳيان جهڪي. چاهي هو بيماريءَ جي بستري تي هجي يا مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هجي. ان ڏينهن جو ٻڌايومانس تہ مونسان گڏ منهنجا دوست بہ سهي جي گوشت جو انتظار ڪري رهيا هئا تہ ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. مون چرچن ۾ چا ڪٽي چيو يڪدم چيائين: ”الطاف اڄ انهن کي منهنجي گهر گهراءِ تہ ماني مون وٽ اچي کائين. اڄ توهان کي مون ٻاران رات جي ماني‌ءَ جي دعوت آهي.“

بهرحال جڏهن منهنجي نہ مڃيائين ۽ گهڻو زور ڪيائين تہ ايترو چيومانس تہ گهڻي تڪليف بدران فقط هڪ ٿي ٻوڙ ٺاهرائي. هونءَ تہ هن پاسي جا ماڻهو اسان وانگر دعوتن ۾ ڪيترا گيهہ تيلن وارا ڊش ٺاهي پنهنجي پيٽ يا پئسي جو خانو خراب نہ ڪندا آهن. وڌ ۾ وڌ سلاد سان گڏ ٿوري مڇي يا گوشت جي ٽڪي فراءِ تيل ۽ ڊبل روٽي هوندي آهي. وڌو چيهہ تہ ان سان گڏ پاڻيءَ ۾ اوٻاريل پٽاٽا يا ڪا سائي ڀاڄي. شادين مرادين ۽ وڏين دعوتن ۾ بہ اهو مينو هلندڙ آهي. سال جي آخر ۾ اسانجي يونيورسٽي ۾ ڊگريون ڏيڻ واري

ڪنووڪيشن ۾ شهر جي وڏي هوٽل ۾ جيڪا ڊنر ٿيندي آهي ۽ ملڪ جا وزير، سفير ۽ وڏا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن انهن جي لاءِ به اهوئي مينو هوندو آهي. پر عمر سلام اسان پاڪستانين وانگر سڄي ميز کي ڀوڄن سان سجائيندو آهي. عمر سلام پلي ايڏا وڏا اهتمام ڪري جو هن جو پگهار به وڏو آهي. پورهيو به سڄو ڏينهن ڪري ٿو ۽ ٻي ڪنهن ڳالهه تي خرچ نه اٿس. نه ڪپڙن گندين تي، نه ڪار ٽيليفون تي، نه جاءِ جڳهه تي. سندس زندگي هر پهلوءَ کان سادگيءَ جو مثال آهي پر دعوت ۾ وڏو خرچ ۽ خوشي محسوس ڪري ٿو پوءِ جيتوڻيڪ پاڻ گهٽو نٿو کائي. منهنجي زور ڀرڻ تي وعدو ڪيائين ته ڪو گهٽو رڌ پچاءُ نه ڪندو.

"الطاف! هرڻ جو گوشت کاڌو اٿئي؟"

"ها." ورائيو مانس.

"ڪٿي ؟" پڇڻ لڳو.

"ملائيشيا ۾" جواب ڏنومانس.

"آئون هتي جو پڇي رهيو آهيان."

"نه.هتي نه کاڌو اٿم."

" ته بس پوءِ اڄ رات توهان کي هتي جي هرڻ (Reindeer) جو گوشت کارائيندس".

## هرڻ جي دعوت

رات جي مانيءَ لاءِ پنهنجن پاڪستاني دوستن کي اچڻ لاءِ چيم پر ان ڏينهن ايڏي ته برف وسندي رهي جو شام تائين پبلڪ ٽرانسپورٽ به بند ٿي وئي. چوڌاري ايڏي برف ٿي وئي جو رستن جي خبر نه پئي پئي. شام ڌاري عمر سلام جي گهر فون ڪري پڪ ڪيم ته آيا ماني آهي يا عمر سلام کي ڳالهه ڪرڻ وسري وئي. ۽ جي وسري وئي هجي ته اهو ته ڏاڍو سٺو.پر سندس زال ٻڌايو ته نه فقط ڊنر جوپروگرام پڪو آهي پر ماني تيار به ٿي چڪي آهي. "ڪجهه مون گهر ۾ ٺاهي آهي، ڪجهه اسانجي هڪ ٽيونيشيا جي سائيءَ تيار ڪئي آهي ۽ عمر اوڏانهن کڻڻ لاءِ ويو آهي."

اهو ٻڌي آئون يڪدم پنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ ملائيشيا جي دوست ڪئپٽن رضا علي ۽ بنگلاديش جي ڪئپٽن حبيب وٽ ويس. ٻنهي ٻڌڻ شرط ئي نه ڪئي جو مانيءَ جو ٽائيم ٿي ويو هو ۽ گهر ۾ اڳهين تيار ڪري ويٺا هئا.

"يار مهرباني ڪري هلو. منهنجي هڪ دوست مونکي چيو آهي ته يونيورسٽي جي ٻين همراهن کي به وٺي اچان سو ڪيئن به ڪري توهان هلو." مون چيومان ۽ آخر ٻئي ڄڻا زالن سان تيار ٿي ويا.

"هيءَ دعوت آخر ڪهڙي خوشيءَ ۾ ٿي رهي آهي؟" هنن پڇيو.

"بس هو هرڻ جو شڪار ڪري آيو آهي سو اهو ڪارائي ٿو." مون ٻڌايو مان.

"يالو. خوب سندر"، ڪئپٽن حبيب بنگالي لهجي ۾ چيو، "اري ڀائي! ڪٿي سانتا ڪلاز دل ۾ ته نه ڪندو ته هن جي سواري جو جانور Reindeer کائي رهيا آهيون؟" ۽ پوءِ اهڙي طرح کلندا چرچا ڪندا عمر جي گهر پهتاسين. دعوت عمر جي هٽي پر ميزبان جا فرض مون پٽي ادا ڪيا. پنهنجن يونيورسٽي جي دوستن کي هٽي جي رهندڙ فلسطينين عرب عمر سلام ۽ سندس زال سان ملايم. مانيءَ جي ٽيبل تي ڀَتُ، نان، پٽاٽن جي ڀاڄي هئي. ٻوڙن جا به ٻه ڊش هئا. هڪ ۾ چمچو وجهي ٻوٽي ڪڍي ملئي دوست رضا علي جي پليٽ ۾ وجهي ٻڌايو مانس ته اهو ڪڪڙ آهي.

"اهو ته آئون به ڏسان پيو ته ڪڪڙ آهي" رضا علي کلندي چيو.

ايتري ۾ ٻئي ڊش ۾ گوشت جو وڏو چمچو ڀري سندس پليٽ ۾وجهي ٻڌايو مانس ته هي هرڻ آهي. ظاهر آهي ٻن ٻوڙن ۾هڪ ڪڪڙ ته باقي ٻچيل ٻيو هرڻ ٿيو. ان بعد حبيب جي پليٽ ۾ به مون وڌو. ڪڪڙ کان وڌيڪ هرڻ جوگوشت وڌم. زالن کي به چيم ته هرڻ ٽيسٽ ڪريو. اسانجو دوست عمر سلام تمام سٺو شڪاري آهي. عمر سلام جي زال کي ته انگريزي نٿي اچي سو اها ته هميشه وانگر فقط ماٺ ڪري هر ڳالهه تي مرڪندي رهي پر مون ڏٺو ته عمر به رڳو مرڪندو رهيو. مون ته چاهيو ٿي ته هو هٽي جي هرڻن بابت ڪجهه وڌيڪ ٻڌائي. ڪجهه شڪار بابت، ڪجهه انهن جي نسل ۽ عادتن مطابق، پر ڪجهه به نه. بلڪه آئون هرڻ جي ڳالهه ڪريان

تہ هو وري ٻي ڪا ڳالهہ ڪئيو ڪدي ۽ سڀ ان بحث ۾ لڳيو وڃون. بهرحال اهو آهي تہ ڳالهيون ڪٽي هرڻ جون نہ ٿيون پر اسان آيل مهمانن وارا ڏٺي هرڻ جو گوشت کاڌو. اهو هيو ٿي اهڙو لذيذ، مانيءَ بعد چانهہ لاءِ اچي ڊرائنگ روم ۾ ويناسين. جنهن صوفي تي آئون وينو هوس ان تي وڏيڪ ماڻهوءَ جي وهڻ جي جاءِ نہ هئي تہ بہ عمر سلام سوڙهو سنگهورو ٿي اچي منهنجي پرسان ويٺو. ڪجهہ منٽن بعد هڪ اهڙي گهڙي آئي جنهن ۾ سواءِ عمر ۽ منهنجي باقي آيل مهمان ڪنهن عنوان تي بحث ڪندا رهيا. اهو موقعو بهتر سمجهي عمر مونکي آهستي چيو.

"الطاف! ماني ڪيئن لڳي؟"

"تمام سٺي هئي" وراڻيو مانس، "خاص ڪري هرڻ جو گوشت. تو ڏاڍي تڪليف ڪئي".

۽ پوءِ گهڙي ساعت لاءِ سوچي عمر پڇيو.

"توهان اٺ جوگوشت کاڌو؟"

"ڇڏ يار"، مون وراڻيو مانس.

"سهي ۽ هرڻ جو گوشت تہ ٺيڪ هو پر مهرباني ڪري هاڻ اٺ جو گوشت نہ کارائجانءِ".

منهنجو اهو جملو ٻين مهمانن بہ ٻڌو ۽ سڀ کلڻ لڳا. حبيب ۽ رضا علي ٻنهي هڪ وقت پڇيو: "ڇا اٺ حلال آهي".

ظاهر آهي هنن لاءِ اٺ هڪ عجيب جانور آهي جيڪو ورلي چڙيا گهر ۾ ڏٺو هونداڻون جو ملائيشيا توڙي بنگلاديش بارشن جا اهي ملڪ آهن جتي اٺ جهڙو جانور(جيڪو پنهنجي مُٽَ ۾ بہ ترڪي پوندو آهي) ڪيئن ٿو رهي سگهي. سو انهن ملڪن ۾ اٺ توڙي گڏهہ نظر نہ ايندو آهي ۽ جڏهن ڪا شيءِ نظر نہ اچي تہ ان بابت ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ اها حلال آهي يا حرام.

"بلڪل حلال آهي، " عمر سلام ٻڌايو، "ڇا توهان ڪڏهن اٺ کاڌو آهي؟"

"نہ نہ، توبهہ ڪريو." رضا علي ۽ حبيب هڪ ئي وقت چيو.

”پلا الطاف تو-؟“ عمر سلام مونکان پڇيو.

”يار مون تہ کاڌو آهي. خاص ڪري طرابلس، بيروت، دبئي ۽ دوحا ۾“ مون ٻڌايومانس.

.”فراءِ يا ٻوڙ؟“ عمر پڇيو.

”دبئي ۾ تہ ان جا ڪواب جام وڪامن ٿا“ مون ٻڌايو مانس. ”يڪو گوشت جو ٽڪرو لوهي شيخ تي ٽنگيل هوندو آهي. شيخ گول پيئي ڦرندي آهي ۽ چوڌاري اليڪٽرڪ هيٽرن ذريعي سيڪ پيو ايندو اٿس. پوءِ دڪاندار ڪپ سان ان جي مٿئين تريل حصي جا ٽڪرا ٽڪرا ڪپي ڏيندو آهي“ .

”اڙي اهو تہ مون بہ جام کاڌو آهي“ حبيب چيو.

”تہ اهو ٿي تہ اٺ جو گوشت آهي.“ مون ٻڌايو مانس.

”اوه خانا خراب“ حبيب چيو“ پر يارو تئي ڏاڍو لذيذ ٿو.“

”لذيذ تئي ٿو نہ-؟“ عمر پڇيو.

”هائو“. اسان ورائيس.

”پلا اڄ جو گوشت ڪيئن لڳو؟“عمر پڇيو.

”اهو تہ واهہ جو هو، هرڻ جي گوشت جو تہ جواب ئي ناهي.“ اسان چيس.

منهنجي پرسان ويٺل عمر ان وقت مونکي ڪن ۾ آهستي چيو: ”الطاف اڄ جيڪو کاڌاتوَ اهو هرڻ نہ پر اٺ جو گوشت هو.“

”قسم سان-؟“ مون پڇيو.

”ها. چا ٿيو جو هرڻ ملي نہ سگهيو. پنهنجي ٽيونيشن دوست کي فون ڪيم تہ هن ٻڌايو تہ هن وٽ هڪ توڏي (ٻچڙي) اٺ جو فروزن گوشت هينئر هينئر ٽيونس کان آيو آهي. هن جي زال اٺ جي گوشت کي رڌڻ جي بہ ماهر آهي. سو هن کي چيم تہ اڳو پوءِ رڌي ڏي تہ کڻي وڃان“

”ڏاڍي ٻڌائي“ مون عمر کي چٽي ٻين سان مخاطب ٿيس. ”معزز مهمانو ٻڌو. جنهن اٺ نہ کاڌو آهي ان کي مبارڪ هجي جو هن اڄ ٻهريون دفعو اٺ کاڌو.“

❄

